بسم الله الرحمٰن الرحيم

الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله

الصلوٰة والسلام عليك يا حبيب الله

ارشاد الخطيب

جلد نمبر (۱)

مهيئن جي مناسبت سان مختلف موضوعن تي لاجواب تقرون، خطبه جمعه، خطبه عيدين ۽ خطبه نڪاح

مؤلف: مناظر اهلسنت علامه

ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي"



مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي



بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ



الصلوٰة والسلام عليك يا رسول الله

مهينن جي مناسبت سان مختلف موضوعن تي لاجواب تقريرون
خطبه جمعه، خطبه عيدين ۽ خطبه نڪاح

ارشاد الخطيب

جلد نمبر (١)

مؤلف: مناظر اهلسنت علامه ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي"

تقريرون

- فضائل اهلبيت عظام
- فضائل قرآن پاڪ
- توحيد ۽ شرڪ
- ميلاد النبي ﷺ
- نورانيت
- علم غيب
- حاظر و ناظر
- مقام صحابه رضوان الله عليهم اجمعين
- خلفاءِ راشدين جو بيان
- سيرت غوث پاڪ رضي الله عنه

تقريظون

- سيد السادات سائين غلام حسين شاهه بخاري
- مفتي عبدالرحمان نئنوي
- مفتي محمد رحيم سڪندري
- مفتي عبدالرحيم سڪندري
- پير محمد ڪرم الله الهي المعروف دلبر سائين
- مفتي محمد ابراهيم قادري
- علامه مولانا محمد ادريس ڏاهري
- علامه مولانا شفيق احمد قادري
- علامه مولانا نور محمد پتافي الحسني

ناشر: مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي

كتاب جو نالو: ارشاد الخطيب (جلد پهريون)

مصنف: مناظر اسلام علامہ ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي"

پروف ريڊنگ: مفتي ميان جميل احمد رضوي

مفتي شفيق احمد قادري

مولانا محمد نقشبندي

ڇاپو: پهريون

تعداد: هڪ هزار (۱۰۰۰)

تاريخ: ۳ جمادي الثاني (۱٤۳۱ھ)

ڇپائيندڙ: غلام شبير عطاري قادري

ناشر: مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي

ڪمپوزنگ: توفيق احمد ماڪا ۽ عبدالشڪور ميمڻ

هديه: =/100 روپيه



3-12-2008

فهرست مضامين ارشاد الخطيب

﴿ محرم الحرام ﴾

﴿ صفر المظفر ﴾

﴿ ربيع الاول ﴾

﴿ ربيع الثاني ﴾

﴿ جمادي الاول ﴾

﴿ جمادي الثاني ﴾

پير طريقت، رهبر شريعت ولي ڪامل حضرت سائين پير

سيد غلام حسين شاهہ صاحب

درگاهہ عاليہ حسين آباد، قمبر شريف

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي و نسلم عليٰ رسوله الکريم اما بعد

محترم المقام علامہ ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي" صاحب جو زير نظر ڪتاب "ارشاد الخطيب" نظر مان گذريو بي حد پسند آيو. اڄ ڪلهہ مقررن واعظن ۽ خطيبن ڪي مستند ۽ جامع خطابت جي ضرورت آهي. ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪتاب ان ڪمي کي احسن طريقي سان پورو ڪيو آهي. اميد تہ هن ڪتاب مان نہ صرف خطيب بلڪ ڪم علم پڻ ڀرپور استفادو ڪندا. تقريرن جي موضوع تي سنڌي زبان ۾ ڪتاب شاذ و نادر آهن پر ڊاڪٽر صاحب سنڌي زبان ۾ تقريرن جو ڪتاب لکي هڪ سٺي روايت جي پاسداري ڪئي آهي.

الله تعاليٰ پنهنجي بارگاهہ ۾ ڊاڪٽر صاحب جي سعي کي قبول مقبول فرمائي. آمين

اللهم اصلحنا واصلح امة سيدنا و مولانا محمد صلی الله عليه وسلم

اللهم اغفر لامة سيدنا محمد صلی الله عليه وسلم

اللهم فرج عن امة سيدنا و مولانا محمد صلی الله علی وسلم

مالڪن جي نگاهہ ڪرم جو محتاج

فقير غلام حسين شاهہ

استاد العلماءُ شيخ الحديث فقيه العصر حضرت علامہ

مفتي اعظم عبدالرحمان صاحب ٺٽوي

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلی و نسلم علیٰ رسوله الکريم اما بعد

ناظرين ڪرام! اڄ توهان جي هٿن ۾ ڪتاب "ارشاد الخطيب" آهي، جنهن ۾ محترم علامه ڊاڪٽر غلام نبي شيخ صاحب قرآن و حديث مان احڪامن عقائد ۽ روزمره سان لاڳو اموري وعظ و نصيحت ۽ پند و هدايت جي رنگ ۾ نهايت آسا ن ۽ دلنشين انداز سان تحرير فرمايو آهي. فقير مختلف هنڌن کان ڏسڻ جو شرف حاصل ڪيو آهي. مذڪور ڪتاب جتي نون سڪندڙ خطيبن ۽ واعظين جي رهنمائي ڪندو. اتي احڪامن ۽ عقائد بابت سني چاڻ مهيا پڻ ڪندو. انشاءَ اللّٰه تعالیٰ.

رب ڪريم کان التجا آهي تہ ڊاڪٽر صاحب جي هن ڪاوش کي درجہ اجابت ۾ آڻي ڪيس اجر عظيم عطا فرمائي آمين.

حرره عبدالرحمان التتوي

از

دارالعلوم مجدديہ ٺٽہ سنڌ

17-03-2010

عمدة الفقهاء، فخر العلماء، حافظ الفرقان، الحاج حضرت علامه

مفتي محمد رحيم سڪندري صاحب

خطيب مسجد درگاه شريف و

مهتمم جامعه راشديه حضرت پير سائين پاڳاره

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده ونصلى و نسلم على رسوله الكريم اما بعد

محترم ڊاڪٽر غلام نبي شيخ صاحب هر وقت ڪنهن نه ڪنهن علمي تصنيف ۾ خدمت ۾ مصروف رهندو آهي. سندن تازي تصنيف "ارشاد الخطيب" ناظرين خاص طرح نون خطيب عالمن جي اڳيان حاضر آهي. جناب ڊاڪٽر صاحب جو مطالعو ماشاءَ الله خاصو وسيع ۽ قابل قدر آهي. سندس سعيو اسان سمورن لاءِ نمونو ۽ قابل رشڪ آهي.

الله تعاليٰ کين جزاءِ خير ۽ اسان کي توفيق رفيق عطا فرمائي آمين.

فقير محمد رحيم

خطيب مسجد درگاهه شريف

پير صاحب پاڳارا

20-03-2010

مناظر اسلام، قاطع نجديت، حضرت علامه

مفتي عبدالرحيم صاحب سڪندري

شاه پور چاڪر

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي و نسلم علىٰ رسوله الكريم اما بعد

محترم و مڪرم فاضل اجل ڊاڪٽر غلام نبي شيخ صاحب مدظله العالي جن سدائين اهل سنت و جماعت جي اصلاح ۽ مفيد معلومات ڏيڻ لاءِ هر وقت جاڪوڙيندا رهندا آهن. هن کان اڳ ۾ بہ عقائد جي موضوع تي سندن ڪيترائي ڪتاب اهل سنت جي هٿن ۾ اچي چڪا آهن. جن مان ڪافي فائدو حاصل ٿيو آهي. مگر نون خطيبن لاءِ سنڌي زبان ۾ اهڙي ڪا بہ تصنيف يا رهنمائي وارو ڪتاب مارڪيٽ ۾ دستياب نہ هيو. جنهن مان مستند معلومات حاصل ڪري، عوام اهل سنت کي جمعن ۾ ٻڌائي سگهجي. چند خطباءِ ڪجهہ واعظي ڪتاب نظر مان گذريا آهن، ليڪن انهن ۾ ڪابہ ڪشش ۽ عقائد جي اصلاح واري مستند معلومات نظر ڪانہ ٿي اچي.

محترم ڊاڪٽر صاحب جن محنت فرمائي هن زير نظر ڪتاب "ارشاد الخطيب" ۾ ان ڪمي کي پورو فرمائي، بهترين مواد پيش فرمائي نون خطيبن لاءِ آساني ڪري ڏني آهي.

الله تعاليٰ پنهنجي حبيب ﷺ جي طفيل ڊاڪٽر صاحب کي باقي رهيل خطبن کي مڪمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

اين دعا از من واز جمله جهان آمين آباد

فقير عبدالرحيم سڪندري

خادم مدرسہ صبغة الهديٰ

شاهپور چاڪر، ضلع سانگهڙ

5 ربيع الاول 1431

20 فيبروري 2010ع

پير طريقت، رهبر شريعت، فصيح اللسان، شيرين بيان، حضرت علام
صاحبزاده محمد ڪرم الله الاهي قادري نقشبندي
المعروف دلبر سائين مدظله العالي درگاه فضل آباد شريف ماتلي

بسم الله الرحمٰن الرحيم

الحمد لله الذى ارسل رسوله بالهدى و دين الحق ليظهره على الدين كله و كفىٰ بالله شهيدا، واصلوٰة والسلام على نبينا محمد خاتم الانبياء والمرسلين، وعلى آله واصحابه والتابعين ومن تبعهم باحسان الى يوم الدين، اما بعد

جيئن تہ اڄ اسان جي سماج ۾ ماشاءَ الله خطيب تہ گهڻا آهن، هر محراب ۽ منبر مٿان هڪ خطيب ڪڙو آهي، پر انهن جي حالت اها آهي جو نہ خطيب کي خبر آهي تہ ڇا ٿو چوان نہ وري ٻڌڻ وارن جو پورو ڌيان آهي تہ ڇا ٿا ٻڌون؟ نيم حڪيم خطره جان، نيم خطيب خطره ايمان جي ڪيفيت بڻيل آهي. ان لاءِ ضرورت هئي، تہ خطيبن جي لاءِ اهڙا معياري ڪتاب آندا وڃن جيڪي صحيح ۽ مستند روايات تي مشتمل هجن، جن کي سامهون رکندي خطيب پاڻ پنهنجو ۽ ٻين جو اصلاح ڪن. ان سلسلي ۾ اهلسنت جي علماءَ ڪافي سٺا ۽ معياري ڪتاب لکيا آهن. جيئن حضرت علام مولانا ڪريم بخش رحمته الله عليه جي مواعظ جو مجموعو "مواعظِ ڪريميہ" مولوي نعمت جو ڪتاب "نعمتِ خطابت" هن فقير جو لکيل ڪتاب "مواعظ حسنہ" جيڪو ٽن جلدن ۾ آهي. ان کي خطباءَ، علماءَ، صلحاءَ بيحد پسند فرمايو آهي. ان جي مقبوليت جو هي عالم آهي جو ٻن سالن جي اندر ان جا پنج ايڊيشن ختم ٿي ويا آهن. ان شاءَ الله مواعظ حسنہ جو چوٿون ۽ پنجون جلد، جلدي ارباب نظر جي خدمت ۾ پيش ڪيو ويندو.

ان ئي سلسلي جو هڪ ڪتاب لاجواب "ارشاد الخطيب" اڄ اوهان جي هٿن ۾ آهي، جيڪو جمعن جي خطبن جو مجموعو آهي. هن

ڪتاب جو فاضل مولف جناب محترم ڊاڪٽر غلام نبي "پياسي" هن فقير جو ديرينہ دوست آهي. جسم ۾ ضعيف ۽ نحيف پر عزم ۽ همت ۾ هماليہ جي چوٽيءَ وانگر برتر ۽ بلند آهي. پاڻ مصلح بہ آهي ۽ مناظر ۽ شاعر بہ آهي. مسلڪِ حق اهلسنت لاءِ پوري زندگي پاڻ پتوڙيندو رهيو آهي. حقانيت اهلسنت جي موضوع تي ڪافي ڪتاب لکي باطل واري علمدارن جا ٻوٿ چٻا ۽ ڏند ڪتا ڪري ڇڏيا اٿس. بلڪ ڀوتارن جو نڪ ۾ دم ڪري ڇڏيو اٿس.

سنهان پانءِ مَ سپ اهي وياءَ واسينگن جا،
جني جي جهڙپ هاٿي هنڌان نہ چُري

زير نظر سندن هي ڪتاب نہ صرف تقريرن جو مجموعو آهي پر هن ۾ پاڻ شيعن جي شرارتن کي اجاگر ڪيو اٿس، وهابين جا وڪا پڌرا ڪيا اٿس، گمراهن کي گسُ لائڻ جا جتن ڪيا اٿس. سندس لکڻي جو اسلوب سليس ۽ سهڻو آهي، هر ڳالهہ مثان، مضبوط دليل ۽ ڪتابي حوالو قائم ڪري ڪتاب کي چار چند لڳائي ڇڏيا اٿس. هي فقير کيس اهڙي معياري ۽ سٺي ۽ سهڻي ڪتاب لکڻ تي لکين مبارڪون پيش ڪري ٿو. الله ڪريم سندس هن ڪاوش کي شرفِ قبوليت بخشي ۽ اهلسنت لاءِ هي ڪتاب رهبر ۽ رهنما بڻائي.

آمين بجا سيد المرسلين

فقير ڪرم الله قادري نقشبندي
دربار فضل آباد شريف ماتلي
29 ربيع الاول 1431هہ

جانشین مفتی اعظم، بقیة السلف، شیخ الحدیث حضرت علامہ مولانا

مفتي محمد ابراهيم القادري الرضوي

دارالعلوم جامعہ غوثیہ رضویہ سکھر

بسم اللّٰہ الرحمٰن الرحیم

نحمدہ و نصلی و نسلم علیٰ رسولہ الکریم اما بعد

ارشاد الخطیب نامی کتاب جس کے مؤلف محترم ڈاکٹر غلام نبی شیخ پیاسی ہیں۔ مؤلف موصوف نے ۱۲ ماہ کی تقاریر جمع کرنے کا پروگرام بنایا ہے۔ آپ کے ہاتھوں میں موصوف کی اس سلسلے میں پہلی کاوش ہے جس میں چھ ماہ کی ۲۴ تقاریر جمع کی گئی ہیں۔

یہ تقاریر مستند علماء اہل سنت کی کتب سے استفادہ کی گئی ہیں۔ امید ہے کہ ہمارے نئے نئے خطباء کے لیے یہ کتاب رہنما بن کر ارشاد الخطیب کا مصداق بنے گی۔ مؤلف کتاب اگرچہ خود مقرر نہیں لیکن فضل خداوندی کا کرشمہ دیکھیے کہ انہیں مقرر گر بنادیا۔

میرا ایک مشورہ یہ ہے کہ اس ششماہی تقاریر کے مجموعہ میں جہاں اصلاح احوال اور تحفظ عقائد اہل سنت پر سیر بحث کر کے مواعظ کی ترتیب دی گئی ہے وہاں پر یہ ششماہی مجموعہ تقاریر میں دوچار تقریریں ایسی ہوں جن میں دیوبندیت وہابیت، قادیانیت، کی کتب کی عبارات کا محققانہ انداز میں آپریشن کیا جائے۔

دعا ہے کہ اللہ تعالیٰ موصوف کی دیگر کتب کی طرح اسے بھی مقبول بنائے۔

فقط

مفتی محمد ابراہیم قادری

جامعہ غوثیہ رضویہ سکھر

فاضل نوجوان، مناظرِ اسلام

حضرت علامہ مولانا نور محمد الحسيني الحيدري

مهتمم مدرسہ الحسينيه نور الاسلام سعدو ديرو

بسم اللّٰه الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي و نسلم عليٰ رسوله الكريم اما بعد

مناظر اهل سنت علامہ ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي" اسان جو پيارو دوست آهي، ڪافي عرصي ڪان وٺي مخالفين جي رد ۾ تمام گهڻا ڪتاب لکيا اٿس ۽ لکندو رهي ٿو، مگر اڄ ڏينهن تائين ڪنهن بہ بدمذهبن سندن ڪنهن بہ ڪتاب جو جواب نہ ڏنو آهي ۽ نہ انشاء الله تعاليٰ ڪڏهن ڏئي سگهندا. هينئر دوستن جي اصرار تي "ارشاد الخطيب" ڪتاب لکيو اٿن .جنهن کي اول کان آخر تائين پڙهي ڏاڍي خوشي ٿي ۽ دل مان دعائون نڪتيون. سليس زبان، آسان، سادا ۽ پيارا لفظ، انداز بيان، بيحد پسند آيو. مضبوط دلائل ۽ مستند حوالن سان هر ڳالهہ بيان ڪئي اٿن. اميد تہ هي ڪتاب فقط نون خطيبن لاءِ نہ پر اهل علم دوست لاءِ ڪارآمد ثابت ٿيندو.

دعا آهي تہ الله تعاليٰ ڊاڪٽر صاحب جي ديني ڪاوش کي مقبول بڻائي. (آمين)

فقير نور محمد پتافي حسيني

مهتمم مدرسہ الحسينيه نورالاسلام

سعدو ديرو

مفسر قرآن فصيح اللسان شيرين بيان

حضرت علامہ محمد ادريس مدظلہ العالي

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلى علىٰ رسوله الكريم

اما بعد:

عزت ۽ احترام جي قابل، اهل السنت والجماعت جي عقائد جي قلم سان خدمت ڪندڙ دل ۾ سهڻي حبيب ڪريم ﷺ جي عشق ۽ ادب جي بحر وانگر موجن جي مالڪ جناب علامه ڊاڪٽر غلام نبي شيخ صاحب "پيپلاسي" جن جي وعظ جي موضوع تي لکيل ڪتاب "ارشاد الخطيب" جي زيارت جو شرف حاصل ٿيو. بيحد مسرت ۽ خوشي حاصل ٿي جو ڊاڪٽر صاحب جن اهل السنت والجماعت جي اها اڄ به لاٿي جئين پاڻ اڳي بدمذهبن بي ادبن، گستاخن جي عقائد باطله جي رد ۾ ڪيئي ڪتاب لکي چڪا آهن جن مخالفن کي مات ڪري ڪانسواءِ ڪو رستو نه ڏنو آهي. سندن خطابات جو هي مجموعه انشاءَ الله العزيز حضرت حبيب ڪريم ﷺ جن جي محبت وارن لاءِ سوکڙي آهي اميد ته پڙهي ڪري پنهنجي سينن کي سرور ۽ قلبن کي قرار ڏيندا. الله عزوجل کان دعا آهي ته اهو قادر ڪريم ڊاڪٽر صاحب جن کي مزيد مهربانين سان نوازي آمين.

يا رب العالمين بحرمة حبيبك الكريم عليه وعلىٰ آله وصحبه الصلواة والسلام الى يوم الدين

وانا الفقير المستغيث الى ربه المغيث

محمد ادريس الداهرى عفى عنه

٢٤-٥-١٤٣١ھ الموافق ١٢-٥-٢٠١٠ع

مقرر شعلہ بيان واعظ خوش الحان

حضرت علامہ مفتي شفيق احمد صاحب قادري

مهتمم مدرسہ غوثيہ جيلانيہ شڪارپور سنڌ

بسم الله الرحمٰن الرحيم

نحمده و نصلي علىٰ رسوله الڪريم

اما بعد: لائق تحسين ۽ قابل صد مبارڪ باد آهن محترم المقام محسن اهلسنت جناب علامہ ڊاڪٽر غلام نبي شيخ "پياسي" صاحب جن جو قلم ۽ زبان هميشه حق جي حمايت ۽ تائيد ۾ مصروف جهاد رهيا آهن انهن جا لکيل ڪتاب دشمنان رسول دشمنان صحابہ ۽ اهلبيت لاءِ ائين آهن جيئن ڪانوَ لاءِ ڪمان.

تمام گهڻي عرصي کان عوام اهلسنت کي هڪ اهڙي واعظي ڪتاب جي ضرورت هئي جيڪو سندن عمل ۽ عقيدي جي اصلاح ڪري "ارشاد الخطيب" انهن ضرورتن کي تمام سهڻي نموني سان انشاءَ الله العزيز پورو ڪندو. خصوصا صحابہ ڪرام عليهم الرضوان ۽ اهلبيت اطهار جي متعلق هن ڪتاب جي علمي معلومات صرف عوامي نہ پر (جامعہ گذران العلوم) وارن واعظن ۽ خطيبن لاءِ بہ اصلاح جو اهم فريضو انجام ڏيندي.

جناب ڊاڪٽر صاحب جن پنهنجي ڪتاب ۾ ڪا بہ غير ذمہ دار ڳالهہ بيان نہ ڪئي آهي پر ان جي تائيد موافق مخالف حوالہ ۽ دلائل اهڙا بيان ڪيا آهن جيڪي هر هڪ عقيدي واري ماڻهو وٽ قابل قبول ۽ مستند هجن.

رب العزت ڊاڪٽر صاحب جي هن قلمي پورهئي کي پنهنجي بارگاهہ ۾ قبوليت عطا فرمائي ۽ هر فرد اهلسنت کي هي ڪتاب پاڻ وٽ رکڻ جي توفيق ۽ سعادت نصيب فرمائي.

ڊاڪٽر صاحب جا سڀ ڪتاب ان لائق آهن تہ اهي پنهنجي لائبريري ۽ گهر ۾ موجود هجن.

شفيق احمد قادري

مدره غوثيہ جيلانيہ شڪارپور سنڌ

13-05-2010

پهريون جمعو
محرم الحرام

شهادت سيدنا حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوٰةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَآءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ (پ ٤ سوره آل عمران ع ٨)

يعني اهو گمان به نه ڪيو ته اهي مئل آهن جيڪي الله جي واٽ ۾ قتل ڪيا ويا بلڪ اهي جيئرا آهن انهن کي پالڻهار وٽان رزق ڏنو وڃي ٿو.

جيئن ته هي مهينو محرم الحرام جو مهينو آهي هن جي پهرين تاريخ حضرت عمر فاروق رضه جي شهادت ٿي آهي تنهنڪري اڄ حضرت عمر فاروق رضه جي سيرت ۽ شهادت جو بيان ڪندس ۽ ڏهين محرم تي حضرت امام حسين رضه جي شهادت ٿي آهي تنهنڪري ايندڙ جمعي تي انشاء الله حضرت امام حسين رضه جي شهادت بيان ڪندس.

دوستو عزيزو: حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي جمادي الاخر جي 22 تاريخ سنه 13 هه سومر جي ڏينهن وفات ڪئي ان کان پوءِ حضرت سيدنا فاروق اعظم مسند خلافت تي جلوه افروز ٿيا سندن نالو مبارڪ عمر، ابو حفص ڪنيت، فاروق لقب والد جو نالو خطاب ۽ والده جو نالو حنتمه بنت هاشم آهي سندن سلسله نسبت اٺين پشت ۾ حضرت رسول الله ﷺ سان وڃي ملي ٿو. پاڻ حضرت رسول الله ﷺ جا سهرا به آهن سندن نياڻي حفصه رضي الله تعاليٰ عنها سن ٽين هجري ۾ حضرت رسول الله ﷺ جي نڪاح هيٺ آئي.

حضرت عمر فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه نبوت جي ڇهين سال ايمان آندو سندن ايمان آڻڻ سان مسلمانن ۾ قوت ۽ طاقت اچي وئي مسلمان پهرين ظاهر ظهور عبادت نه ڪري سگهندا هئا حضرت عمر فاروق اعظم جي ايمان آڻڻ کان پوءِ ظاهر ظهور عبادت ڪرڻ شروع ڪيائون حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم فرمائي ٿو ته منهنجي علم مطابق حضرت عمر کان سواءِ هر شخص لڪي هجرت ڪئي حضرت عمر فاروق جڏهن هجرت جو ارادو فرمايو ته تلوار هٿ ۾ ڪٽي ڪعبت الله ۾ آيو. ان وقت ڪعبت الله جي صحن ۾ هڪ قريش جو ٽولو ويٺو هو پهرين ڪعبت الله جي ڀاهران ست چڪر طواف فرمايائين پوءِ مقام ابراهيم وٽ ٻه رڪعتون نماز پڙهي قريشين جي ان ٽولي ڏانهن متوجه ٿي فرمايائين جيڪو شخص چاهي ٿو ته ان جي ماءُ ان لاءِ روئي ان جا ٻار يتيم ٿين ۽ ان جي زال بيوهه ٿئي ته هو هن وادي ٻاهران. مون سان مقابلو ڪري حضرت علي فرمائي ٿو ڪنهن به حضرت عمر فاروق جو (پيڇو) نه ڪيو.

☆ فاروق اعظم جا مناقب:

(1) عقبه بن عامر رضه روايت ڪري ٿو ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو جيڪڏهن مون کان پوءِ نبي هجي ها ته عمر بن خطاب هجي ها. (ازالته الخفاء ج 2 ص 53، تاريخ الخلفاء ص 146، مشڪواه شريف ص 558)

(2) حضرت عبدالله بن عباس رضه کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو منهنجا آسمان ۾ ٻه وزير آهن جبرائيل ۽ ميڪائيل عليهما السلام ۽ زمين ۾ ٻه وزير آهن ابوبڪر ۽ عمر رضي الله عنهما. (ازالته الخفاء ج 1 ص 57، مشڪواه شريف ص 560)

(3) عبدالله بن عمر فرمائي ٿو ته نبي ڪريم ﷺ فرمايو ته الله تعاليٰ عمر جي زبان ۽ دل ۾ حق رکي ڇڏيو آهي. (ترمذي شريف ج 2 ص 209، مشڪواه شريف ص 557)

(4) مومنن جي-ماءُ حضرت عائشہ صديقہ فرمائي ٿي نبي ڪريم ﷺ فرمايو اڳين امتن ۾ محدث (جن تي الهام ڪيو وڃي) هوندا هئا منهنجي امت ۾ جيڪڏهن ڪو محدث آهي تہ اهو عمر بن خطاب آهي. (تاريخ الخلفاءُ ص 146)

(5) حسن بيان ڪري ٿو تہ حضرت عمر فاروق رضہ قريش جي هڪ گهراڻي ڏانهن نڪاح جو پيغام موڪليو تہ انهن اهو پيغام مسترد ڪيو ان کان پوءِ مغيره بن شعبہ انهن طرف نڪاح جو پيغام موڪليو تہ انهي اهو رشتو ڏيئي ڇڏيو نبي ڪريم ﷺ ان متعلق فرمايو تہ انهن اهڙي شخص جو پيغام مسترد ڪيو آهي جو روءِ زمين ۾ ان کان بهتر شخص ڪو بہ نہ آهي.

(6) ثُمَّ اسْتَخْلَفَ النَّاسُ اَبَابَكْرٍ ثُمَّ اسْتَخْلَفَ اَبُوْبَكْرٍ عُمَرَ وَ اَحْسَنَا السِّيْرَةَ وَعَدَلَا فِي الْاُمَّةِ (شيعن جو معتبر ڪتاب ناسخ التواريخ ج 3 ص 241) حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو آهي تہ ماڻهن حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه کي خليفو چونديو ان کان بعد حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه کي خليفو مقرر ڪيو انهن ٻنهن طرز حڪومت کي نهايت سنو بڻايو ۽ امت ۾ انصاف ۽ عدل قائم ڪيو.

(7) اِمَامَانِ عَادِلَانِ قَاسِطَانِ كَانَا عَلَى الْحَقِّ وَمَاتَا عَلَيْهِ فَعَلَيْهِمَا رَحْمَةُ اللّٰهِ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (شيعن جا معتبر ڪتاب احقاق الحق ج 1 ص 16، الانوار النعمانيہ ج 1 ص 99) حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو تہ اهي ٻئي (ابوبڪر رضہ عمر رضہ) عادل منصف امام هئا ٻئي حق تي رهيا ۽ حق تي ئي سندن وصال ٿيو قيامت ڏينهن انهن ٻنهن تي الله جي رحمت هجي.

آئمه اهل بيت جي انهن ارشادات مان واضح ثابت آهي تہ حضرت ابوبڪر صديق رضہ حضرت عمر فاروق رضہ ڪامل اڪمل مومن

هئا سندن ڪردار ۽ سيرت حضرت رسول الله ﷺ جن جي سنت مطابق هئي، برحق خليفہ هئا عادل ۽ منصف امام هئا سندن حق تي ئي وصال ٿيو.

☆ فاروق اعظم بحيثيت خليفو:

حضرت فاروق اعظم رضہ جي زماني ۾ اسلامي لشڪر کي تمام گهڻيون ڪاميابيون نصيب ٿيون. عراق، شام، مصر، آرمينيا، آذربائيجان، فارس وغيره سندن ئي دور خلافت ۾ فتح ٿيا ۽ اسلامي سلطنت جو حصو بڻيا فاروق اعظم رضہ جي دور خلافت ۾ عدل ۽ انصاف جو اعليٰ معيار قائم رهيو ان کان پوءِ اج تائين اسلامي دنيا اهڙي عدل ۽ انصاف لاءِ واجهائي رهي آهي. (رياض النضره ج 2 ص 123، ازالتہ الخفا ج 3 ص 191، 220)

حضرت عمر فاروق رضہ بيت المال ۾ سڌارا آندا ۽ هر هڪ جو ڪم مقرر ڪيائون بيت المال مان ماڻهن لاءِ وظيفا مقرر ڪيائين پنهنجي لاءِ هڪ عام مزدور جي پگهار جيتري مقرر فرمايائين ديوان تيار ڪرايائين ۽ انهن تي نبي ڪريم ﷺ جي مٽ يمائٽي جي لحاظ سان نالا لکرايائين پهرين بنو هاشم جا پوءِ انهن جا جيڪي بنو هاشم کي ويجها هئا اهڙي طرح جيڪي ماڻهو اسلام آڻڻ ۾ اڳيرا هئا انهن جو گهڻو خيال عزت و احترام ڪيووبندو هئو ۽ انهن مان حضرت علي ڪرم الله وجهہ الڪريم جو سڀني کان وڌيڪ خيال ڪندا هئا. بيت المال جي نگهباني پاڻ ڪندا هئا ۽ ڪوشش فرمائيندا هئا تہ بيت المال جو پئسو گهٽ کان گهٽ خرچ ٿئي هڪ دفعي پاڻ حج فرمايائون مديني شريف کان مڪي شريف اچڻ وڃڻ ۾ اسي درهم خرچ ٿيا تہ پاڻ افسوس ڪرڻ لڳا تہ هي مون فضول خرچي ڪري ڇڏي.

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنہ جو آزاد ڪيل غلام بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڏينهن سخت گرمي جي ڏينهن حضرت عثمان غني ۽

آئون گهر جي منشيءَ منزل تي ويٺا هئا سين ته هڪ شخص گرمي ۾ ٻري ڪان
ٻه اٺ هڪلي اچي رهيو هيو جڏهن ويجهو آيو ته خبر پئي عمر فاروق اعظم
رضي الله تعالى عنه آهي.

حضرت عثمان غني رضي الله تعالى عنه فرمايو اي فاروق اعظم!
هيڏي گرمي ۾ اوهان ٻاهر ڇو ٻيا هلو حضرت عمر فاروق رضه فرمايو هي ٻه
صدقي جا اٺ تڪري پڇي ويا هئا مون سوچيو جيڪڏهن اهي ضايع ٿي ويا
ته آخرت ۾ مون کان هن جو حساب ورتو ويندو ان ڪري آئون انهن کي واپس
آڻي رهيو آهيان. (ازالة الخفاء ج 3 ص 287)

سبحان الله اها هئي سندن اسلامي سلطنت تي نگاهه ۽ نگهباني
سندن مشهور فرمان ته آهي ته جيڪڏهن فرات ندي ڪناري ڪو اڃايل
ڪتو مري ويندو ته ان جو حساب به مان عمر ڏيندس.

حضرت زيد بن اسلم پنهنجي پيءُ کان روايت ڪري ٿو ته هڪ رات
حضرت عمر فاروق اعظم رضه مديني شريف ۾ گشت فرمائي رهيا هئا ته
هڪ هنڌ ڏٺائون ته هڪ عورت گهر ۾ ويٺي آهي ۽ ان جي چوڌاري ٻارڙ
روئي رهيا آهن ۽ ڀاتي سان ڀريل ديگڙي چلهه تي رکيل آهي فاروق اعظم
رضي الله عنه پڇيو ته هي ديگڙي باهه تي ڇا لاءِ رکيل آهي ان عورت چيو
ته ٻارڙن کي پرچائڻ لاءِ جيئن سمجهن ته کاڌو تيار ٿي رهيو آهي ۽ انتظار
ڪندي سمهي رهن حضرت عمر فاروق رضه روئڻ لڳا ۽ وڃي بيت المال
منجهان اٽو گيهه ڇوهارا ڪجهه ڪپڙا ۽ پيسا کڻي هڪ ٻوري ۾ وجهي
پنهنجي غلام اسلم کي فرمايائون اي اسلم هي ٻوري منهنجي ڪلهي تي
رکو، غلام اسلم چيو ته اي امير المومنين هي ٻوري کي آئون ٿو کڻان پاڻ
فرمايائون آخرت ۾ ان معاملي متعلق مون کان سوال ٿيندو ان ڪري هي
ٻوري مون کي ئي کڻڻ ڏي، پوءِ حضرت عمر رضه عورت جي گهر وڃي ٻارڙن
کي کاڌو کارايو. (ازالة الخفاء ج 4 ص 43)

سيني کي معلوم آهي. قريش جي سردارن پاڻ ڪريم ﷺ جن کان فاطمہ الزهرا جو رشتو طلب ڪيو آهي ليڪن ڪين ڪنهن جواب مليو آهي تون ان سعادت حاصل ڪرڻ لاء، چوڻ نه تو عرض ڪرين؟ مون کي گهڻي اميد آهي ته الله تعاليٰ ۽ رسول ڪريم ﷺ جن ان رشتي کي تنهنجي لاء، روڪيو آهي اهو ٻڌي حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم جي اکين مان لڙڪ لڙي پيا ۽ فرمايائين اي ابوبڪرا مان پاڻ ان نيڪ بختيءَ سعادت مندي جو اميدوار آهيان ليڪن غربت ۽ مسڪيني سبب ان خواهش جو اظهار نه ٿو ڪري سگهان.

حضرت ابوبڪر صديق رض فرمايو ته لَا تَقُلْ هٰذَا يَا اَبَا الْحَسَن فَاِنَّ الدُّنْيَا وَمَافِيْهَا عِنْدَاللهِ تَعَالٰي وَعِنْدَ رَسُوْلِهٖ صَلَّي اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ كَهَبَاءٍ مَنْثُوْرًا. يعني اي ابو الحسن. ائين نه چئو الله تعاليٰ ۽ ان جي پياري رسول ﷺ وٽ دنيا ۽ جيڪي به ڪجهه منجهس آهي هڪ ذري برابر ناهي. (شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشف الغمہ ج 1، ص 354)

اهڙي طرح انهن جي مشوري ۽ حوصلي ڏيڻ سان حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم بارگاهه نبوت ۾ حاضر ٿيو ۽ سندس عرض قبول پيو حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم جو فرمائڻ آهي ته مون کي تمام گهڻي خوشي حاصل ٿي ۽ جلدي ۾ ٻاهر آيس ته حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق کي انتظار ۾ ڏٺم انهن مون کان پڇيو ته ڇا ٿيو؟ مون کين جڏهن خوشخبري ٻڌائي ته حد کان زياده خوش ٿيا ۽ مون سان گڏجي مسجد نبوي ۾ آيا. (شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشف الغمہ ج 1 ص 354 جلاء العيون ج 1 ص 169)

غزوه خندق دوران عرب جو مشهور ۽ نالي وارو پهلوان عمرو بن عبدود ميدان جنگ ۾ للڪاريندو آيو ته حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم سندس سامهون آيو ته عمرو بن عبدود. حضرت علي ڪرم الله وجهه کي چيو ته مان تو جهڙي عظيم ماڻهوءَ کي قتل ڪرڻ نه ٿو چاهيان.

کان سواءِ تنهنجو ڀيءُ منهنجو پڳ مٽ يار هيو حضرت علي ڪرم الله تعالي فرمايس ته مان توکي قتل ڪرڻ چاهيان ٿو. عمرو بن عبدود گهوڙي تان لهي سندس منهن مقابل ٿيو ۽ ٻئي ڄڻا هڪ ٻئي سان مقابلي لاءِ جنبي ويا ۽ ايتري ۾ ڌوڙ ڌڌڙ ٿي جو ڪير به ڪنهن کي ڏسي نه پئي سگهيو. ان دوران اسدالله جي تلوار عمرو جي ڪنڌ تي اچي ڪڙڪي، جيڪا زره مان پار ٿي ڪيس ٻه اڌ ڪري وڌائين ۽ زمين تي ڦهڪو اچي ڪيائين حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه عمرو جي سسي ڏڙڪان ڌار ڪري نبي ڪريم ﷺ جن جي قدمن ۾ اڇلائي لشڪر اسلام شير خدا جي اهڙي ڪاميابي تي نعرهٔ تڪبير بلند ڪيو ۽ حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضه خوشي مان اٿيا ۽ حضرت علي رضه جي مٿي مبارڪ تي چمي ڏنائون (شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشف الغمه جلد 1 صفحو 243)

انهن واقعن پڙهڻ کان پوءِ خبر پوي ٿي ته نبي ڪريم ﷺ جن جي دور ۾ ئي حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي حضرت علي رضه سان ڪيتري قدر محبت هئي ۽ اهڙا سوين واقعا تاريخ اسلام جي زينت بڻيل آهن عهد فاروقي تي نظر وجهڻ سان معلوم ٿو ٿئي ته جنهن وقت مسلمانن جي قيادت امير المومنين حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي هٿ ۾ هئي ته ان دوران سندس دل ۾ اهل بيت ڪرام جي ڪيتري عزت ۽ عظمت هئي. ۽ ڪهڙي طرح انهن جي عزت بجا آڻيندا هئا.

حضرت عمر فاروق اعظم رضه جي جوڙيل مجلس شوريٰ جو رڪن حضرت علي رضه به هيو جڏهن به امير المومنين کي ڪو سياسي جنگي يا ٻيو ڪو منجهيل مسئلو سامهون ايندو هيو ته هڪدم مجلس شوريٰ جو اجلاس گهرائي سمورو احوال سندن سامهون رکندا هئا بحث مباحثي ۽ غور فڪر کان پوءِ هميشه حضرت علي رضه جي مشوري ۽ راءِ کي اهميت ڏيندا هئا.

يزد جو شهنشاهه ايران پنهنجي عظيم سلطنت کي بچائڻ لاءِ سر

معروف ڏڙ جي بازي ۾ مصروف هيو ۽ اعلان ڪرايائين ته ايران جي مشهور جنگي پهلوان فيروز جيڪو نهاوند ۾ مقيم هيو ان جي سربراهي ۾ سڀني صوبن جو لشڪر گڏجي اسلام جي لشڪر کي تهس نهس ڪرڻ لاءِ گڏ ٿئي ڏيڍ لک ماڻهن کان سواءِ ايران جا مشهور سپهه سالار سروشان بن اسفند يار، سفار بن خرزاد، جهانيد بن فيروز به اتي پهچي ويا ۽ سڀني گڏجي قسم کنيو ته جيستائين اسلامي لشڪر کي تباهه و برباد نه ڪنداسين تيستائين ميدان جنگ نه ڇڏينداسون اهڙي موقعي تي حضرت فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه هڪدم مجلس شوريٰ جو اجلاس طلب ڪيو جنهن ۾ حضرت طلحه، حضرت زبير، حضرت عثمان، حضرت علي کان سواءِ ٻيا به صحابي شريڪ هئا سڀني پنهنجي پنهنجي راءِ ڏني آخر ۾ حضرت فاروق اعظم حضرت علي رضه ڏانهن متوجه ٿي سندس مرضي ڄاڻڻ چاهي پاڻ جنهن انداز سان حضرت عمر فاروق رضه کي مشورو ڏنائون ته اهو تاريخ اسلام جو سونو ورق آهي جنهن ۾ فرمائين ٿا ته اسلام جي فتح ۽ شڪست گهڻائي ۽ ٿورائي تي ناهي بلڪ هي الله تعاليٰ جو دين آهي جنهن کي غالب ڪيو اٿس هي الله تعاليٰ جو لشڪر آهي، جنهن کي الله پاڪ ٺي تيار ڪيو آهي ۽ پنهنجي مدد ۽ مهرباني سان ڪيس هن منزل تي پهچايو آهي اي امير المومنين توهان ڪِير بنجي اسلامي لشڪر جي چڪي کي هلائيو ۽ ڪافرن کي جنگ جي آڙاهه ۾ ساڙيندا وڃو ان کان علاوه ايران جي فتحيابي کان بعد حضرت ابو موسيٰ اشعري خراسان تي حملي ڪرڻ جي اجازت گهرجي ليڪن عمر فاروق رضه کتو جواب ڏئي کيس منع فرمائي ليڪن حضرت علي ڪرم الله وجهه جي مشوري بعد کيس اجازت ڏنائون. (شيعن جو معتبر ڪتاب نهج البلاغه فارسي ص 442، خطبه نمبر 146)

مٿئين واقعن پڙهڻ بعد اهو معلوم ٿيو ته حضرت علي ڪرم الله وجهه امير المومنين فاروق اعظم جو خاص مشير هيو جنهن جي مشوري

کي ھين جي مشورن تي ترجيح ڏني ويندي ھئي حضرت علي ڪرم الله وجھ جي مشوري سان شرابي لاءِ اسي درا حضرت عمر فاروق نافذ ڪيا جيڪي مسلمان امت لاءِ اڄ تائين قابل عمل آھن حضرت علي رضہ جي مخلصانہ مشورن جو قدر ڪندي اڪثر اھا دعا گھرندو رھندو ھو تہ يا الله مون کي ان وقت تائين زنده رکجانءِ جو جڏھن مشڪل سامھون اچي ۽ ان جي حل ڪرڻ لاءِ علي المرتضيٰ مون وٽ موجود نہ ھجي بيت المال مان وظيفن مقرر ڪرڻ جو وقت آيو تہ ڪين مشورو ڏنو ويو تہ توھان امير المومنين آھيو، تنھن ڪري توھان ۽ توھان جي خاندان جو نالو اڳ ۾ ھجڻ گھرجي پاڻ اھڙي مشوري کي ٺڪرائيندي حڪم ڏنائون تہ سڀ کان اول بني ھاشم وارن جا نالا لکيا وڃن ڇو تہ اھي نبي ڪريم ﷺ جا عزيز آھن اھڙي طرح سيني کان اڳ ۾ نبي ڪريم ﷺ چاچي حضرت عباس کان پوءِ حضرت علي ڪرم الله وجھ جو نالو لکرايائون حسنين ڪريمين توڙي جو جنگ بدر ۾ شامل ڪو نہ ٿيا ھئا. ان جي باوجود بہ بدر ۾ شريڪ اصحابين جيترو حصو سندن لاءِ مقرر ڪيائين يزد جر ايران جي شھنشاھ جي شھزادي شھربانو. شھزادي حسين لاءِ منتخب ڪيائيون اھڙي طرح سوين اھڙا واقعا تاريخ اسلام ۾ اچن ٿا جن جي پڙھڻ سان اھا ڳالھ چڱي طرح چٽي ٿئي ٿي تہ فاروق اعظم رضہ کي خاندان نبوت سان انتھائي عقيدت ۽ محبت ھئي جنھن جو مثال ملڻ مشڪل آھي.

حضرت فاروق اعظم رضہ جي شھادت کان پوءِ جڏھن ڪين غسل ڏيئي ڪفن پارائيو ويو تہ ان دوران حضرت علي ڪرم الله وجھ جا سندن باري ۾ ريمارڪس بہ اھل ايمان لاءِ اکين کولڻ جو سامان مھيا ڪن ٿا. پاڻ فرمائين ٿا تہ ھن تي الله تعاليٰ رحم ڪري ھي شخص جيڪو توھان جي سامھون ڪفن ۾ ويڙھيل آھي سو مون کي روءِ زمين تي ان کان زياده ڪر ھيو وڌيڪ پيارو ناھي، مان چاھيان ٿو تہ ھن جھڙو عمل ڪئي الله تعاليٰ سان ملاقات ڪيان. (شيعن جو معتبر ڪتاب تلخيص الشافي ج 3 ص 219

قرت العينين فارسي ص 31. شيعن جي معتبر تاريخ فتوح اعثم ڪوفي ج 1 ص 330).

حضرت علي ڪرم الله وجهه الڪريم پنهنجي خلافت دوران اڪثر حضرت عمر فاروق رضه جو ذڪر خير فرمائيندا رهندا هئا ۽ سوين مقامات تي حضرت علي ڪرم الله وجهه حضرت صديق اڪبر ۽ فاروق اعظم جا ڳڻ ڳائيا آهن.

هڪ دفعو حضرت امام زين العابدين رضه جي خدمت ۾ عراق جا ڪجهه ماڻهو آيا ۽ ٽن خليفن متعلق نازيبا الفاظ چيائون. تڏهن امام رضه فرمائين تہ توهان مونکي اهو ٻڌايو تہ توهان انهن پهرين مهاجرن مان آهيو جن جي شان متعلق الله تعاليٰ فرمائيو آهي تہ اهي مهاجر اهي ماڻهو آهن جن کي سندن گهرن ۽ مال متاع کان ٻاهر ڪڍيو ويو. اهي الله تعاليٰ جي فضل ۽ رضا جا طلبگار آهن جيڪي الله ۽ ان جي رسول ﷺ جا مددگار آهن ۽ اهي ئي سچا ماڻهو آهن. (القرآن).

ان بعد امام زين العابدين قران مجيد جي ہي آيت پڙهي ٻڌاين جيڪا مهاجرن جي شان ۾ هئي تڏهن انهن چيو تہ اسان انهن ٻنهي ٽولن مان ناهيون تڏهن امام خود فرمائين تہ پوءِ توهان پاڻ اقرار ڪيو تا ۽ مان بہ گواهي ڏيان تہ توهان مسلمانن جي ٽئين ٽولي مان هرگز هرگز ناهيو جنهن کان پوءِ تمام غصي ۽ ڪاوڙ مان ڪين فرمايائون تہ" توهان کي الله تعاليٰ تباهہ ڪري مون وٽان اٿي وڃو" (شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشف الغمہ ج 2 صفحہ 267)

خاندان نبوت جي حضرت عمر فاروق اعظم رضہ سان دلي محبت جي خبر ان ڳالهہ مان بہ پوي ٿي تہ حضرت علي رضہ جي هڪ صاحبزادي جو نالو عمر هيو.

حضرت امام حسن عليه السلام بہ پنهنجي هڪڙي فرزند جو نالو عمر رکيو.

حضرت امام زين العابدين بہ پنھنجي فرزند جو نالو عمر رکيو.

حضرت امام موسيٰ ڪاظم رضوان اللہ تعاليٰ عليھم اجمعين جي ھڪڙي فرزند جو نالو بہ عمر ھيو. (شيعن جي معتبر تاريخ آئمہ سيد وزير حسين ص 43-63-99-153)

مٿئين ڳالھين پڙھڻ بعد معلوم ٿيو تہ خاندان نبوت کي ساڻن تمام گھڻي محبت ھئي جو جڏھن ڪين اللہ تعاليٰ پٽ جھڙي نعمت عطا ڪئي تہ ان جو نالو عمر رکيائون. (رضوان اللہ عليھم اجمعين)

☆ حضرت عمر فاروق اعظم رضہ جي شھادت جا شاھد:

قيامت جي ڏينھن جڏھن اللہ تعاليٰ جي دربار عاليہ ۾ شھيدن جي حاضري ٿيندي تہ ھر شھيد جي شھادت جو شاھد ھوندو ڪنھن جي شھادت جو شاھد قرآن ھوندو ڪنھن جي شھادت جي شاھدي احد جبل ڏيندو ڪنھن جي شھادت جي شاھدي ميدان بدر ڏيندو ڪنھن جي حق ۾ مڪي پاڪ جون گھٽيون شاھدي ڏينديون ڪنھن جي حق ۾ ڪربلا جو ميدان شاھدي ڏيندو مگر قربان وڃان فاروق اعظم رضي اللہ تعاليٰ عنہ جي مٿان جڏھن ان جي حاضري جو وارو ايندو تہ مسجد نبويءَ جو محراب اللہ تعاليٰ کي عرض ڪندو تہ اي اللہ سائين فاروق اعظم کان نہ پڇو مان تنھنجي آخري پيغمبر ﷺ موسيٰ عليہ السلام جي سجدن جو بہ شاھد آھيان تہ فاروق اعظم جي شھادت جو بہ شاھد آھيان پوءِ جنھن جي شھادت جو شاھد محراب نبوي ھجي تہ ان مرتبي ۽ شھادت جو ڇا مقام ھوندو.

☆ حضرت عمر فاروق اعظم رضہ جي شھادت:

حضرت عمر فاروق اعظم رضہ پنھنجي آخري ڏينھن ۾ بيت اللہ جو حج ڪيو ۽ واپسي ۾ واديءَ محصب ۾ چادر مٿن کان رکي سمھي پيا چنڊ جي طرف نظر ڪيائون تہ چنڊ جي روشني ڪين سٺي لڳي پاڻ حاضرين مجلس کي فرمايائون ڏسو شروعات ۾ ھي چنڊ ڪمزور ھيو پوءِ آھستي آھستي ھي اوج کي پھچو آھي ۽ وري اتان گھٽجڻ شروع ڪندو اھو ئي حال

اهي دنيا ۾ سيني شين جو. ائين چئي دعا گهريائون ته اي الله منهنجي رعيت تمام گهڻي ٿي ويئي آهي ۽ مان هاڻي ڪمزور ٿي ويو آهيان اي الله مان مون کان خلافت جي فرائض ادا ڪرڻ ۾ ڪي قصور ٿي وڃن ان کان اڳ ۾ مون کي دنيا مان لڏاءِ حضرت زيد بن اسلم کان روايت آهي ته حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه پنهنجي دعا ۾ چوندو هيو:

اَللّٰهُمَّ اِنِّیْ اَسْئَلُكَ شَهَادَةً فِیْ سَبِیْلِكَ وَوَفَاةً فِیْ بَلَدِ رَسُوْلِكَ

اي الله مون اوهان کان سوال گهران ٿو ته مون کي پنهنجي رستي ۾ شهادت ۽ پنهنجي نبيءَ جي شهر ۾ وفات نصيب فرماءِ. (طبقات ابن سعد جلد 3 ص 113)

سندن دعا بارگاه الاهي ۾ منظور ٿي معمول مطابق ڏاڍو ساجهري اٿي نماز لاءِ مسجد هليا ويا سندن هٿن ۾ هڪ درو هوندو هيو جنهن سان ننڊ پيلن کي جاڳائيندا هيا مسجد ۾ پهچي ڪري نمازين کي صفن ٺيڪ ڪرڻ جو حڪم فرمائيندا هيا ۽ ان کان بعد نماز شروع فرمائيندا هيا ۽ نماز ۾ وڏيون وڏيون سورتون پڙهندا هيا. ان ڏينهن به ائين ڪيو هيائون ۽ نماز شروع ڪيائون اجا تڪبير تحريمه مس چئي هيائون ته هڪ مجوسي ڪافر ابو لولو هڪ زهر ملايل خنجر سوڌو مسجد جي محراب ۾ لڪيو ويٺو هيو ان سندن پيٽ مبارڪ ۾ ان خنجر سان ٽي زخم ڪيا پاڻ بيهوش ٿي ڪري پيا ۽ حضرت عبدالرحمان بن عوف رضه اڳتي ٿي ڪري امامت ڪئي ۽ مختصر نماز پڙهي ڪري سلام ڦيريائين. ابو لولوءَ ڀڄڻ جي ڪوشش ڪئي مگر نمازين جون صفون پٺيان وانگر آڏ بيٺيون هيون اتان ڪيئن ٿو ڀڄي سگهي ان ڪري ٻين تيرهن صحابن کي زخمي ڪري وڌائين. جن مان نو جڻا شهيد ٿي ويا جڏهن نماز ختم ٿي ته ابو لولو پڪڙجي پيو جڏهن ان ڏٺو ته مرڻ هاڻي بچي نه سگهندس ته انهيءَ ٿي خنجر سان پاڻ کي به هلاڪ ڪري ڇڏيو. نماز کان پوءِ حضرت فاروق اعظم رضه کي ڪڻي گهر پهچايو ويو [illegible] [illegible] ۾ آيا ته انهيءَ حالت ۾ پاڻ فجر جي نماز ادا

ڪيائون. (تاريخ طبري ص 277، طبقات ابن سعد ج 2 ص 120-129)

☆ محبوب جي پر ۾ دفن جي خواهش:

پنهنجي پٽ حضرت عبدالله کي حڪم فرمايائون ته سيد عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها جي خدمت ۾ حاضر ٿيءُ ۽ امڙ کي منهنجا سلام پيش ڪري هيءُ درخواست ڪر ته مون کي پنهنجي ٻنهي دوستن سان گڏ دفن ٿيڻ جي جاءِ ملي حضرت عائشه صديقه جواب ۾ فرمايو ته هونءَ اتي مون کي پنهنجي دفن ڪرائڻ جو ارادو هيو پر حضرت عمر کي پاڻ کان وڌيڪ ترجيح ڏيان ٿي. حضرت عمر رضه اها خبر ٻڌي ڏاڍا خوش ٿيا ان کان بعد حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه جن خلافت ۽ ٻين معاملن ۽ مسئلن بابت صحابه ڪرام کي وصيتون فرمايون ۽ ان کان بعد الله تعاليٰ جي طرف همه تن متوجه ٿيا. ذڪر ۽ فڪر ۾ مصروف ٿيو يا آخر ۾ عدل ۽ انصاف جو ماهتاب عالم پهرينءَ محرم تي هميشه لاءِ رفيق اعليٰ سان مليو اسلام ۽ عالم اسلام کي يتيم ڪري پنهنجي محبوب جي پر ۾ آرامي ٿيو انا لله وانا اليه راجعون.

☆ حضور اڪرم ﷺ جن جي روضه انور جو شرف ۽ مقام:

حضور اڪرم ﷺ جن جي روضه انور جو اهو شرف ۽ مقام آهي جو ان جي سٽ نه بيت المقدس جو مقبرو آهي نه ڪي مڪه المڪرم جو مقبرو آهي نه ڪي جنت البقيع جو مقبرو آهي حديث پاڪ ۾ آهي:

مَامِنْ يَوْمٍ يَطْلَعُ اِلَّا نَزَلَ سَبْعُوْنَ اَلْفًامِّنَ الْمَلَائِكَةِ حَتّٰى يَحُفُّوْا بِقَبْرِ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يَضْرِبُوْنَ بِاَجْنِحَتِهِمْ وَيُصَلُّوْنَ عَلٰى رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَتّٰى اِذَا اَمْسَوْا عَرَجُوْا وَهَبَطَ مِثْلُهُمْ مِثْلَ ذَالِكَ حَتّٰى اِذَا انْشَقَّتْ عَنْهُ الْاَرْضُ خَرَجَ فِيْ سَبْعِيْنَ اَلْفًامِّنَ الْمَلَائِكَةِ يَزُفُّوْنَهٗ (مشڪواة شريف ص ٥٤٩)

ڪوبه اهڙو ڏينهن نه آهي مگر ان ۾ ستر هزار ملائڪ لهن ٿا ۽ نبي

ڪريم ﷺ جن جي قبر مبارڪ کي گهيرو ڪري ٿا ۽ ٻنهي ڪنڌن کي ٻاري ٿا ۽ نبي ڪريم ﷺ جن مٿان درود پڙهن ٿا جڏهن شام ٿئي ٿي اهي ملائڪ مٿي چڙهن ٿا ٻيا ايترا لهي اچن ٿا جڏهن قيامت قائم ٿيندي ته قبر شريف مان اٿندي ٿي ستر هزار ملائڪ گهيرو ڪندا دوست الله جي رحمت جي هير حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ٻنهي حضرت ابوبڪر صديق ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله عنهم جي مٿان ڪيهي رهي آهي.

مطلب ته حضرت عمر فاروق رضي الله تعالى عنه صرف دنيا جي جهان ۾ ٻنهي جهانن جي سردار جا ساٿي نه هيا بلڪ قبر ۾ به سندن ساٿي آهن ته حشر ۾ به ساٿي هوندا. جيئن روايت ۾ اچي ٿو

عَنْ ابْنِ عُمَرَ اَنَّ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ خَرَجَ ذَاتَ يَوْمٍ وَدَخَلَ الْمَسْجِدَ وَاَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَرُ اَحَدُهُمَا عَنْ يَمِيْنِهٖ وَالْاٰخَرُ عَنْ شِمَالِهٖ وَهُوَ اٰخِذٌ بِاَيْدِيْهِمَا فَقَالَ هٰكَذَا نُبْعَثُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ (مشكواة شريف ص ٥٦٠)

حضرت ابن عمر رضي الله تعالى عنه فرمائي ٿو ته هڪ ڀيري حضور اڪرم ﷺ جن ۽ حضرت ابوبڪر ۽ حضرت عمر رضي الله تعالى عنه ٻاهر نڪتا ۽ مسجد شريف ۾ داخل ٿيا ٻنهي مان هڪ سندن سڄي پاسي کان هو ۽ ٻيو کٻي پاسي هو پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻنهي جي هٿن کان وٺي فرمايو ته قيامت جي ڏينهن اسان هيئن اٿنداسين.

☆ مدت خلافت:

حضرت عمر رضي الله تعالى عنه 26 ذوالحج سنه 23 هه اربع جي ڏينهن خنجر سان زخمي ٿيا ۽ پهرين محرم سنه 24 هه جي صبح جو آچر جي ڏينهن دفن ڪيا ويا ان وقت سندن عمر 63 سال هئي سندن خلافت 10 سال پنج مهينا ۽ ايڪويهه ڏينهن هئي هجرت کان سندن وفات تائين ٽيويهه سال ۽ مهينا ۽ ٽيرهن ڏينهن جو زمانو گذريو. (طبقات ابن سعد جلد 3 ص 146)

محرم الحرام

پيو جمعو

فضائل اهلبيت عظام

الحمدلله رب العالمين والصلوٰة والسلام على رسوله محمد و على آله واصحابه اجمعين. اما بعد فاعوذ بالله من الشيطان الرجيم، بسم الله الرحمٰن الرحيم انما يريد الله ليذهب عنكم الرجس اهل بيت و يطهركم تطهيرا۝ صدق الله العظيم [illegible]

برادران اسلام. نورمجسم، شفيع معظم نبي مڪرم ﷺ جن جي دربار شاهانه ۾ درود و سلام جا نذرانا عرض ڪيو.

صلى الله عليك يا سيدي يا رسول الله ﷺ
وسلم عليك يا سيدي يا حبيب الله ﷺ

وڏي شان وارا آهن اهل بيت
وٺو دل سان سڀ دامن اهل بيت

کس زباں سے ہو بیاں مدح خوانِ اہل بیت
مدح گوئے مصطفیٰ ہے مدح خوانِ اہل بیت

دوستو عزيزو!

اڄ محرم جو پيو جمعو آهي. هن مهيني سان سال جو آغاز ٿئي ٿو. گويا هي مهينو اسلامي سال جو پهريون مهينو آهي. ذوالحج اسلامي سال جو آخري مهينو آهي. اسلامي سال جي شروعات ۽ قرباني، سان آهي ۽ پڄاڻي ۽ قرباني، سان آهي. دل گهري ٿي ته اڄ فضائل اهل بيت بيان ڪيان. مون اوهان جي اڳيان جيڪا آيت بيان ڪئي آهي ان کي غور سان

ٻڌو ۽ سمجهو.

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنكُمُ الرِّجْسَ اَهلَ الْبَيتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيرًا۔ (سوره احزاب پ ٢٢ ع ٤)

ترجمو: "الله تہ اهو ئي ٿو چاهي تہ اي نبي جي گهر وارو اوهان کان هر ناپاڪي کي دور ڪري ۽ اوهان کي خوب پاڪ ڪري".

هن آيت ۾ حڪم عام آهي ۽ آيت جي سياق و سباق مان بہ معلوم ٿئي ٿو تہ اهل بيت مان مراد حضور ﷺ جن جون گهرواريون ۽ سندن اولاد آهي ڇوته جو ضمير مذڪر جو آيو آهي. (پڙهي ڏسو تفسير مظهري ج 7 ص 339).

اولاد ۾ محبوب ڪريمن ﷺ جن جا فرزند، چار نياڻيون ۽ انهن جو اولاد شامل آهي.

سندن	اهل	بيتن	تي راضي خدا
پڙهي	ڏس	تون	تطهير آيت ادا

لغوي معنيٰ بہ اها ئي آهي:

اهل بيت = بيت معنيٰ گهر "اهل" معنيٰ وارا يعني نبي ﷺ جا گهر وارا- گهر ۾ گهرواريون (زالون) ۽ اولاد اچي وڃي ٿو. قرآن پاڪ ۾ اهل بيت جو لفظ گهرواري ۽ گهر وارن تي استعمال ٿيو آهي.

حضرت ابراهيم عليه السلام جي عمر جڏهن 90 سال جي ٿي ۽ سندن گهرواري بہ پوڙهي ٿي وئي تہ فرشتن اچي حضرت اسحاق جي ولادت جي بشارت ٻڌائي. خبر ٻڌي بيبيءَ سخت تعجب ڪيو تہ فرشتن ڪينس چيو:

قَالُوْا اَتَعْجَبِيْنَ مِنْ اَمْرِاللّٰهِ رَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهٗ عَلَيْكُمْ اَهْلَ الْبَيْتِ اِنَّهٗ حَمِيْدٌ مَّجِيْدٌ (پاره ١٢ سوره هود ع ٧)

ترجمو: ملائڪن چيو ڇا الله جي ڪم تي حيرت ٿي ڪرين الله جي رحمت ۽ ان جون برڪتون توهان تي. هن گهروارو بيشڪ اهو ئي آهي سمورين خوبين وارو عزت وارو.

حضرت موسيٰ عليه السلام جي جڏهن ولادت ٿي هو فرعون جي زال آسيہ جي هنج ۾ آيو. هن جي رضاعت جي لاءِ دايون گهرايون ويون مگر هن ڪنهن جو بہ ڪير نہ پيتو تہ حضرت موسيٰ عليه السلام جي ڀيڻ چيو:

وَحَرَّمْنَا عَلَيْهِ الْمَرَاضِعَ مِنْ قَبْلُ فَقَالَتْ هَلْ اَدُلُّكُمْ عَلٰى اَهْلِ بَيْتٍ يَّكْفُلُوْنَهُ لَكُمْ وَهُمْ لَهُ نَاصِحُوْنَ (پ ٢٠ سورة القصص ع ١)

ترجمو: ۽ اسان اڳيئي سموريون دايون ان تي حرام ڪري ڇڏيون هيون پوءِ چيائين ڇا مان توهان کي ڏس ڏيان اهڙن گهروارن جو جيڪي توهان جي هن ٻارڪي پالي ڏين ۽ اهي ان جا خيرخواهہ هجن.

لاَنَّ اَهْلَ الْبَيْتِ فِى اللُّغَةِ سُكَّانُهُ بَلْ فِى الْمُرَادِ وَاسْتَدَلَّ الْجُمْهُوْرُ عَلٰى اَنَّ الْمُرَادَ مِنَ الآيَةِ اَزْوَاجُ النَّبِى صلى الله عليه وسلم (در نجضيه ص ١٥ مطبوعه ايران طبع قديم، ابن ميثم شرح نهج البلاغه ج ١ ص ١٠٠)

جمهوران آيت تطهير جي لفظ اهل بيت جي معنيٰ ازواج النبي مرا د ورتي آهي.

حضور عليہ السلام جن حضرت خديجه رضي الله عنها کي "اَلسَّلاَمُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ بَيْتٍ" فرمايو آهي.

آنحضرت بجانب خانهء خديجه روان شد و چون حضرت بدرخانه رسيد خديجه را کنيزان بقدوم آنحضرت بشارت داد ند وخديجه باپائے برهنه از غرفه بصحن خانه دويد وچون دررا کشودند حضرت فرمود "اَلسَّلاَمُ عَلَيْكُمْ يَا اَهْلَ بَيْتٍ" (حياة القلوب جلد ٢ ص ١٠٠)

ترجمو: حضور ﷺ جن حضرت خديجہ رضي الله عنها جي گهر طرف هليا جڏهن گهر جي دروازي وٽ پهتا تہ خديجہ رضي الله عنها جي ڪنيزن حضور ﷺ جي تشريف آوري جي خبر ڪينس ڏني هوءِ پيرين اگهاڙي

دوڙندي بالاخانہ جي صحن طرف آئي. دروازو کوليائين تہ حضرت نبي ﷺ جن کيس فرمايو "السلام عليکم يا اهل بيت".

تحقيق ۽ وضاحت مان معلوم ٿيو تہ حضرت رسول اللہ ﷺ جن جي ازواج مطهرات کي لفظ اهل بيت مان خارج قرار ڏين قرآن مجيد احاديث ۽ لغت عرب جي بلڪل خلاف آهي.

حضور اڪرم ﷺ جون گهرواريون وڏي شان ۽ عظمت واريون آهن.

يَا نِسَاءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَأَحَدٍ مِّنَ النِّسَاءِ (الاحزاب پ ٢٢ ع ١)

اي نبي ﷺ جون گهرواريون توهان ٻين عورتن جي مثل نہ آهيو.

اَلنَّبِيُّ اَوْلٰى بِالْمُؤْمِنِيْنَ مِنْ اَنْفُسِهِمْ وَاَزْوَاجُهٗٓ اُمَّهٰتُهُمْ (احزاب ٢١ ع ١)

نبي ڪريم ﷺ جن مومنن کي انهن جي جانين کان بہ وڌيڪ ويجها آهن ۽ ان جون گهرواريون مومنن جون مائر آهن. ماءُ جي شان ۾ گستاخي، بي ادبي لعن ۽ طعن ڪرڻ وارو حلالي پٽ نہ چئبو.

ازواج مطهرات جي شان ۾ گستاخي ۽ بي ادبي ڪرڻ رسول اللہ ﷺ جن کي ايذائڻ آهي. ايذائڻ ۽ رنجائڻ واري لاءِ ارشاد رباني آهي.

وَالَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ رَسُوْلَ اللّٰهِ لَهُمْ عَذَابٌ اَلِيْمٌ (سورة توبه پ ١٠ ع ٨)

ترجمو: ۽ جيڪي اللہ جي رسول کي تڪليف ڏين تا انهن لاءِ دردناڪ عذاب آهي.

اِنَّ الَّذِيْنَ يُؤْذُوْنَ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ لَعَنَهُمُ اللّٰهُ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ وَاَعَدَّ لَهُمْ عَذَابًا مُّهِيْنًا۔ (سوره احزاب پ ٢٢ ع ٧)

ترجمو: بيشڪ جيڪي تڪليف ڏين تا اللہ ۽ ان جي رسول کي انهن تي اللہ جي لعنت آهي. دنيا ۽ آخرت ۾ ۽ اللہ انهن جي واسطي ذلت جو عذاب تيار ڪري رکيو آهي.

ان کی پاکی کا خدائے پاک کرتا ہے بیاں
آیۃ تطهیر سے ظاہر ہے شان اهل بیت

آيت جي رو سان "اهل بيت" مان مراد حضور ﷺ جون گهرواريون آهن پر اللہ تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي مختارڪل بنايو آهي

تنهنڪري حضور اڪرم نورمجسم ﷺ جن پنهنجي ٻچن کي ٻه ان ۾ شامل فرمايو آهي جيئن حديث مان ثابت آهي: "حضرت سيده عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنها کان روايت آهي ته هڪ ڏينهن صبح جو پاڻ ڪريم ﷺ جن ٻاهر نڪتا ڪين ڪاري رنگ جي اُن جي مخلوط چادر ويڙهيل هئي. حضرت حسن بن علي رضه آيو ان کي چادر ۾ داخل ڪيائون پوءِ حضرت حسين رضه آيو ان کي ٻه ان ۾ داخل ڪيائون پوءِ سيده فاطمه رضه آئي ان کي ٻه ان ۾داخل ڪيائون پوءِ جناب حضرت علي رضي الله عنه آيو ان کي ٻه چادر مبارڪ ۾ داخل ڪيائون پوءِ فرمايائون:

اِنَّمَا يُرِيْدُ اللّٰهُ لِيُذْهِبَ عَنْكُمُ الرِّجْسَ اَهْلَ الْبَيْتِ وَ يُطَهِّرَكُمْ تَطْهِيْرًا۔

(مسلم شريف ج 2 ص 283، مشڪواه شريف ص 568)

ترمذي شريف ۾ روايت آهي ته اها آيت حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تي بي بي ام سلمه رضي الله عنها جي گهر ۾ نازل ٿي، پاڻ ڪريمن ﷺ جن حضرت بي بي فاطمه رضه ۽ حسنين ڪريمين کي سڏي انهن مٿان هڪ چادر ڍڪي حضرت علي رضه سندن پويان هيو انهن سڀني کي هڪ چادر ۾ ڍڪيائون ۽ پوءِ فرمايائون:

اَللّٰهُمَّ هٰؤُلَاءِ اَهْلُ بَيْتِيْ فَاَذْهِبْ عَنْهُمُ الرِّجْسَ وَطَهِّرْهُمْ تَطْهِيْرًا۔ (ترمذي شريف جلد 2 ص 219)

"اي الله هي ٻه منهنجا اهل بيت آهن انهن کان پليتي کي پري ڪري انهن کي پاڪ ۽ صاف بڻاءِ."

ان وقت بي بي ام سلمه رضه عرض ڪيو يا رسول الله ﷺ مان ٻه انهن ۾ آهيان پاڻ ﷺ جن فرمايو: وانت الیٰ خير (ترمذی ج ۲ ص ۲۱۹) تون نيڪي تي آهين. يعني (تون ته اڳ ۾ ئي ان ۾ داخل آهين). ثابت ٿيو ته ازواج سان گڏ نبي ﷺ جي گهراڻي جي ٻين فردن کي ٻه تطهير اندر شامل ڪيو ويو آهي.

هي ڳالهه ٻه ذهن ۾ رهي ته هڪ روايت ۾ هيءَ ٻه اچي ٿو ته اهل

بيت اهي آهن جن تي زڪوات وٺڻ حرام آهي، آل علي، آل عقيل، آل جعفر، آل عباس. اهي سڀ اهل بيت ۾ شامل آهن. (ازالته الخفاء مترجم عربي اردو جلد 2 ص 446، ڪنزل العمال ج 13 ص 276)

اهل بيت ڪي عترت به سڏيو وڃي ٿو اهل بيت جو عزت ۽ احترام ڪرڻ ۽ انهن سان محبت رکڻ ايمان جو جزآهي ۽ انهن سان بغض رکڻ وارو پڪو منافق آهي. اهل سنت جي اڳواڻ امام شافعي عليه الرحمت فرمايو آهي:

يَا اَهْلَ بَيْتِ رَسُوْلِ اللّٰهِ حُبُّكُمْ
فَرْضٌ مِّنَ اللّٰهِ فِى الْقُرْآنِ اَنْزَلَه
كَفَا كُمْ مِّنْ عَظِيْمِ الْقَدْرِ اِنَّكُمْ
مَنْ لَّمْ يُصَلِّ عَلَيْكُمْ فَلَا صَلٰوٰةَ لَه

اي نبي ﷺ جا اهل بيتو اوهان جي محبت الله پنهنجي نازل ڪيل ڪلام (قرآن) ۾ فرض ڪري ڇڏي آهي. توهان جي وڏي شان ۽ مان لاءِ هيءَ ئي ڳالهه ڪافي آهي جيڪو اوهان تي درود نه پڙهي ان جي نماز مڪمل نه ٿي ٿئي.

ثابت ٿيو ته اهل بيت جي محبت لازم آهي ان ڪان بغير ڇوٽڪاري جي ٻئي راهه ئي نه آهي.

علي جا ٻچا واهه حسن و حسين
انهن جي ذڪر سان ملي دل کي چين

(1) حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو مان اوهان ۾ 2 اهي شيون ڇڏي ٿو وڃان جيستائين انهن ڪي مضبوطي سان جهلي ويندو ته مونڪانپوءِ گمراهه ڪو نه ٿيندئو. انهن مان هر هڪ ٻئي ڪان وڌيڪ آهي. (1) الله عزوجل جو ڪتاب (قرآن مجيد) جيڪو الله جو ڏگهو رسو آهي. (2) اهل بيت منهنجي اولاد، گهروارا. اهي ٻئي هڪ ٻئي ڪان جدا نه ٿيندا تانجو

قيامت ڏهاڙي حوض تي مون سان ملندا. (ترمذي شريف ج 2 ص 219، مشڪوات 569)

(2) حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته رسول الله ﷺ جن کان پڇا ڪئي وئي ته اوهان کي پنهنجي خاندان مان ڪير ڏاڍو پيارو آهي. قَالَ اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ فرمايائون حسن ۽ حسين رضي الله تعاليٰ عنهما ۽ نبي ڪريم ﷺ جن حضرت فاطمه رضي الله تعاليٰ عنها کي فرمائيندا هئا ته مون کي منهنجا ٻئي پٽ سڏي ڏي ته آءُ انهن کي چميان ۽ ڀاڪر پايان. (مشڪوات شريف ص 571)

(3) حضرت بريده رضي الله عنه فرمائي ٿو ته هڪ وقت حضور ﷺ جن خطبو ڏين پيا ته اٿين ڪندي ٻئي ننڍا شهزادا حضرت حسن ۽ حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنهما جن اچن پيا ٻنهي کي ٻه ڳاڙهيون قميصون پيل هيون. (ڪمزور هجڻ ڪري يا انبوه هجڻ ڪري) پنڌ ۾ ٿاٻڙجن پيا. جڏهن حضور ﷺ جن انهن کي ڏٺو ته يڪدم ممبر تان هيٺ لٿا ۽ انهن کي کنيائون پوءِ فرمايائون ته الله تعاليٰ سچ فرمايو آهي ته اوهان جو مال ۽ اولاد اوهان لاءِ آزمائش آهي. پوءِ انهن ٻنهي شهزادن کي جڏهن ڏٺم ته پنڌ به ڪن پيا ۽ ٿاٻڙجن به پيا ته پوءِ مان محمد انهن جو ٿاٻڙجڻ نه سٺو تنهن ڪري مون پنهنجي ڳالهه کي بند ڪري انهن کي کنيو. (مشڪوات شريف ص571، ترمذي شريف جلد 2 ص 218).

(4) حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته مون نبي ڪريم ﷺ جن جي هڪ ڪلهي مبارڪ تي حضرت حسن رضي الله عنه کي ڏٺم ۽ ٻئي ڪلهي مبارڪ تي حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه کي ڏٺم پوءِ مون انهن شهزادن کي چيو ته واهه واهه توهان جي سواري ڏاڍي ڀلي آهي پوءِ نبي ﷺ جن فرمايو ته سوار به ته ڀلا آهن. (ڪنزالعمال جلد 13 ص 283)

(5) عَنْ اَبِىْ سَعِيْدٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اَلْحَسَنُ وَالْحُسَيْنُ سَيِّدَا الشَّبَابِ اَهْلِ الْجَنَّةِ۔ (ترمذى شريف ج ٢ ص ٢١٧، مشكوٰة شريف ص ٥٧١)

حضرت ابو سعيد رضي الله عنه كان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته حسن ۽ حسين جنت جي نوجوانن جا سردار آهن.

(6) حضرت ابن عمر رضي الله عنهما كان روايت آهي ته سهڻي نبي ﷺ جن فرمايو ته: اِنَّ الْحَسَنَ وَالْحُسَيْنَ هُمَا رَيْحَانَتَاىَ مِنَ الدُّنْيَا (ترمذى شريف ج ٢ ص ٢١٨، مشكوٰة شريف ص ٥٧٠)

حسن رضه ۽ حسين رضه اهي ٻئي هن دنيا ۾ منهنجا گل آهن.

(7) عَنْ يُعْلٰى بِنْ مُرَّةَ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ حُسَيْنٌ مِنِّىْ وَاَنَا مِنَ الْحُسَيْنِ اَحَبَّ اللّٰهُ مَنْ اَحَبَّ حُسَيْنًا حُسَيْنٌ سِبْطٌ مِّنَ الْاَسْبَاطِ۔ (ترمذى شريف ج ٢ ص ٢١٨، مشكوٰة شريف ص ٥٧١)

حضرت يعلىٰ بن مره رضي الله عنه كان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته حضرت حسين رضي الله عنه مون مان آهي ۽ مان حسين رضي الله عنه مان آهيان. الله ان سان محبت ركي ٿو جيكو حسين رضي الله عنه سان محبت ركي ٿو. حسين ڏهٽو (پاك اولاد) مان هڪ ڏهٽو (پاك اولاد) آهي.

(8) عَنْ عَلِىٍّ قَالَ الْحَسَنُ اَشْبَهُ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ مَا بَيْنَ الصَّدْرِ اِلَى الرَّاْسِ وَالْحُسَيْنُ اَشْبَهُ النَّبِىِّ ﷺ مَا كَانَ اَسْفَلَ مِنْ ذَالِكَ۔ (مشكوٰة شريف ص ٥٧١، ترمذى شريف جلد ٢ ص ٢١٨)

حضرت علي رضي الله تعالىٰ عنه فرمائي ٿو ته حضرت حسن رضي الله عنه سيني مبارك كان وٺي مٿي مبارك تائين نبي ﷺ جن جي مشابهه آهن ۽ حضرت حسين رضي الله عنه حضرت نبي ﷺ جن جي هيٺين ڌڙ مبارك جي مشابه آهن.

يعني حضرت حسن رضي الله عنه جو سينو مبارك، منهن مبارك

اکيون مبارڪ، چپ مبارڪ، مٿو مبارڪ، وار مبارڪ، ڏند مبارڪ ۽ نڪ مبارڪ حضرت نبي ﷺ جن جي مشابہ هئا ۽ حضرت حسين رضي الله عنه جو هيٺيون ڌڙ مبارڪ يعني پنيون مبارڪ پير مبارڪ ۽ پيرن جون آڱريون مبارڪ وغيره سڀ حضور ڪريم ﷺ جن جي مشابہ هيون.

(9) عَنْ زَيْدِ بْنِ أَرْقَمَ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُ أَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ قَالَ لِعَلِيٍّ وَ فَاطِمَةَ وَالْحَسَنِ وَالْحُسَيْنِ أَنَا حَرْبٌ لِمَنْ حَارَبَهُمْ وَسَلْمٌ لِمَنْ سَالَمَهُمْ (مشكوٰة شريف ٥٦٩)

حضرت زيد بن ارقم رضي الله عنه فرمائي ٿو تہ بيشڪ حضور ﷺ جن حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت فاطمہ رضي الله عنها ۽ حضرت حسن رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي باري ۾ فرمايائون جيڪو انهن سان جنگ ڪندو مان محمد ﷺ بہ انهن سان جنگ ڪندس ۽ جيڪو انهن سان صلح ڪندو مان محمد ﷺ بہ انهن سان صلح ڪندس.

(10) مسند بزار، طبراني ۽ مستدرڪ ۾ حضرت سيدنا ابوذر ۽ حضرت ابن عباس رضي الله عنهما کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: مَثَلُ أَهْلِ بَيْتِي فِيكُمْ مَثَلُ سَفِينَةِ نُوحٍ مَنْ رَكِبَ فِيهَا نَجَا وَمَنْ تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرِقَ۔ (طبراني، مستدرڪ ج ٣ ص ٣٦١)

منهنجي اهل بيتن جو مثال نوح عليه السلام جي ٻيڙي وانگر آهي جيڪو ان ۾ چڙهيو سو بچي ويو جيڪو ان کان پوئتي رهجي ويو اهو ٻڏي ويو.

اهل بيت نبوت جا فضائل ۽ ڪمالات بيشمار آهن جن مان چند بيان ڪيا اٿم. هيءُ بہ ياد رکو تہ جيئن اهل بيت سان محبت رکڻ ضروري آهي تيئن صحابہ سان محبت رکڻ بہ ضروري آهي.

رکو اهل بيتن سان الفت سچي
مهابي محبت جي ويندئو بچي

سندن آل اصحاب سڀ شانوارا
کيان گهور تن تان مان ٻچڙا ۽ ٻار

منهنجا پيارا ڀائرو! وقت ڪافي ٿي چڪو آهي مان پنهنجي تقرير
ڪي هنن لفظن تي ختم ڪيان ٿو:

جنهن کي اهل بيت پاڪ سان پيار نہ آهي
تنهن جي ڪلمي تي اعتبار نہ آهي

سچ ڪري ٻچو تہ اهل بيت جا پڪا ۽ سچا حبدار سني مسلمان
آهن ۽ اهي ئي سندن نقش قدم تي هلڻ وارا آهن.

مَنْ مَّاتَ عَلَىٰ حُبِّ آلِ مُحَمَّدٍ مَاتَ عَلَى السُّنَّةِ وَالْجَمَاعَةِ (جامع الاخبار ١٧٧ شيعن جو معتبر ڪتاب)

جيڪو شخص آل محمد ﷺ جي محبت ۾ مرندو تہ اهو اهل سنت
و جماعت تي فوت ٿيو.

وَلَيْسَ عَلَىٰ مَنْ مَّاتَ عَلَى السُّنَّةِ وَالْجَمَاعَةِ عَذَابُ الْقَبْرِ وَلَا شِدَّةُ يَوْمِ الْقِيَامَةِ (جامع الاخبار ١٧٧ شيعن جو معتبر ڪتاب)

جيڪو شخص اهل سنت و جماعت تي مرندو ان تي قبر جو عذاب
نہ ٿيندو نہ وري قيامت جي ڏينهن ان تي سختي ٿيندي.

بے ادب گستاخ فرقے کو سنادے اے حسن
یوں کہا کرتے ہیں سنی داستان اہلبیت

دعا آهي تہ شال الله تعالىٰ اسان سڀني کي حسنين ڪريمين جي ڪامل
محبت نصيب فرمائي ۽ مرندي گهڙي تائين انهن جي نقش قدم تي هلائي.

الٰہی بحق بنی فاطمه که بر قول ایمان کنی خاتمه اگر
دعوتم رد کنی ورقبول - من ودست دامان آل رسول
وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين وصلى الله
تعالىٰ على سيدالمرسلين محمد و آله و صحبه
اجمعين برحمتك يا ارحم الراحمين۔

سيد الشهداء حضرت امام حسين رضى الله تعالىٰ عنہ جي شهادت

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِ الْكَرِيْمِ اَمَّا بَعْدُ، اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَلَا تَقُوْلُوْا لِمَنْ يُّقْتَلُ فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتٌ بَلْ اَحْيَاءٌ وَّلٰكِنْ لَّا تَشْعُرُوْنَ (سورة البقره پ ٢ ع ٣) صَدَقَ اللّٰهُ الْعَظِيْمِ

ترجمو: نہ چئو توهان انهن کي مئل جيڪي الله تعالىٰ جي واٽ ۾ قتل ڪيا ويا بلڪ اهي جيئرا آهن پر اوهان نٿا سمجهو.

دوست کهائي دادلا ٿو محب مارائي
خاص خليلن کي ٿو سختيون سهائي
الله الصد بي نياز سا ڪري جا چاهي
انهين منجهہ آهي ڪا اونهي ڳالهہ اسرار جي

برادران اسلام محرم جا هي ڏهاڙا ڪربلا جي شهيدن پاڪ پيغمبر جي ٻچڙن جي ياد ڏيارن ٿا تنهن ڪري دل چاهي ٿي تہ اڄ "شهداءِ ڪربلا" جي شهادت جو ذڪر ڪيان دعا آهي تہ شال الله تعالىٰ صحيح صحيح ذڪر ڪرڻ جي توفيق بخشي. اسان ۽ توهان بلڪ سمورن مسلمانن کي حضرت سيدنا امام حسين رضي الله تعالىٰ عنه جي شهادت مان هدايت جو سبق ۽ فيض نصيب فرمائي آمين.

دوستو! مون جيڪا آيت اوهان جي اڳيان بيان ڪئي آهي ان ۾ الله تعالي شهيدن جي شهادت جو ذڪر فرمايو آهي تہ انهن کي مئل نہ چئو بلڪ اهي جيئرا آهن پر اوهان نٿا سمجهي سگهو ٻئي جاءِ تي ارشاد رباني

آهي:

وَلَا تَحْسَبَنَّ الَّذِيْنَ قُتِلُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ اَمْوَاتًا بَلْ اَحْيَاءٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ يُرْزَقُوْنَ (پ ٤ سورة آل عمران ع ٨)

يعني اهو گمان بہ نہ ڪيو تہ اهي مئل آهن جيڪي قتل ڪيا ويا بلڪ اهي جيئرا آهن انهن کي پالڻهار وٽان رزق بہ ڏنو وڃي ٿو. اهي آيتون شهداءِ بدر شهداءِ احد. شهداءِ حنين. شهداءِ ڪربلا جي شان کي ظاهر ڪن ٿيون. ماتميو غور ڪريو شهيد جيئرا آهن جيئرن جو ماتم نہ ڪبو آهي.

کافر ہے جو منکر ہو حیات شہداء کا
ہم زندہ جاوید کا ماتم نہیں کرتے

دوستو شهادت هڪ عظيم مرتبو آهي، شهيد کي شهادت ۾ ايڏو تہ مزو ٿو اچي جو بارگاهہ خداوندي ۾ عرض ٿو ڪري:

يَا رَبِّ تُحْيِيْنِيْ فَاُقْتَلَ فِيْكَ مَرَّةً ثَانِيَةً (مشكواة ٥٧٩)

اي منهنجا رب مون کي دنيا ۾ جيئرو ڪري موٽاءِ جيئن وري تنهنجي رستي ۾ ٻيهر شهيد ٿي اچان. شهيد کان شهادت جا سڀ ڏک، تيرن تلوارن، بندوقن ۽ ڪلاشنڪوپ جا گهاو وسري ٿا وڃن ۽ الله تعاليٰ کي عرض ٿو ڪري تہ سائين انهن گهاون. قتن ۽ تڪليفن ۾ مون کي ايڏو تہ مزو ٿو اچي جو تنهنجي جنت جون نعمتون ان مزي تان گهور هجن حضور اڪرم ﷺ جن فرمائن ٿا تہ شهيد سان الله تعاليٰ جون وڏيون ڀلايون ۽ بي حد مهربانيون آهن.

(1) رت جي پهرين قطري سان الله تعاليٰ ان جي گناهن کي معاف ڪري ٿو.

(2) اول جنت ڏيکاري ٿو پوءِ ساهہ قبض ڪري ٿو.

(3) قبر جي عذاب کان ان کي امن ملي ٿو.

(4) قيامت جي هيبت کان امن ۾ هوندو.

(5) ان جي مٿي تي اهڙو ڇٽ رکيو ويندو جنهن جو هڪ هڪ موتي دنيا

جي قيمت کان متي هوندو.

(6) پاهتر وڏين ۽ سهڻين اکين وارين حورون ان کي ڏنيون ويندين ۽ پنهنجن عزيزن مان ستر ماڻهن جي شفاعت ڪري انهن کي جنت ۾ پهچائيندو. (مشڪواه 333)

منهنجا عزيز ڀائرو! هي محرم الحرام جو مهينو نهايت عزت ۽ عظمت وارو مهينو آهي، ان جي ڏهين تاريخ يعني عاشوراءِ وارو ڏينهن به نهايت برڪت ڀريو ڏينهن آهي جيڪڏهن ڪوئي شخص ان ڏينهن ۾ ڪا عبادت ڪري ته الله تعاليٰ ان جي اجر کي تمام گهڻو ئو وڌائي. مگر افسوس آهي جو هن ڀلاري مهيني ۽ ڀلاري ڏينهن جي تقدس کي پائمال ڪيو پيو وڃي ۽ طرح طرح جي گناهن ۽ بدعتن کي مذهب جو رنگ ڏنو پيو وڃي. مثلا: جيئن تعزيا ۽ تابوت ڪڍڻ، سينه زخمي ڪرڻ، پنهنجو پاڻ کي ڏک ڏيڻ، زنجيرن سان پنهنجون پٺيون ڪٽڻ، بدن مان ڏکن ۽ مکن سان رت ڪڍڻ وغيره.

حضرت ابن عباس رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته حضرت نبي اڪرم ﷺ جن فرمائن ٿا ته جيڪو شخص ڏينهن عاشوراءِ جو روزو رکي ٿو ته ان کي ثواب ڏهن هزارن ملائڪن ۽ ڏهن هزارن شهيدن ۽ ڏهن هزارن حاجين ۽ ڏهن هزارن عمره ڪندڙن جو ڏنو وڃي ٿو. (غنيته الطالبين جلد 2 ص 53 مطبوعه مصر)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڏهين محرم جي روزي بابت فرمايو ته ڏهين محرم جو روزو گذريل سال جي گناهن کي ميٽي ٿو ڇڏي. (سنن ابو دائود)

حضرت ابن عباس رضه فرمائيندو هيو ته يهودين جي مخالفت ڪيو نائين ۽ ڏهين ٻنهين ڏينهن تي روزو رکو. (شعب الايمان جلد 7 ص 371)

پاڻ ڪريم ﷺ جن ڏهين محرم جو روزو رکيو ۽ ٻين کي به ان روزي رکڻ جو حڪم فرمايو دوستو عزيزو مطلب هي آهي ته محرم جي ڏينهن عاشوراءِ جي وڏي فضيلت ۽ بزرگي آهي ڇاڪاڻ ته ان ڏينهن الله

تعاليٰ موسيٰ عليه السلام سان ڪوه طور تي ڪلام فرمايو ان ڏينهن الله تعاليٰ يونس عليه السلام کي مڇيءَ جي پيٽ مان ڪڍي ٻاهر ڪيو. ان ڏينهن حضرت نوح عليه السلام جو ٻيڙو ٻني لڳو ان ڏينهن الله تعاليٰ آسمان پيدا ڪيا، جبل پيدا ڪيا. سمنڊ پيدا ڪيا قلم پيدا ڪيائين، لوح پيدا ڪيائين، حضرت آدم عليه السلام کي پيدا ڪيائين، آدم عليه السلام کي ان ڏينهن جنت ۾ داخل ڪيائين، ان ڏينهن حضرت ابراهيم عليه السلام پيدا ٿيو ان ڏينهن ابراهيم عليه السلام کي باهه کان ڇوٽڪارو مليو. ان ڏينهن ابراهيم عليه السلام کي پٽ جي عيوض کهڙ لاءِ الله تعاليٰ دنبو ڏنو الله تعاليٰ ان ڏينهن فرعون کي غرق ڪيو ۽ ان ڏينهن حضرت ايوب عليه السلام کان الله تعاليٰ بيماري ختم ڪئي ان ڏينهن آدم عليه السلام جي توبه قبول ڪئي وئي ۽ ان ڏينهن حضرت عيسيٰ عليه السلام ڇاڙيو ۽ ان ڏينهن قيامت قائم ٿيندي. (ما ثبت بالسنة ص ١٩)

اهو ئي ڏينهن هو جو حضور اڪرم ﷺ جن جو پيارو ڏهٽو حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه) ميدان ڪربلا عراق ۾ شهيد ٿيو. دوستو سيدنا امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت جو واقعو نهايت ئي دردناڪ ۽ دل ڏاريندڙ آهي 15 رجب سن 60هه ۾ حضرت امير معاويه رضي الله تعاليٰ عنه جي وفات بعد يزيد تخت تي ويٺو يزيد ظالم ۽ اڻ سڌريل هيو تنهنڪري حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه ۽ ان جي ساٿين يزيد جي بيعت کان انڪار ڪيو امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه فرمايائون ته ا ڪڏهن به يزيد پليد جي بيعت نه ڪندس ڇو ته هو بي دين آهي، مدينو ڇڏي مڪي رهيا ته جيئن مڪو امن جي جاءِ آهي اتي امن سان ويهي الله جي عبادت ڪندس مڪي جا ماڻهو خوش ٿيا ۽ فيض حاصل ڪرڻ لڳا هوڏانهن عراقين جا مسلسل خطن مٿان خط اچڻ لڳا جن ۾ لکيل هيو ته توهان اسان جا امام آهيو اسان توهان جي والد گرامي جا ۽ اوهان جا شيعه

آهيون، اوهان تان جان مال ۽ اولاد قربان ڪرڻ لاءِ تيار آهيون اوهان هيڏي اچو اسان جي رهبري ۽ رهنمائي ڪيو. (پڙهي ڏسو شيعن جا معتبر ڪتاب ناسخ التواريخ ج 2 ص 31، جلاء العيون فارسي ص 356، بحار الانوار اردو ج 1 ص 155،156)

ڪوفين خط لکيا وچ وجهي الله
تہ اسين تابع تنهنجا تون اسانجو شاهہ
هيڪر هيڏي آءُ تہ تخت تابعي تنهنجي

عراقين يزيد جي بي دين زاني ۽ شرابي هجڻ جا واقعا لکي پرزور اپيلون ڪيون ايترو بہ لکيائون تہ جيڪڏهن اڄ اوهان اسان جي رهبري ۽ رهنمائي نہ ڪئي تہ آخرت ۾ اسان اوهان هٿان دانهينداسين لڳاتار خط اچڻ لڳا آخر حضرت امام حسين رضي الله تعالىٰ عنه ڪوفي جا حالات معلوم ڪرڻ لاءِ پنهنجي سوٽ حضرت مسلم بن عقيل کي پنهنجو نائب بڻائي موڪليو امام مسلم ڪوفي پهتو تہ اتان جي ماڻهن سندس وڏي تعظيم ۽ توقير ڪئي وڏي محبت منجهان بيعت ڪئي، بيعت ڪرڻ وارن جو تعداد ارڙهن هزار ٻڌايو وڃي ٿو امام مسلم سيدنا امام حسين ڏانهن ڪوفين جي پيار محبت ۽ بيعت جو سمورو احوال لکي موڪليو ۽ ان ۾ اهو بہ لکيو تہ اوهان جلد اچو هوڏانهن يزيد پليد کي ان سڀ حالات جي خبر پئجي وئي هن فورا ڪوفي جي گورنر نعمان بن بشير کي هٽائي ان جي جاءِ تي عبيدالله بن زياد کي گورنر ڪري سخت هدايتون ڏئي موڪليو جيڪو نهايت جابر، ظالم ۽ بي رحم هيو ان اچڻ سان ئي ڪوفي وارن کي ڌمڪايو ديجاريو قتل جون ڌمڪيون ڏئي امام مسلم جي ساٿ ڇڏڻ لاءِ مجبور ڪيو ڪوفي بي وفا ۽ غدار بڻجي ويا، امام مسلم جو پاسو ڇڏي ابن زياد جا ساٿي بڻجي بيٺا، ابن زاد لعين امام مسلم کي سندس ٻن پٽن سميت شهيد ڪرائي ڇڏيو. جيئن ئي امام حسين رضہ کي حضرت امام مسلم جو خط پهتو جنهن ۾ ڪوفين جي محبت، الفت ۽ جانثاري جو ذڪر

لکيل هو تہ امام حسين ڪوفي لاءِ تيار ٿي مکي مان نڪتا. دوستن احبابن ۽ محبت وارن ڪوفي وڃڻ کان منع ڪئي پاڻ انهن کي ڪوفين جا خط ڏيکاري فرمايائون تہ جيڪڏهن اڄ مون حق ۽ سچ جو ساٿ نہ ڏنو تہ قيامت جي ڏينهن الله اڳيان ڪهڙو جواب ڏيندس؟ اٺين ذوالحج تي مکي کان پنهنجي ٻاهتر جانثارن سان گڏ ڪوفي ڏانهن روانا ٿيا جنهن ۾ امام حسين جا پائيتا ۽ پاٺيجا ۽ بنو عبدالمطلب جا ماڻهو شامل هئا پاڻ اڃا رستي ۾ هئا تہ ڪين ڪوفين جي بي وفائي غداري ۽ امام مسلم جي شهادت جي خبر ملي اڪين مان لڙڪ ڪريا اناالله وانا اليه راجعون پڙهيائون. قافلو هلندو رهيو جڏهن ڪربلا جي قريب آيا تہ ابن زياد جي فوج جو هڪ جٿو جيڪو هزار فوجين تي مشتمل هو ان جو سالار حربن يزيد هيو انهن سندن رستو روڪيو پڇا ڪيائون تہ هن زمين جو نالو ڇا آهي؟ جيو ويو ڪربلا پاڻ فرمايائون ڪرب و بلا ڏک ۽ مصيبتن واري سر زمين پوءِ اتي کيما کوڙيائون.

ڪربلا جي پٽ ۾ خيما کوڙيائون
جهيڙو يزيد سامهون جنبي جوڙيائون
منهن نہ موڙيائون پسي تاءُ ترار جو

امام عالي مقام حر کي ڪوفين جا لکيل خط ڏيکاريا ۽ چيو تہ وفا ۽ جانثاري جا واعده وچن ڪري گهرايو ويو آهي ان چيو مون کي ان حقيقت حال جي ڪا بہ خبر نہ آهي، نماز جو وقت ٿيو حر حضرت امام حسين رضہ جي پويان نماز ادا ڪئي، يزيدي فوجون جمع ٿيڻ لڳيون. هر طرف کان آواز اچڻ لڳو تہ اي حسين يزيد جي بيعت ڪر جيڪڏهن پنهنجو خير گهرين ٿو حضرت علي المرتضيٰ شير خدا جي ٻچڙي جواب ڏنو سر تہ ڪٽجي سگهي ٿو مگر باطل اڳيان جهڪي نٿو سگهي.

غلامانِ محمدؐ جان دینے سے نہیں ڈرتے
سر کٹ جائے یا رہ جائے کچھ پروا نہیں کرتے

يزيدين حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه تي ستم ۽ ظلم جي انتها ڪري ڇڏي، پاڻي بند ڪيو ويو فرات ندي تي سخت نظر رکي وئي جيئن اهل بت ڪي پاڻي جو هڪ ڏڪ بہ نہ ملي سگهي.

ننڍڙا ٻچڙا معصوم ٻار اڃ سبب روئڻ لڳا:

ڪوفي ڪربلا ۾ پاڻي نہ پيارين
اتي عليءَ شاه ڪي شهزادا سارين
نڪريو نهارين ڇڙهه مير محمد ﷺ عربي

نائين جو ڏينهن ڏهين جي رات اچي وئي ساري رات الله جي عبادت ۾ گذاريائون. سائين ڪي صبر جي تلقين ڪيائون ڏهين محرم جي ڏينهن امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه ڪوفين اڳيان اچي تقرير ڪندي فرمايائون اي ڪوفيو مان اوهان جي نبي جو نواسو آهيان مان حسين بن علي آهيان منهنجو نانو نبي آهي بابو علي شير خدا آهي امان زهريٰ آهي منهنجو چاچو جعفر طيار آهي مان اهو آهيان جنهن سان رسول اڪرم ﷺ پيار ڪندو هيو ڪلهن مبارڪ تي کڻي گهمائيندو هو فرمائيندا هئا حسن ۽ حسين جنت جي جوانن جا سردار آهن. ڇا توهان ڪي مون سان جنگ ڪرڻ نهي تي رسول الله ﷺ جن جي اڳيان ڪهڙو ڪنڌ کڻي اٿندئو توهان منهنجي رت هارڻ ۾ الله ڪان ڊڄو سندن دل ڏاريندڙ تقرير جو ظالمن تي ڪو اثر نہ پيو شهر ملعوَن چوڻ لڳو تہ اسان اوهان جي تقرير ٻڌڻ ڪو نہ آيا آهيون يزيد جي بيعت مڃ يا جنگ لاءِ تيار ٿي، فرمايائون يزيد پليت آهي ان جي بيعت نٿو ڪري سگهان جان ڏيڻ قبول آهي جنگ ڪرڻ قبول آهي مگر ڪنهن فاسق اڳيان جهڪي پوان اهو ناممڪن آهي. جن يزيد جنهن اول سندن رستو روڪيو هيو اهو يزيدي فوج مان نڪري آيو عرض ڪيائين سائين مان اوهان ڪان معافي جو طلبگار آهيان، مان اوهان جو خادم ۽ غلام آهيان، انهن جي نيتن، ڌوڪي ۽ فريب جي خبر مون کي نہ هئي، قدمن تي ڪري معافي وٺڻ لڳو ۽ چوڻ لڳو هي سر اوهان تان گهور آهي اٿين ڇٽي

يزيدين مٿان ڪڙڪي پيو.

حر هلي آيو مانجهي مردانو
آهيان عاشق اڳ جو پتنگ پروانو
هي سر سامانو گهوٽ مٿاهون گهوريان

وڏي بهادري سان جنگ ڪيائين ۽ شهادت ماڻيائين پوءِ امام جا ساٿي هڪ هڪ ٿيندي شهادت ماڻيندا ويا فرزند، ڀائيٽا ۽ ڀاڻيجا هڪ ٻئي جي پٺيان حيدري قوت جا جوهر ڏيکاريندي يزيدين کي قتل ڪندي ڪندي شهادت جو جام پيئائيون.

هاڻي امام حسين رضہ اڪيلو رهجي ويو خيمي ۾ آيو ۽ اهل بيتن کي ماتم ڪرڻ کان منع ڪري صبر جو درس ڏنائون پوءِ جنگ جا اوزار پهري حيدري حشمت ۽ قوت سان دشمنن مٿان شير وانگر حملو ڪيائون وڏي دليري سان لڙندي ڪوفين جا ڌڙ سسيءَ کان جدا ڪندي ڪين جهنم رسيد ڪيائين، امام پاڪ جي چوڌاري دشمنن حملو ڪيو هر طرف کان تيرن ۽ نيزن جي بارش وسڻ لڳي هڪ بدبخت جي نيزي سندن جسم کي گهائي وڌو زخمي ٿي سواري کان هيٺ آيا، سندن گلاب جي گلن کان وڌيڪ نازڪ جسمَ رتو رت ٿي پيو. زخمن سان چور چور هيا، سندن رت ڪربلا جي ريت کي رنگين بڻائي ڇڏيو:

خون نے جس کی دو عالم میں اجالا کردیا
مرتبہ اسلام کا جس نے دوبالا کردیا

شمر ملعون سيني مبارڪ تي چڙهي ويٺو شمر کي چيائون اي ملعون اڄ جمعي جو ڏينهن آهي خدا جو فرض ادا ڪرڻ ڏي.

اے شمر ٹھرو ذرا سجدہ تو کرلینے دے
حق کا کروں شکر ادا سجدہ تو کرلینے دے
حق پہ ہوا ہوں فدا شکر تو کرلوں ادا
سینے سے تو ہو جا جدا سجدہ تو کرلینے دے

لوٹنا تو گھر میرا کرنا تو سر میرا جدا
پھر مجھے اس دم ذرا سجدہ تو کرلینے دے
ہے میرا وقت اخیر سینے سے ہٹ جا اے شریر
قتل میں جلدی ہے کیا، سجدہ تو کرلینے دے
پانی نہیں ہوں مانگتا، کرتا نہیں تیری گلا
اتنی ہے تجھ سے التجا، سجدہ تو کرلینے دے
ہلتا تھا عرش بریں، کانپتی تھی سب زمین
دیتے تھے جب یہ صدا، سجدہ تو کرلینے دے

اهو فرمان ٻڌي حضرت حسين رضہ جي سيني مبارڪ تان شمر پليد هيٺ لٿو ته امام علي مقام فورا پنهنجو سر مبارڪ زمين تي سجدي ۾ رکيو، پاڻ سجدي جي حالت ۾ هئا ته پليد سندن سر مبارڪ تن کان جدا ڪري ڇڏيو. اِنَّا لِلّٰهِ وَاِنَّآ اِلَيْهِ رَاجِعُوْنَ.

شمر مست تھا تلوار کے وار میں
حسین مست تھا دیدار یار میں

اهو حال ڏسي فرشتا، چرچ ۾ پئجي ويا ته اهڙو عبادت گذاره الله جو بندو اسان روئي زمين ۾ نه ڏٺو سون نه ٻڌوسون جو تلوارن جي ڇانو ۾ به الله کي سجدو ڪري رهيو آهي. سبحان الله.

اس کی ہمت پر علی شیر خدا کو ناز ہے
اس نواسے پر محمدؐ مصطفیٰ کو ناز ہے
سجدے تو سب نے کئے پر اس کا نیا انداز ہے
اس نے وہ سجدہ کیا جس پر خدا ناز ہے

دوستو امام علي مقام حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه جو قرآن پاڪ سان عشق ۽ محبت ته ڏسو جو سر مبارڪ نيزي تي آهي ته به قرآن پاڪ جي تلاوت جاري آهي حضور اڪرم ﷺ جو فرمان مبارڪ آهي ته سيد قرآن کان جدا نه هوندو ۽ قرآن سيد کان جدا نه هوندو.

یوں تو پڑھنے کو سبھی قرآن پڑھتے ہیں مگر
نوک نیزہ پر سنایا فاطمہ کے لال نے
صبر کا ڈنکا بجایا فاطمہ کے لال نے
جبر کو نیچا دکھایا فاطمہ کے لال نے

دوستو:

جس نے حق کربلا میں ادا کردیا
اپنے نانا کا وعدہ وفا کردیا
گھر کا گھر سب سپرد خدا کردیا
کرلیا نوش جس نے شہادت کا جام
اس حسین ابن حیدر پہ لاکھوں سلام

حضرت سيدنا امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت ما
ڪجهه امت کي سبق ملن ٿا.

سبق1: تقيہ ڪرڻ جائز نہ آهي جيڪڏهن جائز هجي ها تہ حضرت اما
حسين رضي الله تعاليٰ عنه ان وقت ضرور تقيہ ڪن ها.

سبق2: جيڪو بہ حاڪم شريعت پاڪ جي احڪامن جي خلاف ورز
ڪري ۽ شريعت پاڪ جي موافق حڪومت نہ هلائي، بدڪردار هجي ان جو
قولا فعلا مخالفت ڪرڻ فرض آهي پلي ڇو نہ جان، مال ۽ اولاد جو نذرانہ
ڏيڻو پوي. حضور ڪريم ﷺ جن فرمايو افضل الجهاد ڪلمتہ حق عند
سلطان جائر (ڪنزل العمال ج 3 ص 30) يعني ظالم بادشاهہ کي حق چوڻ
وڏو جهاد آهي.

کٹا کر گردنیں دکھلا گئے کربلا والے
کبھی بندے کے آگے جھک نہیں سکتے خدا والے

سبق 3: ڪيڏي بہ وڏي مصيبت يا غم صدمو هجي صبر ڪرڻ گهرجي
ماتم ۽ پٽڪو نہ ڪرڻ گهرجي. شريعت ۾ نوحہ ۽ ماتم ڪرڻ جي سخت
ممانعت آهي:

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ مَسْعُوْدٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لَيْسَ مِنَّا مَنْ ضَرَبَ الْخُدُوْدَ وَشَقَّ الْجُيُوْبَ وَدَعٰى بِدَعْوَى الْجَاهِلِيَّةِ

(بخاري شريف ج 1 ص 172 مسلم مشكواة)

يعني نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو جيڪو منهن تي ڏڪ هڻي ڪپڙا ڦاڙي (يعني ماتم ڪري) ۽ جهالت (ڪفر) واريون ڳالهيون ڪري اهو اسان (جي جماعت) مان نہ آهي.

صبر و رضا کا دیگئے ہیں کربلا والے
مصیبت کے وقت میں مسکراتے ہیں خدا والے

سبق 4: نماز هر حال ۾ پڙهڻ گهرجي.

مرڻ ويلي پڻ اشارن سان پڙهڻ گهرجي ضرور
ڏس حسينؓ ڪربلا ۾ پڻ پڙهي آهي نماز

نہ مسجد میں نہ منبر میں نہ بیت اللہ کی دیواروں کے سایہ میں
نماز عشق ادا ہوتی ہے تلواروں کے سایہ میں

سبق 5: قرآن پاڪ پاڻ بہ پڙهو ۽ ٻچن ۽ اهل کي بہ پڙهايو.

تلاوت انهيءَ جي ڪيو صبح شام
پڙهڻ سان دلين کي ملي تو آرام
پڙهو پاڻ ٻچڙن کي پڙهايو قرآن
دنيا آخرت ۾ رهو منجهہ امان

دعا آهي تہ الله تعاليٰ اسان سڀني کي حسنين ڪريمين جي ڪامل محبت نصيب فرمائي ۽ مرندي وقت تائين انهن جي نقش قدم تي هلائي آمين.

وَآخِرُ دَعْوَانَا اَنِ الْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَ صَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَ اَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ

برحمتك يا ارحم الراحمين

محرم الحرام — چوٿون جمعو

فضائل قرآن شريف

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ، فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔ وَنُنَزِّلُ مِنَ الْقُرْاٰنِ مَاهُوَ شِفَاءٌ وَّرَحْمَةٌ لِّلْمُؤْمِنِيْنَ۔ (پ ١٥ سوره بني اسرائيل)

ترجمو: ۽ اسان قرآن ۾ نازل ڪريون ٿا اهو شيءِ جيڪا ايمان وارن جي لاءِ شفا ۽ رحمت آهي.

اڄوڪي تقرير جو موضوع آهي فضائل قرآن شريف. قرآن شريف الله تعاليٰ جل جلاله جو آخري آسماني ڪتاب آهي جيڪو انسان ذات جي هدايت ۽ رهنمائي لاءِ حضرت محمد ﷺ جن تي نازل ٿيو. قرآن پاڪ ۾ دين ۽ دنيا جون سڀ پلايون ۽ سڀ علم هن پاڪ ڪتاب ۾ موجود آهن.

جَمِيْعُ الْعِلْمِ فِي الْقُرْاٰنِ لٰكِنْ تَقَاصَرَ عَنْهُ اَفْهَامُ الرِّجَالِ

انسان ذات لاءِ دستور حيات آهي ۽ هي اهو نسخه شفا آهي جنهن جو پڙهڻ، ڏسڻ، جنهن جو ٻڌڻ ٻڌائڻ جنهن جو سکڻ سيکارڻ، جنهن تي عمل ڪرڻ، جنهن جي نشر اشاعت ڪرڻ دنيا ۽ آخرت ٻنهي لا ءِ وڏي سعادت آهي.

یہ منشور محمد ہے یہ ہے دستور ربانی
اسی پر دوجہاں میں ہے فلاح نوع انسانی

قرآن ڪريم جيئن ته سچو هدايت ۽ نور آهي ان ڪري جنهن ۽ قوم قرآن مجيد جي حڪمن تي عمل ڪيو ۽ الله تعاليٰ سان پنهنجو تعلق

قائم ڪيو ته ان قوم کي الله تعاليٰ هن دنيا جي اڳواڻي ۽ امامت جو اعليٰ منصب عطا ڪيو ٻين آسماني ڪتابن جي ڀيٽ ۾ قرآن شريف جو سڀ کان وڏيڪ اهم معجزو هي آهي ته قرآن پاڪ اڄ تائين پنهنجي اصلي شڪل ۽ صورت ۾ موجود آهي ۽ قيامت تائين هن جي متن ۽ اعرابن ۾ ڪوئي ماٺهو ڦير گهير نٿو ڪري سگهي جڏهن ته ٻيا آسماني ڪتاب جهڙو توريت، زبور ۽ انجيل جن ۾ ان وقت جي عالمن پنهنجي مفادن خاطر انهن ۾ ڦير ڦار ڪري ڇڏي ۽ اهي آسماني ڪتاب جنهن ٻوليءَ ۾ نازل ٿيا هئا ان ٻوليءَ ۾ انهن جو اصل نسخو دنيا جي تختي تي ڪٿي به موجود ڪونه آهي قرآن مجيد جو هي معجزو ان ڪري آهي جو الله پاڪ ان جي حفاظت جو ذمو پاڻ ڪنيو آهي. ارشاد رباني آهي:

وَاِنَّا نَحْنُ نَزَّلْنَا الذِّكْرَ وَاِنَّا لَهٗ لَحٰفِظُوْنَ (پ ١٤ سوره حجر)

اسان قرآن کي نازل ڪيو آهي ۽ اسين ان جا محافظ (۽ نگهبان) آهيون.

پيارا ڀائرو! انصاف سان ٻڌايو الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته مان قرآن جو محافظ ۽ نگهبان آهيان پوءِ ان ۾ تبديلي جي شڪ شبي ڪرڻ واري کي ڇا مسلمان چئي سگهجي ٿو؟ نه يقينا نه. ته پوءِ ميڄو پوندو ته قرآن پاڪ جهڙي صورت ۾ لوح محفوظ ۾ آهي ان ئي صورت ۾ اڄ اسان وٽ موجود آهي يعني اهو اڄ تائين پنهنجي اصلي صورت ۾ موجود آهي ۽ قيامت تائين هر قسم جي تحريف ۽ ڦير ڦارڪان محفوظ رهندو.

قرآن ڪريم اڄ کان اٽڪل چوڏهن سو سال اڳ دنيا وارن کي چيلينج ڪيو هو ته توهان کي جيڪڏهن هن ڪتاب متعلق اهو شڪ آهي ته هي الهامي ڪتاب نه آهي ته پوءِ سڄي ڪائنات جا جن ۽ انسان گڏجي ڪري هن جهڙي ڪا هڪڙي سورة ته ناهي ڏيکاريو. قرآن ڪريم چيلينج ڪرڻ سان گڏوگڏ اهو به ٻڌايو ته توهان هرگز اهو ڪم نه ڪري سگهندؤ. عرب وڏا شاعر ۽ فصيح اللسان هئا ۽ انهن کي پنهنجي زبان داني تي وڏو فخر ۽ ناز هو، جڏهن قرآن شريف نازل ٿيو ته هڪ ڏينهن هڪ صحابي قرآن

پاڪ جي ننڍڙي سورة (سورة ڪوثر لکي ڪعبت الله شريف جي پٽ تي هڻ
آيو جڏهن هڪڙي شاعر جو اتان گذر ٿيو ۽ اها سورة پڙهيائين ته عاجزتي ا
جي هيٺان لکيائين. ما هذا قول البشر يعني هي ڪنهن انسان جو ڪلام
آهي. انهن قرآن جي زبان ۽ ان جي انداز بيان جو مقابلو ڪيو پر ناڪام
رهيا. قرآن مجيد واحد ڪتاب آهي جنهن جي تلاوت دنيا ۾ گهڙي گهڙي ڪا
گهڙي ٿي رهي آهي ان جي الفاظن ۾ اهڙي ته لذت آهي جو بار بار ان کي
پڙهيو وڃي ته ڪڏهن به دل پريشان ۽ تنگ نه ٿيندي بلڪ دل کي راحت روح
کي سڪون پيو ملندو اها دل جيڪا قرآن شريف کان خالي آهي اها دل الله
پاڪ جي رحمت کان خالي آهي چو ته دل جي آبادي ايمان ۽ قرآن پاڪ جي
پڙهڻ سان آهي ٻيا آسماني ڪتاب جن به ٻولين ۾ نازل ٿيا انهن ٻولين جا
ڳالهائيندڙ هن وقت دنيا ۾ ڪٿي به موجود نه آهن ان جي ڀيٽ ۾ قرآن
ڪريم جنهن ٻوليءَ (عربي) ۾ نازل ٿيو ان جا ڳالهائيندڙ ۽ سمجهندڙ هن
وقت به ڪروڙن جي تعداد ۾ موجود آهن ٻيو ڪو به آسماني ڪتاب ان جي
پيروي ڪندڙن مان ڪنهن به هڪ کي برزبان ياد نه آهي ان جي ڀيٽ ۾ هن
پاڪ ڪتاب جا هزارين نه پر لکين حافظ موجود آهن. دنيا جي ڪنهن به
ڪتاب جا ٻين ٻولين ۾ ايترا ترجما نه ٿيا آهن جيترا قرآن شريف جا ترجما
ٿيا آهن دنيا ۾ شايد ڪا اهڙي علمي ۽ ادبي ٻولي هجي جنهن ۾ هن
عظيم ڪتاب جو ترجمو نه ٿيو هجي هڪ اندازي مطابق صرف اردو زبان ۾
قرآن شريف جا ٽن چئن سون جي لڳ ڀڳ ترجما ٿي چڪا آهن قرآن مجيد
فرقان حميد ڪانسواءِ دنيا جي ٻئي ڪنهن به ڪتاب جون ايتريون شرحون
لغتون ۽ ان جي علوم ۽ فنون متعلق ايڏا وڏا ڪتاب نه لکيا ويا آهن جيترا
هن پاڪ ڪلام متعلق لکيا ويا آهن انهن ڪتابن جو جيڪڏهن شمار ڪيو
وڃي ته انهن جو تعداد لکن تائين پهچي ويندو الله جي هن ڪلام کي هر
ڪلام تي اهڙي فضيلت حاصل آهي جيئن الله کي پنهنجي مخلوق تي.
دوستو مون جيڪو آيت شريف جو ٽڪرو پڙهيو آهي ان ۾ الله پاڪ قرآن

شريف جون ٻہ وصفون ذکر فرمايون آهن. (1) شفا، (2) رحمت، شفا ٻن طريقن سان آهي، ظاهري شفا، ظاهري بيمارين کان بہ هي قرآن شريف شفا آهي ٻيو باطني شفا باطني بيمارين کان بہ هي قرآن شريف شفا آهي باطني بيماريون جيئن شرڪ، ڪفر، نفاق ۽ حسد وغيره.

اهو مومنن لاءِ آهي شفا

انهيءَ ۾ آ دردن جو دارون دوا.

ٻئي وصف الله پاڪ ذکر فرمائي آهي تہ هي قرآن رحمت بہ آهي يعني جيڪڏهن هن قرآن شريف تي انسان عمل ڪندو تہ الله پاڪ جي ان جي مٿان رحمت ٿيندي پوءِ قرآن شريف ميت لاءِ دنيا ۾ بہ رحمت آهي تہ قبر حشر ۾ بہ. جيئن جي لاءِ بہ رحمت ۽ شفا آهي تہ مردن لاءِ بہ رحمت ۽ شفا آهي پوءِ جيڪڏهن ڪنهن مومن قرآن پاڪ پڙهي يا مومن ميت لاءِ ثواب جي نيت سان بخش ڪرايو تہ ڪيس عذاب کان نجات حاصل ٿيندي حديث پاڪ آهي تہ جنهن گهر ۾ قرآن شريف پڙهيو ويندو آهي ان گهر ۾ خدا جي رحمت پئي وسندي آهي ۽ خدا جا ملائڪ آسمان تان لهي اهو قرآن شريف ٻڌندا آهن. ڪنهن صحابيءَ ڪنهن جاءِ تي تنبو هنيو حالانڪ اتي قبر هئي جيڪا ڊهي چڪي هئي صحابيءَ کي قبر جي خبر ڪو نہ هئي هن جو ڪلو ٺوڪيو تہ قبر اندر پوري هئي ڏرڙ دريءَ نموني ٿي پيو ڏسي تہ هڪ شخص آهي جو سورة تبارڪ الذي ٿو پڙهي تانتہ اها سورة سڄي ان شخص پوري ڪئي پوءِ اچي ڪري حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي اها حقيقت عرض ڪيائين حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ اها سوره الله پاڪ جي عذاب کان ڇوٽڪارو ڏيندڙ آهي دوستو عزيزو جيڪو قرآن شريف کي پڙهندو ۽ ان تي عمل ڪندو تہ ان جي دنيا بہ ڀلي تہ قبر بہ ڀلي ۽ آخرت بہ ڀلي ٿيندي حديث شريف ۾ آهي تہ خَيْرُكُمْ مَنْ تَعَلَّمَ الْقُرْاٰنَ وَعَلَّمَهٗ (مشڪواه شريف ص 183) يعني حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ توهان مان ڀلو اهو آهي جنهن قرآن کي پڙهيو ۽ پڙهايو.

حديث شريف ۾ آهي تہ قرآن شريف جو هڪ حرف پڙهڻ ڪري الل
پاڪ ان کي آخرت ۾ ڏهن نيڪين جو ثواب ٿو ڏئي. حضرت نبي ڪريم
ﷺ جن فرمايو تہ آءُ ائين نٿو چوان تہ الم هڪ حرف آهي بلڪ الف جدا
حرف آهي لام جدا حرف آهي ۽ ميم جدا حرف آهي.

علماءِ ڪرام فرمايو آهي ۽ مشڪوات شريف جي حاشيہ ۾ موجود
آهي تہ جيڪو الم پڙهي ان کي نوي نيڪيون ملنديون. الف ۾ ٽي حرف
آهن ۽ هر حرف سان ڏهہ نيڪيون ان حساب سان الف پڙهڻ ۾ ٽيهہ نيڪيون
ملنديون اهڙي طرح لام ۾ ٽي حرف آهن انهيءَ سان ٽيهہ نيڪيون ملنديون
۽ ميم ۾ بہ ٽي حرف آهن ۽ ميم چوڻ سان ٽيهہ نيڪيون ملنديون تونٽل
ڪجي تہ نوي ٿي پوندو. سبحان الله:

ڪتابن جو قرآن سردار آ
اڪر ان جي هر هڪ ۾ اسرار آ

غور ڪريو. جڏهن الم پڙهڻ سان نوي نيڪيون ملن ٿيون تہ پو
پوري قرآن شريف پڙهڻ سان ايتريون نيڪيون ملنديون جن جو شمار ڪرڻ
وس کان ٻاهر آهي حديث شريف ۾ اچي ٿو تہ قران شريف جي پڙهندڙ کي چيو
ويندو تہ قرآن شريف پڙهندو وڃ ۽ جنت جي درجن ۾ بلند ٿيندو وڃ ۽ قرآن
ائين آهستي آهستي پڙهہ جيئن دنيا ۾ پڙهندو هئين پوءِ تنهنجي جنت ۾
اها جاءِ آهي جتي قرآن شريف جي پوئين آيت پڙهي بس ڪندين. حديث ۾
اچي ٿو تہ قرآن شريف ۾ جيتريون بہ آيتون آهن جنت ۾ اوترائي درجا آهن
پوءِ جنهن سڄي قرآن کي علم ۽ عمل سان لازم ڪيو اهو جنت جي سڀني
درجن جو والي ٿيندو ڪلام پاڪ جون آيتون جيڪي لفظن جي صورت ۾
نظر اچن ٿيون بهشت ۾ اهي آيتون باغن ۽ بستانن جي شڪل ۾ نظر
اينديون الفاظ يا قوتن، مرجانن ۽ موتين جي صورت اختيار ڪندا
مشڪواه شريف ۾ روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو تہ
جنهن شخص قرآن ڪريم پڙهيو ۽ ان تي عمل بہ ڪيو تہ (قرآن ڪريم جي

برڪت سان) سندس پيءُ ماءُ کي قيامت جي ڏينهن اهڙو تاج پهرايو ويندو جنهن جي روشني سج جي روشني کان وڌيڪ هوندي پوءِ جيڪڏهن سج اوهان جي گهرن ۾ هجي (تہ اوهان جا گهر ڪيترو نہ چمڪندا ۽ روشن رهندا) اوهان ڇا ٿا سمجهو والدين جن پنهنجي ٻچي کي قرآن پڙهايو تہ ڪين نوراني تاج پهرايو وڃي ٿو (مشڪواه شريف ص 186).

تہ پوءِ خود پڙهندڙ ۽ قرآن تي عمل ڪندڙ کي ڪيترو نہ وڏو درجو ملندو. افسوس سان چوڻو ٿو پوي تہ اڄ ڪلھ قرآن مجيد پڙهڻ جو ذوق شوق ۽ مٿس عمل ڪرڻ جو جذبو اِسانِ مانِ گهٽجي ويو آهي. قران پاڪ کي سينگاري رومال ۾ گل وجهي تہ رکون ٿا پڙڪولي ان کي پڙهڻ ۾ تڪليف ٿا سمجهون ۽ ان جي پڙهڻ لاءِ وقت ڪو نہ ٿو ملي، مگر ڪوڙن قصن ڪهاڻين خراب ناولن ۽ سينما جي رسالن جو شوق بہ آهي ۽ پڙهڻ جو وقت بہ ملي ٿو الله تعاليٰ سمجھ ۽ هدايت ڏي. دوستو قرآن ڪريم دلين جي لاءِ مسرت، آرام، سڪون ۽ راحت آهي ۽ ان ۾ انسان جي ڏکن ڏولاڻن مسئلن ۽ مشڪلاتن کي دور ۽ دفع ڪرڻ جو بهترين سامان موجود آهي انسانن جون دليون گناھ سبب ڪٽجي وڃن ٿيون جيئن لوھ پاڻي پوڻ سان ڪٽجي ويندو آهي عرض ڪيو ويو تہ يا رسول الله ﷺ دلين کي پاڪ ۽ صاف ڪرڻ جو ڪهڙو طريقو آهي؟ پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو موت کي ياد ڪرڻ ۽ ڪثرت سان قرآن ڪريم جي تلاوت ڪرڻ سان.

تلاوت ۾ آهن وڏيون برڪتون
تلاوت ۾ راحت رسن رحمتون

ڪيترين حديثن ۾ هي ڳالھ بہ بيان ٿيل آهي تہ قرآن ڪريم ۾ ان جون سورتون الله تعاليٰ جي دربار ۾ پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري جي لاءِ جهڳڙو (زوردار سفارش) ڪنديون ۽ ان جي بخشش ۽ ڇوٽڪاري لاءِ اصرار ڪندي چونديون اي پروردگار جيڪڏهن مان تنهنجي ڪتابن منجهان ڪا سوره آهيان تہ پوءِ تلاوت ڪرڻ واري جي حق ۾ منهنجي شفاعت قبول

فرماءِ ورنہ مون کي ڪتاب اللہ مان مٿائي ڇڏ. پوءِ خدا جي درٻار مان ان ٻانهي لاءِ رحمت ۽ مغفرت جو پروانو جاري ٿي ويندو ۽ ڪي سورتون پنهنجي تلاوت ڪرڻ واري کي عذاب کان بچائڻ لاءِ ان مٿان اهڙي طرح ڇائنجي وينديون جيئن ڪوئي پکي پنهنجي ٻچن جي مٿان پنهنجا پر وڇائي ڪري انهن جي حفاظت ڪندو آهي. (مشڪواه 189)

تلاوت انهيءَ جي ڪيو صحيح شام
پڙهڻ سان ملي ٿو دلين کي آرام

حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن آخري زماني ۾ ماڻهو سڀ قرآن شريف کان پنيرا ٿيندا ۽ قرآن شريف جي ڪوبہ عزت ۽ عمل ڪرڻ وارو ڪونہ هوندو تہ اهي قرآن شريف جا سڀ نسخا اڏري خدا جي عرش جي چوڌاري ماڪيءَ جي پٽڪاٽ وانگر عرض ڪندا تہ اي اسان جا موليٰ جن ماڻهن ڏانهن اسان کي موڪليو هيئي انهن اسان جي عزت ڪونہ ڪئي تنهنڪري اسان کي پاڻ وٽ رک ڌرتيءَ تي نہ موڪل. اللہ پاڪ کي غصو ايندو سڀ قرآن شريف دنيا مان اڏري ويندا ۽ حافظن جي دلين مان بہ قرآن شريف نڪري ويندو پوءِ اللہ پاڪ قيامت قائم ڪندو پر جيستائين دنيا ۾ قرآن شريف پڙهڻ وارا هوندا تہ اللہ پاڪ قيامت قائم نہ ڪندو بلڪ حديث شريف ۾ آهي تہ جڏهن اللہ پاڪ ڪنهن ڳوٺ تي عذاب جو ارادو فرمائيندو آهي جيڪڏهن ان ڳوٺ ۾ ڪو ٻار سورة الحمد پڙهندو آهي تہ اللہ پاڪ ان سورة جي برڪت سان چاليهہ سال عذاب ٽاري ڇڏيندو آهي.

انهيءَ ۾ هدايت ۽ جنت جي راهہ
پڙهڻ ساڻ ان جي ٿا مٽجن گناهہ

ٻچڙن کي ڪنهن صحيح عقيدي يعني سني عالم ۽ حافظ وٽ پڙهايو. منهنجا پيارو وقت گهٽو گذري چڪو آهي دعا آهي تہ اللہ تعاليٰ اسان کي قرآن شريف پڙهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

وما علينا الا البلاغ المبين

صفر المظفر

پهريون جمعو

توحيد ۽ شرڪ جي معنيٰ ۽ حقيقت

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّیْ وَنُسَلِّمُ عَلٰی رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ اَمَّا بَعْدُ، فَقَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰی فِی الْقُرْاٰنِ الْمَجِيْدِ وَالْفُرْقَانِ الْحَمِيْدِ، اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ، اِنَّ اللّٰهَ لَا يَغْفِرُ اَنْ يُّشْرَكَ بِهٖ وَيَغْفِرُ مَادُوْنَ ذٰلِكَ لِمَنْ يَّشَاءُ وَمَنْ يُّشْرِكْ بِاللّٰهِ فَقَدْ ضَلَّ ضَلٰلًا بَعِيْدًا (سوره نساء پ ٥ ع ١٥)

ترجمو: بيشڪ الله شرڪ ڪرڻ کي نہ بخشيندو آهي ۽ شرڪ کانسواءِ جنهن کي چاهيندو آهي بخشيندو آهي ۽ جنهن الله تعاليٰ سان شرڪ ڪيو سو (الله تعاليٰ جي رحمت کان) پري ٿي ويو.

محترم حضرات، اڄ مون توحيد ۽ شرڪ جي معنيٰ ۽ حقيقت جي موضوع تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو.

☆ توحيد

الله تعاليٰ کي پنهنجي ذات ۽ صفات ۾ وحده لاشريڪ ڪري مڃڻ کي توحيد چئبو آهي يعني الله کانسواءِ ٻئي کي الله نہ مڃڻ اها توحيد آهي.

☆ شرڪ

الله تعاليٰ کانسواءِ ٻئي کي الله ڪري مڃڻ يعني الله تعاليٰ کانسواءِ ڪنهن ٻئي (غير الله) جي عبادت ڪرڻ يا ان کي عبادت جو مستحق سمجهڻ شرڪ آهي، توحيد شرڪ جو ضد آهي. الحمدلله سني مسلمان مومن شرڪ کان پاڪ ۽ صاف آهن بلاوجہ ڪنهن مسلمان کي مشرڪ چوڻ جهالت ۽ قرآن ۽ حديث کان بي خبري جو ثبوت آهي.

مسلمان مومن عبادت فقط الله تعاليٰ جي ئي ڪندا آهن ۽ ان کي ئي عبادت جو مسحق ڄاڻندا آهن. ان جي ذات ۽ صفات ۾ ڪنهن کي بہ شريڪ نہ ڪندا آهن. نبي ۽ وليءَ جي تعظيم ڪندا آهن. تعظيم ۽ عبادت ۾ فرق نہ سمجهڻ ٻنهي لاءِ هڪ ئي حڪم لاڳو ڪرڻ ناداني ۽ بي علمي جو ثبوت آهي

ديوبندين وٽ تہ نبي ڪريم ﷺ جن جو هر ڪمال، تعظيم ۽ عظمت شرڪ آهي.

شرک ٹھرے جس میں تعظیم حبیب
اس برے مذہب پہ لعنت کیجئے

مڪي جا مشرڪ پنهنجي هٿن سان ٺاهيل بتن کي الله سمجهندا هئا ۽ انهن جي عبادت ڪندا هئا ۽ ڪين (بتن کيٰ) الله تعاليٰ جي الوهيت ۾ شريڪ سمجهندا هئا. ڪي وري جنن پوتن کي الله تعاليٰ جو شريڪ ٻڌائيندا هئا. عزيز دوستو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي هن دنيا ۾ تشريف فرما ٿيڻ وقت الله تعاليٰ جي ذات ۽ صفات بابت هن دنيا ۾ رهندڙن جا عجيب ۽ غريب خيالات ۽ اعتقادات هوندا هئا عيسائي حضرت عيسيٰ عليه السلام کي خدا جو پٽ ڪري مڃيندا هئا. مجوسي (آتش پرست) وري بہ خدا ڪري مڃيندا هئا هڪ خير جو خالق تہ ٻيو شر جو خالق نعوذ بالله من ذالك قرآن پاڪ شرڪيہ عقائد جي سخت مذمت فرمائي آهي.

ان ڪري مون اوهان جي خدمت ۾ سوره نساءَ مان هڪ آيت ڪريمہ تلاوت ڪئي آهي هن آيت ڪريم مان بہ ڳالهيون معلوم ٿين ٿيون هڪ تہ مشرڪ جي لاءِ الله تعاليٰ وٽ بخشش نہ آهي يعني جيڪو شرڪ جي حالت ۾ مري ويو ان جي هرگز بخشش نہ ٿيندي، ٻي ڳالھ تہ الله تعاليٰ مشرڪ جي نہ بخشڻ جو سبب بہ ٻڌايو گناھ جا ڪيترائي قسم آهن جهڙوڪ زنا، چوري ڌاڙو، ناحق ڪنهن مسلمان کي قتل ڪرڻ وغيره وغيره اهي سڀ گناھ شرڪ

واري گناهہ کان گهٽ آهن تنهنڪري اهڙن گناهن جي بخشش ٿي سگهي ٿي مگر شرڪ اهڙو وڏو گناهہ آهي جو ان جي بخشش نہ ٿي ٿي سگهي ڇو تہ شرڪ الله تعاليٰ جي لاءِ غيرت جو مسئلو آهي ياد رکو الله تعاليٰ مشرڪن جي لاءِ جيئن بخشش کي حرام ڪيو آهي تيئن انهن جي لاءِ جنت کي بہ حرام ڪيو اٿائين فرمايائين:

إِنَّهُ مَنْ يُشْرِكْ بِاللَّهِ فَقَدْ حَرَّمَ اللَّهُ عَلَيْهِ الْجَنَّةَ وَمَأْوَاهُ النَّارُ (سوره مائده پ 6 ع 10)

جيڪو بہ الله تعاليٰ سان شرڪ ڪندو تنهن جي مٿان الله تعاليٰ جنت کي حرام ڪيو آهي ۽ تنهن جي رهائش جي جاءِ جهنم آهي.

معلوم ٿيو تہ مشرڪ جي مٿان رب العالمين جو سخت ڏمر آهي تنهنڪري بخشش جون سڀ واٽون ان جي لاءِ بند آهن. مشرڪ جي لاءِ الله تعاليٰ فرمايو آهي:

إِنَّمَا الْمُشْرِكُونَ نَجَسٌ (سوره توبه پ ١٠ ع ٤)

مشرڪ ئي رڳو پليت آهن

قرآن پاڪ جي اندر سيدنا ابراهيم عليه السلام جو قصو شرڪ جي رد ۾ بيان ڪيو ويو آهي جنهن ۾ شرڪ جي حقيقت کي پوري پوري روشني وڌي وئي آهي. حضرت ابراهيم عليه السلام جڏهن بتن کي ٽڪرا ڪري ڇڏيو ۽ ڪهاڙو وڏي بت جي ڪلهي تي رکي ڇڏيو تہ مشرڪن حضرت ابراهيم عليه السلام کان پڇيو تہ انسان جي خدائن سان هي ڪم ڪنهن ڪيو آهي:

قَالَ بَلْ فَعَلَهُ كَبِيرُهُمْ هَٰذَا فَاسْأَلُوهُمْ إِنْ كَانُوا يَنْطِقُونَ

(پ ١٧ سورة الانبياء ع ٥)

فرمايائين بلڪ انهن جي هن وڏي ڪيو هوندو پوءِ انهن کان پڇو جيڪڏهن ڳالهائيندا هجن. مشرڪن پنهنجي دل ۾ سوچي چيو ما هٰؤلاءِ ينطقون هي ڳالهائيندا نہ آهن قَالَ أَفَتَعْبُدُونَ مِنْ دُونِ اللَّهِ مَا لَا

يَنفَعُكُمْ شَيْئاً وَّلَا يَضُرُّكُمْ اُفٍّ لَّكُمْ وَلِمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ اَفَلَا تَعْقِلُوْنَ چيائين پوءِ ڇا الله کانسواءِ اهڙي جي پوڄا ڪيو ٿا جيڪو نه توهان کي نفعو ڏي ۽ نه نقصان پهچائي تف هجي توهان تي ۽ توهان جي بتن تي جن کي الله کانسواءِ پوڄيندا آهيو پوءِ ڇا توهان کي عقل نه آهي.

اِنَّكُمْ وَمَا تَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ حَصَبُ جَهَنَّمَ اَنْتُمْ لَهَا وَارِدُوْنَ (پ ١٧ سوره انبياء ع ٧)

بيشڪ توهان ۽ جو ڪجھ الله کانسواءِ پوڄيو ٿا سمورا جهنم جو ٻارڻ آهيو توهان کي ان ۾ وڃڻو آهي.

قُلْ اَتَعْبُدُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ مَالَا يَمْلِكُ لَكُمْ ضَرًّا وَّلَا نَفْعًا (پ ٦ سوره مائده ع ١٠)

توهان فرمايو ڇا الله کانسواءِ اهڙي جي پوڄا ڪيو ٿا جو توهان جي نقصان جو مالڪ آهي نه نفعي جو.

اِنَّ الَّذِيْنَ تَدْعُوْنَ مِنْ دُوْنِ اللّٰهِ لَنْ يَّخْلُقُوْا ذُبَابًا (سورة الحج پ ١٧ ع ١٠)

اهي جن جي الله کانسواءِ توهان پوڄا ڪريو ٿا اهي هڪ مک به ناهي نٿا سگهن.

حضرت ابراهيم عليه السلام پنهنجي چاچي کي چيو:

يَا اَبَتِ لِمَ تَعْبُدُ مَالَا يَسْمَعُ وَلَا يُبْصِرُ وَلَا يُغْنِيْ عَنْكَ شَيْئاً (پ ١٦ سوره مريم ع ٣)

اي منهنجا بابا اهڙي کي ڇو ٿو پوڄين جيڪو نه ٻڌي نه ڏسي ۽ نه تنهن جي ڪنهن ڪم اچي.

هي ڳالھ ذهن ۾ رهي ته "ابت" يا "لابيه" مان مراد پيءُ نه پر چاچو آهي ڇو ته حضرت ابراهيم عليه السلام جي چاچي جو نالو آزر هو جيڪو بت پرست هو ۽ پيءُ جو نالو تارخ هو جيڪو موحد، خدا پرست هو ڪتب لغت مان ثابت آهي ته چاچي کي به اب چيو ويندو آهي پڙهي ڏسو مفردات راغب ص 3 ۽ الحاوي للفتاويٰ ج 2 ص 202، 203)

منهنجا پيارا پائرو انهن بيان ڪيل آيتن مان ثابت ٿيو ته "من دون الله" مان مراد بت آهن جيڪي بي حس ۽ بي جان آهن نه ٻڌي نه ڏسي نه گهمي ۽ نه ئي مدد ۽ تصرف ڪري سگهن ٿا.

پوءِ افسوس آهي انهن ماڻهن تي جيڪي انهن آيتن مان انبياءُ ۽ اولياءُ مراد وٺي ماڻهن کي گمراهه ڪن ٿا ۽ پنهنجا اعمال نامه ڪارا ڪن ٿا. وري حيران ڪندڙ ڳالهه ته اها آهي جو آيتن جي ترجمي ۾ به خيانت ڪندي خدا جي خوف کان نٿا ڊڄن. يدعون ۽ تدعون جي معنيٰ پڪارڻ ڪن ٿا حالانڪه مفسرن يدعون جي معنيٰ يعبدون ۽ تدعون جي معنيٰ تعبدون، يعني عبادت ڪرڻ ڪئي آهي. پڙهي ڏسو تفسير جلالين تفسير موضح القرآن شاهه عبدالقادر بيضاوي وغيره).

الله تعاليٰ اهڙن ماڻهن کي هدايت عطا فرمائي.

عزيز دوستو، قرآن شريف ته شرڪ جي رد ۾ ڀريو پيو آهي، الله تعاليٰ جي هر نبي توحيد جي تلقين ۽ تبليغ ڪندي، وعظ ۽ نصيحت ڏيندي فرمايو:

هُوَ اللّٰهُ الَّذِي لَا اِلٰهَ اِلَّا هُوَ (الحشر پ ٢٨ ع ٦)

اهو هڪ الله آهي ان کانسواءِ ٻيو ڪو معبود نه آهي.

حضرت لقمان پنهنجي پٽ کي نصيحت ڪندي فرمايو:

يَا بُنَيَّ لَا تُشْرِكْ بِاللّٰهِ اِنَّ الشِّرْكَ لَظُلْمٌ عَظِيْمٌ (سوره لقمان پ ٢١ ع ٢)

"اي منهنجا پٽڙا الله سان (ڪنهن کي) شريڪ نه ڪر ڇو ته شرڪ وڏي بي انصافي آهي".

حديثن ۾ به شرڪ کي تمام وڏي ۾ وڏ وگناهه ڪوٺيو ويو آهي.

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اَكْبَرُ الْكَبَائِرِ الْاِشْرَاكُ بِاللّٰهِ (مشکواة شريف ١٧)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي ته وڏي ۾ وڏو گناهه الله تعاليٰ سان ڪنهن کي شريڪ ڪرڻ آهي. حضرت نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو ته جيڪڏهن اوهان کي ڪو قتل ڪرڻ يا باهه ۾ ساڙڻ لاءِ تيار ٿي

بيهي تہ ٽڏهن بہ الله تعاليٰ سان شرڪ نہ ڪريو. (بخاري شريف)

ارشاد رباني آهي:

ذَالِكُمُ اللّٰهُ رَبُّكُمۡ لَآ اِلٰهَ اِلَّا هُوَ خَالِقُ كُلِّ شَىۡءٍ فَاعۡبُدُوۡهُ وَهُوَ عَلٰى كُلِّ شَىۡءٍ وَّكِيۡلٌ (پ ٧ سوره الانعام ع ١٣)

يعني اهو هڪ الله ئي اوهان جو پروردگار آهي ان ڪانسواءِ ٻيو ڪو بہ عبادت جي لائق نہ آهي تمام شين جو خالق اهو آهي پوءِ اوهان ان جي ئي عبادت ڪريو اهو هر شيءِ جو ڪارساز آهي.

محترم دوستو، قرآن پاڪ جي ننڍڙي سوره اخلاص جا "قل هو الله" جي نالي سان مشهور آهي ان ڪي غور سان پڙهي ڏسو تہ اوهان کي معلوم ٿيندو تہ الله تعاليٰ جل شانه سيني مذهبن جي باطل معبودن کي ٺڏي رد ڪري، پنهنجي ذات ۽ صفات کي سڃاڻڻ ۽ عبادت ڪرڻ ۽ سچي عقيدي کي ظاهر ڪرڻ فرمايو آهي جيئن ارشاد ٿئي ٿو، قل هو الله احد يعني اي پيارا حبيب پاڪ ﷺ تون فرماءِ تہ الله تعاليٰ هڪ آهي الله الصمد الله بي نياز آهي لم يلد و لم يولد نہ هو ڪنهن کي ڄڻيندڙ آهي ۽ نہ وري ڪنهن مان ڄاول آهي ولم يكن له كفوا احد ۽ نہ وري ڪو ان جي مثل يا برابر آهي.

ڏسو الله تعاليٰ پنهنجي وحدانيت جو اعلان پنهنجي محبوب حضرت محمد ﷺ کان ٿو ڪرائي گويا سچي توحيد اها آهي جنهن تي رسالت جي مهر لڳل هجي.

اي رضا يہ فيض ہے احمد پاک کا
ورنہ ہم کیا سمجھتے خدا کون ہے

دوستو! هن زماني ۾ ڪيئي عيسائي، آريہ ۽ سک بظاهر توحيد توحيد چوندي نظر اچن ٿا پوءِ ڇا اهي موحد آهن؟ هرگز نہ هرگز نہ ڇو تہ موحد ۽ مومن اهو آهي جيڪو الله کي بہ مڃي ۽ ان جي رسول کي بہ مڃي شيطان لعين بہ تہ وڏو موحد هيو جو الله تعاليٰ ڪانسواءِ غير جي اڳيان نہ جهڪيو يعني حضرت آدم عليه السلام کي سجدو نہ ڪيائين پوءِ اهو

موحد لعنتي چو ٿيو؟ سبب اهو هيو جو هن الله جي نبي آدم عليه السلام جي تعظيم کان يعني سجدي ڪرڻ کان انڪار ڪيو هو اهو سجدو بہ تہ تعظيمي هيو ياد رکو. ايمان بالله جي بعد ايمان بالرسول ضروري آهي الله تعاليٰ جو ارشاد آهي:

يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اٰمِنُوْا بِاللّٰهِ وَرَسُوْلِهٖ وَالْكِتَابِ الَّذِیْ نَزَّلَ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَالْكِتَابِ الَّذِیْٓ اَنْزَلَ مِنْ قَبْلُ (پ ٥ سوره النساء ع ١٧)

ترجمو: اي ايمان وراوءُ اوهان الله تي ايمان آڻيو ۽ ان جي رسول تي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو ان پنهنجي رسول تي نازل ڪيو آهي ۽ ان ڪتاب تي جيڪو ان کان اڳ نازل ڪيو ويو آهي انهن تي ايمان آڻيو.

ڪلمي طيب تي بہ غور ڪريو هن ۾ توحيد لا اله الا الله سان گڏ رسالت "محمد رسول الله" جو بہ ذڪر آهي يعني توحيد سان گڏ رسالت تي بہ ايمان آڻڻو آهي بغير رسالت جي توحيد توحيد چوڻ يا موحد سڏائڻ مان ڪو بہ فائدو نہ آهي هاڻي وهابين تجدين جي توحيد بہ ٻڌي چڏيو. لکن ٿا تہ:

"الله کے سوا کسی کو نہ مان"

(تقويت الايمان ص 27 مولوي محمد اسماعيل ديوبندي)

انصاف سان ٻڌايو ڇا توحيد ان جو نالو آهي ڇا اهڙي عقيدي رکڻ وارا مسلمان مومن آهن؟ ارشاد رباني ٻڌو:

وَمِنَ النَّاسِ مَنْ يَّقُوْلُ اٰمَنَّا بِاللّٰهِ وَبِالْيَوْمِ الْاٰخِرِ وَمَا هُمْ بِمُؤْمِنِيْنَ (سورة البقره)

"۽ ڪي ماڻهو چون ٿا تہ اسان الله تي ۽ قيامت جي ڏينهن تي ايمان آندو ۽ اهي ايمان وارا نہ آهن"

حقيقت بہ اها ئي آهي تہ فقط:

خدا کے ماننے والا مسلماں ہو نہیں سکتا
بجز حب نبی وہ اہل ایمان ہو نہیں سکتا

دعا آهي تہ الله تعاليٰ شرڪ کان بچائي سچو موحد ۽ حضور نبي ڪريم ﷺ جن جو سچو عاشق بڻائي آمين.وما علينا الا البلاغ المبين

صفر المظفر — پيو جمعو

آخرت لاءِ ٺمر ناهه

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوةُ
وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ
اَجْمَعِيْنَ اَمَّابَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ. وَلَنْ يُّؤَخِّرَ اللّٰهُ نَفْسًا اِذَا جَآءَ
اَجَلُهَا (پ ۲۸ سوره منافقون ع ۲) صدق الله العظيم.

ترجمو: "۽ الله هرگز ڪنهن به جان کي مهلت نه ڏيندو جڏهن ان جو وقت اچي وڃي"

سستي نه سرنديا، ڪڪا پچار پرين جي
وهامي وينديا، پوءِ گهڻا هٿنديئن هٿڙا

دوستو! اڄوڪي منهنجي تقرير جو موضوع آهي ته "آخرت لاءِ ٺمر ناهه" اڳتي هلڻو آهي. فاني هي دنيا ڇڏڻي آهي. موت اچڻو آهي. جڏهن مقرر وقت اچي ويو "هڪ گهڙي به پوئتي نه ٿيندي. ڪجهه سوچيو ڪجهه غور ۽ فڪر ڪيو.

گهڙي لڳي گهڙيال تي گهڙيال ڪئي گهوڙا
ٻڌئي نه ٻوڙا نه اها گهڙي به گهٽ ٿي

اسان جا ڏاڏا ۽ ابا اسان جا وڏا. پير ۽ امير حاڪم ۽ عالم مٽيءَ جي مٽن هيٺ ستا. موت انهن کي سوڙهي سامي ڪاري قبر ۾ سمهاري ڇڏيو. اڄا ۽ ستا ڪاڻ جا ڪلف لڳل ڪپڙا لهرائي اڻ سبيل الفو ڍڪائي. ننڍڙي ڪوٺڙيءَ حوالي ڪري ڇڏيو. ڪاڏي انهن جا محل بنگلا ۽ محلات ويا. پٽ تي اڄ انهن جي ياڪاري آهي. هزارين حسين جن جي هڪ جهلڪ ڏسڻ لاءِ دنيا ترسندي هئي ۽ جميل ماڻهو اڄ انهن مه جبين چهر

مٿان مني ءِ جا مڻ پيل آهن. حسين، محبوبن جون بادام مثل اکيون: جن جي مٿڪي نهارڻ سان عاشق گهائجي ڦٿجي پوندا هئا. انهن اکين ۾ اڄ ڪولين ۽ ماڪوڙين جا گهر آهن.

جاپون پيرين مون ساپون مٿان سڄڻين
ڏگ لتبا ڏور ۾ اکئين ڏٺاسون
ڏينهن مڙو ئي ڏون اٿي لوچ لطيف چئي.

ارشاد باري آهي ته:

قُلْ اِنَّ الْمَوْتَ الَّذِیْ تَفِرُّوْنَ مِنْهُ فَاِنَّهٗ مُلٰقِیْكُمْ ثُمَّ تُرَدُّوْنَ اِلٰى عٰلِمِ الْغَیْبِ وَ الشَّهَادَةِ فَیُنَبِّئُكُمْ بِمَا كُنْتُمْ تَعْمَلُوْنَ۔ (الجمعه پ ۲۸، ع ۱۱)

ترجمو: اي محبوب تون فرماءِ ته بيشڪ موت جنهن کان اوهان ڀڄو ٿا سو ضرور اوهان کي اچڻ وارو آهي. پوءِ ان جي طرف موٽايا ويندؤ جيڪو لڪ ۽ ظاهر سڀورو ڪجهه ڄاڻي ٿو پوءِ اهو توهان کي ٻڌائيندو جو ڪجهه توهان ڪيو هو.

منهنجا پيارا! موت کان منهن موڙي ڀڄي نٿو سگهجي هڪ ڏينهن موت ضرور ايندو.

كُلُّ نَفْسٍ ذَآئِقَةُ الْمَوْتِ۔

ترجمو: هر جيءَ کي موت جو ذائقو چکڻو آهي.

ذرا غور ته ڪر، ننڊ پڻ راندين ۽ غفلت ۾ گذري وئي جوانيءَ مستي مستي هوڏ ۽ لوڏ ۾ هلي وئي اڄ اڄا اڄي ويا آهن. منهن ۾ گهنج پئجي ويا آهن. هٿ ڏڪڻ لڳا آهن، لٺ وٺي هلڻ لڳا آهيون ۽ پير قبر ۾ لڙڪايون ويٺا آهيون. پوءِ به غفلت ۽ دنيا جي لذتن ۾ محو آهيون. هاءِ افسوس هڪ ڏينهن حسرت جا هٿ مهٽڻا پوندا.

روئي در سندس تي سچي ڪر تون زاري
هئين خالي هلبو ڪنبي منهنجي ڇاتي

تنهن ڪري اجوڪي وقت کي غنيمت سمجهه جيڪي نيڪ
ڪرڻا اٿئي ڪري وٺ.

وقت وڃئي ٿو ويل مسافر ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي
ڪار ڪا ڪار ڪتڻ جي، ڪانهي ويل ويهڻ جي.

محبوب ڪريم ﷺ جن فرمايو آهي تہ:

اَكْثِرُوْا ذِكْرَهَا ذَمَّ اللَّذَّاتِ يَعْنِى الْمَوْتَ۔

لذتن کي ڦٽائڻ واري موت کي گهڻو ياد ڪيو. (ترمذي، نسائ
مومن موت کان نفرت نہ ڪندو آهي. ۽ ڪافر موت کي پس
ڪندو آهي، موت ڪن لاءِ راحت ڪن لاءِ عذاب، ڪن لاءِ هديو ۽
ڪن لاءِ ڪفارو ۽ ڪن لاءِ ڇوٽڪارو آهي.

اَلدُّنْيَا سِجْنُ الْمُؤْمِنِ وَجَنَّةُ الْكَافِرِ (مسلم)

ترجمو: دنيا مومن لاءِ قيد خانو آهي ۽ ڪافر لاءِ باغ آهي.

قبر ڏي هليا ويا اهي ڪونڊ ڪاهيون
ڪنن ريءَ نہ نيائون، سڳو ياءُ ساٿي

الله جا نيڪ ٻانها دنيا کي ٺڪرائيندا آهن، منافق ۽ ڪافر دن
چهٽي پوندا آهن. دنيا جي مزن ۽ راحتن ۾ مست مگن رهندا آهن، ع
ڪريو جيڪي مري ويا اهي هتان ڇا کٽي ويا؟ دنيا جي ڪهڙي نعمت
سان قبر ۾ گڏ هلي؟ هٿين خالي ويا، مال ۽ دولت، حڪومت ۽ حشمت
هتي ڇڏي. تن تنها وڃي مٽيءَ جا مهمان ٿيا.

مہیا گو کہ سب ساماں ملکی اور مالی تھے،
سکندر جب گیا دنیا سے دونوں ہاتھ خالی تھے۔

ياد رکو اڳتي عملن جو پڇاڻو آهي. دنيا جا ناتا دوستن، عز
رشتا سڀ پنهنجي مطلب ۽ غرض جا آهن. جيڪي هڪ ڏينهن مٽجي
ٿي ويندا. مگر نيڪ عمل اوهان جا سچا ۽ وفادار ساٿي قبر ۽ حشر جا آ

ولهيا ڪيئن ويٺين پنهنجو رب وساري

قبر روز توکي پئي ٿي پڪاري

سچي دل توبہ ڪيو

غافل انسان اپنے رب کو یاد کر،

دل کی اجڑی بستی کو آباد کر

دوستو! الله تعاليٰ جي عبادت ڪيو تہ پوءِ موت اوهان لاءِ راحت جي نويد بڻجي ايندو. موت ڇا آهي؟ موت فنا جو نالو نہ آهي بلڪ:

اَلْمَوْتُ جِسْرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ (شرح الصدور امام جلال الدين السيوطی ص ۷)

موت هڪ پل مثل آهي، جيڪا هڪ دوست کي ٻئي دوست سان ملائي ٿي. مرڻ کان پوءِ بہ هڪ زندگي آهي جنهن کي برزخ جي زندگي چئبو آهي.

کون کہتا ہے کہ مومن مر گئے

قید سے چھوٹے وہ اپنے گھر گئے۔

اِنَّ الْمَيِّتَ يَعْرِفُ مَنْ يَّحْمِلُهٗ وَمَنْ يَّغْسِلُهٗ وَمَنْ يُّدَلِّيْهِ فِىْ قَبْرِهٖ (شرح الصدور ص ۳۹)

بيشڪ ميت سڃاڻندو آهي، ان کي جيڪو ان کي غسل ڏيندو آهي ۽ جيڪو ان کي کڻندو آهي ۽ جيڪو ان کي قبر ۾ لاهيندو آهي. ابن ڪثير ۾ هڪ حديث آهي جنهن کي حضرت بيبي عائشه رضي الله عنها روايت ڪيو آهي تہ: گنهگارن لاءِ قبرن ۾ بربادي آهي، انهن جي قبرن ۾ ڪارا نانگ داخل ڪيا ويندا، ڪي نانگ مٿي کان ايندا تہ ڪي پيرن کان، اهي نانگ انهن کي وچ تائين ڏنگيندا ايندا پوءِ اهو برزخ جو عذاب آهي. سڀني جي سردار محبوب ڪريم ﷺ جن قبر جي عذاب کي بچڻ لاءِ هيءَ دعا سيکاري آهي:

اَللّٰهُمَّ اِنِّىْ اَعُوْذُبِكَ مِنْ عَذَابِ الْقَبْرِ۔

يا الله مان توکان قبر جي عذاب جي پناهہ ٿو گھران.

محبوب ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ:

عذاب القبر حق۔

قبر جو عذاب برحق آهي. الله تعاليٰ شال اسان کي قبر جي عذاب کان بچائي افسوس جو مقام تہ اهو آهي جو اسان کي دنيا جي چند ڏينهن جي زندگي جو تہ فڪر آهي پر آخرت واري زندگيءَ جو ڪوبہ اونو نہ آهي:

اٺ پيارا دل وارا ڪر ڪا ڪار ڪتڻ جي،
نند ڦٽي ڪر مٽي ڪڏهن هٽندئي ڪن ۾.

مسند فردوس ديلمي حضرت ابن عباس رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: پنهنجي قبرن لاءِ عملن جو سامان گڏ ڪيو ڇوتہ قبر هر ڏينهن ۾ ست ڀيرا ٻانهي کي پڪاري چوندي آهي تہ: اي آدم جي اولاد! تون ضعيف آهين، منهنجي اندر داخل ٿيڻ کان اڳ پنهنجي جان تي رحم ڪر تہ آءُ بہ تو تي رحم ڪندس.

هوش ڌار دلدار زاروزار روئندين،
اڳيئون بر تي سفر يڪي سر هلندين،
نڪو ساٿي ڀاءُ ڀاتي ڀاڻ سان تون ڪٽندين،
ان مهل پوندئي ڪل جڏهن رهندين رڄ ۾.

ترمذي ۾ حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: حضرت نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ:

﴿ لذتن کي برباد ڪرڻ واري (موت) کي گهڻو ياد ڪيو ڪوبہ اهڙو ڏينهن نہ ٿو اچي مگر هر ڏينهن ۾ قبر پڪاري چوندي آهي تہ: مان مٽيءَ جو گهر آهيان، ڪيڙن ماڪوڙن جو گهر آهيان. (يعني منهنجي لاءِ ڪجهہ عمل تيار ڪيو) پوءِ جڏهن مومن ٻانهو قبر ۾ دفن ڪيو ويندو آهي تہ: قبر ان کي ڀليڪار، خوش آمديد ۽ مرحبا چوندي آهي ايتري تہ ڪشادي ٿي ويندي جيستائينڪ سندس نظر پهچي ٿي ۽ ان لاءِ جنت جو دروازو کوليو وڃي ٿو. ڪافر، منافق جڏهن دفن ڪيو وڃي ٿو تہ قبر ان تي ڦٽڪار ڪري ٿي،

سوڙهي ٿي وڃي ٿي، تانجو ان جون پاسيريون هڪ ٻئي ۾ ملي وڃن ٿيون، پوءِ ان تي ستر نانگ مسلط ڪيا وڃن ٿا، انهن مان جيڪڏهن هڪڙو نانگ زمين تي ڦوڪ ڏئي ته ڪابه چيز جيئري رهي نه سگهي پوءِ اهي نانگ ان کي قيامت تائين ڏنگ هڻندا رهندا.

سوڙهي سامي سورن واري جتي اونده انداري
ڏسي ڏک ڏائڻ جا، ڪئي زاهدن ٻيي زاري
ڪر توبه ۽ زاري جو اڳيان سجهن سور سج جا.

او منهنجا ڀاءُ غفلت جي ننڊ مان اک کولي سجاڳ ٿي. ڀٽائي گهوٽ رحمت الله عليه فرمائي ٿو:

ستا اٿي جاڳ ننڊ نه ڪجي ايتري
تو جو ساٿيهه ڀانئيو سو مانجهاندي ڄو ماڳ
سلطاني سهاڳ ننڊون ڪند ي نه ملي

خوش نصيب آهن اهي جيڪي سٺا عمل ڪري پنهجي رب کي راضي ڪري رهيا آهن، حقيقت ۾ اهي ئي ڪامياب آهن.

ڀاءُ

وڪر ڏيران ڏير ٻپر وهائيندڙ ويسرا
ڪن وهائي وس ڪيا ڪنين ڪئي اوير
گهتيون گهمندي سير ڙڪر وڪامي ويڙو

اٿو نفس ۽ شيطان سان جهاد ڪيو، اهي ڪليا دشمن آهن، اوهان کي گناهن جي اوڙاهه ۾ اڇلائڻ لاءِ طرحين طرحين جا حيلا هلائي رهيا آهن.

اِنَّ الشَّيْطَانَ لَكُمْ عَدُوٌّ فَاتَّخِذُوهُ عَدُوًّا (پ ٢٢ سوره فاطر ع ١)

بيشڪ شيطان توهان جو دشمن آهي توهان به ان کي دشمن سمجهو.

اِنَّ النَّفْسَ لَاَمَّارَةٌ بِالسُّوْءِ اِلَّا مَا رَحِمَ رَبِّيْ (سورة يوسف)

بيشڪ نفس ته برائي جو حڪم ڏيڻ وارو آهي مگر جنهن تي منهنجو رب رحم ڪري.

گناهن کان پاڻ بہ بچو ۽ پنهنجي اولاد کي بہ بچايو. هي زندگيءَ جون گهڙيون غنيمت ڄاڻيو.

تتيءَ ٿڌيءَ ڪاھ ڪانهي ويل ويهڻ جي
جان جان اٿئي سوجهرو، تان تان ڪر هل ڪاھ
متان ٿئي اونداھ پير نہ لهين پرينءَ جو.

اوچتو الله جو قاصد عزرائيل عليه السلام اسان جي در تي اچي ويندو پوءِ فقط ارمان جا هٿ مهٽا پوندا. تنهن ڪري مديني جي گهوٽ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي غلامي اختيار ڪيو.

محمد کی غلامی ہے سند آزاد ہونے کی
خدا کے دامن توحید میں آباد ہونے کی

قرآن پاڪ پڙهو، نمازون پڙهو، دين جا ڪم ڪريو تہ رب ڪريم قبر جي عذاب کان بچائي.

دنيا دم گذر ٿئي الائي ڇا حياتي
ڪرين جيڪي اڄ ڪر متان ٿيئي مماتي

ارشاد رباني آهي تہ:

يَا أَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا تُوبُوا إِلَى اللَّهِ تَوْبَةً نَّصُوحًا ۔

(پ ٢٨ سورة التحريم ع ٢)

ترجمو: اي ايمان وارو الله جي طرف اهڙي توبہ ڪيو جو اڳتي جي واسطي نصيحت ٿي وڃي.

اي مغرور ياءِ غرور ڇڏ. الله تعاليٰ جي در سچي دل سان توبہ تائب ٿي. ڳوڙها ڳار تہ رب سائين راضي ٿي پوي. توبہ ۽ استغفار جو فائدو بہ بڌ حضور اڪرم ﷺ جن فرمائن ٿا تہ:

مَنْ لَزِمَ الْاِسْتِغْفَارَ جَعَلَ اللّٰهُ لَهٗ كُلِّ ضِيقٍ مَخْرَجًا وَمِنْ كُلِّ هَمٍّ فَرَجًا وَرَزَقَهٗ مِنْ حَيْثُ لَا يَحْتَسِبُ ۔ (مشکواة شريف)

جيڪو شخص استغفار کي لازم ڪندو تہ الله تعاليٰ ان جي

تنگي دور فرمائيندو ۽ ان جا هر غم خوشيءَ ۾ بدلي ڇڏيندو ۽ اتان هن کي رزق ڏيندو جو جتان هن کي وهم وگمان به نه هوندو. ارشاد رباني آهي ته:

وَاِنِ اسْتَغْفِرُوْا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوْبُوْا اِلَيْهِ يُمَتِّعْكُمْ مَتَاعًا حَسَنًا۔ (سوره هود پ ١١)

ترجمو: ۽ هي ته پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان وٽ توبه ڪريو توهان کي نهايت ئي سٺو نفعو ڏيندو.

اِلَّا مَنْ تَابَ وَآمَنَ وَعَمِلَ عَمَلًا صَالِحًا فَاُولٰئِكَ يُبَدِّلُ اللّٰهُ سَيِّاٰتِهِمْ حَسَنَاتٍ وَكَانَ اللّٰهُ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا۔ (پ ١٩، سوره فرقان ع ٤)

ترجمو: مگر جيڪو توبه ڪري ۽ ايمان آڻي ۽ چڱا ڪم ڪري پوءِ اهڙن جي براين کي الله چڱاين سان بدلي ڇڏيندو ۽ الله بخشڻهار مهربان آهي.

سوچيو ۽ ٻڌايو ته: استغفار توبه گناهن ۽ براين جي مٽائڻ جو ڪهڙو نه مفيد نسخو آهي. مالڪ جو قرب ته ڏسو جو توبه ڪرڻ سان عمر ساري جا گناه نيڪيون ٻڻجي وڃن ٿا.

وَمَنْ يَّعْمَلْ سُوْءً اَوْ يَظْلِمْ نَفْسَهٗ ثُمَّ يَسْتَغْفِرِ اللّٰهَ يَجِدِ اللّٰهَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا۔ (النساء پ ٥ ع ١٣)

ترجمو: ۽ جيڪو ڪا به برائي ڪري يا پاڻ تي ظلم ڪري پوءِ الله کان معافي گهري ته الله کي بخشڻهار مهربان لهندو.

اوهان اهو ڪڏهن غور و فڪر ڪيو آهي ته هي مصيبتون، ڏکر، تنگ دستي، گهر ۾ بي برڪتي، پريشانيون، روز روز نئين بيمارين جو ظهور ڇو آهي؟ پنهنجي گناهن ۽ نافرمانين جو نتيجو آهي.

وَمَا اَصَابَكُمْ مِّنْ مُّصِيْبَةٍ فَبِمَا كَسَبَتْ اَيْدِيْكُمْ

(پ ٢٥، سوره الشوریٰ ع ٥)

ترجمو: ۽ توهان کي جيڪا به مصيبت پهتي اهو ان سبب آهي جيڪو توهان جي هٿن ڪمايو.

جب میں کہتا ہوں کہ یا اللہ میرا حال دیکھ
حکم ہوتا ہے کہ اپنا نامۂ اعمال دیکھ

ميرو ڪپڙو صابڻ ۾ صرف سان ڌوپي ٿو جسم جا گناه توب

استغفار سان ڌوپجن ۾ متجن ٿا. ارشاد رباني آهي تہ:

يَاقَوْمِ اسْتَغْفِرُوا رَبَّكُمْ ثُمَّ تُوبُوا إِلَيْهِ يُرْسِلِ السَّمَاءَ عَلَيْكُمْ مِدْرَارًا وَيَزِدْكُمْ قُوَّةً إِلَىٰ قُوَّتِكُمْ وَلَا تَتَوَلَّوْا مُجْرِمِينَ۔ (پ ١٢ سوره هود ع ٥)

ترجمو: اي منهنجي قوم! پنهنجي رب کان معافي گهرو پوءِ ان جي

رجوع ڪريو توهان تي زور جو پاڻي موڪليندو ۽ توهان ۾ جيتري ط

آهي انهيءَ مان وڌيڪ ڏيندو ۽ جرم ڪندي منهن نہ موڙيو.

اڄ ڪلهہ ڪنهن بہ ماڻهوکي اطمنان قلب نہ آهي. روز هڏون، ڏس

اخبارن ۾ پڙهون ٿا تہ فلاڻو هارٽ فيل ٿي ويو. اهو عام طرح وڏن امير ما

۾ مرض آهي. اها هارٽ فيل ڇونہ ٿئي جنهن هارٽ ۾ ياد خدا، خوف خ

آهي. جيڪا دل ذڪر خدا الله، الله، الله سان سرشار آهي اها آباد ۽ شاد آهي

أَلَا بِذِكْرِ اللَّهِ تَطْمَئِنُّ الْقُلُوبُ

چاہتا ہے اطمینان دل جو تو
یاد اوکن یاد اوکن یاد او

حديث ۾ اچي ٿو تہ: جيڪو گناهن کي ياد ڪري فقط ايترو رُ

مڇر جي مٿي جيترو ڳوڙهو نڪتس تہ بہ ان جا سڀ گناه رب پاڪ م

ڪري ڇڏي ٿو. رب پاڪ ٻانهي جي متان ايترو تہ رحيم ۽ ڪريم آهي

ٻانهو گناه ڪندو آهي تہ رب پاڪ ملائڪن کي فرمائيندو آهي تہ:

ڪجهہ گهڙيون گناه دفتر ۾ نہ لکوس. متان توبہ ڪري معافي وٺي

معافي ڏئي ڇڏيانس، نماز پڙهڻ لاءِ جڏهن مسجد ۾ ايندو آهي تہ رب

ملائڪن کي فرمائيندو آهي هن جي گناهن جا بار ڪٽي ٻيهو جڏهن

پڙهي معافي وٺي موٽندو آهي تہ: ملائڪ عرض ڪندا آهن تہ رب سا

هاڻي ته گناهه مٿان رکونس. رب پاڪ فرمائيندو آهي ته: مون کان معافي ورتي اٿس. هاڻي حياءُ ٿو اچيم ته وري ڪيئن گناهن جا بار مٿان رکانس مون ان جا سڀ گناهه معاف ڪري ڇڏيا.

بيشڪ

اِنَّ اللّٰهَ كَانَ غَفُوْرًا رَّحِيْمًا.

دوست هر رات الله تعاليٰ جي مهرباني ۽ رحمت جا پڙها ايندا رهندا آهن ته آهي ڪو سائل ته ان کي خيرات ڏيان، آهي ڪو توبه ڪندڙ ته ان جي توبه کي قبول ڪيان، آهي ڪو مريض ته ان کي شفا ڏيان، آهي ڪو درد مند ته ان جا درد دور ڪيان، آهي ڪو گناهن جي بخشش گهرڻ وارو ته ان جا گناهه معاف ڪيان. اهڙي ڀاڄهاري ڏٽي در تون به رات جو سين هٿي ته ڏس درد مان دانهن ڪري ڏس، سهڻي نبي ڪريم ﷺ جو وسيلو وٺي دعا گهري ته ڏس، يقينا محبوب سهڻي ﷺ جي صدقي ۾ ڪرم جو مينهن وسندو گناه ڌوپجي ۽ مٽجي ويندا.

عمر ساري گناهن ۾ وڃايم يا رسول الله ﷺ

ڪري سودو ڪسي ڪچ جو وهايم يا رسول الله ﷺ

وئي جواني آئي پيري ته به لچ ڪانه ڪا پيئي

واري وک کي اجا اڳتي وڌايم يا رسول الله ﷺ

پري دفتر گناهن جا اجهو آيس اوهان جي در

بخشي بديون مٺا مرسل ڏيکايو يا رسول الله ﷺ

(وما علينا الا البلاغ)

صفر المظفر — ٽيون جمعو

شان اولياء الله

نَحْمَدُهُ وَنُصَلِّي وَنُسَلِّمُ عَلَىٰ رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ، اَمَّا بَعْدُ
فَاَعُوْذُ بِاللهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللهِ الرَّحْمٰنِ
الرَّحِيْمِ مَنْ عَمِلَ صَالِحاً مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ
فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيَاةً طَيِّبَةً (پ ١٤ سورة النحل ع ١٣)

ترجمو: جيڪو چڱا ڪم ڪري مرد هجي يا عورت ۽ هجي مسلمان پوءِ اسان ان کي چڱي زندگي جيارينداسين.

عزيز ڀائرو منهنجي اڄوڪي تقرير جو عنوان "شان اولياء الله" آهي مون اوهان جي اڳيان جيڪا آيت ڪريم تلاوت ڪئي آهي ان ۾ نيڪ عمل ڪرڻ سان گڏ مومن هجڻ جو شرط آهي يعني جيڪڏهن مومن نيڪ عمل ڪندو ته الله تعاليٰ جو فرمان مبارڪ آهي ته مان ان کي مرڻ ڪانپوءِ "حياة طيبه" حيات جاوداني عطا فرمائيندس معنيٰ مرڻ ڪانپوءِ به اهو زنده هوندو اعمال جا ٽي قسم آهن.

(1) بدني اعمال: جيئن نماز روزو.

(2) مالي اعمال: جيئن زڪوات خيرات وغيره.

بدني ۽ مالي گڏيل اعمال جيئن حج

چوٿي آهي ته جيتري محنت اوتروئي ڦل جيترو مجاهدو اوترو مشاهدو جيڪو الله جي راهه ۾ محنت ڪري ٿو نيڻن جي ننڊ اکين جو آرام ڦٽائي ٿو روئي رب پاڪ کي ريجهائي ٿو ان کي رب پاڪ جو قرب حاصل ٿئي ٿو اولياءِ ڪرام کي اهو درجو ۽ مقام به الله جي فضل و ڪرم سان، عبادت ۽ رياضت ڪري عطا ٿيو آهي.

الله جا ولي راتيون ۽ ڏينهن عبادت ۽ بندگي ۾ گذاريندا آهن هر وقت ذڪر ۽ فڪر ۾ هوندا آهن.

وَالَّذِيۡنَ يَبِيۡتُوۡنَ لِرَبِّهِمۡ سُجَّدًا وَّقِيَامًا (سوره الفرقان پ ١٩ ع ٤)

ترجمو: ۽ جيڪي رات گذاريندا آهن پنهنجي رب جي واسطي سجدي ۽ قيام ۾.

اَلَّذِيۡنَ يَذۡكُرُوۡنَ اللّٰهَ قِيَامًا وَّقُعُوۡدًا وَّعَلٰى جُنُوۡبِهِمۡ (آل عمران پ ٤ ع ١١)

ترجمو: جيڪي بيٺي ۽ ويٺي ۽ پاسن ڀر الله کي ياد ڪندا آهن.

"فَلَنُحۡيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً" جون بشارتون اهڙن برگزيده ٻانهن لاءِ ئي آهن.

ان حقيقت کي هنن لفظن ۾ ڀٽائي گهوٽ عليه الرحمت بيان فرمائي ٿو:

ساري رات سبحان کي جاڳي جن ياد ڪيو
انهن جو عبداللطيف چئي مٽيءَ لڌو ماڻ
ڪوڙين ڪن سلام اچيو آتڻ ان جي

☆ اولياءِ الله ڪير هوندا آهن:

متقي پرهيزگار ئي اولياءِ الله هوندا آهن اِنَّ رَحۡمَتَ اللّٰهِ قَرِيۡبٌ مِّنَ الۡمُحۡسِنِيۡنَ بيشڪ الله جي رحمت نيڪي ڪندڙن جي قريب آهي. انهن تي الله تعاليٰ جا وڏا انعام ۽ اڪرام آهن. بشارتون ۽ خوشخبريون بہ انهن لاءِ ئي آهن

فَلَهُمۡ اَجۡرُهُمۡ عِنۡدَ رَبِّهِمۡ وَلَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ (سوره بقره پ ٣ ع ٦)

ترجمو: انهن جي لاءِ انهن جو اجر آهي سندن رب وٽ ۽ انهن کي نہ ڊپ ۽ نہ ڪو غم آهي.

لَهُمۡ مَّغۡفِرَةٌ وَّاَجۡرٌ عَظِيۡمٌ (مائده پ ٦ ع ٢)

ترجمو: انهن جي واسطي بخشش ۽ وڏو ثواب آهي.

اَلَاۤ اِنَّ اَوۡلِيَآءَ اللّٰهِ لَا خَوۡفٌ عَلَيۡهِمۡ وَلَا هُمۡ يَحۡزَنُوۡنَ

(سوره يونس پ ١١ ع ٧)

ترجمو: ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي ڪو بہ خوف نہ آهي ۽ نہ ئي غم.

اُولٰٓئِكَ اَصۡحٰبُ الۡجَنَّةِ هُمۡ فِيۡهَا خٰلِدُوۡنَ. (سوره بقره پ ١ ع ٩)

ترجمو: اهي ئي جنتي آهن انهن کي ان ۾ هميشه رهڻو آهي.

وَاَبۡشِرُوۡا بِالۡجَنَّةِ الَّتِىۡ كُنۡتُمۡ تُوۡعَدُوۡنَ (حم السجده پ ٢٤ ع ٤)

ترجمو: ۽ توهان کي خوشخبري هجي جنت جي جنهن جو توهان سان وعد

ڪيو ٿي ويو.

وَأُزْلِفَتِ الْجَنَّةُ لِلْمُتَّقِيْنَ (شعراء پ ١٩ ع ٥)

ترجمو: ۽ ويجهي ڪئي ويندي جنت پرهيزگارن لاءِ.

أُولٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ (انفال پ ٩ ع ١)

ترجمو: اهي ئي سچا مومن آهن انهن جي واسطي درجا آهن انهن جي ر

وٽ ۽ بخشش آهي ۽ عزت جي روزي.

اهي الله جا صالح ٻانها پنهنجي دل مان هر خواهش هر طمع ۽ آر

کي ختم ڪري صرف الله جي رضا طلبيندا آهن دنيا سان دل نہ لائين

آهن. هٿ هاج ۾ دل يار ڏانهن هوندي اٿن هر حال ۾ پنهنجي رب جي ذ

کان غافل نہ هوندا آهن ذڪر ۾ الله پاڪ سان بلاواسطہ تعلق پيدا ٿئي

جڏهن ٻانهو الله جي ذڪر ۾ فنا تي وڃي ٿو پنهنجو پاڻ کي عشق الا

جي پٺيءَ ۾ پچائي ٿو تہ پوءِ اهو مظهر صفات الاهي بڻجي ٿو جڏهن

الاهي ٻانهي جي انگ انگ ۾ ۽ نس نس ۾ سمائجي وڃي ٿي تہ ان تا

حجاب جا پردا ڪجي وڃن ٿا ۽ ان کي صفاتي انوار ۽ تجليات جا جلوه ۽

جو مشاهدو ملي ٿو جڏهن ٻانهو ان منزل تي پهچي وڃي ٿو تہ پوءِ الله تعا

ارشاد فرمائي ٿو تہ:

فَكُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِىْ يَسْمَعُ بِهٖ وَبَصَرَهُ الَّذِىْ يُبْصِرُ بِهٖ وَيَدَهُ الَّتِىْ يَبْطِشُ بِهَا وَرِجْلَهُ الَّتِىْ يَمْشِىْ بِهَا وَاِنْ سَاَلَنِىْ لَاُعْطِيَنَّهٗ (بخاري شريف ج ٢ ص ٩٦٣)

مان ان جا ڪن بڻجي وڃان ٿو جن سان ٻڌي ٿو مان ان جون اکيو

بڻجي وڃان ٿو جن سان ڏسي ٿو مان ان جا هٿ بڻجي وڃان ٿو جن س

پڪڙي ٿو ۽ مان ان جا پير بڻجي وڃان ٿو جن سان هلي ٿو ۽ جيڪڏه

سوال ڪري ٿو تہ ضرور ان کي ڏيان ٿو.

انهيءَ حديث ۾ هي الفاظ بہ آهن لسانه الذى ينطق به مان ان جي زبان ٻڌجي وڃان ٿو جنهن سان ڳالهائي ٿو.(حاشيہ بخاري شريف ج 2 ص 963)

ثابت ٿيو تہ اولياءِ الله جا تصرفات خدائي تصرفات آهن.

ان حديث جي شرح ۾ امام فخر الدين راي رحمت الله عليہ فرمائي ٿو:

فَإِذَا صَارَ نُورُ جَلَالِ اللّٰهِ سَمْعًالَهُ سَمِعَ الْقَرِيْبَ وَالْبَعِيْدَ وَإِذَا صَارَ ذَالِكَ النُّوْرُ بَصَرًالَهُ رَأَى الْقَرِيْبَ وَالْبَعِيْدَ وَإِذَا صَارَ ذَالِكَ النُّوْرُ يَدًا لَهُ قَدَرَ عَلَى التَّصَرُّفِ فِى الصَّعْبِ وَالسَّهْلِ وَالْقَرِيْبِ وَالْبَعِيْدِ (تفسير كبير جلد ٥ ص ٦٨٨)

جڏهن الله جي جلال جو نور ان جي ٻڌڻ جي طاقت ٿي ويندو آهي تہ هو پري ۽ نزديڪ جي آوازکي ٻڌندو آهي ۽ جڏهن اهو نور ان جي ڏسڻ جي طاقت ٿي ويندو آهي تہ هو پري ۽ نزديڪ جي شين کي ڏسندو آهي جڏهن اهو نور جلال ان جا هٿ ٿي ويندو آهي تہ اهو مشڪل و آساني ۾ پري ۽ ويجهي تصرف ڪرڻ تي قادر ٿيندو آهي.

عزيز دوستوءُ غور ڪريو جڏهن اولياءِ الله جو اهو شان ۽ مقام آهي تہ پوءِ مظهر ذات و صفات سرور ڪائنات حضرت احمد مجتبيٰ محمد مصطفيٰ ﷺ جن جو ڇا شان ۽ مقام هوندو پوءِ اهي ماڻهو جن جو عقيدو آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن پري جو آواز نہ ٿا ٻڌن نہ ٿا ڏسن مشڪل ڪشائي ۽ تصرف نٿا ڪري سگهن اهي بلڪل گمراهہ ۽ ڀليل آهن.

سنتے ہیں دیکھتے ہیں سمیع و بصیر ہیں
منکر کو ہے وعید عذاب شدید کا

دوستو. بعض ڪم فهم ماڻهو ان حديث جو مطلب پنهنجي خيال مان گهڙي هن طرح بيان ڪندا آهن تہ اهو ٻانهو نيڪ ٿي ويندو آهي پوءِ اکين سان ڪابري ۽ ناجائز شيءِ نہ ڏسندو آهي، ڪنن سان ڪو ئي بروڪلام نہ ٻڌندو آهي هٿن سان ڪو برو ڪم نہ ڪندو آهي پيرن سان ڪنهن بري طرف نہ ويندو آهي ۽ پوءِ هو هر ڪم شرح جي مطابق ڪندو آهي

مطلب تہ اول نيک ٿيندو آهي پوءِ براين ۽ بچڙاين کان بچندو آهي حالانک
حديث جو اهو مطلب بيان ڪرڻ بلڪل غلط آهي ۽ جهالت جو دليل آهي.
حديث جا الفاظ هي آهن:

فَإِذَا أَحْبَبْتُهُ فَكُنْتُ سَمْعَهُ الَّذِي يَسْمَعُ بِهِ الخ

يعني جڏهن مان ان کي محبوب بڻائيندو آهيان تہ مان ان جي ٻڌڻ جي طاقت ٿي ويندو آهيان جنهن سان هو ٻڌندو آهي معلوم ٿيو تہ اهو مرتبو محبوب ٿيڻ کان بعد ملي ٿو نيک ٿيڻ، برن ڪمن کان بچڻ تقويٰ ۽ پرهيزگاري اختيار ڪرڻ محبوبيت کان پهريون لازمي آهي.

إِنَّ اللّٰهَ لَا يُحِبُّ الْفٰسِقِيْنَ "بيشڪ الله فاسقن کي محبوب نٿو بڻائي"

فرمان الاهي آهي تہ اي محبوب تون چئو: فَاتَّبِعُوْنِيْ يُحْبِبْكُمُ اللّٰهُ منهنجو اتباع ڪيو الله توهان کي محبوب بڻائيندو. معلوم ٿيو تہ نيڪ ٿيڻ حضور اڪرم ﷺ جن جو ڪامل اتباع ڪري مقام محبوبيت حاصل ڪرڻ پهريون آهي محبوب ٿي وڃڻ جي بعد ۾ اهو رتبو ملي ٿو جو اهو پاڻهو مظهر صفات الاهي ٿي وڃي ٿو ۽ ڪمال انسانيت جي رتبي تي فائز ٿي وڃي ٿو. پوءِ صفات خداوندي جا جلوه ان ۾ نظر اچن ٿا ۽ هو پري ويجهي جي آوازن کي ٻڌي ٿو پري ۽ ويجهي کي ڏسي ٿو مشڪل ۽ آسان ۾ تصرف ڪري ٿو.

قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ اِتَّقُوْا فِرَاسَةَ الْمُؤْمِنِ فَإِنَّهُ يَنْظُرُ بِنُوْرِ اللّٰهِ (ترمذی شريف ج ٢ ص ١٤٥)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ مومن جي فراست کان ڊڄو تہ هو الله جي نور سان ڏسي ٿو. الله جا ولي موت کان پوءِ بہ زنده آهن جو موت فنا جو نالو نہ آهي بلڪ هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ ڏي وڃڻ جو نالو آهي.

اَلْمَوْتُ لَيْسَ بِعَدَمٍ مَحْضٍ وَاِنَّمَا هُوَ اِنْتِقَالٌ مِّنْ حَالٍ اِلٰى حَالٍ (الحاوی للفتاویٰ ج٢ ص ١٤١)

اَلْمَوْتُ جَسَرٌ يُوْصِلُ الْحَبِيْبَ اِلَى الْحَبِيْبِ (شرح

الصدور ص ٧)

٤

موت هڪ پل آهي جيڪا دوست کي دوست سان ملائيندي آهي.

اَلَآ اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا يَمُوْتُوْنَ يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلٰى دَارٍ (حاشيه مشڪواة شريف)

خبردار بيشڪ الله جا ولي مرندا نه آهن هڪ جاءِ کان ٻئي جاءِ ڏي منتقل ٿيندا آهن.

ياد رکو جنهن جي دل ذڪر الاهي سان سرشار آهي اهو زنده آهي جنهن جي دل ذڪر الاهي کان غافل آهي اهو مردو آهي. ذاڪرين الله ڪرڻ وارا جيڪڏهن اکيون بند ڪري قبرن ۾ آرامي آهن تڏهن به زنده آهن غافل مرده دل وارا جيڪڏهن ڪارين ۽ هوائي جهازن ۾ آهن تڏهن به مرده آهن. جيئن حديث پاڪ ۾ آهي:

مَثَلُ الَّذِيْ يَذْكُرُ رَبَّهٗ وَالَّذِيْ لَا يَذْكُرُ مِثْلُ الْحَيِّ وَالْمَيِّتِ

(مشڪواة شريف ص ١٩٦)

سيد العارفين حضرت اسد يافعي رحمت الله فرمائي ٿو ته:

اِنَّ الْاَحْبَابَ اَحْيَاءٌ وَاِنْ مَاتُوْا وَاِنَّمَا يَنْتَقِلُوْنَ مِنْ دَارٍ اِلٰى دَارٍ

(روض الرياحين ص ١٨٥)

اهي الله وارا زنده آهن اگرچه انهن تي موت اچي ٿو انهن جو موت ته ائين آهي جيئن هڪ گهر کان ٻئي گهر ڏي وڃڻ.

انهي ڪتاب جي انهيءَ صفحي تي هڪ واقعو لکيل آهي ته حضرت ابو يعقوب سنوسي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته مون وٽ مڪ شريف کان هڪ منهنجو شاگرد آيو ۽ چوڻ لڳو اي منهنجا استاد مان سڀاڻي ظهر جي وقت مرندس توهان هي دينار وٺو ان جي اڌ مان منهنجي قبر کوٽرائجو ۽ ان جي ٻئي اڌ مان ڪفن وغيره جو بندوبست ڪجو. جڏهن ٻئي ڏينهن ظهر جو وقت آيو ته فوت ٿي ويو. بزرگ فرمائي ٿو ته مون ان پنهنجي شاگرد کي خود غسل ڏنو ۽ جنازو پڙهي جڏهن قبر ۾ رکيوسين ته هن اکيون کوليون.

فَفَتَحَ عَيْنَيْهِ فَقُلْتُ لَهٗ اَحَيَاةٌ بَعْدَ الْمَوْتِ؟ فَقَالَ اَنَا حَيٌّ وَكُلُّ مُحِبِّ اللّٰهِ حَيٌّ (روض الرياحين ص ١٨٥ شرح الصدور ص ٨٦)

مان چيو ته ڇا مرڻ کانپوءِ به زنده آهين جواب ۾ چيائين مان زنده آهيان ۽ الله سان محبت رکڻ وارا اولياءِ سڀ زنده آهن. (روض الرياحين ص 185 شرح الصدور ص 86)

شاهه ولي الله صاحب جڏهن بطن مادر ۾ هيو ته ان جو والد شاهه عبدالرحيم هڪ ڏينهن خواجه قطب الدين بختيار ڪاڪي رحمت الله عليه جي مزار تي ويو ۽ مراقبو ڪيائين، خواجه چيس ته تنهنجي گهرواري حامله آهي ان جي پيٽ ۾ قطب الاقطاب آهي ان جو نالو قطب الدين احمد رکجانءِ اها ڳالهه ان کان وسري وئي سندس گهرواري نماز پڙهي دعا گهري ته 2 ننڍڙا هٿ ظاهر ٿيا بيبي گهبرائجي وئي شاهه صاحب سان ڳالهه ڪيائين. شاه چيس ته ڊپ نه ڪر گهبراءِ نه تنهنجي پيٽ ۾ ولي الله آهي اصل نالو قطب الدين اٿس مشهور ولي الله شاهه آهن.(حڪايت اولياءِ اشرف علي ٿانوي ديوبندي)

(1) هن حڪايت مان ولي الله جي قبر تي وڃڻ، (2) صاحب قبر جو بدن ڏسڻ. (3) قبر مان فيض ملڻ (4) علم غيب ثابت آهي.

مشڪواه شريف جي مصنف پنهنجي ڪتاب اڪمال في اسماء الرجال جي باب اول ۾ حضرت ابو ايوب انصاري بابت لکيو آهي ته سندس قبر مبارڪ قسطنطنيه جي ڪوٽ جي قريب اڄ تائين مشهور ۽ معظم آهي ان جي وسيلي شفايابي جي دعا گهري ويندي ۽ ماڻهو شفاياب ٿيندا آهن.

وَقَبْرُهٗ قَرِيْبٌ مِّنْ سُوْرِهَا مَعْرُوْفٌ اِلَى الْيَوْمِ مُعَظَّمٌ يَسْتَشْفُوْنَ لَهٗ فَيَشْفُوْنَ اَنْتَهٰى (مشكواة شريف ص ٥٩٠)

هن مان اهل مزارات کان فيض ۽ مدد ملڻ جو ثبوت واضح آهي.

قَالَ الْاِمَامُ الشَّافِعِي قَبْرُ مُوْسَى الْكَاظِمِ تِرْيَاقٌ

مُجَرَّبٌ الِاجَابَةِ الدُّعَاءِ قَالَ حُجَّةُ الْاِسْلَامِ مُحَمَّدُ الْغَزَالِی مَنْ یَسْتَمِدُّ فِی حَیَاتِهِ یُسْتَمَدُّ بَعْدَ مَمَاتِهِ

(حاشيه مشكواة شريف ص ١٥٤)

امام شافعي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته حضرت موسيٰ كاظم رحمت الله عليه جي قبر مبارك دعا جي آزموده لاءِ ترياق آهي شيخ الاسلام حضرت امام غزالي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته جنهن كان جيئري مدد وٺجي ان كان بعد ممات به مدد وٺي سگهجي ٿي حضرت معروف كرخي عليه الرحمت مستجاب الدعوات بزرگ هو سندس قبر تي گهربل دعا مستجاب آهي بغداد وارا سندس مزار تي حاضر ٿي سندن توسل سان بارش جي طلب لاءِ دعا گهرندا هئا ته بارش وسڻ شروع ٿي ويندي هئي سندن قبر ترياق مجرب آهي. (روض الرياحين ص 265)

الله جو ولي هڪ وقت ۾ كيترين جاين تي تصرف كري سگهي ٿو مريدن جي حاجت روائي ۽ مشكلكشائي خدادا طاقت سان حل كري سگهي ٿو. اَلْوَلِیُّ اِذَا تَحَقَّقَ فِیْ وِلَایَتِهِ وَتَمَكَّنَ مِنَ التَّصَرُّفِ فِیْ رُوْحَانِیَّتِهِ یُعْطٰی مِنَ الْقُدْرَةِ فِی التَّصَوُّرِ فِیْ صُوَرٍ عَدِیْدَةٍ فِیْ وَقْتٍ وَاحِدٍ فِیْ جِهَاتٍ مُتَعَدِّدَةٍ عَلٰی حُكْمِ اِرَادَتِهِ (روض الريا حين ٤٠٩)

يعني ولي جڏهن ولايت جي اعليٰ درجي تي پهچي وڃي ۽ روحانيت ۾ كمال حاصل كري ٿو ته ان كي ايتري طاقت ڏني وڃي ٿي جو مختلف صورتن ۾ مختلف جاين تي هڪ وقت ۾ تصرف كري سگهندو آهي.

حضرت خواجه بهاو الدين نقشبندي قدس سره فرمائن ٿا ته حضرت عزيزان عليه الرحمت فرمايو ته هي زمين اولياءِ كرام جي نظر ۾ مثل دسترخوان جي آهي ۽ اسان چئون ٿا ته مثل نهن جي آهي كا به شيءِ اولياءِ الله كان غائب نه آهي. (نفحات الانس اردو ترجمه ص 302)

امام المحققين علامه عبدالله بن اسعد يافعي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته ان الدنيا كلها خطوت للولي . بيشڪ الله جي ولي لاءِ تمام

دنيا هڪ قدم آهي. مولانا رومي رحمت الله عليه فرمائي ٿو:

لوح محفوظ است پيش اولياء
ازچه محفوظ است محفوظ از خطا

يعني لوح محفوظ جنهن ۾ هر شيءِ جو ذڪر موجود آهي اهو هر وقت اولياءَ الله جي سامهون آهي، انصاف سان ٻڌايو جنهن جي نظرن جي سامهون لوح محفوظ هجي ان ڪان ڪهڙي شيءِ غائب رهي سگهي ٿي. جڏهن اولياءَ الله جي نظرن کان ڪا به شيءِ مخفي نہ آهي تہ پوءِ امام الانبياء حضرت محمد ﷺ جن کان ڪا شيءِ ڪيئن مخفي رهي سگهي ٿي.

دوستو اولياءِ ڪرام جي بارگاهن تي وڃو انهن سان نسبت ۽ محبت رکو، صحبت اختيار ڪيو، انهن جي زيارت ڪيو، انهن جي صحبت سنگت دنيا ۽ آخرت ۾ نفعي ۽ ڀلائي واري آهي.

صحبت جا صالحن جي اندر جو اوجار
من ملي صاف ڪن جيئن ڪٽ لاهي قلعيدار
تن وٽ ساري سپ چمار گولي ٿي گذار جي

انهن جي صحبت ۽ سنگت وڏي ڪيميا آهي ڏسو اصحاب ڪهف جو ڪتو صرف ڪجھ ڏينهن الله وارن سان گڏ رهيو تہ ماڻهو ٿي جنت ۾ داخل ٿيندو.

سگ اصحاب ڪهف روزي چند
پئہ نيڪان گرفت مرده شد

دوست:

رکي آهي جن سنگت صالحن سان
الله وٽان انهن کي وڏا ڏيج ملن
سيان صدقي تن ترندي ٻيڙي تار مان

انهن ڪامل ولين جي صدقي آيل عذاب ٽري وڃن ٿا مهر جا مينهن وسن ٿا. انهن جي صحبت دلين ۾ انقلاب آڻي ٿي.

نگاہ ولی میں وہ تاثیر دیکھی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکھی

الله وارن جي هڪ نظر سان چور ڌاڙيل، رهزن، شرابي، جواري توبه تائب ٿي نمازي، غازي ۽ حاجي بڻجي ويا.

تھے نہ تھے جو راہوں پر اوروں کے ہادی بن گئے
وہ کیا نظر تھی جس نے مردوں کو مسیحا کردیا

انهن جي صحت ۾ براين کان نفرت گناهن کان بيزاري پيدا ٿئي ٿي سو سالن جي بي ريا عبادت کان الله وارن جي صحبت جي هڪ گهڙي وڌيڪ افضل آهي.

مولانا رومي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته:

یک زمانہ صحبت با اولیا
بہتر از صد سالہ طاعت بی ریا

الله وارن جي نقش قدم تي هلڻ ۽ ان جي صحبت ۾ رهڻ سان دنيا ۽ آخرت ۾ نفعو ملي ٿو دعا آهي ته الله تعالىٰ شال انهن جي نقش قدم تي هلائي ۽ سچو عشق ۽ محبت نصيب فرمائي. آمين وصلى الله علىٰ سيدنا محمد و آله واصحابه اجمعين-

صفر المظفر — چوٿون جمعو

فضائل نماز باجماعت

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّیْ وَنُسَلِّمُ عَلٰی رَسُوْلِهِ الْکَرِیْمِ۔ اَمَّا بَعْدُ قَالَ اللّٰهُ تَبَارَکَ وَتَعَالٰی فِی کَلَامِهٖ الْقَدِیْمِ وَالْفُرْقَانِ الْحَمِیْدِ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ، وَارْکَعُوْا مَعَ الرّٰکِعِیْنَ۔
(پ ۱ سوره بقره ع ۵)

ترجمو: رڪوع ڪندڙن سان گڏ رڪوع ڪريو.

محترم حضرات، اڄ اوهان جي خدمت ۾ باجماعت نماز پڙهڻ جي فضيلت، شرف ۽ ثواب بابت ڪجهه بيان ڪندس پر ان کان اڳ نماز جي اهميت ۽ فضيلت تي روشني وجهندس اسلام ۾ وڏي ۾ وڏو رڪن ڪلمه شهادت کانپوءِ نماز آهي، نماز اها عبادت آهي جيڪا مسلمانن جي انفرادي ۽ اجتماعي زندگيءَ ۾ انقلاب برپا ڪري ٿي، سيني نيڪ عملن ۾ وڏي ۾ وڏو عمل نماز آهي (مشڪواه ص 61).

حضور اڪرم ﷺ جن نماز کي ايمان جي نشاني ٿا فرمائن:

لِكُلِّ شَيْءٍ عَلَمٌ وَعَلَمُ الْاِيْمَانِ الصَّلٰوةُ (منية المصلى مظهرى ج ۱ ص ۱۵۲)

هر هڪ شيءِ لاءِ نشاني هوندي آهي ۽ ايمان جي نشاني نماز آهي.

اِنَّ الْعَبْدَ يُنَاجِيْ رَبَّهٗ فِي الصَّلٰوةِ، اَلصَّلٰوةُ عِمَادُ الدِّيْنِ فَمَنْ اَقَامَهَا فَقَدْ اَقَامَ الدِّيْنَ وَمَنْ تَرَكَهَا فَقَدْ هَدَمَ الدِّيْنَ

نمازي نماز ۾ الله تعاليٰ سان راز و نياز جون ڳالهيون ڪندو آهي. نماز دين جو ٿنيو آهي جنهن نماز کي قائم ڪيو تنهن بيشڪ دين کي قائم ڪيو جنهن نماز کي ڇڏي ڏنو تنهن دين کي ڊاهي ڇڏيو.

معلوم ٿيو ته نماز کي ڇڏڻ گويا اسلام کي ڊاهي ڇڏڻ آهي

تنهنڪري الله تعاليٰ فرمايو آهي:

وَاَقِيْمُوا الصَّلٰوٰةَ وَلَا تَكُوْنُوْا مِنَ الْمُشْرِكِيْنَ (پ ۲۱ ع ۷ سوره الروم)

نمازکي قائم ڪيو ۽ مشرڪن مان نہ ٿيو

انهيءَ آيت جو حضور اڪرم ﷺ جن ترجمو فرمائن ٿا تہ:

بَيْنَ الْعَبْدِ وَبَيْنَ الْكُفْرِ تَرْكَ الصَّلٰوٰةِ ٻانهي ۽ ڪافر ۾ نماز ڇڏڻ جو فرق آهي

(مشڪواة شريف ج 2 ص 58، نسائي ج 1 ص 81)

فرق دنيا ۾ ڪفر اسلام جو آهي نماز

بي نمازي تي خدا جو آ ڏمر جنهن وساري آ نماز

نماز فرض عين آهي ان جو تارڪ گنهگار آهي ۽ منڪر ڪافر آهي نماز هر حالت ۾ مسلمان تي فرض آهي چاهي مريض هجي يا تندرست، گهر هجي يا سفر ۾ هر حالت ۾ پڙهڻي آهي.

٢ ڏنيو دين جو ۽ جنت جي ڪنجي

نمازون پڙهو چو پئو ٿا منجهي

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو آهي تہ قيامت جي ڏينهن سڀ کان اول نماز جو حساب ڪتاب پڇيو ويندو جيڪڏهن ٻانهو ان ۾ ڪامياب ٿيو تہ پوءِ ٻين سيني عملن ۾ ڪامياب ٿي ويندو پر جيڪڏهن ان ۾ ڪامياب نہ ٿيو تہ پوءِ ٻين عملن ۾ بہ ناڪامياب آهي (ترمذي شريف، طبراني، ترغيب ترهيب)

خدا کان ڊڄو اي بنده بي نماز

پڇي رب حشر ۾ تو اول نماز

نماز جي اهميت تي ذرا غور تہ ڪريو فاروق اعظم رضي الله تعاليٰ عنه کي نماز جي حالت ۾ زخمي ڪيو ويو هيو جڏهن زخمي ٿي ڪري پيا تہ پاڻ عبدالرحمن بن عوف جي ٻانهن وٺي ڪيس اڳي ڪيو ۽ امت کي ان اهميت تي مستحڪم ڪيائون تہ منهنجي سر کان اڳ ۾ نماز جو فڪر ڪريو هڪ وقت مٿن ڪجهہ غشي جي حالت طاري ٿي هئي نماز ياد ڏياري وئي تنهن تي فرمايائون تہ هائو نماز ضرور پڙهڻي آهي جنهن نماز نہ پڙهي

ان جو اسلام ۾ ڪجهه حصو نه آهي ۽ سيدنا حضرت حسين رضي الله تعاليٰ عنه جڏهن ڪربلا جي ميدان ۾ شهيد ٿي ويو ته سندن آخري عمل به نماز ئي هيو.

مرڻ ويلي پي اشارن سان پڙهڻ گهرجي ضرور
ڏس حسينڻ ڪربلا ۾ پي پڙهي آهي نماز

حديث شريف ۾ آهي

خَمْسُ صَلَوَاتٍ اِفْتَرَضَهُنَّ اللّٰهُ تَعَالٰی وَمَنْ اَحْسَنَ وُضُوْءَ هُنَّ وَصَلَّاهُنَّ لِوَقْتِهِنَّ وَاَتَمَّ رُكُوْعَهُنَّ وَخُشُوْعَهُنَّ كَانَ لَهٗ عَلَى اللّٰهِ عَهْدٌ اَنْ يَّغْفِرَ لَهٗ وَمَنْ لَّمْ يَفْعَلْ فَلَيْسَ لَهٗ عَلَى اللّٰهِ عَهْدٌ اِنْ شَاءَ غَفَرَ لَهٗ وَاِنْ شَاءَ عَذَّبَهٗ (مشكواة شريف ٥٨)

پنجن نمازن کي الله تعاليٰ فرض ڪيو آهي جنهن به انهن جي وضوء کي سٺو ڪيو ۽ انهن کي پنهنجي وقتن تي پڙهيائين ۽ انهن جي رڪوع ۽ سجدي کي پوري طرح ادا ڪيائين ته اهڙي شخص سان الله تعاليٰ جو انجام آهي ته ان کي ضرور بخشيندو ۽ جنهن شخص انهن پنجن نمازن جي پابندي نه ڪئي ته ان سان الله تعاليٰ بخشش جو انجام نه ڪيو آهي (پوء جيڪڏهن) الله تعاليٰ چاهي ته ان کي بخشي ۽ جيڪڏهن نه چاهي ته ان کي عذاب ڏئي هڪ ٻئي حديث ۾ آهي.

مَنْ حَافَظَ عَلَيْهَا كَانَتْ لَهٗ نُوْرًا وَّ بُرْهَانًا وَّنَجَاةً يَوْمَ الْقِيَامَةِ وَمَنْ لَّمْ يُحَافِظْ عَلَيْهَا لَمْ تَكُنْ لَهٗ نُوْرًا وَّلَا بُرْهَانًا وَّلَا نَجَاةً وَكَانَ يَوْمَ الْقِيَامَةِ مَعَ قَارُوْنَ وَ فِرْعَوْنَ وَهَامَانَ وَاُبَيِّ بْنِ خَلَفٍ (مشكواة شريف ص ٥٨)

ترجمو: جنهن شخص نمازن جي پابندي سان حفاظت ڪئي ته ان شخص لاء قيامت جي ڏينهن اها نماز نور ۽ دليل ۽ ڇوٽڪاري جو سبب ٿيندي ۽ جنهن نماز جي پابندي نه ڪئي ته ان لاء نماز نه ڪي نور هوندي نه ڪي دليل ۽ نه ڪي ڇوٽڪاري جو سبب ٿيندي بي نمازي قيامت جي ڏينهن

قارون ۽ فرعون ۽ هامان ۽ أبي بن خلف سان گڏ هوندو. حضور اڪرم ﷺ جن آخري وقت ۾ جنهن شيءِ جي وصيت فرمائي هئي اها نماز ئي آهي فرمايائون:

اَلصَّلٰوٰةَ وَمَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ

چپ مبارڪ چري رهيا هئا. ضعف جي ڪري ڳالهائي نه پيا سگهن ۽ آواز چٽو نه پئي نڪتو. حضرت عائشه صديقه رضي الله تعالىٰ عنه جڏهن ڪن ويجهو ڪيو ته فرمائن پيا نماز جو اهتمام ڪيو ۽ ٻانهن جو خيال ڪريو (دعوات حق جلد 2 ص 255).

حديثن مان اوهان نماز جي اهميت ٻڌي ته نماز ڪهڙي نه اهم ۽ ضروري شيءِ آهي هاڻي ان تي غور ۽ فڪر ڪريو ۽ پابندي سان ان کي ادا ڪيو.

نمازي سان مدني ڪندو پيار آ
نمازن جو تارڪ گنهگار آ

هيئنئر نماز جي فضيلت به ٻڌو ارشاد رباني آهي:

وَاْمُرْ اَهْلَكَ بِالصَّلٰوٰةِ وَاصْطَبِرْ عَلَيْهَا لَا نَسْئَلُكَ رِزْقًا نَحْنُ نَرْزُقُكَ وَالْعَاقِبَةُ لِلتَّقْوٰى (سوره طه پ ١٦ ع ٨)

ترجمو: ۽ پنهنجي اهل کي نماز جو حڪم ڪر ۽ نماز جي (پاڻ به) هميشه پابندي ڪر اسان توکان رزق جي ڳولا جو سوال نه ڪنداسون (نماز جي طفيلي) اسان تنهنجي رزق کي ڪشادو ڪنداسون ۽ چڱي پڇاڙي پرهيزگارن لاءِ آهي. معلوم ٿيو ته نماز پڙهڻ ڪري خدا رزق کي کولي ٿو ڪشادو ڪري ٿو تنهن ڪري توهان ۽ اسان تي لازم آهي ته پاڻ به نماز پڙهون پنهنجي اولاد ۽ گهروارن، پاڙيوارن پنهنجي پيارن، دوست يارن، پنهنجن ۽ پراون کي به نماز جو امر ڪندا رهون.

نمازن سندو حڪم قرآن ۾
فضيلت لکيل آهي فرقان ۾ .

حضرت نبي اڪرم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ ٻار جڏهن ستن سالن جو ٿئي تہ ان کي نماز پڙهڻ لاءِ تاڪيد ڪيوءِ جڏهن ڏهن سالن جو ٿئي تہ نماز پڙهڻ لاءِ ڀلي مار بہ ڏيوس. ان جو فائدو بہ ٻڌو حديث پاڪ ۾ آهي تہ ميت جو قبر ۾ اوچتو درجو بلند ٿئي ٿو پوءِ اهو ميت درخواست ٿو ڪري انيٰ لي هذه. سائين اهو رتبو مون کي ڪيئن مليو ۽ ڪٿان حاصل ٿيو. رب سائينءَ جي طرفان ان کي جواب ٿو ملي. باستغفار ولدڪ تنهنجي پٽ تولاءِ بخشش جي دعا گهري آهي ان ڪري توکي اهو رتبو مليو آهي. (مشڪواه شريف ص 206)

دوستو جنهن کي اهو خيال هجي تہ الله پاڪ منهنجي والدين جي قبر کي بهشت جي باغن مان باغ بڻائي تہ اهو شخص نمازي ٿئي تہ الله تعاليٰ سندس پيءُ ماءُ تي ضرور راضي ٿيندو.

ٻيو نمازي شخص کي سڪرات جي وقت بهشت جي خوشخبري ٿي ملي:

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا تَتَنَزَّلُ عَلَيْهِمُ الْمَلٰٓئِكَةُ اَلَّا تَخَافُوْا وَلَا تَحْزَنُوْا وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِيْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ (سورة حٰم السجدة پ ٢٤ ع ٤)

يعني: بيشڪ جن شخصن چيو تہ اسان جو رب الله تعاليٰ آهي ۽ پوءِ اهي شخص انهيءَ قول تي مرندي تائين مضبوط رهيا(تان جو جڏهن سڪرات جو وقت اچي ويو). ان وقت انهن شخصن وٽ ملائڪ پهچن ٿا (۽ اهي ملائڪ ان وقت اهڙن صالحن شخصن کي چون ٿا) ڪنهن قسم جو ڏک ۽ خوف نہ ڪريو ۽ ان جنت جي خبر سان خوش ٿيو جنهن جو اوهان کي وعدو ڏنو ويو آهي.

حضور اڪرم ﷺ جن جي هٿن مبارڪن کان حوض ڪوثر بہ نمازيءَ کي ملندو هڪ ٻگهي حديث ۾ آهي جنهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ آءُ قيامت جي ڏينهن پنهنجي امت کي سڃاڻي حوض ڪوثر

پياريندس، صحابہ عرض ڪيو تہ سائين اتي تہ خلق آدم عليه السلام کان وٺي قيامت تائين سڀ جي سڀ ڪٺي هوندي ايتري خلق مان اوهان پنهنجي امت کي ڪيئن سڃاڻيندؤ فرمايائون تہ: منهنجي امت پنج ئي عضوا يعني منهن، ٻئي هٿ ۽ ٻئي پير وضوءَ جي اثر ڪري روشن هوندا ان علامت سان آءٌ پنهنجي امت کي سڃاڻي حوض ڪوثر پياريندس ۽ اهڙي علامت ڪنهن ٻئي امت ۾ نہ هوندي (مشڪواه 40)

حديث مان معلي اها نڪتي تہ نمازي شخص ڪانسواءِ ٻئي ڪنهن کي بہ حضر اڪرم ﷺ جن جي هٿن مبارڪن سان حوض ڪوثر نہ ملندو حديث ۾ ايندو آهي تہ جو شخص گهر کان وضو ڪري نماز لاءِ وڃي اهو ائين هوندو آهي جيئن گهر کان احرامِ ٻڌي حج لاءِ وڃي.

يہی مسجد یہی کعبہ یہی گلزار جنت
چلو آؤ مسلمانو یہی تخت محمدؐ ہے

عزيز دوستو نماز براين کان روڪي ٿي ۽ وقت جي پابندي بہ سيکاري ٿي، بدن هميشه پاڪ ۽ صاف رهي ٿو، روح تازو ۽ عقل تيز ٿئي ٿو ارادو مضبوط ٿئي ٿو بدن تندرست رهي ٿو، سڀ پريشانيون دور ٿين ٿيون، گناه متجن ٿا، درجا بلند ٿين ٿا حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪندو آهي پوءِ مسجد ڏانهن ويندو آهي تہ ان جي هر قدم جي بدلي ان جو هڪ درجو بلند ڪيو ويندو آهي ۽ ان جو هڪ گناه معاف ڪيو يندو آهي جڏهن اهو نماز پڙهڻ لڳندو آهي تہ فرشتا لڳاتار ان جي لاءِ دعائون ڪندا رهندا آهن تہ اي الله هن تي پنهنجي رحمت نازل فرماءِ اي الله هن تي رحم فرماءِ جيترو وقت مسجد ۾ نماز جي انتظار ۾ هوندو آهي ان کي نماز جو ثواب ملندو رهندو آهي. (مشڪواه شريف 68)

صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

أَرَأَيْتُمْ لَوْ أَنَّ نَهَرًا بِبَابِ أَحَدِكُمْ يَغْتَسِلُ فِيهِ كُلَّ يَوْمٍ خَمْسًا مَرَّاتٍ هَلْ يَبْقَىٰ مِنْ دَرَنِهٖ شَيْءٌ قَالُوْا لَا يَبْقَىٰ مِنْ دَرَنِهٖ شَيْئٌ

ڇاتا چئو تہ جيڪڏهن ڪنهن ماڻهو جي دروازي تي نهر هجي از
مان روزانو پنج ڀيرا وهنجي تہ ڇا ان جي بدن تي ڪا ميراڻ رهندي؟ صحاب
چيو تہ ڪا ميراڻ نہ رهندي، فرمايائون

فَذَالِكَ مَثَلُ الصَّلٰوةِ الْخَمْسِ يَمْحُوْ اللّٰهُ بِهِنَّ الْخَطَايَا

تہ پوءِ پنجن نمازن جو مثال بہ ائين آهي انهن جي ذريعي اللہ گناهن کي ميٽي
ڇڏي ٿو. (بخاري شريف ج 1 ص 76. نسائي شريف ج 1 ص 81. مسلم شريف
ج 1 ص 235. مشڪواه شريف ص 57. سنن دارمي ج 1 ص 574)
حديث ۾ آهي تہ هڪ ڀيري حضور اڪرم ﷺ جن هڪ وڻ جي ٽاري هٿ مبارڪ
۾ کڻي ان کي ڇنڊيو تہ ان جا پن ڇڻي پيا پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ جيڪ
شخص پنج وقت سنت جي موافق وضو ڪري نماز ادا ڪري تہ سندس گناه
ائين ڇڻي وڃن ٿا جيئن هن ٽاريءَ جا پن ڇڻي پيا (مشڪواه شريف ص 58)
نماز جون برڪتون ۽ رحمتون اوهان ٻڌيون جيڪڏهن گناهن کان
بچڻ دين ۽ دنيا جون ڀلايون حاصل ڪرڻ چاهيو ٿا تہ نماز پابندي سان
سڪون ۽ آرام سان پڙهو فرائض ۽ واجبات جو خيال رکو فقط ٽڪر مارڻ ۽
بيگر ۾ وقت ٽارڻ اهو ڪافي نہ آهي جيئن اڪثر ڪري ڏٺو ويو آهي تہ گهڻا
ماڻهو ٽڪڙ ٽڪڙ ۾ بہ چار سجدا سي بہ صحيح نہ ڏئي نماز پڙهي پڄڻ
شروع ڪندا آهن حالانڪ فرق صرف ٻن چئن منٽن جو ٿئي ٿو. انهي
ابهرائي سبب نماز جو لطف ۽ اجر ضايع ٿئي ٿو. اللہ تعاليٰ جو حڪم آهي

قَدْ أَفْلَحَ الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ هُمْ فِيْ صَلَاتِهِمْ خَاشِعُوْنَ

(پ ١٨ سوره المؤمنون ١٤)

يعني اهي مسلمان مومن نجات ۽ فلاح پائي ويا جيڪي نمازو
ناهي ناهي پڙهي ادا ڪن ٿا.
حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ الصلوٰه معراج المومنين. نما

مومنن جو معراج آهي. انهيءَ جو مطلب هي آهي تہ جيئن حضور اڪرم ﷺ جن الله تعاليٰ جي حضور ۾ روبرو حاضر ٿيا هئا تيئن مومن پانهو دنيا جا سمورا ڪاروبار ڇڏي ڪري نماز جي حالت ۾ جڏهن پنهنجي حقيقي مالڪ جي سامهون پيش ٿئي ٿو ۽ نهايت ئي عجز ۽ نياز سان سندس حمد ثنا بيان ڪري ٿو رب العالمين جي حضور ۾ حضور اڪرم ﷺ جن بہ حاضر آهن نمازي جڏهن مديني جي سائين مدني تاجدار حضرت محمد ﷺ جن جو ديدار ڪري سلام عرض ڪري ٿو: السلام عليك ايها النبی ورحمة الله حجة الاسلم امام غزالي رحمت الله عليه فرمائي ٿو تہ:

وَاحْضُرْ فِيْ قَلْبِكَ النَّبِيَّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَآلِهٖ وَسَلَّمَ وَشَخْصَهُ الْكَرِيْمَ وَقُلْ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ

(احياء العلوم ج ١ ص ١٧٥)

اي نمازي جڏهن تون قعده ۾ ويهين تہ پنهنجي دل ۾ نبي ڪريم ﷺ جن کي حاضر سمجهي چئو: السلام عليك ايها النبی ورحمة الله وبركاته الله تعاليٰ جي عظمت، جلال، وڏائي ۽ قدرت جو خيال بہ ذهن نشين هجي ۽ هي بہ تصور هجي تہ هيءَ نماز منهنجي عمر ۽ زندگيءَ جي شايد آخري نماز آهي. اهڙي تصور ۽ طريقي سان نماز ۾ روحاني ڪيفيت پيدا ٿئي ٿي.

هيءَ ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ هر نماز پنهنجي پنهنجي وقت ۾ پڙهڻ فرض آهي ڪا بہ نماز ٻي نماز جي وقت ۾ گڏي پڙهڻ جائز نہ آهي شيعہ حضرات جو تہ طريقو ئي نرالو آهي هو پنجن کي ٽن وقتن ۾ يعني ظهر ۾ عصر ۽ مغرب ۾ عشاءِ پڙهي پوءِ موڪل ڪري ڇڏيندا آهن حالانڪ اهو طريقو قرآن پاڪ ۽ آئمہ اهل بيت جي تعليم خلاف آهي ارشاد رباني آهي تہ:

اِنَّ الصَّلٰوةَ كَانَتْ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ كِتَابًا مَّوْقُوْتًا (پ ۵ سوره النساء ع ١٢)

يعني بيشڪ نماز مومنن تي پنهنجي وقت مقرر ۾ پڙهڻ فرض ڪئي وئي آهي شيعہ حضرات جي معتبر ڪتاب من لا يحضره الفقيه ج 1 ص138 ۾ بہ پڻ پنج وقت جدا جدا نماز لاءِ مقرر آهن.

حضرات محترم. هينئر مون اوهان جو ڌيان ۾ توجهه ان آيت پاڪ ڏانهن ڇڪايان ٿو جا اڳ اوهان جي روبرو تلاوت ڪئي هيم ان ۾ الله تعاليٰ فرمائي ٿو:

وَارْكَعُوْا مَعَ الرَّاكِعِيْنَ

رڪوع ڪندڙن سان رڪوع ڪريو.

يعني جماعت سان ملي نماز پڙهو. عزيز دوستو! جماعت سان نماز پڙهڻ ۾ وڏو درجو ۽ ثواب آهي حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ:

عَنْ عَبْدِاللّٰهِ بْنِ عُمَرَ اَنَّ رَسُوْلَ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ قَالَ صَلٰوةُ الْجَمَاعَةِ تَفْضُلُ صَلٰوةَ الْفَذِّ بِسَبْعٍ وَّعِشْرِيْنَ دَرَجَةً

(مسلم شريف ج ۱ ص ۲۳۱، بخاري شريف ج ۱ ص ۸۹، مشكوٰة ۹۵)

حضرت عبدالله بن عمر رضہ کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو جماعت جي نماز جو ثواب اڪيلي جي نماز ڪان 27 درجا زياده هوندو آهي. اتي هي ڳالهہ ذهن ۾ رهي تہ نماز صحيح عقيدي سني امام جي پويان پڙهڻ گهرجي تہ جيئن اجر ۽ ثواب ملي. دوستو جماعت سان گڏ نماز پڙهڻ جي ڪري مسلمانن ۾ بين شين ڪانسواءِ اجتماعيت جو جذبو بہ پيدا ٿئي ٿو، اخوت. محبت. همدردي ۽ هڪ ٻئي سان تعاون ڪرڻ جي ريت پيدا ٿئي ٿي ان ڪري ئي جماعت واري نماز ڪي اڪيلي نماز تي فضيلت حاصل آهي. توجهہ ۽ فڪر ڪريو ڪهڙو شخص آهي جنهن ڪي هڪ روپئي جي جاءِ تي ستاويهہ روپيہ ملڻ ۽ اهي ڇڏي ڪري هڪ روپيو وٺي مگر افسوس آهي جو دين جي شين ۾ اهڙن وڏن نفعن ڪان بي توجهي ۽ لاپرواهي ڪئي وڃي ٿي ان جو اهو ئي سبب آهي جو اسان ماڻهن ڪي دين جي پرواه ئي نہ آهي الله تعاليٰ اسان جي حال تي رحم فرمائي.

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن وٽ هڪ نابين شخص آيو عرض ڪيائين تہ اي الله جا رسول مون ڪي ڪو بہ اهڙو ماڻهو نہ آهي جو مون ڪي

مسجد ڏانهن وڃي اچي تنهنڪري رسول الله ﷺ کان پنهنجي گهر ۾
پڙهڻ جي موڪل گهريائين پهريائين رسول الله ﷺ جن ان کي اجازت ڏ
مگر جڏهن پٺي ڏئي هلڻ لڳو ته سڏ ڪري پڇائونس ته ڇا تون ٻانگ ٻڌ
آهين؟ عرض ڪيائين ته هائو سائين فرمايائونس ته پوءِ جماعت سان ن
پڙهڻ اچ. (مسلم شريف ج 1 ص 232. مشڪواه شريف 59)

دوستو ڏسو ان نابين صحابيءَ کي به سهڻي محبوب ﷺ جن گ
۾ نماز پڙهڻ جي اجازت نه ڏني. اڄ افسوس آهي ان مسلمان تي صح
سالم گهرن ۾ اذان ٻڌي ان ٻڌي ڪري ڇڏن ٿا مسجد ۾ جماعتن سان ن
پڙهڻ ڪون ٿا اچن الله تعالى شال انهن کي هدايت ڏئي.

هزاران خانه در محراب داری
نماز آن به که در مسجد گذاری

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته جو شخ
چاليهه ڏينهن اخلاص سان اهڙي طرح نماز جماعت سان پڙهي جو ان
تڪبير اوليٰ به فوت نه ٿئي ته ان کي ٻه پروانا ملن ٿا هڪ جهنم ۽
ڇوٽڪاري جو ٻيو نفاق کان بري هجڻ جو حضرت رسول الله ﷺ جن
فرمان مبارڪ آهي ته جيڪو شخص چڱي طرح وضو ڪري مسجد ۾ نم
پڙهڻ لاءِ وڃي ۽ اتي پهچي ڪري معلوم ٿئي ته جماعت ٿي وئي اهي ته
ان کي جماعت جو ثواب ملندو ۽ ان جي ثواب ڪري انهن مائهن جي ثوا
۾ ڪجهه ڪمي نه هوندي جن جماعت سان نماز ادا ڪئي آهي. (ابو دائو
نسائي، حاڪم).

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته جيڪو عش
جي نماز جماعت سان پڙهي ٿو جڻ ته ان اڌ رات تائين خدا تعاليٰ ج
عبادت ۾ ويهي ڪري گذاريو ۽ جيڪو صبح جي نماز جماعت سان پڙه
ٿو جڻ ته ان سڄي رات ويهي ڪري خدا تعاليٰ جي عبادت ۾ گذاري
(مسلم شريف جلد 1 ص 232)

حضرت ابي بن ڪعب رضہ فرمائي ٿو تہ هڪ ڀيري اسان کي رسو
ﷺ جن صبح جي نماز پڙهائي پوءِ جڏهن نماز کان سلام ڦيرائون
يا ڪيائون ڇا فلاڻو حاضر ٿيو آهي؟ عرض ڪيائون تہ نہ سائين (ور
مايائون تہ ڇا فلاڻو حاضر ٿيو آهي؟ عرض ڪيائون تہ نہ سائين
مايائون تہ تحقيق هي ٻہ نمازون (عشاءِ فجر) منافقن تي سمورين نماز
ڳوريون آهن ۽ انهن ٻنهي جي اجر کي جيڪڏهن اوهين ڄاڻو ها
ڪر ريڙهيون ڏئي ڪري بہ انهن نمازن ۾ اچو ها (مشڪواة شريف ص 96)

حضرت ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ
فرمايو تہ منافقن تي سومهاڻي ۽ فجر جي نماز سڀ کان ڀاري هوند
جيڪڏهن اهي ان جي فضيلت ۽ ثواب کي ڄاڻن ها تہ ضرور شريڪ
ها انهن کي ريڙهيون پائي بہ اچڻو پوي ها. مان پڪو ارادو ڪيو آهي
ماعت کڙي ڪرڻ جو حڪم ڏئي هڪ شخص کي نماز پڙهائڻ جو حڪ
ريان ۽ اهو ماڻهن کي نماز پڙهائي ۽ مون انهن ماڻهن ڏانهن وڃ
کي نماز ۾ حاضر نہ ٿيا آهن پوءِ انهن جي مٿان مون انهن جي گهرن کي
ه ڏيان. هڪ ٻي روايت ۾ آهي تہ جيڪڏهن گهرن ۾ عورتون ۽ ننڍا ٻار
ن ها تہ مون عشاءَ جي نماز شروع ڪريان ۽ جوانن کي حڪم ڏيان تہ ا
رن کي باهہ ڏيئي ڪري ساڙي ڇڏن. (مسلم شريف ج 1 ص 232. بخا
ريف ج 1 ص 90. مشڪواة شريف ص 97)

تن میں رعشے پڑ گئے پیری میں گردن جھک گئی
اب تو جھک سجدے میں اے سرکش خدا کے سامنے

دعا آهي تہ الله تعاليٰ اسان کي نماز باجماعت پابنديءَ سان پڙ
توفيق عطا فرمائي آمين.

وما علينا الا البلاغ المبين

ربيع الاول

پهريون جمعو

فضائل ميلاد النبي صلي الله عليه وآله وسلم

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنَسْتَعِيْنُهٗ وَ نَسْتَغْفِرُهٗ وَ نُؤْمِنُ بِهٖ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ رَحْمَتِهٖ لِلْعَالَمِيْنَ سَيِّدِنَا وَ مَوْلٰنَا مُحَمَّدٍ ﷺ وَالسَّلَامُ عَلٰى آلِهٖ وَاَهْلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَوْلِيَاءِ اُمَّتِهٖ وَعُلَمَاءِ مِلَّتِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ۔ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ رَبَّنَا وَابْعَثْ فِيْهِمْ رَسُوْلًا مِّنْهُمْ يَتْلُوْا عَلَيْهِمْ اٰيَاتِكَ وَ يُعَلِّمُهُمُ الْكِتَابَ وَالْحِكْمَةَ وَيُزَكِّيْهِمْ۔ (سوره بقره پ ١ ع ١٥)

ترجمو: اي اسان جا پالڻهار! انهن ۾ وڏي شان وارو رسول انهن مان ئي موڪل جيڪو مٿن تنهنجون آيتون پڙهي ۽ کين تنهنجو ڪتاب ۽ پختو علم سيکاري ۽ انهن کي چڱيءَ طرح پاڪ ڪري.

عزيز دوستو منهنجي تقرير جو موضوع آمد رسول الله ﷺ آهي:

حضرت ابراهيم عليه السلام الله تبارڪ و تعاليٰ جو جليل القدر پيغمبر هو ان کي به حبيب خدا حضرت محمد ﷺ جن جي آمد جو شدت سان انتظار هو. بار بار بارگاهه خداوندي ۾ عرض گذار هو ته اي الله جنهن محبوب ڪريم ﷺ جي باري ۾ تو تمام نبين کان عهد ورتو هو. ان سهڻي جي منهنجي وطن عرب ۾ جلد آمد ٿي. الله تعاليٰ حضرت ابراهيم عليه السلام جي ان دعا کي شرف قبوليت عطا فرمايو. حضرت عيسيٰ عليه السلام به آمد مصطفيٰ ﷺ جو منتظر هو ۽ هن بشارت ڏني هئي.

"وَاِذْ قَالَ عِيْسَى ابْنُ مَرْيَمَ يَا بَنِيْٓ اِسْرَآئِيْلَ اِنِّيْ رَسُوْلُ اللّٰهِ اِلَيْكُمْ مُّصَدِّقًا لِّمَا بَيْنَ يَدَيَّ مِنَ التَّوْرَاةِ وَ مُبَشِّرًاۢ بِرَسُوْلٍ

يَأْتِي مِنْ بَعْدِي اسْمُهُ أَحْمَدُ۔ (الصف پ ٢٨ ع ١)

ترجمو: ۽ ياد ڪريو جڏهن عيسيٰ بن مريم چيو اي بني اسرائيل م
توهان جي طرف الله جو رسول آهيان پاڻ کان پهرين ڪتاب توريت ج
تصديق ڪندي ۽ ان جي رسول ﷺ جي خوشخبري ٻڌائيندي جيڪو م
کان پوءِ تشريف آڻيندو جنهن جو نالو آهي احمد.

حضور ڪريم ﷺ جن به فرمائيندا هئا ته مان:

دَعْوَةُ أَبِي إِبْرَاهِيمَ وَبِشَارَةُ عِيسَىٰ عَلَيْهِ السَّلَامُ

(خصائص کبریٰ ج ١ ص ٧٨، الانوار المحمديه ص ٢٥، حجة الله على العالمين ص ٦٩

پنهنجي پيءُ ابراهيم عليه السلام جي دعا آهيان ۽ حضر
عيسيٰ عليه السلام جي خوشخبري آهيان.

ڏني عيسيٰ بشارت جنهن جي آمد جي هئي اڳ ۾
امام الانبياءِ آيو نبي نور الهديٰ آيو

حضرت ابراهيم عليه السلام جي دعا ۽ حضرت عيسيٰ عل
السلام جي بشارت رنگ لاتو.

ہوئی پہلوئے آمد سے ہویدا
دعائے خلیل اور نوید مسیحا

صدين کان جنهن سائينءَ جي آمد جو انتظار جو هو، دنيا جن
دلبر مدنيءَ محبوب جون راهون تڪي رهي هئي، اهو سهڻن جو سردار اڙ
جو آڌار يتيمن جو يار، امت جو غمگسار، دلين جو ٺار حضرت محمد مخ
ﷺ 12 ربيع الاول سومر جي ڏينهن پرهه ڦٽيءَ جو هن درتيءَ جلوه نما ٿيا

ائين ڪونه آيو ڪو عربيءَ مٿل
وڏيل ناڙو نرمل جو ختنو ٿيل
معطر بدن زلف خوشبو لڳل
اکين ۾ قدرتي پيل هو ڪجل

آمد مصطفيٰ ﷺ سان سارو جهان پرنور ٿي ويو.

اے ضیائی رحمتہ للعٰلمین ہیں مصطفٰی
جن کے جلووں سے منور ہوگئے دونوں جہاں

جڏهن حضور ﷺ جن جي ولادت با سعادت جو وقت آيو تہ الله تعاليٰ فرشتن کي حڪم ڏنو تہ منهنجي محبوب ﷺ تي درود و سلام پڙهو. دوزخ جا دروازا بند ڪري ڇڏيو.

"اِفْتَحُوْا اَبْوَابَ السَّمَاءِ كُلَّهَا وَاَبْوَابَ الْجِنَانِ" سيني آسمانن ۽ جنتن جا دروازا کولي ڇڏيو. (الانوار المحمديہ ص 22)

نوری محفل پہ چادر تنی نور کی
نور پھیلا ہوا آج کی رات ہے
چاندنی میں ہیں ڈوبے ہوئے دو جہاں
کون جلوہ نما آج کی رات ہے

ولادت باسعادت جو ذڪر ڪندي سيده طيبہ طاهره حضرت آمنہ رضي الله عنها فرمائي ٿي:

"اِنِّیْ رَاَيْتُ اَنَّهٗ خَرَجَ مِنِّیْ نُوْرٌ اَضَاعَتْ لَهٗ قُصُوْرُ الشَّام"

(خصائص کبریٰ ۱، ص ۱۱۰، حجة الله علی العالمین ص ۱۷۰)

"قَالَتْ لَمَّا وَلَدْتُهٗ خَرَجَ مِنِّیْ نُوْرٌ اَضَاءَ لَهٗ قُصُوْرُ الشَّام

(حجة الله علی العالمین بنھانی ص ۱۶۹، سیرة حبیبیه اردو جلد ۱ ص ۱۹۰، تاریخ اسلام ص ۸۶)"

مان ڏٺم مون کان هڪ نور ظاهر ٿيو جنهن سان شام جا محلات روشن ۽ منور ٿيندي ڏٺا. ٻئي روايت ۾ آهي تہ مان بصري ۾ هلڻ وارين ڏاچين جون ڳچيون بہ ڏٺيون (سيرت حلبيہ اردو ج 1 ص 190) ذرا غور ۽ توجهہ ڪريو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نور سبحان امان سائڻ جي نظر جو اهو عالم هو جو شام جا محل ٻئي ڏٺائين تہ پوءِ نور مجسم ﷺ جن جي خود نگاهہ پاڪ جو ڇا عالم هوندو ۽ سندن کان ڪهڙي شيءِ ڳجهي هوندي.

نہیں تجھ سے مخفی ہے کچھ بھی محمد ﷺ

امان سائڻ جو فرمان مبارڪ تہ "مون کان نور ظاهر ٿيو" ان تي غور ڪريو. ميلاد پاڪ جا منڪر چون ٿا اسان جهڙو بشر پيدا ٿيو. هاڻ انصاف ۽ فيصلو اوهان تي آهي.

حقيقت هيءَ آهي تہ:

خدا جي نور نرمل مان نبي نروار ٿي آيو
بشر جو ويس پائي هو امام الانبياءِ آيو

حضور ﷺ جن جي ولادت با سعادت ٿي سڀ کان اول الله تعالیٰ جي حمد و ثنا اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَالْحَمْدُ لِلّٰهِ كَثِيْرًا وَسُبْحَانَ اللّٰهِ بُكْرَةً وَّاَصِيلًا ۽ ڪلمو لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ پڙهي پنهنجي نبوت جو اعلان فرمايائون. (سيرت حلبيہ اردو ج 1 ص 191 تحفة الخطيب مولوي شبير احمد پتو ديوبندي ص 42).

اچڻ ساڻ ساجن هو سجدو ڪيو
خدا بخش امت پرين پي چيو

امان سائڻ فرمائي ٿي تہ مان نظر ڦيرائي ڏٺم تہ:

ثُمَّ نَظَرْتُ اِلَيْهِ فَاِذَا هُوَ كَالْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ رِيْحُهٗ يَسْطَعُ كَالْمِسْكِ الْاَذْفَرِ

(سيرة نبويه دحلان ج ۲ ص ۳۳۷)

سبحان الله چوڏهين جي چنڊ کان بہ وڌيڪ سهڻا مشڪ اذفر جي خوشبوءِ کان بہ وڌيڪ خوشبودار هئا.

پرينءَ جي پگهر مٽ نہ مشڪ و عنبر
بدن پاڪ معطر نوراني هو نور

سندن حسن اڳيان شمس شرمائڻ لڳو. قمر ڪومائجي ويو. سندن نور سان سارو جهان روشن ۽ منور ٿيو.

اس طرف نور ہے، اس طرف نور ہے، سارا عالم مسرت سے معمور ہے
جس کو دیکھو، وہی آج مسرور ہے، مہک اٹھی فضا آج کی رات ہے

فَإِذَا هُوَ أَحْسَنُ عِنْدِيْ مِنَ الْقَمَرِ (مشكوات شريف 518)

پٽائي گهوٽ رحمت الله عليه ان حقيقت کي ان طرح واضح ڪري ٿو.

ڪٿي نيڻ خمار مان جان ڪيئون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون ڪوماٽو قمر
تارا ڪتيون تائب ٿيا، ڏيکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر جانب جي جمال سين

امان سائڻ فرمائي ٿي تہ: هر طرف کان اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰه، اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ جا ترانا ٻڌڻ ۾ آيا.

وَالْمَلٰئِكَةُ مِنْ حَوْلِهٖ صُفُوْفٌ صُفُوْفٌ وَسَمِعْتُ يَقُوْلُوْنَ
اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ
عَلَيْكَ يَا نُوْرٌ مِنْ نُوْرِ اللّٰهِ (ميلاد النبوی ابن جوزی ص ٤٧)،

ثابت ٿيو تہ تعظيماً اٿي بيهي ادب سان صلوات و سلام پڙهڻ سنت ملائڪ آهي.

فرشتوں کی سلامی دینے والی فوج گاتی تھی
جناب آمنہ سنتی تھی یہ آواز آتی تھی
سلام اے آمنہ کے لال اے محبوب سبحانی
سلام اے فخر موجودات فخر نوع انسانی

مقصود ڪائنات، تاجدارِ لَوْلَاكَ لَمَا حضرت محمد مصطفي ﷺ جن جي تشريف آوري تي حورن درود و سلام پڙهيا. فرشتن سلامي ڏني، خالق ڪائنات رَبُّ ذُوالْجَلَالِ وَالْاِكْرَامِ درود جا تحفا موڪليا. شب تاريڪ اندر اونداهين ۾ بدل ڪائنات روشن ٿي وئي، سڪا وڻ ساوا ٿي ويا. سنڍ عورتن بہ پٽ ڄڻيا. جانورن بہ خوشيءَ مان هڪ ٻئي کي مبارڪون ڏنيون تہ سردارن جو سردار اچي ويو. مڪي وارن چيو تہ دلدار اچي ويو. مديني وارن چيو تہ سالار اچي ويو. عجم وارن چيو تہ غمخوار اچي ويو. ملائڪن چيو تہ حبيب پروردگار اچي ويو. حورن چيو منٺار اچي ويو، عرب جو آذار اچي ويو.

زمین و زماں تمہارے لیے، مکین و مکاں تمہارے لیے
چنیں و چناں تمہارے لئے، بنے دو جہاں تمہارے لیے

☆ پرورش:

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي جن عورتن کير پياريو انهن جو تعداد اٺ بيان ڪيو وڃي ٿو. ڪنهن روايت ۾ ڏهن جو ذڪر به آهي. انهن مان سڀ کان پهريائين پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي والده محترمه حضرت آمنه رضي الله عنها پوء ثوبيه جيڪا سندن چاچي ابو لهب جي ٻانهي هئي. پوء خوله بنت منذر ۽ ام ايمن آهن. ان کان علاوه قبيله "عوا" جون 3 عورتون به شامل آهن. ان کان پوء بيبي حليمه رضي الله عنها (سيرت حلبيه اردو ج 1 ص 271)

عربستان ۾ هيءُ رواج هو جڏهن انهن وٽ ٻار ڄمندو هو ته اهي پنهنجي قبيلي کي ڇڏي ٻين قبيلن جي ڪنهن بهترين دائيءَ جي تلاش ڪندا هئا ۽ ٻار کي ان جي حوالي ڪري سندس پالڻ جي خدمت جو عيوضو ڏيندا هئا. ان جو هي مقصد هوندو هو ته ٻار جي نشو ونما بهترين عادتن طور طريقن ۽ زباني خوش ڪلاميءَ سان ٿي. حضور اڪرم ﷺ جن جي ميلاد شريف جي برڪت سان مڪي پاڪ جي ڪند ڪڙڇ ۾ جن به عورتن ٻار ڄڻيا سڀ پٽ ئي پيدا ٿيا. بنو سعد جون عورتون دائيءَ واري خدمت لاءِ ٻارن جي تلاش ۾ مڪي ڏانهن روانيون ٿيون. انهن مان هڪ بخت ڀري خاتون حضرت حليمه سعديه رضي الله عنها به هئي. سائڻ فرمائي ٿي ته ان سال سخت ڏڪر هو ڏڪر جي ڪري اسان وٽ ڪائڻ پيئڻ لاءِ ڪجهه به نه هو. منهنجو کير پياڪ ٻار بک جي سختيءَ کان روئيندو رهندو هو. جنهن سبب ڪري ساري رات ننڊ ڪونه ايندي هئي ۽ نه ڏاچين جي ٿڻن ۾ ڪو کير جو ڇڪو هو جو ڪٿي ٻار کي پياريان. بس الله تعالىٰ تي ڀروسو رکي پنهنجي گڏه تي سوار ٿي سفر شروع ڪيم. گڏه ڪمزور ۽ ڏٻرائپ جي ڪري ڪرندي ۽ ٿاٻڙندي پئي هلي. ٻيون عورتون تيز رفتاريءَ سان مون کان اڳي

نڪري ويون. سيني عورتن منهنجي پهچڻ کان اڳ مالدار ۽ رئيسن جا گهر وڃي لڌا، حضور اڪرم ﷺ جن کي يتيم سمجهي هر هڪ عورت وٺڻ کان انڪار ڪيو. منهن جي ساٿياڻين کي وڏن وڏن اميرن،رئيسن ۽ زميندارن جا ٻار ملي ويا ۽ مون کي دير جي پهچڻ سبب ڪو ٻه ٻار ڪونه مليو مايوس ٿي ويس غيب کان آواز آيو اي حليمه غم نه ڪر. اڄ تنهنجي جهولي ۾ ڪوئين جي دولت اچي رهي آهي ۽ تنهنجي قسمت تي اڄ حورون به رشڪ ڪري رهيون آهن. انهن لفظن سان دل کي آٿت آئي. آءُ پنهنجي مڙس کي چيو ته ائين خالي موٽي هلڻ کان بهتر آهي ته ان يتيم ٻار کي کڻي هلجي. مڙس چيو ته ٺيڪ آهي شايد الله تعاليٰ ان يتيم ٻار جي برڪت سان ئي اسان کي آسودگي ۽ خوشحالي عطا فرمائي اهو پڪو ارادو ڪري کڻڻ ويم کڻڻ لڳم ته آواز ٻڌڻ ۾ آيو:

جو حورو ملک کو میسر نہیں ہے
وہ نعمت تیرے ہاتھ آئی حلیمہ

آڪيون مبارڪ کولي مون ڏانهن ڏسي مشڪيا. مون نوڙي پيشانيءَ مبارڪ تي چمي ڏني. (الانوار المحمديه ص 29). هاتف غيب کان آواز آيو ته:

بڑی تو نے توقیر پائی حلیمہ
بنی تو محمد ﷺ کی دائی حلیمہ

بيبي حليمه رضي الله عنها جو بيان آهي ته اهو ٻار مون کي اهڙو پيارو لڳو جو آءُ بي اختيار کڻي ڇاتي سان لاتو. حسن جي ڇا تعريف ڪيان. اهڙو حسين و جميل ٻار منهنجي اکين ڪڏهن نه ڏٺو.

وَاَحْسَنُ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِي
وَاَجْمَلُ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ

رخ مصطفیٰ ہے وہ آئینہ، اب ایسا دوسرا آئینہ،
نہ ہماری چشم خیال میں، نہ دوکان آئینہ ساز میں

سيني سان لڳايو ته سينو ٺري پيو مون کي اهڙي ته فرحت محسوس ٿي جو بيان ڪرڻ کان زبان قاصر آهي. آءٌ کين کڻي قافلي ڏانهن آيس. ڪنهن چوڻ واري چيو:

وہ اللہ والا تیری گود میں ہے
ثنا گر ہے جس کی خدائی حلیمہ

پوءِ جيئن ئي منڙي ۽ سهڻي ٻارکي ٿڃ ڏيڻ لاءِ پنهنجي ڇاتيءَ سان لاتو ته منهنجي ڇاتيءَ ۾ ايتري قدر کير پرجي آيو جو ان منڙي ٻار خوب کير پيتو ان کانپوءِ سندن رضائي ڀاءُ يعني منهنجي پٽ به پيٽ ڀري کير پيتو. مون رضائي ڀاءُ واري پاسي ڏانهن کير ڏيڻ لڳس ته پين ئي ڪونه. وري سندن پاسي کان ڏيڻ لڳم ته پيئڻ شروع ڪيائون. گويا زبان حال سان ٻڌايائون ته مون ڀائي جي حق تلفي نه بلڪ حق رسي ڪرڻ لاءِ تشريف کڻي آيو آهيان. پوءِ اهي ڀائي سڪون جي ننڊ سمهي پيا. جيتوڻيڪ ان کان اڳ پنهنجي ٻار جي روئڻ ۽ لڇڻ ڪري اسان سمهي ڪونه سگهندا هئاسون. منهنجو مڙس جڏهن پنهنجي ڪمزور ۽ ڏٻري ڏاچيءَ ڏانهن ويو ته ان جا ٿڻ کير سان ڀريل ڏٺائين ۽ ان خوب کير ڏڌو اسان ٻئي کير پئي ڪري سڄي رات آرام سان سمهي پياسون. سڀ ٽڪ لهي پيا. جڏهن صبح ٿيو ته منهنجي مڙس چيو.

مبارک تجھی یہ بڑائی حلیمہ،
بڑے کرم والے کو لائی حلیمہ
ملا دین و دنیا کا سردار تجھ کو،
تیری بات حق نہ بنائی حلیمہ

اي حليمه واقعي! اسان کي هڪ برڪت وارو ٻار مليو آهي. مون چيو خدا جو قسم. منهنجو به اهو ئي خيال آهي پوءِ اسان جي قافلي اتان هلڻ جي تياري ڪئي. آءٌ پڻ پنهنجي گڏهه تي سوار ٿي سهڻو شهزادو کڻي هليم. خدا جو قسم! ان ڪمزور ۽ ڏٻري گڏهه ۾ اها طاقت ۽ اسپيڊ اچي وئي جو ڄڻ سپر ايڪسپريس بڻجي وئي ۽ ٻين سوارين کي ڪوهين پٺتي

چڙي وئي، دز بہ ڏسڻ نہ ڏنائين. ساٿياڻيون حيران ٿي چوڻ لڳيون سچ ٻڌاءِ. تہ ڇا هيءَ سواري اها نہ آهي، جنهن تي تون گهر کان سوار ٿي هئين؟ مون چيو بيشڪ سواري تہ اهائي آهي پر سوار ٻيو آهي. اهو ٻڌي اهي چوڻ لڳيون:

نبی تجھ سے، راضی خدا تجھ سے راضی
بڑی کی یہ تونے کمائی حلیمہ

سفر ختم ٿيو تہ پنهنجي گهر آياسون. پهچڻ سان گهر ۾ برڪتون ۽ رحمتون اچي ويون. ڏڪار سبب گاهہ نہ ملڻ سبب ٻين جا ڍور سڪل ٽٽڻ سان واپس ايندا هئا، ڪير جو قطرو بہ نصيب نہ ٿيندو هون مگر منهنجا ڍور چراگاهن کان کير ڀريل ٿڻن سان واپس ايندا هئا. اسان انهن کي ڏهي خوب کير پيئندا هئاسون. اها ڪيفيت ڏسي اسان جي قوم جي ماڻهن پنهنجي پنهنجي ڏنارن کي چيو تہ جتي حليمہ جا ڍور چرن تا توهان بہ ڍورن کي اتي وڃي چاريو. ائين ڪيائون ان جي باوجود بہ انهن جا ڍور بکيا موٽندا هئا. سندن ٿڻن ۾ ڪير ڪونہ هوندو هو ۽ اسان جا ڍور ڌارا ڌاپيل ۽ ٿڻ ڪير سان ڀريل واپس ايندا هئا.

بنی سعد کی عورتوں کو حسد ہے
بڑی دولتیں لوٹ لائی حلیمہ

حضرت بيبي حليمہ رضي الله عنها فرمائي ٿي تہ مون عجيب منظر ڏٺو تہ حضور ﷺ جن پينگهي ۾ آرامي آهن. جنهن طرف سندن هٿ مبارڪ ڪڇي پيو چنڊ بہ اوڏانهن پيو ڦري، هڪ روايت ۾ آهي تہ حضور ﷺ جن پنهنجي چاچي حضرت عباس رضي الله عنہ کي هڪ سوال جي جواب ۾ فرمائن پيا تہ اي چاچا لوح محفوظ تي قلم هلندو هو تہ مان ان جي هلڻ جي آواز کي امان جي پيٽ ۾ ٻڌندو هوس. فرشتا زير عرش الله تعاليٰ جي تسبيح پڙهندا هئا تہ مان انهن جي تسبيح جو آواز امان جي پيٽ ۾ ٻڌندو هيس. (مجموعہ الفتاويٰ مولانا عبدالحي لکنوي ج 1 ص 68، انوار

محمديہ ص 30، خصائص ڪبريٰ ج 1 ص 91)

انصاف ڪيو. جڏهن امان جي پيٽ ۾ قلم ۽ فرشتن جي تسبيح
ٻڌي سگهن ٿا ته ڇا توهان ۽ اسان جا سنڌا، پڪارون ۽ درود سلام نہ ٻڌند
هوندا؟ بدر جي اوليٰ ٻڌندا آهن. اهي گمراهہ ۽ بي دين آهن. جن جو عقيد
آهي تہ پري جو آواز نہ ٻڌي سگهن.

واللہ وہ سن لیں گے فریاد کو پہنچیں گے
اتنا بھی تو ہو کوئی جو آہ کرے دل سے

اعليٰ حضرت امام اهل سنت عليه الرحمة چنڊ سان کيڏڻ وار
حديث جي ترجماني هن طرح بيان فرمائن ٿا تہ:

کھیلتے تھے چاند سے بچپن میں آقا اس لیے
یہ سراپا نور تھے وہ تھا کھلونا نور کا
چاند جھک جاتا جدھر انگلی اٹھاتے مہد میں
کیا ہی چلتا تھا اشاروں پر کھلونا نور کا

سائڻ فرمائي ٿي تہ پينگهو خود بخود هلندو هو يعني ملائڪ
پينگهي کي هلائيندا هئا. مون کي هلائڻ جي ضرورت ئي محسوس نہ
ٿيندي هئي. (الانوار المحمديہ ص 30، خصائص ڪبريٰ ج 1 ص 91)

بيبي حليمہ سائڻ فرمائي ٿي تہ پاڪ ڪريمن ﷺ جن جي پرورش
جا ٻہ سال معاهدي جي مدت جا پورا ٿيا ۽ مون سندن کير ڇڏايو. پاڪ ڪريم
ﷺ جن اهڙا تندرست ۽ طاقتور ٿي پيا هئا جو پنهنجي هم عمر ٻارن ۾ ممتاز
وڏا نظر اچڻ لڳا ۽ ٻن سالن کان اڳي ئي جسم مبارڪ خوب پرجي ويو هو
اسان معاهدي مطابق حضور ڪريم ﷺ جن کي ساڻ ڪري سندن والد
ماجده جي خدمت ۾ حاضر ٿياسون ليڪن اسان جي دل ۾ آرزو اها هئي تہ
پاڪ ڪريم ﷺ جن اجا ڪجهہ ڏينهن اسان وٽ رهن ان ڪري جو اسان
سندن برڪتن جو ڏاڍو زياده مشاهدو ڪري چڪا هئاسون. پاڙي واريون خو
حيران ٿي چونديون هيون.

معطر ہوا جس سے سارا زمانہ
یہ کس باغ سے پھول لائی حلیمہ

حضرت بيبي حليمہ سعديہ رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي تہ
إِذَا رَضَعْتُهُ فِي الْمَنْزِلِ اسْتَغْنَى بِهِ عَنِ الْمِصْبَاحِ

جڏهن مان حضور ڪريم ﷺ جن کي انڌيري رات ۾ کير پياريندي هئس تہ ڏيئي ٻارڻ (روشني ڪرڻ) جي ضرورت نہ ٿيندي هئي، هڪ ڏينهن مون کي ام خولہ سعديہ چيو اي حليمہ ڇا تون سڄي رات گھر ۾ بتي ٻاري ڇڏيندين آهين جو تنهنجو گھر روشن رهندو آهي. مان چيو تہ:
لَا وَاللهِ لَا أَوْقَدُ نَارًا وَلٰكِنَّهُ نُوْرُ مُحَمَّدٍ ﷺ

(بيان الميلاد النبوي ص 54)

نہ الله جو قسم، بتي وغير نہ ٻاريندي آهيان، مگر اها روشني تہ نور مجسم حضرت محمد ﷺ جن جي نور مبارڪ جي هوندي آهي.

ديو بندين جي جيد مولوين جي تصديق

ديو بندين جو جيد عالم مولوي محمد ادريس ڪانڌلوي لکي ٿو تہ بيبين جي حجرن ۾ ڏيو وغيره نہ ٻرندو هو:

اور ضرورت بھی نہ تھی جس گھر میں اللہ کا داعی بشیر و نذیر اور سراج منیر رہتا ہو وہاں کسی شمع اور چراغ کی کیا حاجت کسی نہ خوب کہا:

يَا بَدِيعَ الدَّلِّ وَالْغَنَجِ	لَكَ سُلْطَانٌ عَلَى الْمُهَجِ
اے عجیب و غریب ناز و ادا والے	تیری سلطنت تو دلوں پر ہے
إِنَّ بَيْتًا أَنْتَ سَاكِنُهُ	غَيْرُ مُحْتَاجٍ إِلَى السُّرُجِ
جس گھر میں تو رہتا ہو وہ	کسی چراغ کا محتاج نہیں
وَجْهُكَ الْمَأْمُولُ حُجَّتُنَا	يَوْمَ يَأْتِي النَّاسُ بِالْحُجَجِ

تیرا مبارک چہرہ ہمارے لیے کافی حجت ہے، جس دن لوگ اپنی اپنی حجتیں پیش کریں گے

ہوا ہے اچھا فیصلہ مدنی کا میرے حق میں۔ (سیرۃ المصطفیٰ ﷺ ج ۱ ص ۲۴۵)

برابر "سراجا منيرا آهن.

حسینوں میں حسین ایسے کہ محبوب خدا ٹھہرے
نبیوں میں نبی ایسے کہ امام الانبیاء ٹھہرے

عن ابي هريرة قالَ مَا رَأيْتُ شَيْئًا اَحْسَنَ مِنْ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ كَاَنَّ الشَّمْسَ تَجْرِيْ فِيْ وَجْهِه۔

حضرت ابو هريره رضي الله عنه فرمائي پيو مون حضور ﷺ کان وڌيڪ ڪنهن به شيءِ کي سهڻو نه ڏٺم ڄڻ ته سج سندن چهري مبارڪ ۾ هلندو هو. (مشڪواة شريف ص 518)

☆ **يتيم:**

حضرت بيبي حليمه رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي ته حضور اڪرم ﷺ جن جي والد حضرت عبدالله جو انتقال حضور ﷺ جن جي تشريف آوري کان اڳ ۾ ٿي چڪو هو. اڃا ڇهه سال به نه ٿيا هئا جو سندن مهربان ۽ شفيق والده جو به انتقال ٿيو. وفات وقت حضرت بيبي آمنه رضي الله تعاليٰ عنها جي عمر 30 سال هئي. ان کان پوءِ سندن پالنا سندن ڏاڏو عبدالمطلب ڪرڻ لڳو. 2 سال به پورا نه گذريا ته اهو به داغ مفارقت ڏئي ويو. سنه 578ع ۾ وفات ڪري ويو ان وقت سندس عمر 82 سال هئي ۽ پاڻ ڪريمن ﷺ جن جي عمر ان وقت 8 سال هئي. ان کان پوءِ سندن چاچو ابو طالب ذميواريون نڀائڻ لڳو يعني ديک ڀال ڪرڻ لڳو مطلب ته:

پیدا ہوئے تو باپ کا سایہ اٹھا لیا
بڑھنے لگے تو مادر و غم ہوگئے جدا
چلنے لگے تو دادا عدم کو رواں ہوا
ایک ایک سایہ یونہی اٹھتا چلا گیا
سائے پسند آئے نہ پروردگار کو
بے سایہ کردیا اس سایہ دار کو

منهنجا پيارا ڀائرو جشن عيد ميلاد النبي ﷺ وڏي عقيدت ۽ احترام سان ملهايو ان 12 تاريخ ربيع الاول جي بابرڪت ۽ سعيد ڏينهن

تي گھر گھٽيون، روڊ ۽ رستا جھنڊن ۽ جھنڊين سان سينگاريو چراغان سان روشن ڪيو. جلسہ ڪيو. جلوس ڪڍو، مذايون ورهايو. نعت خواني جو اهتمام ڪيو. عرس مبارڪ، خير خيراتون ڪيو. صَلوٰۃ وَالسَّلام خوب پڙهو ۽ خوب خوشيون ڪيو. ارشاد رباني آهي تہ: وَاَمَّا بِنِعْمَةِ رَبِّكَ فَحَدِّثْ "منهنجي نعمت جو خوب چرچو ڪيو ۽ ان عظيم نعمت تي خوشي ڪرڻ جو بہ حڪم آهي". قُلْ بِفَضْلِ اللّٰهِ وَبِرَحْمَتِهٖ فَبِذٰلِكَ فَلْيَفْرَحُوْا "يعني اللہ تعاليٰ جي فضل و رحمت تي خوب خوشيون ملهايو".

حضور اڪرم ﷺ جن اللہ تعاليٰ جو فضل ۽ رحمت بہ آهن سندن ولادت پاڪ تي خوشيون ملهائڻ ان آيت تي عمل آهي چو تہ هتي خوشي "مطلق" آهي ۽ هر جائز خوشي ان ۾ داخل آهي.

دوستو سچ ڪري پڇيو تہ ميلاد النبي ﷺ کان وڌيڪ ٻي ڪا خوشي ۽ عيد آهي ئي نہ.

عيد ميلاد النبي کان ٻي نہ ڪا ئي عيد آ
پاڪ وارا ٿا ملهائن عيد ميلاد النبي ﷺ

پوءِ چو نہ چئون:

نثار تیری چهل پهل پر ہزار عیدیں ربیع الاول
سوا ابلیس کے جہاں میں سب ہی تو خوشیاں منا رہے ہیں

دعا آهي تہ اللہ تعاليٰ شال اسان کي عيد ميلاد النبي ﷺ جي ملهائڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ ان جي برڪتن سان مالامال فرمائي. آمين. وما علينا الا البلاغ

ربيع الاول — پيو جمعو

نورانيت جو بيان

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ اَمَّا بَعْدُ

فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ☆

قَدْ جَآءَكُمْ مِّنَ اللّٰهِ نُوْرٌ وَّ كِتٰبٌ مُّبِيْنٌ (مائده پ ٦ ع٣)

ترجمو: بيشڪ توهان وٽ مان الله جي طرف کان نور ۽ پڌرو ڪتاب آيو آهي

خدا جي نور نرمل مان نبي نروار ٿي آيو

بشر جو ويس پائي هو امام الانبياء آيو

دوستو بزرگو اڄ منهنجي تقرير جو موضوع آهي ته حضور اڪرم ﷺ نو
آهن ۽ ساري مخلوقات کان اول آهن.

حمد ان خالق ڪائنات جو جنهن پنهنجي محبوب پاڪ ﷺ ڪ
پنهنجي نور مان پيدا فرمائي بشريت جو ويس پهرائي پنهنجي ذات ج
مظهر ۽ پنهنجي حسن و جمال جو ائينو بنائي نسل انساني جي هدايت
رهنمائي لاءِ رهبر، هادي ۽ معلم ڪري موڪليو.

حمد سونهي ٿو خدا جي ذات کي

جنهن آ خلقيو ڏينهن کي ۽ رات کي

صلوات ۽ سلام، الله تعاليٰ جي محبوب خَتْمُ الْمُرْسَلِيْن، شَفِي
الْمُذْنِبِيْن. رَاحَتُ الْعَاشِقِيْن، رَحْمَتٌ لِّلْعٰلَمِيْن، سرور ڪائنات فخ
موجودات، باعثِ تخليق ڪائنات، منبع ڪمالات، رسول مڪرم، شفي
معظم، نور مجسم، شافع روزِ جزا، مالڪِ هردوسرا. رازدارِ رب العليٰ احم
مجتبيٰ محمد مصطفيٰ عليه افضل الصلوات والتحيات والتسليمات ج
ذات اعليٰ صفات تي.

سلام اس پر کہ جسکا تذکرہ قرآن کرتا ہے

سلام اس پر کہ جسکا ذکر خود رحمان کرتا ہے

افسوس صد افسوس انهن مسلمانن تي آهي جيڪي اهڙي شان ۽ مان واري شهنشاهِ ارض وسماءُ تاجدار لولاڪ لما، حضور پُر نور حضرت محمد مصطفيٰ عليہ التحيتہ والثناءُ جي عظمت ۽ رفعت جي متعلق اعتراض، اختلاف ۽ بحث مباحثہ ڪن ٿا ۽ پاڻ جهڙو بشر چئي مسلمانن کي گمراھ ڪن ٿا.

ڪري جيڪو مسلمان تو نبي جي شان سان جهيڙو
ڪري ' تو دراصل سبحان ۽ قرآن سان جهيڙو

بي سمجھ ائين نہ ٿا سوچن تہ هو محبوبِ ربِ ذوالجلال آهي. مخلوق ۾ بي مثل ۽ بي مثال آهي. پاڻ جهڙو بشر نہ آهي بشير و نذير سراج و منير آهي. پاڻ ڪريم ﷺ جن بشريت اعليٰ سان گڏ نور عليٰ نور بہ آهن. حضور انور عليہ الصلوات والسلام جن جي نوراني بشريت بي مثال سڀ ڪان اتم ۽ اعليٰ آهي. اسان جي بشريت کي سندن بشريت سان ڪا بہ نسبت نہ آهي. چه نسبت خاک را با عالم پاک

رخ مصطفیٰ ہے وہ آئینہ کہ اب ایسا کوئی آئینہ
نہ ہماری چشم خیال میں نہ دکان آئینہ ساز میں

دوستو!

اللہ کی سرتا بقدم شان ہیں یہ
ان سا نہیں انسان وہ انسان ہیں یہ
قرآن تو ایمان بتاتا ہے انہیں
ایمان یہ کہتا ہے کہ میری جان ہیں یہ

حضور اڪرم ﷺ جن خود تہ بي مثل ۽ بي مثال آهن مگر سندن جسم پاڪ جنهن سان بہ لڳو آهي اهي بہ بي مثل ۽ بي مثال آهن. ڏسو سندن مزار مبارڪ تمام مقامات مقدس ڪان افضل ۽ اعليٰ آهي سندن مزار مبارڪ جي مٽيءَ جو شرف ڪعبہ معظم ۽ عرشِ اعظم ڪان بہ افضل ۽ اعليٰ آهي مڪي پاڪ کي محبوب ڪريمن ﷺ جن جي نسبت سبب عظيم

شهرن کان افضل ۽ مرتبو ۽ وڏو مان مليو آهي جنهن سبب ڪري سيني شهرن کان افضل ۽
اعليٰ آهي الله تعاليٰ ان شهر جو قسم کنيو آهي:

لَآ اُقْسِمُ بِهٰذَا الْبَلَدِ وَاَنْتَ حِلٌّ بِهٰذَا الْبَلَدِ

کھائی قرآن نے خاک گزر کی قسم
اس کف پاکی حرمت پہ لاکھوں سلام

جنهن جانور تي محبوب ڪريم ﷺ جن سواري فرمائي آهي اهو جانور پنهنجي جنس ۾ بي مثل ۽ بي مثال آهي سندن ڪپڙا مبارڪ بي مثل ۽ بي مثال آهن خداوند تعاليٰ انهن ڪپڙن جي مدح و ثنا هنن لفظن ۾ فرمائي ٿو:

يَآ اَيُّهَا الْمُزَّمِّلُ - يَآ اَيُّهَا الْمُدَّثِّرُ

جتي مبارڪ به بي مثل ۽ بي مثال آهي. (سبحان الله)

سر پہ رکھنے کو مل جائے نعل پاک حضور
تو پھر کہیں گے کہ ہاں! تاجدار ہم بھی ہیں

ازواج مطهرات جي متعلق ارشاد رباني آهي:

يَا نِسَآءَ النَّبِيِّ لَسْتُنَّ كَاَحَدٍ مِّنَ النِّسَآءِ (سوره احزاب (پ ٢٢ ع١)

اي نبي پاڪ ﷺ جون ازواج مطهرات اوهان ٻين عورتن جي مثل نه آهيو دوستو! خدارا انصاف ڪريو جيڪا شيءِ نبي ﷺ سان نسبت رکي ٿي يا سندن جسم پاڪ سان لڳي ٿي اها به بي مثل ۽ بي مثال آهي ته ڀلا نبي ڪريم ﷺ جن اسان جي مثل ڪيئن ٿي سگهن ٿا. اعليٰ حضرت امام اهل سنت علامه شاهه احمد رضا خان صاحب فاضلِ بريلوي رحمت الله عليه فرمائي ٿو:

تیرے خلق کو حق نے عظیم کہا، تیری خلق کو حق نے جمیل کہا
کوئی تجھ سا ہوا ہے نہ ہوگا شہا، تیرے خالق حسن و ادا کی قسم

مون جيڪا آيت تلاوت ڪئي آهي ان ۾ لفظ "نور" مان نبي جن جي ذات بابرڪات مراد آهي جملي محققين ۽ مفسرين به اها ما

مراد ورتي آهي ڏسو تفسير ڪبير جلد 3 صفحه 395 مطبوعه مصر. جلالين صفحه 97 روح المعاني جلد 5 جزء خامس صفحه 97 صاوي جلد 1 صفحه 275 روح البيان جلد 2 صفحه 369 مدارڪ جلد 1 صفحه 206 ابن جرير جلد 6 صفحه 92 بيضاوي صفحه 92 تفسير حسيني صفحه 140 مطبوعه مصر. معالم التنزيل جلد 2 صفحه 33 برحاشيه تفسير خازن ۽ ابن عباس صفحه 72 مطبوعه مصر خازن جلد 1 صفحه 447 مطبوعه مصر.

ان کان علاوه ديوبندين جي ڪتابن ۾ ائين لکيو آهي ڏسو تفسير عثماني برحاشيه قرآن پاڪ. اشرف المواعظ صفحه 148 رسالہ نور صفحه 31 مولوي اشرف علي. تفسير معارف القرآن جلد 4 صفحه 42 از مولوي ادريس ڪانڌلوي. امداد السلوڪ صفحه 201 عشق رسول صفحه 36 ازمولوي عبدالڪريم چشتي شڪارپوري رسالہ خدام الدين لاهور وغيره وغيره.

تفسير روح المعاني ۾ انهيءَ آيت جي هيٺان لکيل آهي ته نور کان مراد حضور ﷺ جن آهن ۽ معتزله نور مان مراد قرآن وٺندا آهن جو سراسر غلط آهي. ڏسو (تفسير روح المعاني جزء خامس صفحه 97)

امام رازي عليه الرحمه نور مان مراد قرآن وٺڻ واري قول کي ضعيف چيو آهي (ڏسو تفسير ڪبير جلد 11 صفحه 190)

واو کي عطف تفسيري مڃڻ گويا معني مجازي مراد وٺڻ آهي ۽ بلا ضرورت معني مجازي وٺڻ درست نه آهي ڇاڪاڻ ته عطف. معطوف ۽ معطوف عليه ۾ مغائرت چاهيندو آهي يعني نور بيو آهي ۽ ڪتاب بيو آهي لهذا مڃڻو پوندو ته هتي نور مان مراد نبي ڪريم ﷺ جن ئي آهن مگر عقل جي دشمنن کي ڪير سمجهائي

لفظ نور ... هدايت جو نور وٺڻ ڪم علمي ۽ بي سمجهي جو دليل آهي. علم ۽ هدايت جي نورانيت ته حسب مراتب ۽ درجات هر اهل علم ۽ هدايت يافته شخص کي به حاصل آهي پوءِ ان ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي ڪهڙي خصوصيت رهي حضور اڪرم ﷺ جن عيني و معنوي

ذاتي ۽ وصفي هر قسم جي نورانيت جا جامع آهن. سراپا نور علىٰ نور آهن
سندن حسي عيني ۽ جسماني نورانيت حديثن مان ثابت آهي صحابه ڪرام
اهڙي نور حسي جو ملاحظو به فرمايو آهي جنهن جو انڪار ڪرڻ ڪلي
جهالت آهي. علامه صاوي رحمت الله عليه فرمائين ٿا ته:

لِاَنَّهٗ اَصْلُ كُلِّ نُوْرٍ حِسِّيٍّ وَ مَعْنَوِيٍّ (تفسير صاوي جلد 1 ص 239)

يعني نبي ڪريم ﷺ جن هر ظاهري ۽ باطني نور جو اصل ۽ بنياد
آهن صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين جو عقيدو ته حضور اڪرم
ﷺ جن نور علىٰ نور آهن.

حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جن فرمائين ٿا

اِذَا تَكَلَّمَ رُاِىَ كَالنُّوْرِ يَخْرُجُ مِنْ بَيْنِ ثَنَايَاهُ

جڏهن حبيب خدا ﷺ جن ڳالهائيندا هئا ته اڳين ڏندن مبارڪ
مان نور جون لاٽون نڪرنديون هيون (مواهب لدنيه جلد 1 صفحه 270
زرقاني شريف. شمائل ترمذي ص 2)

جن کی چمک سورج میں ہے جن کا اجالا چاند میں
جن کی مہک پھولوں میں ہے وہ مہ لقا ہیں تو ہیں

سيدنا امام حسن رضي الله عنه فرمائن ٿا ته. مان پنهنجي مامو
هند بن ابي هاله رضي الله تعاليٰ عنه کان پنهنجي ناني حضرت محمد صلي
الله عليه وسلم جن جي حليه مبارڪ بابت پڇا ڪئي. هُن ٻڌايو ته:

كَانَ رَسُوْلُ اللهِ صلى الله عليه وسلم فَخْمًا مُفَخَّمًا يَتَلَأْلَأُ وَجْهُهٗ تَلَأْلُؤَ الْقَمَرِ لَيْلَةَ الْبَدْرِ

حضور اڪرم ﷺ جن بلند رتبي وارا هيا سندن چهرو مبارڪ
چوڏهين جي چنڊ جيان چمڪندو هو. (شمائل ترمذي ص 2 خصائص
الڪبريٰ جلد 1 ص 188. نشر الطيب ص 143-142)

چرچا جن کا چار سو ہر گل میں جن کا رنگ و بو
ہیں حسن کی جو آبرو وہ دلربا ہیں تو ہیں

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته:

اذا ضحك رسول الله صلى الله عليه وسلم يتلا لأ في الجدر

جڏهن نبي ڪريم ﷺ جن تبسم فرمائيندا هئا ته ڀتين تي نور جون لاٽون نظر اينديون هيون (خصاص الڪبريٰ جلد 1 صفحه 184 مواهب لدنيه جلد 1 صفحه 271 شفا شريف جلد 1 صفحه 39 حاشيه شمائل ترمذي صفحه 16 شرح لملا علي قاري برحاشيه نسيم الرياض جلد 1 صفحه 338 مدارج النبوت جلد 1 صفحه 12)

مصطفیٰ ہیں آپ خود اپنا جواب
سر سے پاتک ہر ادا ہے لاجواب

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه ٻئي جاءِ تي وري هيئن ٿا فرمائن:

مارأيت شيئا احسن من رسول الله عليه وسلم كان الشمس تجري في وجهه

مان حضور اڪرم ﷺ کان وڌيڪ حسن وارو نه ڏٺم جڻ ته سنڌن چهري مبارڪ ۾ سج هلي رهيو آهي. (ترمذي جلد 2 صفحه 206 مشڪوات صفحه 518 خصاص الڪبريٰ جلد 1 صفحه 180 مسلم شريف جلد 2 صفحه 257)

ع سهسين سجن اڀري چوراسي چنڊن
بالله ريءَ پرين سڀ اونداهي ڀانئيان
(شاهه صاحب)

حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته هڪ ڏينهن مان چوڏهين جي چنڊ کي به ڏسان پيو ۽ مديني جي چنڊ حضرت محمد ﷺ جن کي به ڏسان پيو. حقيقت هي هئي ته: فَإِذَا هُوَ اَحْسَنُ عِنْدِيْ مِنَ الْقَمَرِ محبوب ﷺ جن چوڏهين جي چنڊ کان به وڌيڪ حسين هئا (شمائل ترمذي صفحه 2 مواهب لدنيه جلد 1 صفحه 250 مشڪوات صفحه 518 خصائص الڪبريٰ جلد 1 صفحه 178).

ڪڏهن محبوب منهنجي مٺ نه چوڏهين جو قمر آهي
بلڪ خود چنڊ جي چمڪي اندر ان جو اثر آهي

اردو شاعر هيئن ٿو چوي:

چاند سے تشبیہ دینا یہ بھی کیا انصاف ہے
اس کے منہ پر چھائیاں مدنی کا چہرہ صاف ہے

ٻيو اردو شاعر پنهنجي خيالن جو اظهار هن طرح ڪري ٿو:

میں وہ شاعر نہیں جو چاند کہدوں انکے چہرے کو
میں انکی کفش پاپر چاند کو قربان کرتا ہوں

شاهه عبداللطيف ڀٽائي رحمت الله عليه ان منظر کي هن انداز ۾ بيان ڪري

چنڊ چوان، سڄ جي ملو نه پائين
ڪڏهن اڀرين سنهڙو ڪڏهن اڀرين ڳچ
منهن ۾ سڀئي سچ تو ۾ ناهه پيشاني پرينءَ جي
(شاهه)

ٿئين هند: چوڏهين، واري چنڊ جي حسن و جمال کي سائين
جي هڪ جهلڪ تي قربان ڪندي چوي ٿو:

چوڏهين، چنڊ تون اڀرين سهسين ڪرئين سينگار
پلڪ پريان جي نه پڄين جي حيلن ڪرئين هزار
جيڏو تون سڀ جمار تيڏو دم دوست جو

ام المومنين حضرت عائشه رضي الله تعالي عنها فرمائي ٿي ته آءُ اوسرا
سبيو ٿي مون ڪان سئي ڪري پئي مون هن کي گهڻو ڳوليو مگر لڀي
سگهيس اينري ۾ حضور اڪرم ﷺ جن گهر ۾ داخل ٿيا ته سندن نور
چهري جي ڪمال روشني ۾ سئي ظاهر ٿي پئي (پڙهو خصائص الڪبرئ
ا ص 107، حجة الله علي العالمين ص 485. جواهر البحار ج 3 ص 41)

ڪٿي نيڻ خمار مان جان ڪيائون ناز نظر
سورج شاخون جهڪيون ڪو مائو قمر
تارا ڪنيون تائب ٿيا ڏيکيندي دلبر
جهڪو ٿيو جوهر جانب جي جمال سين (شاهه سائين)

ثابت ٿيو ته صحابهٴ ڪرام رضوان الله تعاليٰ اجمعين جو هي عقيدو هيو ته محبوب صلي الله عليه وسلم جن حسي عيني ۽ جسماني طرح نورعلي نور آهن.

☆ **نورانيت تي بشريت جو پردو آهي:**

علامه زرقاني لکي ٿو:

لَمْ يَظْهَرْلَنَا تَمَامُ حُسْنِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ لِاَنَّهٗ لَوْ ظَهَرَلَنَا تَمَامُ حُسْنِهٖ لَمَا اَطَاقَتْ اَعْيُنُنَا رُؤْيَتَهٗ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ

(شرح زرقاني جلد 4 صفحه 71 مطبوعه مصر، جواهر البحار ج 2 ص 112، انوار محمديه ص 194، جمع الوسائل شرح الشمائل ص 10)

يعني: جيڪڏهن الله تعاليٰ جي طرفان اسان جي حال تي رحم نه ٿئي ها ۽ پاڻ سڳورن جو پورو حسن ظاهر ٿئي ها ته اسان عاجزن جون اکيون هرگز حسن جو تاب سهي نه سگهن ٿا.

ان کے رخ سے پردہ اٹھ جائے تو پھر معلوم ہو
کسی کو کتنی ہے خودی اور کس کو کتنا ہوش ہے

اَکْثَرُ النَّاسِ عَرَفُوْا اللّٰهَ عَزَّوَجَلَّ وَمَا عَرَفُوْا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ لِاَنَّ حِجَابَ الْبَشَرِيَّتِ غَطَّتْ اَبْصَارَهُمْ

(شرح شمائل ترمذي جلد 1 صفحه 10 ملا علي قاري)

گهڻن ماڻهن الله تعاليٰ کي سڃاتو آهي ليڪن رسول الله ﷺ کي سڃاڻي نه سگهيا آهن ان ڪري جو بشريت جي پردي حسن مصطفيٰ ﷺ کي ڍڪي رکيو آهي.

ع وہ اگر پردہ اٹھادے تو کسے ہوش رہے

شيخ المحدثين علامه عبدالحق دهلوي عليه الرحمت به ائين چوي ٿو اگر نقاب بشريت پوشيده نبودے هيچ کس را مجال نظر وا ادراڪ حسن او ممکن نه بودے (مدارج النبوة فارسي جلد 1 صفحه 37)

ان حقيقت جي تائيد ديوبندين جي باني مولوي محمد قاسم

نانوتوي بہ پڻ ڪئي آهي لکي ٿو تہ:

رہا جمال پہ تیرے حجاب بشریت
نہ جانا کون ہے کچھ بھی کسی نے جز ستار
(قصائد قاسمي ص 9)

بيشڪ

تم ذات خدا سے نہ جدا ہو نہ خدا ہو
اللہ ہی کو معلوم ہے کیا جانے کیا ہو

ديوبندين جي حڪيم الامت اشرف علي ٿانوي کي بہ مڃڻو پيو
حَتّٰى لَمْ يَظْهَرْ جَمَالَهٗ كَمَا هُوَ (نشر الطيب صفحہ 178)
يعني الله تعاليٰ رسو لالله ﷺ جن جي حسن و جمال کي پو
ظاهر ئي نہ ڪيو آهي، يعني يا رسول الله ﷺ

حقیقت کیا کوئی جانے تمہاری
کہ تم نور خدا ہو یا بشر ہو

حقيقت محمدي (ﷺ) کي فقط خدا تعاليٰ ئي ڄاڻي ٿو

سچ ڪري پڇو تہ حقيقت محمدي ﷺ جو مقام اسان عا
انسانن جي تصورڪان بہ گهڻو مٿي آهي.

ع حیران ہوں مرے شاہ میں کیا کیا کہوں تجھے

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه نبي اڪرم ﷺ
پيارو يار غار ۽ حال جو رازدار آهي پاڻ ان کي فرمائن ٿا:
يَا اَبَابَكْرٍ وَالَّذِىْ بَعَثَنِىْ بِالْحَقِّ لَمْ يَعْلَمْنِىْ حَقِيْقَةً غَيْرُ رَبِّىْ
اي ابوبڪر مون کي ان ذات جو قسم آهي جنهن مون کي حق سان
مبعوث فرمايو آهي منهنجي حقيقت کي منهنجي رب کان سواءِ ٻيو ڪو
ڄاڻي نٿو سگهي، (مطالع المسرات صفحہ 123، جواهر البحارج 2 ص 451، ج3 ص

محمد سر وحدت ہے کوئی رمز اس کی کیا جانے
شریعت میں تو بندہ ہے حقیقت میں خدا جانے

خلقت محمدي يعني حقيقت محمدي ﷺ جو بيان

تخلیق میں پہلے نور ان کا آخر میں ہوا ہے ظہوران کا
تکوین جہاں ہے ان کے لیے - ختم ان پہ نبوت ہوتی ہے

دوستو عزيزو!

حضور اكرم ﷺ جن تخليق ۾ سڀ کان اول آهن حضور اكرم ﷺ جن فرمايو

كُنْتُ اَوَّلَ النَّبِيِّيْنَ فِي الْخَلْقِ وَ آخِرَهُمْ فِي الْبَعْثِ۔

(خصائص كبرى ج ١ ص ٧ دلائل النبوة ص ١٢، الشفا ٣٩، تفسير ابن كثير ج ٣ ص ٤٦٢، انوار محمديه ص ١٤٠، خصائص النبى ٢٥٠ حافظ زاهد على ديوبندى، جواهر البحار ج ٢ ص ٤٢١)

يعني مان خلقت جي اعتبار کان سيني نبين کان پهريون نبي آهيان ۽ بعثت جي اعتبار کان سيني کان آخري نبي آهيان.

اَوَّلُ مَا خَلَقَ اللّٰهُ نُوْرِيْ وَ مِنْ نُوْرِيْ خَلَقَ جَمِيْعَ الْكَائِنَاتِ۔

(الميلاد النبوى ص ٢٢، از محدث ابن جوزى) (مطالع المسرات ص 273 جواهر البحار ج 2 ص 224).

سڀ کان اول الله تعاليٰ منهنجي نور کي پيدا ڪيو ۽ بعد ازان منهنجي نور مان ساري مخلوق کي پيدا ڪيو.

(4) الله تعاليٰ جڏهن مخلوق جي پيدا ڪرڻ ۽ سندن رزق مقرر ڪرڻ جو ارادو فرمايو ته حقيقت محمديه کي پنهنجي نورن جي فيض مان ظاهر ڪري ان مان ئي سمورو جهان پيدا ڪيو.

لَمَّا تَعَلَّقَتْ اِرَادَةُ الْحَقِّ تَعَالٰى بِاِيْجَادِ خَلْقِهٖ وَ تَقْدِيْرِ رِزْقِهٖ اَبْرَزَ الْحَقِيْقَةَ الْمُحَمَّدِيَّةَ مِنَ الْاَنْوَارِ الصَّمَدِيَّةِ فِي الْحَضْرَةِ الْاَحَدِيَّةِ۔

(جواهر البحار ج ٢ ص ٥، زرقانى ج ١ ص ٢٧، مواهب لدنيه مصرى ج ١ ص ٥)

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته صحابه ڪرام

حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته يا رسول الله ﷺ
ڪي نبوت ڪڏهن عطا ٿي فرمايائون آدَمُ بَيْنَ الرُّوْحِ وَالْجَسَدِ. جڏهن
روح ۽ جسم جي مرحلي ۾ هيو. يعني اڃا! آدم عليه السلام پيدا ٿي
هو ته مان نبي هيس.(مشكوٰة شريف ص ۵۱۳، ترمذى شريف ج ۲ ص
مستدرك الحاكم ج ۳ ص ۲۱۰، انوارمحمديه ص ۱۰ خصائص النبى ﷺ
۱۹-۱۷، مولوى زاهد على ديوبندى، جواهر البحار ج ۲ ص ۴۸۱)

كُنْتُ نَبِيّاً وَّ آدَمُ بَيْنَ الْمَاءِ وَالطِّيْنِ۔ حضور عليه السلام
فرمايو مان ان وقت به نبي هيس جڏهن آدم عليه السلام پاڻي ۽ مٽي
درميان هيو. (نشر الطيب اشرف على تهانوى ص ۸ خصائص النبي
مولوي زاهد علي ديوبندي، جواهر البحار ج 3 ص 353)

اِنَّ النَّبِيَّ ﷺ قَالَ كُنْتُ نُوْرًا بَيْنَ يَدَىْ رَبِّيْ قَبْلَ خَلْقِ
عَلَيْهِ الصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ بِاَرْبَعَةِ عَشَرَ اَلْفَ عَامٍ (الانوار المحمديه ص
سيرة حلبيه اردو ص ۱۱۳، جواهر البحار ج ۳ ص ۳۴۰، ۳۷۰، ۱۴۰، نشر الطيب
اشرف على تهانوى)

حضور عليه السلام جن فرمايو ته مان حضرت آدم عليه السلام
جي پيدا ٿيڻ کان چوڏهن هزار سال پهريون پنهنجي مولا جي بارگاهه ۾
جي صورت ۾ موجود هيس.

ديوبندين جو حڪيم الامت اشرف علي ٿانوي به ان حديث
بيان ڪندي لکي ٿو ته: اس عدد میں کم کی نفی ہے زیادتی کی نہیں پس اگر زیادتی
روایت نظر پڑے شبہ نہ کیا جائے۔(نشر الطيب ص 9)

ديوبندين جو جيد مولوي زاهد علي ان تحت لکي ٿو ته: ...
ﷺ اپنی تخلیق میں سب سے اول تھے۔(خصائص النبى ﷺ ۲۴۴ زاهد على ديوبندى

نوٽ: ان ڪتاب تي ديوبندين جي جيد علمائن جون تقريظون موجود آهن
يعني اهو ڪتاب مصدق علماء ديوبند آهي.

حضرت جابر بن عبدالله انصاري رضي الله عنه حضور انور

جن کي عرض تا ڪن تہ سائين سڀ کان اڳ الله تعاليٰ ڪهڙي شيءِ پيدا ڪئي آهي. پاڻ ﷺ جن فرمايو: يَا جَابِرُ اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى خَلَقَ قَبْلَ الْاَشْيَاءِ نُوْرَ نَبِيِّكَ مِنْ نُوْرِهٖ فَجَعَلَ ذٰلِكَ النُّوْرَ يَدُوْرُ بِالْقُدْرَةِ حَيْثُ شَاءَ اللّٰهُ تَعَالٰى وَلَمْ يَكُنْ فِيْ ذَالِكَ الْوَقْتِ لَوْحٌ وَلَاقَلَمٌ وَلَا جَنَّةٌ وَلَا نَارٌ وَلَا مَلَكٌ وَلَا سَمَاءٌ وَلَااَرْضٌ وَلَاشَمْسٌ وَلَاقَمَرٌ وَلَاجِنٌّ وَلَا اِنْسٌ فَلَمَّا اَرَادَ اللّٰهُ تَعَالٰى اَنْ يَّخْلُقَ الْخَلْقَ قَسَّمَ ذٰلِكَ النُّوْرَ اَرْبَعَةَ اَجْزَاءٍ. اي جابر! الله تعاليٰ سڀني شين کان اڳ ۾ تنهنجي نبي جو نور پنهنجي نور مان پيدا ڪيو ۽ الله تعاليٰ جي مشيت موجب ڦرندو رهيو ان وقت نہ لوح نہ قلم هو ۽ نہ جنت ۽ دوزخ هو ۽ فرشتا ۽ نہ آسمان ۽ نہ زمين ۽ نہ سج ۽ چنڊ هو ۽ نہ جن ۽ انسان هوا پوءِ جڏهن حق تعاليٰ مخلوقات پيدا ڪرڻ جو ارادو فرمايو نہ ان نور کي چار حصا وغيره وغيره ڪري مخلوق پيدا ڪئي.
(مواهب الدينہ مصري ج 1 ص 6، جواهر البحار ج 3 ص 340، سيرت حلبيہ اردوج 1 ص 115، انوار محمديہ ص 13، الفتاوي الحديثيہ ج 2 ص 85، نشر الطيب ص 6 مولوي اشرف علي ٿانوي).

مذڪوره حديثن مان ثابت آهي تہ حضور ﷺ جن ڪائنات جي تخليق کان بہ پهريون نبي آهن. ديوبندي مولوي زاهد علي حضرت جابر رضہ واري حديث بيان ڪندي لکي ٿو تہ: معلوم ہوتا ہے کہ رسول اللہ ﷺ کے نور مبارک کی تخلیق اس ساری کائنات میں سب سے پہلے ہوئی۔ (خصائص النبی ص ٢٤٩)

الله تعاليٰ سڀ کان اڳ ۾ نورمحمدي ﷺ پيدا ڪيو جنهن کي خلقت محمدي يا حقيقت محمدي ﷺ چئجي ٿو جنهن مان ساري مخلوق پيدا ٿي.

ديوبندين جا اڳواڻ بہ تصديق ڪن ٿا

اشرف علي ٿانوي اها حديث بيان ڪري لکي ٿو تہ: اس حدیث سے نور محمدی کا اول الخلق ہونا باولیت حقیقت ثابت ہوا۔ (نشر الطیب ص ٧)

ديوبندين جو مولوي حافظ زاهد علي لکي ٿو تہ: یہ ایک مسلم

حقیقت ہے کہ سرکار دوعالم ﷺ خالق کائنات کی تخلیق اول ہیں جب ...
شے وجود میں نہیں آئی تھی تو اللہ تعالیٰ نے سب سے پہلے سرکار دوعالم ﷺ ...
(خصائص النبی ﷺ ص ۲۴۸)

هي بہ ياد رهي تہ نور جو پاڇو تہ ٿيندو آهي، تنهنڪري ...
اڪرم ﷺ جن جو پاڇو مبارڪ نہ هو. وَلَمْ يَكُنْ لَهُ ﷺ ظِلٌّ فِي شَمْسٍ
وَلَاقَمَرٍ لِأَنَّهُ كَانَ نُوْرًا (زرقاني ج ٤ ص ٢٢٠، مدارج النبوة فارسي ج ...
١١٨،٢١، حجة الله على العالمين ص ٤٨٩ انوار محمدية ص ٢٣٦، ...
ج ١ ص ٩٢)

ان مسئلي جي وڌيڪ وضاحت بنده جي ڪتاب نور علي ...
فضائل ميلاد ۾ پڙهندا.

نہ مک مور ويني بدن پاڪ تي
نہ پاڇو پرين، جو پيو خاڪ تي

☆ جبرئيل عليه السلام جي عمر:

مشهور و معروف صحابي حضرت ابو هريره رضي الله تعالیٰ ...
روايت ڪري ٿو تہ هڪ دفعي سرور ڪائنات حضرت محمد مصطفيٰ ...
جن جبرئيل امين کان پڇا ڪئي تہ كَمْ عُمُرُكَ مِنَ السِّنِيْنَ تنهنجي عمر ...
سال آهي، چيائين تہ سائين مان پنهنجي عمر جو اندازو لڳائي نہ ...
سگهان، ها البتہ ايتري يادگيري اٿم تہ چوٿين حجاب ۾ هڪ تارو ...
يَطْلَعُ فِي كُلِّ سَبْعِيْنَ أَلْفَ سَنَةٍ مَرَّةً رَأَيْتُهُ اِثْنَيْنِ وَسَبْعِيْنَ أَلْفَ مَرَّةٍ
جيڪو تارو هر ستر سال کان بعد هڪ دفعو طلوع ٿيندو هو، ...
تاري کي ٻاهتر هزار مرتبہ طلوع ٿيندي ڏٺم. اهو ٻڌي محبوب ڪبريا ...
جن فرمايو تہ اي جبرئيل وَعِزَّةِ رَبِّيْ جَلَّ جَلَالُهُ اَنَا ذٰلِكَ الْكَوْكَبُ
مون کي پنهنجي رب جل جلاله جي عزت جو قسم آهي تہ اهو تارو ...
هيس. (تفسير روح البيان جلد ا صفحہ 974، سيرت حلبيہ جلد ا صفحہ ...

جواهر البحار ج 3 صفحه 370 جواهر البحار ج 2 ص 523)

حضور ﷺ جو جو نور مبارڪ سندن ابن ڏاڏن جي پيشاني مبارڪ ۾ چمڪندي نظر ايندو هو حضرت عبدالمطلب کان مشڪ جي خوشبوءِ ايندي هئي ۽ سندن پيشاني مان حضور سائين جو نور چمڪندو هو. (الانوار محمديه ص 18 حجة الله علي العالمين ص 164)

ثُمَّ لَمْ يَزَلِ اللّٰهُ يَنْقُلُنِيْ مِنَ الْاَصْلَابِ الطَّيِّبَةِ اِلَى الْاَرْحَامِ الطَّاهِرَةِ (الانوار محمديه ص [illegible] حجة الله على العالمين ١٦٦)

ثُمَّ لَمْ يَزَلْ يَنْقُلُ مِنْ طَاهِرٍ اِلٰى طَاهِرٍ اِلٰى اَنْ وُلِدَ ﷺ (المواهب اللدنيه ج ١ ص [illegible] سيرة حلبيه ج ١ ص ١٤٩)

اِنَّهُ لَمْ يَزَلْ نُوْرُهُ يَنْتَقِلُ فِيْ اَصْلَابِ الْاٰبَاءِ وَبُطُوْنِ الْاُمَّهَاتِ مِنْ لَدُنْ اٰدَمَ اِلٰى اَنِ انْتَقَلَ اِلٰى عَبْدِ اللّٰهِ اَبِيْهِ (حجة الله على العالمين ص ١٧)

لَمْ اَزَلْ اُنْقَلُ مِنْ اَصْلَابِ الطَّاهِرِيْنَ اِلٰى اَرْحَامِ الطَّاهِرَاتِ اَنَّهُ كَانَ يَنْقُلُ نُوْرَهُ مِنْ سَاجِدٍ اِلٰى سَاجِدٍ (الحاوى للفتاوى ج ٢ ص ١٩٩. السيرة النبوية دحلان ج ١ ص [illegible])

يعني اهو نور پاڪ منتقل ٿيندو رهيو پاڪيزه اصلاب کان طاهر ارحام جي طرف يعني حضرت عبدالله کان حضرت آمنه جي طرف. انهن هي ڳالهه به ثابت ٿي ته حضور ﷺ جي آباءُ واجداد مان ڪو به مشرڪ نه هو بلڪ سڀ موحد يعني الله تعالى جي وحدانيت جا قائل ۽ عامل هئا.

لَمَّا اَرَادَ اللّٰهُ خَلْقَ مُحَمَّدٍ ﷺ فِيْ بَطْنِ اُمِّ اٰمِنَةَ لَيْلَةَ رَجَبٍ وَكَانَتْ لَيْلَةَ جُمُعَةٍ اَمَرَ اللّٰهُ تَعَالٰى فِيْ تِلْكَ اللَّيْلَةِ رِضْوَانَ خَازِنَ الْجِنَانِ اَنْ يَفْتَحَ الْفِرْدَوْسَ وَيُنَادِيْ مُنَادٍ فِي السَّمٰوٰتِ وَالْاَرْضِ اَلَا اِنَّ النُّوْرَ الْمَخْزُوْنَ الْمَكْنُوْنَ الَّذِيْ يَكُوْنُ مِنْهُ النَّبِيُّ الْهَادِيْ فِيْ هٰذِهِ اللَّيْلَةِ يَسْتَقِرُّ فِيْ بَطْنِ اُمِّهِ الَّذِيْ يَتِمُّ فِيْهِ خَلْقُهُ وَيَخْرُجُ اِلَى النَّاسِ بَشِيْرًا وَّنَذِيْرًا (المواهب اللدنيه ج ١ ص [illegible] [illegible] الانوار محمديه ص [illegible] حجة الله على العالمين ص ١٦٩)

يعني جڏهن الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي جسم مبارڪ کي سندن والده جي پيٽ مبارڪ ۾ پيدا فرمائڻ جو ارادو فرمايو ته رجب ۾ جمعي جي رات جنت جي فرشتي خازن کي حڪم ڪيو ته فردوس بهشت کوليو وڃي ۽ آسمانن ۽ زمين ۾ پڙهو ڏيندڙ پڙهو ڏئي ته اڄ رات اهو لڪل نور پنهنجي والده جي پيٽ ۾ قرار وٺي ٿو. جيڪو پنهنجي پيدائش کي اتي پورو ڪندو ۽ ماڻهن ڏي بشير ۽ نذير ٿي جلوه گر ٿيندو.

عَنِ ابْنِ عَبَّاسٍ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمَا قَالَ كَانَ مِنْ دَلَالَاتِ حَمْلِ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ اَنَّ كُلَّ دَابَّةٍ كَانَتْ لِقُرَيْشٍ نَطَقَتْ تِلْكَ اللَّيْلَةَ وَقَالَتْ حُمِلَ بِرَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَ رَبِّ الْكَعْبَةِ وَهُوَ اَمَانُ الدُّنْيَا وَ سِرَاجُ اَهْلِهَا. (حجة الله على العالمين ص ١٦٧، خصائص كبرى ١/٨١ الانوار المحمديه ص ٢١) يعني ان رات قريش جا جانور خوشيءَ وچان چوڻ لڳا ڪعبه جي رب جو قسم آهي حضرت محمد ﷺ پنهنجي امان جي پيٽ ۾ منتقل ٿي چڪو آهي. جيڪو ساري دنيا جي لاءِ امن سلامتي جو پيغام کڻي ايندو ۽ روشن چراغ به هوندو.

الحمدلله مسلڪ حق اهل سنت و جماعت روز روشن جي طرح ظاهر ۽ واضح آهي. دعا آهي ته الله تعاليٰ حق سمجهڻ ۽ ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي ۽ مذهب حق اهل سنت و جماعت تي استقامت بخشي ۽ خاتمه بالخير فرمائي (آمين).

اين دعا از من واز جمله جهان آمين باد

وما علينا الا البلاغ المبين

ربيع الاول — نيون جمعو

علم غيب جو ثبوت

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَالِمٍ مَا كَانَ وَمَا يَكُوْنُ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْهِ عَظِيْمًا وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهِ الَّذِيْنَ اَعْطَاهُمُ اللّٰهُ فَضْلًا كَبِيْرًا وَنَعِيْمًا مُّقِيْمًا۔ اَمَّا بَعْدُ۔ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔ وَعَلَّمَكَ مَا لَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا۔ (سوره نساء پ ٥ ع ١٤)

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا
جب نہ خدا ہی چھپا تم پہ دورد

حضرات گرامي! حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن جي دربار شاهاڻ ۾ نهايت ئي عشق ۽ محبت سان درود و سلام جا نذرانا پيش فرمايو ۽ بلند آواز سان پڙهو.

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَسَلَّمَ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ ﷺ

حضرات محترم:

اڄ منهنجي تقرير جو عنوان "حضرت رسول الله ﷺ جو علم غيب" آهي سان بغير ڪنهن تمهيد جي نهايت سادگيءَ سان صرف ان هڪ موضوع تي ٿوري وقت لاءِ اوهان سان خطاب ڪندس توجه ۽ سڪون قلب سان منهنجي ان ڪلمات کي ٻڌو ته جيئن حق ۽ باطل جو فرق اوهان کي سمجهه ۾ اچي وڃي.

حضرات گرامي! اسان مسلمانان اهل سنت و جماعت جو عقيدو آهي ته الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جن کي جميع اشياءِ جملہ ڪائنات

يعني تمام ممڪنات حاضره ۽ غائبه آسان لفظن ۾ سمجهو ته: "اول و آخر ظاهر و باطن، ما كان ما يكون" جو علم عطا فرمايو آهي مگر سندن علم کي علم الاهي سان ڪابه نسبت نه آهي.

هين لفظن ۾ مثال جي طور هيئن سمجهو ته الله تعاليٰ جو علم هڪ سمنڊ مثل آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو علم الله تعاليٰ جي اڳيان هڪ قطري مثل آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو علم مخلوق اڳيان سمنڊ مثل آهي ۽ ساري مخلوق جو علم نبي ڪريم ﷺ جن جي اڳيان قطري مثل آهي ڀلا ذره کي آفتاب ۽ قطره کي سمنڊ سان ڪهڙي نسبت ٿي سگهي ٿي.

دوستو! منڪرن کي ايتري به خبر نه آهي ته الله تعاليٰ جو علم ذاتي آهي، محبوب ڪريم ﷺ جن جو علم عطائي آهي. هو واجب هي ممڪن، هو قديم هي حادث، هو غير مخلوق، هي مخلوق پوءِ ايڏي وڏي فرق جي باوجود به شرڪ شرڪ چوڻ انتها درجي جي جهالت ۽ ضربت آهي.

اعليٰ حضرت امام احمد رضا خان صاحب بريلوي رحمت الله عليه ان مضمون کي هنن لفظن ۾ بيان ڪري ٿو.

سر عرش پر ہے تیری گذر دل فرش پر ہے تیری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شی نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

عطائي علم غيب انبياءِ عليهم السلام جو معجزو آهي. ۽ قرآن شريف مان ثابت آهي ۽ جا بجا ان جي تصريح ٿيل آهي خصوصن: سيد الانبياءِ حضرت سيدنا محمد ﷺ جن لاءِ علم غيب عطائي جو انڪار ڪرڻ صريح بي ديني آهي بلڪ قرآن شريف ۽ مفسرن جي تصريح موجب اهو انڪار ڪفارن ۽ منافقن جو خاص نشان آهي.

قَدْ اَخْبَرَ ﷺ عَنِ الْمُغَيَّبَاتِ وَقَدْ جَائَتْ اَحَادِيْثُ فِي الصَّحِيْحِ بِذٰلِكَ وَهُوَ مِنْ اَعْظَمِ مُعْجِزَاتِ ﷺ (تفسير خازن ج 2 ص 167)

علامه علي قاري رحمت الله تعاليٰ عليه مرقاة ۾ لکيو آهي.

فِيْهِ اِخْبَارُ النَّبِيِّ بِالْغَيْبِ مُعْجِزَةٌ لَهٗ (مرقاة ج ٤ ص ٣٤٥)

يعني غيب نبين جو معجزو آهي.

☆ غيب جي تعريف:

اَلْمُرادُ بِهِ الْخَفِيُّ الَّذِیْ لَایُدْرِکُهُ الْحِسُّ وَلَایَقْتَضِیْهِ بَدَاهَةُ الْعَقْلِ (تفسير بيضاوی)

اها شيءِ جنهن کي حواس محسوس ڪري نہ سگهن ۽ بنا سوچ ويچار جي ان کي عقل بہ قبول نہ ڪري ان کي غيب چئبو آهي.

☆ غيب جا قسم:

امام المفسرين امام فخر الدين رازي عليه الرحمة فرمائن ٿا تہ:

قَوْلُ جَمْهُوْرُ الْمُفَسِّرِيْنَ اَنَّ الْغَيْبَ هُوَالَّذِیْ يَکُوْنُ غَائِباً عَنِ الْحَاسَّةِ ثُمَّ هٰذَا يَنْقَسِمُ اِلٰى مَا عَلَيْهِ دَلِيْلٌ وَاِلٰى مَا لَا دَلِيْلَ عَلَيْهِ (تفسير ڪبير سوره البقره)

جمهور مفسرين فرمائن ٿا تہ: هر اها شيءِ جيڪا حواس کان لڪيل آهي اها غيب آهي ۽ غيب جا ٻہ قسم آهن. هڪ اهڙي لڪل شيءِ جنهن لاءِ ڪو دليل هجي ۽ ٻي اها لڪل شيءِ جنهن لاءِ ڪو دليل نہ هجي. معلوم ٿيو تہ غيب جا ٻہ قسم آهن.

هڪ اهو جنهن لاءِ ڪو دليل هجي. مثال دوزخ، جنت، حورون، غلمان الله جي ذات وغيره اهي سڀ اسان لاءِ غيب آهن. ٻيو اهو جنهن لاءِ ڪو دليل نہ هجي. مثال: قيامت ڪڏهن قائم ٿيندي، انسان ڪڏهن مرندو، مينهن ڪڏهن وسندو، عورت جي پيٽ ۾ ڌيءَ آهي يا پٽ آهي، نيڪ بخت آهي يا بد بخت آهي اهي شيون اسان لاءِ غيب آهن.

ٻين لفظن ۾ ڪٽي هيئن چئون تہ:

(1) ذاتي (2) عطائي

ذاتي الله تعاليٰ سان خاص آهي اهو ڪنهن مخلوق ۾ مڃڻ صريحا شرڪ آهي باقي عطائي يعني عطا ڪيل غيب مخلوق (انبياء ڪرام) ۾ مڃڻ شرڪ نہ آهي ۽ اهڙي اعتقاد رکڻ وارو مشرڪ نہ بلڪ مومن

آهي. عطا ۽ الهام کي شرڪ چوڻ ناداني ۽ جهالت آهي. ڪوبہ اهڙو قطعي دليل نہ آهي جنهن ۾ عطائي علم غيب جي نفي هجي، علم غيب جي نفي مان مراد ذاتي علم غيب آهي. هاڻي اوهان ڳالهہ يقينا سمجهي ويا هوندو تہ قرآن مجيد ۾ جتي غيب جي نفي آهي ا نمان مراد ذاتي ۽ڪلي علم غيب آهي ۽ جتي غيب جو اثبات آهي، ان مان مراد عطائي علم غيب آهي. علامہ نيشا پوري بہ ائين ئي لکيو آهي جيءَ نآيت:

قُلْ لَآ يَعْلَمُ جي تفسير ۾ لکي ٿو تہ:

لَا اَعْلَمُ الْغَيْبَ تَكُوْنُ فِيْهِ دَلَالَةٌ عَلٰى اَنَّ الْغَيْبَ بِالْاَسْتِقْلَالِ لَا يَعْلَمُهٗ اِلَّا اللّٰهُ

وهابين ديوبندين جي چالاڪي تہ ڏسو جو ذاتي علم غيب ۽ علم محيط حقيقي جي نفي وارين آيتن کي حضور ﷺ جن جي عطائي علم غيب جي نفي لاءِ پيش ڪندا آهن جيڪا اها انهن جي بدديانتي ۽ جهالت جي نشاني آهي. عطائي علم غيب کي غيب نہ چوڻ بہ قرآن و احاديث ۽ تفاسير کان بي خبريءَ جو دليل آهي. قرآن پاڪ مان حضور ﷺ جن جو عطائي علم غيب ثابت آهي. مان اوهان جي اڳيان جيڪا آيت تلاوت ڪئي اٿم ان کي غور سان ٻڌو ۽ سمجهو.

وَعَلَّمَكَ مَالَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ وَكَانَ فَضْلُ اللّٰهِ عَلَيْكَ عَظِيْمًا

ترجمو: انهن شين جو توهان کي علم ڏنائين جن کي توهان نہ ڄاڻندا هئا اهو توهان تي الله تعاليٰ جو وڏو احسان آهي. حضرات تفسير جلالين شريف نهايت ئي معتبر تفسير آهي جيڪو تمام مدارس عربيہ ۾ پڙهايو وڃي ٿو ان تفسير ۾ هن آيت تحت لکيل آهي تہ: اَیْ مِنَ الْاَحْكَامِ وَالْغَيْبِ يعني احڪام ۽ علم غيب ڄاڻايائين. (جلالين پ 5) سرتاج المفسرين علامہ فخر الدين رازي رحمت الله عليه ان آيت ماتحت فرمائن ٿا تہ:

اَیْ مِنَ الْاَحْكَامِ وَالْغَيْبِ (تفسير ڪبير پ 5)

يعني احڪام ۽ علم غيب ڄاڻايائين.

تفسير روح المعاني ۾ لکيل آهي ته:

مِنْ خَفِيَّاتِ الْاُمُوْرِ وَ ضَمَائِرِ الصُّدُوْرِ وَمِنْ اَخْبَارِ الْاَوَّلِيْنَ وَالْاٰخِرِيْنَ (روح المعاني ج ۵ ص ۱۴۴)

يعني تمام پوشيده شيون ۽ سينن ۾ لکيل ڳالهيون. اوهان کي الله تعاليٰ ٻڌائي ڇڏيون يا اول ۽ آخر جون ساريون خبرون ٻڌائي ڇڏيائين.

تفسير روح البيان ۾ آهي ته:

مِنَ الْغَيْبِ وَخَفِيَّاتِ الْاُمُوْرِ (تفسير روح البيان ج ۵ ص ۲۸۲)

يعني الله تعاليٰ اوهان کي غيب ۾ تمام پوشيده شين جو علم عطا فرمايو آهي. تفسير خازن ۾ آهي ته: يعني

مِنْ اَحْكَامِ الشَّرْعِ وَاُمُوْرِ الدِّيْنِ وَ قِيْلَ عَلَّمَكَ مِنْ عِلْمِ الْغَيْبِ مَالَمْ تَكُنْ تَعْلَمُ (تفسير خازن ج ۱ ص ۴۲۹)

يعني شريعت جا تمام احڪام ۽ دين جون تمام گهڻيون ڳالهيون ۽ چيو ويو ته علم غيب غرض جوڪجهه به نه ڄاڻيندا هئا اهو سڀ ڪجهه الله ڪين ڄاڻائي ڇڏيو آهي.

برادران ملت. قرآن مجيد جي تفسيرن مان ثابت ٿيو آهي ته الله تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي علم غيب عطا فرمايو آهي. آيت ۾ مالم تکن تعلم آيو آهي. مدارس عربيه جا طالب علم به اصول فقه جو هي مسئلو ڄاڻن ٿا ته: " مَنْ وَمَا اَصْلُهُمَا الْعُمُوْمُ " يعني من ۽ ما جي اصل وضع عموم جي لاءِ آهي، هاڻي آيت سڳوري جو اهو مطلب ٿيو ته اهي تمام شيون جن جو علم حضور ﷺ جن کي نه هو انهن تمام شين جو علم الله تعاليٰ ڪين عطا فرمائي ڇڏيو. خواه اهو علم غيب هجي يا علم شهادت آيت جو آخري جملو "وكان فضل الله عليك عظيما" ان تي زبردست ۽ قوي قرينه آهي. "ما" هتي عموم جي لاءِ آهي. جنهن مان تمام علوم مراد آهن. قرآن پڙهو ۽ ايمان تازو ڪيو. ارشاد رباني آهي ته:

وَمَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَاءُ (پ ٤ سوره آل عمران ع ٩)

ترجمو: الله تعاليٰ جو اهو شان نه آهي جو توهان کي غيب جو علم عطا ڪري پر پنهنجي مرضي سان جنهن رسول کي چوندي (ان کي علم غيب عطا ڪندو آهي).

صاحب تفسير جمل فرمائي ٿو ته:

وَالْمَعْنٰى وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ اَيْ يَصْطَفِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَاءُ فَيُطْلِعُهٗ عَلَى الْغَيْبِ. (تفسير جمل)

يعني الله برگزيده ڪندو آهي. پنهنجي رسولن مان جنهن کي چاهيندو آهي پس مطلع ڪندو آهي. ان کي غيب تي.

عَالِمُ الْغَيْبِ فَلَا يُظْهِرُ عَلٰى غَيْبِهٖ اَحَدًا اِلَّا مَنِ ارْتَضٰى مِنْ رَّسُوْلٍ. (سوره جن پ ٢٩ ع ٢)

ترجمو: الله تعاليٰ غيب جو علم ڪنهن تي به ظاهر نه ڪندو آهي پر جنهن رسول تي راضي ٿي (ان لاءِ ظاهر ڪندو آهي).

حضرت علامه اسماعيل الرحمت الله عليه ان آيت ماتحت فرمايو آهي ته

قَالَ ابْنُ الشَّيْخِ اِنَّهٗ تَعَالٰى لَا يُطْلِعُ عَلَى الْغَيْبِ الَّذِيْ يَخْتَصُّ بِهٖ تَعَالٰى عِلْمُهٗ اِلَّا الْمُرْتَضٰى الَّذِيْ يَكُوْنُ رَسُوْلًا وَمَا لَا يَخْتَصُّ بِهٖ يُطْلِعُ عَلَيْهِ غَيْرَ الرَّسُوْلِ (روح البيان ...)

ترجمو: ابن شيخ فرمايو ته اهو علم غيب جيڪو الله تعاليٰ سان خاص آهي. ان کي پنهنجي پيارن رسولن کان سواءِ ڪنهن کي به مطلع نه ڪندو آهي ۽ جيڪو غيب الله تعاليٰ سان خاص نه آهي ان تي ولين کي به مطلع ڪندو آهي. (مطلب ته الله جا ولي به بعض غيب ڄاڻندا آهن).

☆ برادران ملت:

قرآن پاڪ جي آيتن مان ثابت آهي ته الله جا رسول "مرتضيٰ" يعني خدا جا پسنديده آهن انهن کي عالم الغيب پنهنجي غيب تي مطلع فرمائي

ته هاڻي ايمان سان ٻڌايو ته حضور خاتم النبيين ﷺ جن "مجتبيٰ" چونڊيل ۽ مرتضيٰ (پسنديده) رسول آهن يا نه؟ ڪير چئي سگهي ٿو ته "مجتبيٰ" ۽ "مرتضيٰ" نه آهن؟ خدا جو قسم مرتضيٰ ۽ مجتبيٰ ته رسول الله ﷺ جن جا نالا مبارڪ آهن پوءِ معلوم پيو ته الله تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي پنهنجي غيب جي علم تي مسلط ۽ مطلع فرمايو آهي. يقينا نبي ڪريم ﷺ جن علم غيب جي ڄاڻ وارا آهن. عقيدت ۽ محبت سان پڙهو ته يا رسول الله ﷺ

سر عرش پر ہے تیری گزر دل فرش پر ہے تیری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شی نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

قرآن جي هڪ آيت پڻ پڙهو. پروردگار عالم جو فرمان آهي ته:

وَمَا هُوَ عَلَى الْغَيْبِ بِضَنِينٍ (سوره تڪوير آيت ٢٤)

يعني هي نبي غيب ٻڌائڻ ۾ بخيل نه آهي.

سبحان الله [illegible]

آيت جو مطلب اهو آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن علم غيب ڄاڻن ٿا ۽ ٻين کي ٻڌائين ٿا. تفسير خازن ۾ به ايئن ئي لکيل آهي ته:

يَأْتِيهِ عِلْمُ الْغَيْبِ فَلَا يَبْخَلُ بِهِ عَلَيْكُمْ وَيُخْبِرُكُمْ بِهِ وَلَا يَكْتُمُهُ

(تفسير خازن ج ٢ ص ٣٨٣)

الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته منهنجي نبي ڪريم ﷺ کي غيب جو علم اچي ٿو جيڪو توهان کي ٻڌائڻ ۾ بخيلي نه ٿو فرمائي بلڪ توهان کي غيب جون خبرون ٻڌائي ٿو لڪائي نه ٿو. ڇا علم غيب جي منڪرن کي قرآن پاڪ جون اهي آيتون ۽ تفسير نظر نه ٿا اچن. جو علم غيب جو انڪار ڪن ٿا ۽ عطائي کي غيب تسليم نه ٿا ڪن. گهڻو مشهور ۽ معتبر مفسرين پنهنجي تفسيرن ۾ حضور ﷺ لاءِ "علم غيب" جو لفظ استعمال فرمايو آهي.

بلا ریب ہر غیب کے ہیں وہ عالم
مگر بے خبر بے خبر دیکھتے ہیں

چند حديثون بہ پڙهو:

عَنْ قَتَادَةَ اَنَّ اَنَسَ بْنَ مَالِكٍ حَدَّثَهُمْ اَنَّ النَّبِيَّ ﷺ صَعِدَ اُحُدًا وَ اَبُوْبَكْرٍ وَ عُمَرُ وَ عُثْمَانُ فَرَجَفَ بِهِمْ فَقَالَ اُثْبُتْ اُحُدُ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ نَبِيٌّ وَ صِدِّيْقٌ وَ شَهِيْدَانِ

(بخاري شريف ج ١ ص ٥١٩)

حضرت قتاده رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ حضرت انس بن مالک رضي الله عنه بيان ڪري ٿو تہ هڪ ڀيري سرور انبياء ﷺ ۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه جبل احد تي چڙهيا تہ جبل ۾ جنبش اچي ويو پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ: اي احد سڪوت (چپ) ٿي تحقيق تنهنجي مٿان هڪ نبي، هڪ صديق ۽ ٻہ شهيد آهن.

ڏسو حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت عثمان رضي الله تعاليٰ عنه زنده آهن. سندن شهادت ڪيترا سال بعد ۾ ٿيڻي هئي مگر مدني سرڪار مٺي محمد ڪريم ﷺ اڳ ۾ ئي ٻڌائي ڇڏي هئي اهو ئي تہ علم غيب آهي.

عَنْ عُمَرَ قَالَ قَامَ فِيْنَا رَسُوْلُ اللهِ ﷺ مَقَامًا فَاَخْبَرَنَا عَنْ بَدْءِ الْخَلْقِ حَتّٰى دَخَلَ اَهْلُ الْجَنَّةِ مَنَازِلَهُمْ وَاَهْلُ النَّارِ مَنَازِلَهُمْ انتهي (بخاري شريف ج ١ ص ٤٥٣)

حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ هڪ دفعو حضور اڪرم ﷺ جن اسان ۾ بيهي مخلوق جي پيدا ٿيڻ کا نوني جنتين جي جنت ۾ وڃڻ ۽ دوزخين جي دوزخ ۾ وڃڻ تائين بيان فرمايو.

حضرت انس رضي الله تعاليٰ کان روايت آهي تہ قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ هٰذَا مَصْرَعُ فُلَانٍ وَيَضَعُ يَدَهُ عَلَى الْاَرْضِ هٰهُنَا وَهٰهُنَا قَالَ فَمَا مَاتَ اَحَدُهُمْ عَنْ مَوْضِعِ يَدِ رَسُوْلِ اللهِ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ (مسلم شريف ج ٢ ص ١٠٢ مشڪواة شريف ص ٥٣١)

حضور اڪرم ﷺ جن جنگ بدر جي هڪ ڏينهن اڳ ۾ فرمايو ته فلاڻي شخص جي مرڻ جي جاءِ هي آهي ۽ هٿ مبارڪ کي هيڏي هوڏي زمين تي رکيو (يعني نشان ڪيا) راوي چوي ٿو ته ڪو به مقتول حضور اڪرم ﷺ جي نشان کان هيڏي هوڏي نه ٿيو.

اهو علم غيب نه آهي ته ٻيو ڇا آهي، ڪير ڪٿي مرندو اهو به علوم خمسه مان هڪ علم آهي مشڪواه شريف ۾ حضرت عبدالرحمن بن عائش کان روايت آهي ته نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

رَاَيْتُ رَبِّيْ عَزَّوَ جَلَّ فِيْ اَحْسَنِ صُوْرَةٍ فَوَضَعَ كَفَّهٗ بَيْنَ كَتِفَيَّ فَوَجَدتُّ بَرْدَهَا بَيْنَ ثَدْيَيَّ فَعَلِمْتُ مَافِي السَّمَاوَاتِ وَالْاَرْضِ۔ مشکواۃ شریف ص ۷۰ باب المساجد)

مان پنهنجي رب کي سهڻي صورت ۾ ڏٺو، رب تعاليٰ پنهنجا دست قدرت منهنجي ٻنهي ڪلهن جي وچ ۾ پٺيءَ تي رکيا (جيئن پاڪر ذيل مهل رکيا ويندا آهن) انهن هٿن جي ٿڌاڻ مون پنهنجي سيني ۾ محسوس ڪئي پوءِ مان تمام آسمانن ۽ زمينن جي شين کي ڄاڻي چڏيم ٻي روايت ۾ هي الفاظ آهن پاڻ سڳورن ﷺ جن فرمايو ته جڏهن الله تعاليٰ پنهنجي قدرت جا هٿ منهنجي ڪلهن تي رکيا ته:

فَتَجَلّٰى لِيْ كُلُّ شَيْءٍ (مشکواۃ شریف ص ۷۲)

منهنجي لاءِ هر شيءِ ظاهر ٿي پئي يعني هر شيءِ کي مان ڏسي رهيو هئس. دوستو وڏي کان وڏو غيب ته الله جي ذات آهي محبوب سهڻا ان مالڪ کي به ڏسي آيا ته پوءِ باقي ڪهڙي شيءِ غيب رهي.

اور کوئی غیب کیا تم سے نہاں ہو بھلا
جب خدا ہی نہ چھپا تم پہ کروڑوں درود

دوستو علم غيب جو انڪار ڪرڻ قرآن شريف ۽ مفسرن جي تصريح موجب ڪافر ۽ منافقن جو خاص نشان آهي مون اوهان اڳيان اڳ ۾ آيت:

مَا كَانَ اللّٰهُ لِيُطْلِعَكُمْ عَلَى الْغَيْبِ وَلٰكِنَّ اللّٰهَ يَجْتَبِيْ مِنْ رُّسُلِهٖ مَنْ يَّشَاءُ

بيان ڪري آيو آهيان، تفسير جامع البيان ۾ هن آيت جو شان نزول بيان ٿيل آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته مون کي ساري امت جو احوال معلوم ٿي چڪو آهي ته ڪهڙو مون تي ايمان آڻيندو ۽ ڪهڙو ڪافر ٿيندو تنهن تي منافقن چيو ته جيڪڏهن محمد ﷺ غيب ڄاڻن ٿا ته پوء اسين ان سان گڏ ويٺا آهيون اسان کي چو نه ٿو سڃاڻي، الله تعاليٰ منافقن جي ترديد ۾ اها آيت نازل فرمائي ۽ حضور اڪرم ﷺ جن منافقن کي نالا وٺي ڪري ٽڙي ڇڏيو پڙهي ڏسو تفسير جامع البيان بر حاشيه جلالين مطبوعه مجتبائي دهلي ص 64)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪاوڙ منبر شريف تي چڙهي علم غيب جي منڪرن منافقن کي چيو ته توهان منهنجي علم تي طعنو ڪيو ٿا، سلوني عما شئتم پڇو جيڪي پڇڻ چاهيو ٿا. (بخاري شريف ج 1 ص 19 مسلم شريف ج 2 ص 264)

ٻئي هنڌ سندن هي الفاظ مبارڪ به آهن:

فَوَاللّٰهِ لَا تَسْأَلُوْنِيْ عَنْ شَيْءٍ اِلَّا اَخْبَرْتُكُمْ بِهٖ مَا دُمْتُ فِيْ مَقَامِيْ هٰذَا فَقَامَ رَجُلٌ فَقَالَ اَيْنَ مَدْخَلِيْ قَالَ النَّارُ فَقَامَ عَبْدُاللّٰهِ بْنُ حُذَافَةَ فَقَالَ مَنْ اَبِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ قَالَ اَبُوْكَ حُذَافَةَ ثم كَثُرَ اَنْ يَّقُوْلَ سَلُوْنِيْ سَلُوْنِيْ

(بخاری شریف ج۲ ص ۱۰۸۳)

خدا جو قسم جيڪو پڇڻ چاهيو پڇو جيستائين مان هن جاءِ (يعني منبر) تي آهيان اوهان کي سڀ ڪجهه ٻڌائيندس هڪ شخص اٿي بيٺو، عرض ڪيائين ته منهنجي جاءِ ڪٿي آهي؟ فرمايائونس ته جهنم ۾ عبدالله حذا اٿي پڇا ڪئي ته منهنجو پيءُ ڪير آهي فرمايائونس ته حذافه پوءِ بار بار فرمائيندا رهيا سلوني سلوني پڇو پڇو. سبحان الله منڪرو حديث کي پڙهو سمجهيو ڏسو هن حديث مان ثابت آهي ته الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جن کي

غيب ڪلي عطا فرمايو آيو ورنہ سلوني جو اعلان عام نہ فرمائن ها ۽ ساٿهن

بہ علوم خمسہ جا ئي سوال ڪيا جن جو ڪين فورا صحيح جواب ڏنائون ان

ڪان وڏيڪ غيب ڪلي جو ٻيو ڪهڙو ثبوت ٿي سگهي ٿو.

اول و آخر سب ڪچھ جانے ديکھے بعيد و قريب

غيب کی خبريں دينے والا الله کا پيارا حبيب

☆ ماڪان ۽ مايڪون **جو ثبوت:**

تفسير معالم التنزيل ۽ تفسير خازن واري، آيت اَلرَّحمٰن عَلَّمَ الْقُرْاٰنَ خَلَقَ الْاِنْسَانَ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ جي تفسير ۾ تصريح فرمائي آهي تہ "انسان"ڪان مراد سيد الانبياء حضرت محمد ﷺ جن آهن ۽ "عَلَّمَهُ الْبَيَانَ" ڪان مراد علم مَاكَانَ ۽ مَايَكُوْنُ آهي يعني جيڪو ٿيو آهي ۽ جيڪو ٿيندو ڇو جو حضور اڪرم ﷺ جن اولين آخرين ۽ قيامت جي خبر ڏيندا آهن.

وَقِيْلَ اَرَادَ بِالْاِنْسَانِ مُحَمَّدُ صَلَی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمْ عَلَّمَهُ الْبَيَانَ يعنى بيان مَاكَانَ وَمَايَكُوْنُ لِاَنَّهٗ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ يُنْبِئُي عَنْ خَبَرِ الْاَوَّلِيْنَ وَالْآخِرِيْنَ وَعَنْ يَوْمِ الدِّيْنِ انتهیٰ (تفسير خازن ج٤ ص ٢٢٣)

تفسير حسيني ۾ بہ ان آيت تحت ائين ئي لکيل آهي مشڪوات شريف ۾ حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ ڪان روايت آهي تہ هڪ ٻگهڙ ڏنار سان بلند آواز ۾ ڳالهائي چوي ٿو تہ:

يُخْبِرُكُمْ بِمَا مَضٰى وَمَا هُوَ كَائِنٌ بَعْدَكُمْ،

مدينہ وارو سائين دنيا ۾ جيڪو ٿيو آهي يا جيڪو ٿيندو توکي ٻڌائيندو.

فَكَانَ الرَّجُلُ يَهُوْدِيًا فَجَاءَ اِلَى النَّبِيِّ ﷺ فَاَخْبَرَهٗ وَاَسْلَمَ فَصَدَّقَهُ النَّبِيُّ ﷺ (مشڪوات شريف باب المعجزات ص 541)

پوءِ اهو ڏنار جيڪو يهودي هيو .حضور ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ڪري ٻگهڙ جي سموري شهادت جي تصديق وٺي مسلمان ٿيو.

منهنجا سني ڀائرو، ڏسو جهنگ جا بي سمجھ جانور علم غيب

واري معجزي "ماکان ما يکون" جي شاهدي ڏين ٿا ۽ يهودي درندن جي
مان علم "ماکان وما يکون" جي شاهدي ٻڌي ايمان آڻن ٿا مگر افسوس
آهي وهابين ۽ ديوبندين تي جو قرآن ۽ حديثون پڙهي، پوءِ به علم غيب جو
انڪار ڪن ٿا. ڇا اهڙا ماڻهو درندن کان به وڌيڪ بي سمجھ نه آهن اهڙن لاءِ
ارشاد رباني آهي ته:

اُولٰئِكَ كَالْاَنْعَامِ بَلْ هُمْ اَضَلُّ اُولٰئِكَ هُمُ الْغَافِلُوْنَ (اعراف پ ۹)

☆ علوم خمسه – پنجن شين جو علم:

(1) قيامت ڪڏهن ٿيندي.

(2) مينهن ڪڏهن وسندو.

(3) ماءُ جي پيٽ ۾ ڇا آهي. (ڇوڪرو يا ڇوڪري)

(4) سڀاڻي ڇا ٿيندو يا ڪير ڪٿي مرندو.

وهابي ديوبندي چوندا آهن ته انهن پنجن شين جو علم الله تعالىٰ
کان سواءِ ڪير به نه ٿو ڄاڻي حالانڪ انهن پنجن شين جو علم به الله تعالىٰ
حضور ﷺ جن کي عطا ڪيو آهي.

قَالَ الْعُلَمَاءُ الْحَقُّ اِنَّهٗ لَمْ يَخْرُجْ نَبِيُّنَا مِنَ الدُّنْيَا حَتّٰى اَطْلَعَهُ اللّٰهُ
عَلٰى تِلْكَ الْخَمْسِ وَلٰكِنَّهٗ اُمِرَ بِكَتْمِهَا (تفسير صاوى ج ۵ ص ۱۶۰۷)

علماءِ ڪرام فرمائن ٿا ته: حق جي ڳالهه هي آهي ته حضور ﷺ جن
کي دنيا تان الوداع ڪرڻ کان پهريائين الله تعالىٰ هن پنجن شين جو علم عطا
فرمايو هو قطب الاقطاب سلطان اولياءِ عبدالعزيز دباغ رحمته الله عليه فرمائن
ٿو ته حضور ﷺ جن جو شان ۽ مان ارفع و اعلىٰ آهي ۽ اهو علم ڪين سڀ
اولىٰ حاصل آهي. پر حضور ﷺ جن جي خادمن ۽ غلامن کي به امور خمسه جو
علم هوندو آهي جنهن جي ذريعي جڳ ۾ تصرف ڪندا آهن. (ابريز ص 334)

عارف رباني شيخ عبدالوهاب شعراني پنهنجي ڪتاب "ڪشف
الغمه" ۾ فرمائي ٿو ته:

اُوْتِيَ عِلْمُ كُلِّ شَيْءٍ حَتَّى الرُّوْحَ وَالْخَمْسَ الَّتِيْ فِي

آيةِ، اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ (كشف الغمه ج ٢ ص ٥٤)

الله تعاليٰ نبي ﷺ جن کي کل شيءِ جو علم عطا فرمايو آهي. حتيٰ ڪ روح جو ۽ ان پنج شين جو بہ جن جو ذڪر هن آيت ۾ آهي. اِنَّ اللّٰهَ عِنْدَهٗ عِلْمُ السَّاعَةِ.

☆ **اولياءَ الله ۾ علم غيب:** برادران اسلام! الله تعاليٰ حضور ﷺ جن جي فيض ۾ عطا سان اولياءِ ڪرام کي بہ بعض علم غيب عطا ڪيو آهي. جيڪو سندن ڪرامات ۾ شامل آهي.

قَدْ يَنْكَشِفُ لَهُمْ مَا فِي الضَّمِيْرِ وَ يَعْلَمُوْنَ بَعْضَ الْحَوَادِثِ قَبْلَ تَكَوُّنِهَا۔

دل جي ڳالھ کي ڄاڻڻ ۽ واقعات رونما ٿيڻ کان اڳ ان جو علم هجڻ اولياءَ الله جي ڪرامات ۾ شامل آهي. (روض الرياحين ص 41)

علامہ علي قاري رحمتہ الله تعاليٰ عليه ڪليل لفظن ۾ لکي ٿو تہ:

وَنَعْتَقِدُ اَنَّ الْعَبْدَ يَنْقُلُ فِي الْاَحْوَالِ حَتّٰى يَصِيْرَ اِلٰى نَعْتِ الرُّوْحَانِيَّةِ فَيَعْلَمُ الْغَيْبَ۔ (مرقاة شرح مشكوات ج ١ ص ٦٢)

اسان جو عقيدو آهي تہ ٻانهو ترقي مقامات حاصل ڪري صفت روحانيت تائين پهچندو آهي تہ ان وقت هن کي علم غيب حاصل ٿيندو آهي. پيارا ڀائرو! مون قرآن ۽ حديثن مان حضرت نبي ﷺ جن جو علم غيب ثابت ڪيو آهي. پوءِ افسوس آهي انهن ماڻهن تي جيڪي مسلمان بہ سڏائن ٿا ۽ حضور ﷺ جن جي علم غيب جو انڪار بہ ڪن ٿا. اهڙن ماڻهن لاءِ حضور ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ

مَا بَالُ اَقْوَامٍ طَعَنُوْا فِيْ عِلْمِيْ۔ (خازن ج ١ ص ٣٢٨)

ان قوم جو ڇا حال ٿيندو. جيڪي منهنجي علم ۾ طعنو ڪن ٿا.

بلا ريب ہر غيب کے ہيں وہ عالم
مگر بے خبر بے خبر ديکھتے ہيں

وڌيڪ تفصيل ۽ وضاحت لاءِ بنده جو ڪتاب مسئلہ غيب مطالعو ڪريو.

وما علينا الا البلاغ

ربيع الاول — چوٿون جمعو

حاضر و ناظر جو ثبوت

نَحْمَدُهٗ وَ نُصَلِّيْ وَ نُسَلِّمُ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ۔ اَمَّا بَعْدُ۔ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ۔ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔ يٰاَيُّهَا النَّبِيُّ اِنَّا اَرْسَلْنٰكَ شَاهِدًا وَّ مُبَشِّرًا وَّ نَذِيْرًا وَّ دَاعِيًا اِلَى اللّٰهِ بِاِذْنِهٖ وَ سِرَاجًا مُّنِيْرًا۔ (سوره احزاب پ ٢٢ ع ٣)

سر عرش پر ہے تیری گذر، دل فرش پر ہے تیری نظر
ملکوت و ملک میں کوئی شے نہیں وہ جو تجھ پہ عیاں نہیں

مسلمان ڀائرو!

بارگاھ نبوي ﷺ ۾ درود و سلام جا نذرانا پيش فرمايو

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ
وَسَلَّمْ عَلَيْكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ ﷺ

حضور پر نور ﷺ جن حاضر ۽ ناظر آهن. افسوس سان چوڻو ٿ
پوي ٿو مسلمانن ۾ هڪ اهڙو نئون فرقو پيدا ٿيو آهي. جيڪو پاڻ کي
مسلمان ۽ موحد به سڏائي ٿو ۽ حضور ﷺ جن جي حاضر و ناظر هجڻ ج
انڪار به ڪري ٿو ۽ اهڙي عقيدي رکڻ واري کي ڪافر ۽ مشرڪ به چئي
درحقيقت توحيد جي آڙ ۾ سندن مقصد حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ج
شان ۽ عظمت کي گهٽائڻ ۽ مٽائڻ آهي. انهن جي نزديڪ حضور ﷺ ج
جو هر ڪمال گويا شرڪ ۽ ڪفر آهي حالانڪ حاضر و ناظر هجڻ حضور ﷺ
جن جي هڪ وڏي خصوصيت آهي. سندن عظمت ۽ بزرگي جو هڪ وڏو دلي
آهي. الله تعاليٰ کين علم و رويت حاضر و ناظر جي صفت سان نوازيو آه
اهو هڪ عظيم و جليل مرتبو آهي .جيڪو الله تعاليٰ کين عطا فرمايو آه

اهي جاهل ۽ بي سمجهه آهن. انهن کي شان نبوت ۽ مقام رسالت ﷺ جي ڪا خبر ئي نہ آهي ۽ نہ انهن کي حاضر و ناظر لفظ جي معنيٰ مفهوم ۽ عقيدي اهل سنت جي ڪا خبر آهي رڳو شرڪ شرڪ ڪفر ڪفر چوڻ تي زور هوندو اٿن. حاضر و ناظر جو عقيدو قرآن ۽ حديثن مان ثابت آهي ۽ اهو عقيدو صحابہ ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين سلف صالحين ۽ بزرگان دين جو رهيو آهي ۽ ان کي شرڪ چوڻ قرآن پاڪ ۽ حديثن کان بي خبريءَ جو ثبوت آهي.

☆ لفظ حاضر و ناظر جي معنيٰ:

حاضر و ناظر جي معنيٰ کان هر اهل علم واقف آهي. حاضر جي لغوي معنيٰ آهي سامهون هجڻ وارو يعني جيڪا شيءِ کلم کلا بي حجاب اکين جي سامهون هجي ۽ حاضر غائب جو ضد آهي.

ناظر جي لغوي معنيٰ آهي اک سان ڪنهن شيءِ کي ڏسڻ يعني ڏسڻ وارو، پڙهي ڏسو ڪتب لغت (منجد، صراح، مختار المصاح، مفردات امام راغب اصفهاني وغيره) شرعي معنيٰ هي آهي تہ قوت قدسيہ وارو هڪ ئي جڳهہ تي رهي ساري دنيا کي پنهنجي هٿ جي تريءَ وانگر ڏسي ۽ پري ويجهي جو آواز ٻڌي يا هڪ پل ۾ تمام دنيا جو سير ڪري ۽ سوين ڪوهن تي حاجتمندن جي حاجت روائي ڪري اها رفتار روحاني هجي يا جسم مثالي سان يا جسم حقيقي سان. ان جو ثبوت قرآن احاديث، بزرگان دين ۽ اقوال علماءِ سان ثابت آهي. حضور اڪرم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي:

اِنَّ اللّٰهَ قَدْ رَفَعَ لِيَ الدُّنْيَا فَاَنَا اَنْظُرُ اِلَيْهَا وَاِلٰى مَاهُوَ كَائِنٌ فِيْهَا اِلٰى يَوْمِ الْقِيَامَةِ كَمَا اَنْظُرُ اِلٰى كَفِّيْ هٰذِهٖ

(مواهب لدينه مع شرح زرقاني شريف ج ۲ ص ۲۰۴، النعمة الكبرىٰ على العالم ص ۹۱، جواهر البحار ج ۳ ص ۳۵۴)

الله تعاليٰ ساري دنيا منهنجي سامهون ڪري ڇڏي آهي مان ساري دنيا کي ۽ جو ڪجهہ دنيا ۾ قيامت تائين ٿيڻ وارو آهي ان کي ائين ڏسي

ڪيئن ٿيو. بلاوجه مسلمانن کي مشرڪ مشرڪ چوڻ جهالت ۽ بي انصافي

آهي ته ڀيو ڇا آهي.

☆ حاضر ناظر جو مفهوم:

دوستو هي ڳالهه ذيان سان ٻڌو ۽ سمجهو جيستائين اسان جي

نظر ڪم ڪري ٿي اوستائين اسان ناظر آهيون ۽ جنهن جڳهه تائين اسان

جو دسترس آهي يعني جتي تصرف ڪري سگهون ٿا ته اتي اسان حاضر

آهيون مثلا: اسان جي نظر آسمان تائين ڪم ڪري ٿي ته ايستائين اسان

ناظر آهيون يعني ڏسڻ وارا آهيون مگر اتي حاضر نه آهيون ڇو ته اتي اسان

جو دسترس نه آهي ها گهريا حجري ۾ اسان موجود آهيون ته ان جڳهه تي

اسان جو دسترس آهي. ان جڳهه تي اسان حاضر ۽ ناظر آهيون يعني

پنهنجي حد تائين حاضر به آهيون ته ناظر به آهيون بلاتشبيه هاڻي اها

ڏسڻو آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن جي حد ڪيستائين آهي جيستائين ﷺ

سندن حد اوتري تائين پاڻ ﷺ جن حاضر و ناظر آهن ارشاد باري آهي:

تَبَارَكَ الَّذِي نَزَّلَ الْفُرْقَانَ عَلَىٰ عَبْدِهِ لِيَكُونَ لِلْعَالَمِينَ نَذِيرًا

(سوره فرقان پ ١٨ ع ١٦)

ترجمو: وڏي برڪت وارو آهي اهو جنهن نازل ڪيو قرآن پنهنجي ٻانهي

تي جيئن سموري جهان کي ڊيڄاريندڙ هجي

وَمَا أَرْسَلْنَاكَ إِلَّا رَحْمَةً لِّلْعَالَمِينَ (سورة الانبياء پ ١٧ ع ٧)

ترجمو: ۽ اسان توکي نه موڪليو مگر رحمت سموري جهانن جي واسطي

ثابت ٿيو ته سيني "عالمين" تائين سندن دسترس آهي يعني سيني عالمن

لاءِ حاضر و ناظر آهن.

دوستو ان ۾ اختلاف ۽ بحث جي ڪا به ضرورت نه آهي قرآن پاڪ

جو فيصلو هي آهي: اَلنَّبِيُّ أَوْلَىٰ بِالْمُؤْمِنِينَ مِنْ أَنفُسِهِمْ

(سورة الاحزاب پ ٢١ ع ١٢)

ترجمو: نبي ڪريم ﷺ قريب آهي مومنن کي سندن جانن کان

ثابت ٿيو تہ حضور اڪرم ﷺ جن مومنن کي سندن جانن کان بہ زيادہ قريب آهن ۽ ظاهر ڳالهہ آهي تہ جيڪو قريب هوندو آهي اهو حاضر بہ هوندو آهي تہ ناظر بہ هوندو آهي.

قرآن پاڪ جو فيصلو اوهان ٻڌو تہ مومن اهو آهي جيڪو حضور اڪرم ﷺ کي پنهنجي جان کان بہ زيادہ قريب (يعني حاضر و ناظر) سمجهي

ديوبندي جي اڳواڻ ۽ مدرسہ ديوبند جي باني مولوي قاسم نانوتوي بہ اها ئي معنيٰ "اوليٰ" يعني اقرب ڪئي آهي. پڙهو (تحذير الناس ص 14 ۽ آب حيات ص 73)

پوءِ افسوس آهي انهن ماڻهن تي جيڪي قرآن پاڪ کي پڙهي پوءِ بہ ان عقيدي کي شرڪ چون ٿا جاهل ايترو بہ نٿا سمجهي سگهن تہ جيڪو عقيدو قرآن پاڪ مان ثابت آهي اهو شرڪ ڪيئن ٿو ٿي سگهي.

حديثن مان بہ ان جو ثبوت موجود آهي حضرت انس بن مالڪ رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي فرمايو حضرت رسول اڪرم ﷺ جن تہ جڏهن ماڻهو کي قبر ۾ رکيو ويندو آهي تہ نڪيرين ميت کان ٽيون سوال هي پڇندا آهن تہ:

مَا كُنْتَ تَقُوْلُ فِيْ هٰذَا الرَّجُلِ مُحَمَّدٍ ﷺ

تون ڇا چوندو هئين هن بدر الدجيٰ نور الهديٰ حضرت محمد ﷺ جن جي باري ۾ مومن چوندو مان گواهي ڏيان ٿو تہ بيشڪ محمد ﷺ الله جا رسول آهن. بخاري شريف 178 جلد 1، مسلم شريف ج 2 ص 386، نسائي شريف ج 1 ص 288) منهنجو عقيدو بہ ٻڌو:

قبر میں سرکار آئیں تو میں قدموں میں گروں
اور فرشتے گر اٹھائیں تو میں ان سے یوں کہوں
کہ میں پائے ناز سے اب اے فرشتے کیوں اٹھوں
مر کے پہنچا ہوں یہاں اس دلربا کے واسطے

مسلمان پيدا ٿين ٿا، ڪيترائي مرن ٿا، زمين تي ڪروڙين ماڻهو روزانو مرن ٿا، ڪيترائي دفن ٿين ٿا. هڪ ئي وقت ۾ هر هڪ کان منڪر نڪير اهو سوال پڇن ٿا، ان جي معنيٰ ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن به ڪروڙها جاين تي هڪ ئي وقت تي ۾ تشريف فرمائين ٿا. اهو حاضر و ناظر جو چٽو ۽ مضبوط ثبوت نه آهي ته ٻيو ڇا آهي؟ دوستو توجهه ۽ غور ڪريو ته منڪر نڪير ڪروڙها جاين تي هڪ ئي وقت حاضر ٿي سگهن ٿا ملڪ الموت ڪروڙها جاين تي هڪ ئي وقت دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ روح قبض ڪري سگهي ٿو. شيطان لعين ڪروڙها جاين تي هڪ ئي وقت ۾ انسانن کي گمراهه ڪري سگهي ٿو ته ڪنهن به نام نهاد موحد کي شرڪ نظر ڪونه ٿو اچي حضرت نبي ڪريم ﷺ جي ڪروڙها جاين تي هڪ ئي وقت ۾ دکي، دل کي دلاسو ڏيڻ بيمارن کي شفا بخشڻ ڏک درد ۽ مرض ميٽي ڇڏڻ ته شرڪ جو شڪار ٿي نظر اچي ٿو، ڇا اهو عداوت رسول اڪرم ﷺ جو ثبوت نه آهي؟ اهو عقيدو ته قبر ۾ نجات جو سبب بڻجي ٿو خبر نه آهي ته انهن ماڻهن جو ڇا حشر ٿيندو جن جو اهو عقيدو نه آهي.

هي ڳالهه ته هرڪو اهل علم سمجهي ٿو ته "سلام" حاضر ۽ موجود کي ڪيو ويندو آهي. حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ پنج وقت "السلام عليڪ ايها النبي" عرض ڪرڻ مان ثابت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن حاضر ۽ موجود آهن ڇو ته "عليڪ" ۾ "ڪ" خطاب جو آهي خطاب مخاطب سان ڪيو ويندو آهي ۽ مخاطب حاضر هوندو آهي. ان مان ثابت آهي ته حضور ڪريم ﷺ جن حاضر و ناظر آهن حجة الاسلام حضرت امام غزالي رحمة الله عليه فرمائن ٿا ته:

وَاحْضُرْ فِيْ قَلْبِكَ النَّبِيَّ ﷺ وَ شَخْصَهُ الْكَرِيْمَ
وَقُلْ اَلسَّلَامُ عَلَيْكَ اَيُّهَا النَّبِيُّ وَرَحْمَةُ اللّٰهِ وَبَرَكَاتُهُ
(احياء العلوم ج ١ ص ١٧٥)

يعني نمازي شخص کي قعده ۾ ويهڻ ته پنهنجي دل ۾ نبي ڪري

ﷺ جن کي حاضر سمجهي چئه السلام عليك ايها النبی ورحمة الله وبركاته
نوٽ: هي ڳالهه ڌيان سان ٻڌو ۽ ياد رکو تہ التحيات ۾ سلام عرض ڪرڻ وقت معراج جي واقعي جي نيت نہ هجي يعني سلام عرض ڪرڻ وقت نقل ۽حکايت جي نيت نہ بلڪ انشاء سلام جي نيت هجي، تمام فقهاء و محدثين جو اهو ئي چوڻ آهي. پڙهي ڏسو درمختار ج 1 ص 377.

حضرت شاهہ عبدالحق محدث دهلوي رحمت الله عليه جو بہ اهو ئي ارشاد مبارڪ آهي

وبعض عرفا گفته اند که این خطاب بجهت سریان حقیقت محمدیه است در ذرائر موجود است و افراد ممکنات پس آنحضرت درذات مصلیان موجود و حاضر است پس مصلی را باید که ازین معنی آگاه باشد وازین شهود غافل نبود تابانوار قرب واسرار معرفت منور وفائز گردد (اشعة اللمعات ج ا ص ۴۳۰)

يعني بعض عارفين چيو آهي تہ اَلتَّحِيَّاتُ ۾ اهو خطاب ان ڪري آهي تہ حقيقت محمديہ موجودات جي ذره ذره ۾ ۽ ممڪنات جي هر فرد ۾ سرايت ڪيل آهي پس حضور اڪرم ﷺ نمازين جي ذات ۾ موجود ۽ حاضر آهن نمازين کي گهرجي تہ هن معنيٰ کان آگاه رهن ۽ هن شهود کان غافل نہ ٿين تانڪ قرب جي نور ۽ معرفت جي ڀيدن ۾ ڪامياب ٿين.

منهنجا عزيز دوستو اهو ايترو تہ صاف ۽ واضح مسئلو آهي جنهن تي ڪنهن کي اعتراض ڪرڻ جي ضرورت ئي نہ آهي اڄ ڪلهہ جي حيرت انگيز ايجادات ان مسئلي کي حل ڪري ڇڏيو آهي مثلا: ٽيليفون وائرليس ٽيليوزن وغيره ڏسو ٽيليفون ۽ وائرليس جي ذريعي اسان پري واري جو آواز ٻڌي سگهون ٿا پري واري سان ڳالهائي بہ سگهون ٿا. ٽيليوزن جي ذريعي پري واري ماڻهو کي پنهنجي سامهون ڏسي سگهون ٿا ڀلي ڪٿي اهو لندن، آمريڪا، مڪي شريف يا مدينہ منوره ۾ چو نہ هجي گويا اهو ماڻهو اسان وٽ حاضر آهي غور ڪريو جڏهن هڪ مادي قوت ۽ طاقت جو اهو ڪمال آهي تہ

پوءِ الله تعاليٰ جي پياري محبوب حضرت محمد ﷺ جن جي روحانيت
نورانيت ۽ نور نبوت جو ڇا مقام ۽ ڪمال هوندو پوءِ ان تي اعتراض ۽
انڪار ڇو آهي ڏسو جيئن سج هڪ هنڌ آهي مگر ڏسون ٿا ته اسان وٽ آهي
سندس روشني هر جاءِ ۽ گهر گهر آهي.

كَالشَّمْسِ فِيْ كَبِدِ السَّمَاءِ وَضُوْهَا
يَغْشِى الْبِلَادَ مَشَارِقًا وَمَغَارِبًا

تيئن حضور اڪرم ﷺ جن جسماني بشريت سان روضہ اقدس ۾
تشريف فرما آهن مگر سندن روحانيت ۽ نورانيت هر گهر ۾ ۽ هر جاءِ تي
موجود ۽ جلوه گر آهي.

لِاَنَّ رُوْحَ عَلَيْهِ السَّلَامُ حَاضِرٌ فِيْ بُيُوْتِ اَهْلِ الْاِسْلَامِ

(شرح الشفا ج ٣ ص ٤٦٤)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جو روح مبارڪ مسلمانن جي گهرن ۾
حاضر آهي، دوستو حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو مقام ته ارفع و اعليٰ
آهي ليڪن هڪ ولي جو مقام به ٻڌو علامہ عبدالله يافعي عليه الرحمة
فرمائي ٿو:

اَلْوَلِيُّ اِذَا تَحَقَّقَ فِيْ وِلَايَتِهِ وَتَمَكَّنَ مِنَ التَّصَرُّفِ فِيْ
رُوْحَانِيَّتِهِ يُعْطٰى مِنَ الْقُدْرَةِ فِي التَّصَوُّرِ فِيْ صُوَرٍ عَدِيْدَةٍ
فِيْ وَقْتٍ وَاحِدٍ فِيْ جِهَاتٍ مُتَعَدَّدَةٍ عَلٰى حُكْمِ اِرَادَتِهِ

(روض الرياحين ص ٤٠٩)

يعني ولي الله جڏهن ولايت جي اعليٰ درجي تي پهچي وڃي ۽
روحانيت ۾ ڪمال حاصل ڪري ته ان کي ايتري طاقت عطا ڪئي ويندي
آهي جو هو مختلف صورتن ۾ مختلف جاين تي هڪ ئي وقت ۾ تصرف
ڪري سگهن ٿا جڏهن هڪ ولي جو اهو مقام آهي ته آقا جو ڇا مقام هوندو

آنکھ والا تیرے جوبن کا تماشا دیکھے
دیدہ کور کو کیا نظر آئے کیا دیکھے

علامہ جلال الدين فرمائي ٿو تہ:

اِنَّ النَّبِيَّ ﷺ حَيٌّ بِجَسَدِهٖ وَ رُوْحِ وَاِنَّهٗ يَتَصَرَّفُ وَيَسِيْرُ حَيْثُ شَاءَ فِي اَقْطَارِ الْاَرْضِ وَفِي الْمَلَكُوْتِ

(الحاوى الفتاوىٰ ج ٢ ص ٢٥١)

يعني نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي جسم مبارڪ ۽ روح مبارڪ سان حيات آهن ۽ بلاشبہ جتي چاهيندا آهن تشريف فرمائيندا آهن زمين ۽ ساري عالم ملڪوت جي هر گوشي ۾ تصرف فرمائيندا آهن. ديوبند جا اڪابر بہ ايئن ئي لکن ٿا تہ:

فَهُوَ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ حَيٌّ فِيْ قَبْرِهِ الشَّرِيْفِ يَتَصَرَّفُ فِي الْكَوْنِ بِاِذْنِ اللّٰهِ تَعَالٰى كَيْفَ شَاءَ

ديوبندين جو مصدق ۽ معتبر ڪتاب "المهند" ص 68)

يعني: نبي ڪريم ﷺ جن پنهنجي مزار انور ۾ حيات آهن ۽ جهان ۾ جيئن چاهيندا آهن جتي چاهيندا آهن باذن الله تصرف فرمائيندا آهن. اَلْفَضْلُ مَا شَهِدَتْ بِهِ الْاَعْدَاءُ

يقينا آپ ہر عاشق کے گھر تشریف لاتے ہیں
میرے گھر میں بھی ہو جائے چراغاں یا رسول اللہ ﷺ

وقت گهڻو گذري چڪو آهي تقرير کي اتي ختم ڪجي ٿو وڌيڪ وضاحت ۽ تصديق لاءِ بنده جو ڪتاب مسئلہ حاضر و ناظر مطالع ڪندا.

وما علينا الا البلاغ

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْن

بندہ ناچیز میر محمد بلوچ

ربيع الثاني . پهريون جمعو

فضائل حضرت سيدنا غوث اعظم رضي الله تعالي عنه

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهِ
الْكَرِيْمِ اَمَّا بَعْدُ، فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ
اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ اَلَا اِنَّ اَوْلِيَاءَ اللّٰهِ لَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ
وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (سورة يونس پ ١١ ع ٧)

ترجمو: ٻڌو بيشڪ الله جي ولين تي ڪو به خوف نه آهي نه ئي ڪو غم.

دوستو جيئن ته هي مهينو ربيع الثاني جو آهي ان مهيني ۾ ولين
جي تاجدار، محبوب .. حاني قطب رباني شهباز لامڪاني حضرت غوث
اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني حسني حسيني رضي الله تعالي عنه جو
وصال مبارڪ ٿيو آهي. تنهنڪري دل گهري ٿي ته اڄ شان غوث اعظم بيان
ڪرڻ جو شرف حاصل ڪريان.

واه کیا مرتبہ اے غوث ہے بالا تیرا
اونچے اونچوں کے سروں سے قدم اعلیٰ تیرا

حضرت غوث اعظم رضي الله تعالي عنه جو مرتبو ۽ مقام ولين
تمام گهڻو ارفع و اعلي آهي. پاڻ مظهر شان نبوت ۽ مصدر فيضان ولايت
آهن. سندن تصرفات، ڪرامات، فيوضات ۽ ڪمالات اظهر من الشمس آهن.

وہ عبدالقادر قدرت نما ہیں
وہ محبوب حبیب کبریا ہیں
وہ ہیں نور نگاہ شاہ طیبہ
وہ دلبند جناب مرتضیٰ ہیں
نہیں ان سا کوئی واللہ باللہ
امام اولیاء و اصفیاء ہیں

سندن ولادت باسعادت سن 470 يا بعض روايتن موجب 471ھ ۾ ماه رمضان المبارڪ جي پهرين رات جيلان يا گيلان ۾ ٿي آهي گيلان هڪ ڳوٺ جو نالو آهي، جو بغداد جي نزديڪ آهي، پاڻ پيءُ پاران حسني ۽ امڙ جي پاران حُسيني سيد آهن

آهن پاڻ حسني حسيني ولي
سچو آهي سيد سو آل علي (رضي الله عنه)

سندن والد جو نالو ابو صالح موسىٰ جنگي دوست ۽ والده ماجده جو نالو "فاطمه" بنت عبدالله صومعي ۽ ڪنيت ابو الخير لقب امة الجبار آهي سندن القاب، محي الدين، محبوب سبحاني غوث الاعظم وغيرها ڪنيت ابو محمد (رضي الله تعالىٰ عنه) آهي.

نبي جي آل تون آهين، عليءَ اولاد تون آهين
لکن جا درد غم لاهين، تنهنجو جو آ شان شاهاني

☆ ولادت باسعادت:

حضرت غوث اعظم سيدنا عبدالقادر جيلاني رضي الله تعالي عنه جن جي تشريف آوريءَ جون خوشخبرن اڳيئي اولياءِ ڪرام ڏئي چڪا هئا جيئن شيخ ابوبڪر هوارا عليه الرحمة جن پنهنجي احباب ۾ اولياءِ ڪرام جو ذڪر ڪفري فرمايو ته:

سَوْفَ يَظْهَرُ بِالْعِرَاقِ رَجُلٌ مِّنَ الْعَجَمِ عَلَى الْمَنْزِلَةِ عِنْدَاللهِ وَالنَّاسِ اِسْمُهٗ عَبْدُالْقَادِرِ وَسَكَنُهٗ بَغْدَادُ يَقُوْلُ قَدَمِيْ هٰذَا عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللهِ وَيَدِيْنُ لَهٗ اَوْلِيَاءُ فِيْ عَصْرِهٖ ذَالِكَ الْفَرْدَ فِيْ وَقْتِهٖ

يعني عنقريب عراق ۾ عجم کان هڪ نوجوان پيدا ٿيندو جنهن عندالله و عندالناس بلند مقام هوندو ۽ ان جو ڳوٺ بغداد هوندو هو فرمائيندو ته منهنجو قدم سيني ولي الله جي مٿان آهي ۽ زماني جا تمام اولياءِ الله ان جا مطيع هوندا. (بهجة الاسرار ص ٤، قلائد الجواهر ص ٢٣،)

بارنهن سو جي قريب ٻڌايو ويجي ٿو اها هڪ حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي ڪرامت يا برڪت ڇئجي. (تفريح الخاطر ص 58)

دوستو سندن ايام شير خواريءَ جي زماني جو هڪ حيرت انگيز واقعو ٻه ٻڌو سندن والده ماجده فرمائي ٿي ته حضور سيدنا عبدالقادر جي پيدائش جي وقت رمضان شريف جو مهينو شروع هو. خداوند ڪريم جي قدرت ته ان مهيني ۾ ڏينهن جو منهنجي ٿڃ نه پيئندا هئا ۽ سڄي علائقي ۾ ان ڳالهه جي شهرت ٿي وئي ته فلاڻو ٻار رمضان المبارڪ جي ڪري ڏينهن جو کير نٿو پيئي. هڪ دفعي آسمان ۾ ڪڪريون ڇانيل هيون ماڻهن کي رمضان جو چنڊ نه پئبي ڏسڻ ۾ آيو جنهنڪري رمضان شريف جي باري ۾ ماڻهن کي شڪ پيو. بعض ماڻهو مون وٽ آيا ۽ پڇائون ته ڇا اڄ عبدالقادر ڏينهن ۾ ٿڃ پيتي آهي؟ مون جواب ڏنو ته نه پيتي اٿس. پوءِ معلوم ٿيو ته واقعي اهو ڏينهن رمضان شريف جو هيو. (بهجة الاسرار ص ٧٩، اخبار الاخيار ص ١٦، تفريح الخاطر ص ٥٨، قلائد الجواهر ص ٢٠)

منهنجا عزيز پائرو. هن واقعي مان معلوم ٿيو ته الله وارن جي حيرت ننڍپڻ کان ئي پاڪ هوندي آهي ۽ انهن جون عادتون ابتدا کان وٺي شرعي عادتن مطابق هونديون آهن ۽ حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جمندي جام هئا.

غوث اعظم متقی ہر آن میں
چھوڑا ماں کا دودھ بھی رمضان میں

سندن ڪرامتن جو ظهور ته ننڍپڻ کان ئي شروع ٿي چڪو هو ۽ هن صغيرسنيءَ جي حالت ۾ پنهنجي غوثيت ۽ ولايت جو پورو پورو علم معلوم ٿي چڪو هو هڪ دفعي حضرت سيدنا غوث اعظم رضي الله تعاليٰ کان ڪنهن پڇيو ته سائين اوهان کي ڪڏهن خبر پئي ته اوهين ولي الله آهيو؟ تنهن تي پاڻ ارشاد فرمايائون: آءُ جڏهن ٻارهن سالن جو هوس، پنهنجي شهر جي مدرسي ۾ پڙهڻ لاءِ ويندو هئس. مان پنهنجي اردگرد

فرشتن کي هلندي ڏسندو هئس ۽ جڏهن مدرسي ۾ پهچندو هيس، مان انه
کي چوندي ٻڌندو هيس ته ويجهي ٿي وڃو الله جي وليءَ کي ويهڻ جي جاءِ ڏيو.
(بهجة الاسرار ص ۴۴، قلائد الجواهر ص ۹)

حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي ننڍپڻ جي سچا
۽ حق گوئي جو هي واقعو عالم آشڪار آهي جو هڪ دفعي پاڻ علم حا
ڪرڻ لاءِ پنهنجي والده کان بغداد وڃڻ لاءِ اُجازت گهري سندن والده ڪ
چاليهه دينار خرچ لاءِ ڏئي فرمايو ته پٽ هميشه سچ ڳالهائجانءِ جيتوڻي
توکي ڪيتري به تڪليف پهچي چاليهه دينار چيلهه سان ٻڌي قافلي سان
بغداد وڃڻ لاءِ روانا ٿيا. قافلو هلندي هلندي اچي هڪ جهنگل ۾ پ
جتي سٺ ڌاڙيلن اچي قافلي تي حملو ڪيو ۽ لٽڻ ڦرڻ شروع ڪري ڏنو
ڌاڙيل حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه وٽ آيو ۽ چيو ته اي ڇ
ڇوڪرا ٻڌاءِ تو وٽ به ڪجهه آهي يا نه؟ فرمايائون ته ها مون وٽ چا
دينار آهن جي چيلهه سان ٻڌل آهن چور مذاق سمجهي هليو ويو ٻيو چور
ان جي پڇڻ تي پاڻ ان کي به ساڳيو جواب ڏنائون مگر اهو به مذ
سمجهي هليو ويو ٽيون آيو ان کي ساڳيو جواب ڏنائون اهڙي طرح
هر هڪ چور کي ساڳيو جواب پئي ڏنائون آخر چورن کي شڪ پيو جن
پڪڙي پنهنجي سردار اڳيان پيش ڪيو. چورن جي سردار به ڪائون سا
سوال ڪيو فرمايائون ته ها مون وٽ چاليهه دينار آهن جي چيلهه سان
آخر سردار تلاشي ورتي ته واقعي چاليهه دينار نڪتا. اهو واقعو ڏسي
جو سردار حيراني ۾ پئجي ويو ته هن ڇوڪر پنهنجو مال ٻڌايو ڇو. حالا
چورن کان ته مال لڪايو ويندو آهي ڪوڙ هڻي مال بچايو ويندو آهي مگر
جي سچ ڳالهائڻ جو سبب ڇا؟ چورن جو سردار حيراني ۾ پئجي پڇڻ لڳ
اي نينگر تو هي مال اسان کان لڪايو ڇو نه؟ پاڻ فرمايائون ته مون کان
هلڻ وقت سچ ڳالهائڻ جو واعدو ورتو هو انهي ڪري مون سچ ڳالها
متان وعده خلافي نه ٿي پوي. اها حقيقت ٻڌي چورن جو سردار عه

پنجي ويو ۽ افسوس ڪري چوڻ لڳو ته هن نينگروالده سان ڪيل انجام شڪني نه ڪئي مگر مون ته پنهنجي پروردگار سان ڪيئي انجام شڪنيون ڪيون آهن تنهن لاءِ منهنجو حشر ڇا ٿيندو انهي ڪري سندس دل ۾ خدا جو خوف طاري ٿيو ۽ هو پٿر دل موم دل ٿي روئي حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جي قدمن تي ڪري پيو ۽ سچي دل سان توبه تائب ٿيو سندس ساٿي پنهنجي سردار جي اها حالت ڏسي اهي به سچي د لسان توبه تائب ٿيا ۽ لٽيل مال واپس ڪري آئنده شريعت مطابق زندگي گذارڻ لڳا. (بهجة الاسرار ص ٨٧، قلائد الجواهر اردو ص ٣٢)

دوستو عزيزو، هن واقعي مان معلوم ٿيو ته الله وارا ڪڏهن به ڪوڙ نه ڳالهائيندا آهن مگر سندن حق ۽ سچ جي سبب هزارين گمراه هدايت حاصل ڪندا آهن، اتان پيو هي به معلوم ٿيو ته حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جن ننڍپڻ کان ئي گمراهن جا هادي ۽ مرشد ڪامل هئا

سندن فيض، رهزن به رهبر ڪيا
آيا چور ابدال بڻجي ويا.

سچ آهي

نگاه ولی میں وه تاثیر دیکهی
بدلتی ہزاروں کی تقدیر دیکهی

سندن عظمت ۽ ولايت جو اهو وقت به آيو جو حضرت الشيخ الحافظ عبدالمغيث رحمت الله عليه جن فرمائن ٿا ته هڪ دفعي حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جن اڪابر اولياءِ ڪرام مشائخ عظام جي موجودگي ۾ پاڻ ارشاد فرمايائون:

قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللّٰهِ

يعني منهنجو قدم سڀني ولي الله جي ڳچي مٿان آهي.

اهو فرمان ٻڌي حضرت سيدنا شيخ علي بن الهيتي رحمت الله عليه جن اٿي ٻيٺا ۽ سندن قدم مبارڪ کڻي پنهنجي ڪلهي مبارڪ تي

رکيو باقي حاضرين ۽ غائبين اولياءِ ڪرام جن سندن زبان اطهر مان اهي
ڪلمات ٻڌي پنهنجا گردن مبارڪ جهڪايا. (قلائد الجواهر اردو ص ٨٦،٨٧،
بهجة الاسرار ص ١٠)

ڏنو خود خدا ڪيس اهڙو ڪمال
ولين ۾ ان جو ملي نا مثال

حضرت سيدنا شيخ خليفته الاڪبر عليه الرحمت جن فرمائن ٿا ته
مان هڪ دفعي حضور اڪرم ﷺ جن کي خواب ۾ ڏٺو ۽ عرض ڪيو ته
سائين حضرت شيخ عبدالقادر جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه جن ارشاد
فرمايو آهي:

قَدَمِيْ هٰذِهٖ عَلٰى رَقَبَةِ كُلِّ وَلِيِّ اللّٰهِ

ان لاءِ اوهين ڇا ٿا فرمايو تنهن تي حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد فرمايو ته:

صَدَقَ الشَّيْخُ عَبْدُالْقَادِرِ فَكَيْفَ لَا وَهُوَ الْقُطْبُ وَاَنَا اَرْعَاهُ

حضرت شيخ عبدالقادر سچ فرمايو آهي ۽ اهو ائين ڇو نه فرمائي جڏهن هو
زماني جو قطب آهي ۽ مان ان جو محافظ آهيان. (قلائد الجوان ص 88)

آهي غوث اعظم يارهين وارو پير
آهي ڪل وليءَ تي قدم دستگير

هن واقعي مان واضح آهي ته حضرت غوث اعظم رضي الله
تعاليٰ عنه جن ڪل پيرن جا پيرا هن ۽ حضرو اڪرم ﷺ جن سندن نگهبان
۽ محافظ آهن.

☆ طريقه:

حضرت غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جن طريقه قادري جا
امام آهن سندن نالي مبارڪ جي نسبت ڪري انهيءَ سلسلہ کي قادري
سڏيووڃي ٿو. پاڻ روحاني طرح خاص حضور سرور ڪائنات ﷺ جن کان
باطني تعليم حاصل ڪيائون ۽ ڪيترن بزرگان دين کان ڪين خلافت ملي
پاڻ ظاهرا باطنا اطباع ڪتاب الله ۽ شريعت جا پابند هئا. پاڻ انتها درجي

جا عابد، زاهد ۽ متقي هئا. انهن کي به زهد عبادت جي تلقين ۽ گناهن کان بچڻ جي ترغيب ڏيندا هئا.

☆ سلسله قادريه جي فضيلت:

سرڪار سيدنا غوث اعظم رضي الله تعاليٰ عنه جو فرمان مبارڪ آهي ته مان قيامت تائين هن ڳالهه جو ضامن آهيان ته منهنجو ڪوئي مريد بغير توبه جي نه مرندو. ضَمِنَ الشَّيْخُ مُحْيِ الدِّيْنِ عَبْدُالْقَادِرِ رَضِيَ اللّٰهُ تَعَالٰي عَنْهُ لِمُرِيْدِيْهِ اِلٰي يَوْمِ الْقِيَامَةِ اَنْ لَّا يَمُوْتَ اَحَدٌ مِّنْهُمْ اِلَّا عَلٰي تَوْبَةٍ (بهجة الاسرار ص ۹۹، قلائد الجواهر اردو ص ۵۷، تفريح الخاطر اردو ص ۱۴۵، اخبار الاخيار فارسي ص ۲۵، تحفه قادريه ص ۳۸)

حضرت غوث الثقلين رضي الله تعاليٰ عنه جن جو هي به ارشاد مبارڪ آهي: لَوِ انْكَشَفَتْ عَوْرَةُ مُرِيْدِيْ بِالْمَغْرِبِ وَاَنَا بِالْمَشْرِقِ لَسَتَرْتُهَا

جيڪڏهن منهنجو مريد مغرب ۾ هجي انجو ستر کلي وڃي ۽ مان مشرق ۾ هجان ته مان ان جي ستر جي پرده پوشي ڪندس يعني منهنجو مريد ڪنهن به مشڪل يا مصيبت ۾ هوندو ته مان اچي ان جي دستگيري ڪندس. (بهجة الاسرار ص 99 قلائد الجواهر اردو ص 57 تفريح الخاطر اردو 145 اخبار الاخيار فارسي ص 25 تحفه قادريه ص 38)

اچي رس گهوٽ بغدادي ڏکيءَ سان ڪرڪا امدادي

ٽئي دشمن جي برباديءَ نظر ڪر نور نوراني

قطب رباني حضرت غوث اعظم قدس سره العزيز جن جي شان عظمت ۽ مقام ولايت تي هڪ نظر فرمائي ڏسو سندن ارشاد مبارڪ آهي:

اَنَا حُجَّةُ اللّٰهِ عَلَيْكُمْ اَنَا نَائِبُ رَسُوْلِ اللّٰهِ ﷺ وَ وَارِثُهٗ فِي الْاَرْضِ

مان هن زمين ۾ توهان تي الله تعاليٰ جي حجت آهيان حضرت رسول الله ﷺ جن جو نائب آهيان ۽ زمين تي ان جو وارث آهيان. (بهجة الاسرار ص22 تفريح الخاطر اردو 172)

سندن نگاه جو عالم به ملاحظه فرمايو فرمائن ٿا:

نظَرتَ الی بلادِ اللّٰہ جَمعًا کَخَردلۃٍ علی حُکمِ التّصَالِ (قصيده غوثيه)

خدا تعاليٰ جا تمام شهر ۽ ملڪ منهنجي نگاهه ۾ رائي (سرنهن) جي دائي جيان آهن ۽ منهنجي حڪم اتصال ۾ آهن.

وَمَا مِنهَا شُهُورٌ اَو دُهُورٌ تَمُرُّ وَتَنقَضِیٓ اِلّاَ اَتَالِیٓ

۽ ڪوئي مهينو ۽ سال اهڙو نه آهي جو پنهنجي ظهور کان پهريون مون وٽ نه اچي.

مَاتَطلَعُ الشَمسُ حَتّیٰ تُسَلِّمَ عَلَیَّ وَتَجیٔ السَّنَۃُ اِلَیَّ تُسَلِّمُ عَلَیَّ وَتُخبِرُنِیَ بِمَا یجرِیٓ فِیہِ یَجیٔ الشَّھرُ وَیُسَلِّمُ عَلَیَّ وَیُخبِرُنِیَ بِمَا یَجرِیٓ فِیہِ وَیَجیٔ الاُسبُوعُ وَیُسَلِّمُ عَلَیَّ وَیُخبِرُنِیٓ بِمَا یَجرِیٓ فِیہِ وَیَجیٔ الیَومُ وَیُسَلِّمُ عَلَیَّ وَیُخبِرُنِیٓ بِمَا یَجرِیٓ فِیہِ۔

سج روزانو اڀرڻ وقت مون کي سلام عرض ڪندو آهي ۽ هر نئون سال جڏهن ايندو آهي مون کي سلام عرض ڪندو آهي ۽ جيڪو ڪجهه سال ۾ ٿيڻ وارو هوندو ان جي مون کي خبر ڏيندو آهي ۽ هر هفتو جڏهن شروع ٿيندو آهي ته مون کي سلام عرض ڪندو آهي ۽ هفتي ۾ جو ڪجهه ٿيڻ وارو هوندو آهي ان جي مون کي خبر ڏيندو آهي ۽ هر ڏينهن مون کي سلام ڪندو ۽ ڏينهن ۾ جيڪي ڪجهه ٿيڻ وارو هوندو آهي ان جي خبر ڏيندو آهي.

سبحان الله. بيشڪ.

تون آن سردار ولين جو. تون آن دلدار دلين جو
تون وارث آهين ولهين جو. تون آهين پير لاثاني
ڪيئي مرده جياريا تو. ٻڏل ٻيڙا ٻه تاريا تو
اچي اوکيءَ اڪاريا تو. تون آهين غوث صمداني

وقت جو خيال رکندي تقرير کي ختم ڪيان ٿو.

وما علينا الا البلاغ

ربيع الثاني

پيو جمعو

شان صحابہ کرام رضوان الله تعالیٰ علیہ اجمعین

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى حَبِيْبِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِهٖ وَخُلَفَائِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَ اَزْوَاجِهٖ وَذُرِّيَّاتِهٖ وَاَحِبَّائِهٖ وَاَوْلِيَاءِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ۔ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّلَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خَالِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا ط ذَالِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (پ ١١ سوره توبه ع ٢)

ترجمو: ۽ سمورن کان اڳ ۾ پهريان مهاجر ۽ انصار ۽ جن ڀلائي سان انهن جي پيروي ڪئي الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا ۽ انهن جي واسطي تيار ڪري رکيائين باغ جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشه هميشه انهن ۾ رهندا اها ئي وڏي ڪاميابي آهي.

اسلام کی عظمت کے سہارے ہیں صحابہ
تنویر الٰہی کے نظارے ہیں صحابہ

محمد (ﷺ) جا اصحاب سارا سنا
جني مير مرسل جا جلوا ڏٺا.

سهڻي محبوب ڪريم ﷺ جن جا سڀ اصحاب سڳورا وڏي شان ۽ مان وارا آهن، هدايت جا روشن ستارا آهن.

صحابہ گمراہوں کے واسطے روشن ستارے ہیں
ہمیں راستہ دکھانے کے لئے نوری منارے ہیں

ساري دنيا جا غوث قطب، قلندر، اوقاد ۽ ابدال سندن خاڪ رهگذر

جو مٽ ۽ مثال نہ ٿا ٿي سگهن انهن سڳورن حضور ڪريم ﷺ جن ڪي عشق ۽ ايمان سان ڏٺو سندن صحبت ۾ رهي سندن حياتيءَ مبارڪ جي هر پهلو جو مشاهدو ڪيو. جبرائيل عليه السلام کي ايندي ڏٺو قرآن پاڪ کي نازل ٿيندي ڏٺو. اسلام جي تعليمات جون تشريحون پنهنجي ڪنن سان ٻڌيون. سفر ۽ حضر ۾ گڏ رهي تمام احڪام براه راست حاصل ڪيائون. اذيتون. تڪليفون ۽ مصيبتون سهي دين اسان تائين پهچايائون هين لفظن ۾ هيئن سمجهو تہ اهي حضرات حضرت رسول الله جن جي نبوت جا شاهد آهن. معجزات جا گواه. قرآن پاڪ جا ناقل ۽ اسلامي تعليمات جا راوي آهن سيني صحابہ ڪرامن مان وڏيڪ شان ۽ مان وارا چاريار آهن. جيڪي ديس پرديس. ڏک ۽ سک ۾ سندن ساٿي رهيا ۽ هر ڏکي موڙ تي ثابت قدم رهيا جنگ بدر ۾. جنگ احد ۾. جنگ حنين ۾. غزوه احزاب ۾. غزوه تبوڪ وغيره ۾. سهڻي سردار ﷺ جن جي پردي فرمائڻ بعد هدايت يافتہ خليفا ٿيا اهي هي آهن.

(1) حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه

(2) حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه

(3) حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه

(4) حضرت سيدنا علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه

ابوبڪر يار غار، عمر رضہ مير وره دار،
عثمان رضہ شهسوار، علي رضہ فاتح لشڪر است.
ابوبڪر جان ما، وعمر رضہ ديدگان ما،
عثمان رضہ زبان ما، وعلي رضہ تاج برسر است.
ابوبڪر رضہ چون درخت، عمر رضہ شاخ ان درخت،
عثمان رضہ برگ سبز، علي رضہ ميوه برسراست.
ابوبڪر رضہ چون چراغ، عمر رضہ روغن چراغ،
عثمان رضہ چون فتيلہ، علي رضہ شعلہ انوار است.

افسوس آهي انهن ماڻهن تي جيڪي صحابہ ڪرام بالخصوص خلفاءِ راشدين رضوان الله عليهم اجمعين ۾ بدگماني رکن ٿا سندن شان ۽ عظمت ۾ گستاخيون ۽ بي ادبيون ڪن ٿا درحقيقت اهي گمراهہ ۽ بي دين آهن صحابہ سان محبت رکڻ ايمان جي نشاني آهي ۽ انهن سان بغض رکڻ نفاق جي نشاني آهي. الله تعاليٰ پنهنجي ڪلام پاڪ ۾ صحابہ ڪرام جي شان عزت، مرتبي ۽ مقام کي بيان ڪيو آهي انهن جي سچائي ۽ اخلاص نيت جو ذڪر ڪيو آهي ۽ ڪٿي انهن جي سچي ۽ ڪامل مومن هجڻ جي شهادت ڏني آهي، ڪٿي انهن جي تقويٰ طهارت، خوف الاهي ۽ شوق جهاد جو تذڪرو ڪيو آهي، ڪٿي انهن جي پسنديده ۽ وارثان جنت هجڻ جو اعلان ڪيو آهي ڪٿي انهن جي ايمان ۽ اخلاص کي دنيا جي اڳيان نموني طورپيش ڪيو آهي، ڪٿي انهن کي مبلغ دين ۽ محافظ حق جي اعزاز سان نوازيو آهي، مطلب تہ انهن جي واکاڻ، صفت ۽ ثنا رب ذوالجلال پاڻ بيان ڪئي آهي.

صحابہ وہ صحابہ تھے کہ جن کی ہر صبح عید ہوتی تھی
خدا کا قرب شامل تھا، نبی کی دید ہوتی تھی

ثبوت ۾ آيتون پيش ڪجن ٿيون

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ وَالَّذِيْنَ اٰوَوْا وَّنَصَرُوْٓا اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ

(سوره انفال پ ١٠ ع ١٠)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪئي ۽ الله جي واٽ ۾ جهاد ڪيو ۽ جن جانيون ڏنيون ۽ مدد ڪئي اهي ئي سچا مومن آهن انهن لاءِ بخشش ۽ سڳوري روزي آهي.

: هن آيت مان صحابہ ڪرام جو ڪامل اڪمل مومن هجڻ ۽ مغفور هجڻ ثابت آهي، جو تہ الله تعاليٰ سندن خلوص نيت کي ڏسي ڪين مومن حقيقي چيو آهي.

اَلَّذِيْنَ آمَنُوْا وَهَاجَرُوْا وَجَاهَدُوْا فِيْ سَبِيْلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَاللّٰهِ وَاُولٰئِكَ هُمُ الْفَائِزُوْنَ

(سورة توبه پ ۱۰ ع ۹)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجن مالن سان ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيو سي الله تعاليٰ وٽ مرتبي ۾ بلڪل وڏا آهن ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.

سمجهاڻي: ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام جو الله تعاليٰ وٽ وڏو مرتبو ۽ مقام آهي ۽ اهي ئي ڪاميابي ماڻي چڪا آهن.

لٰكِنِ الرَّسُوْلُ وَالَّذِيْنَ آمَنُوْا مَعَهٗ جَاهَدُوْا بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ وَاُولٰئِكَ لَهُمُ الْخَيْرَاتُ وَاُولٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ اَعَدَّاللّٰهُ لَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خَالِدِيْنَ فِيْهَا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (سورة توبه پ ۱۰ ع ۱۷)

ترجمو: پر رسول ۽ جن ساڻس گڏ ايمان آندو تن پنهنجي مال ۽ جان سان جهاد ڪيو ۽ انهن جي واسطي ڀلايون آهن ۽ اهي ئي مراد (ڪاميابي ڪي) پهتا الله انهن جي واسطي تيار ڪري رکيا آهن باغ جن جي هيٺيان نهرون جاري آهن انهن ۾ هميشہ رهندا اها ئي وڏي ڪاميابي آهي.

الله تعاليٰ هن آيت ۾ صحابہ ڪرام جون 3 فضيلتون ذڪر فرمايون آهن: (1) "اُولٰئِكَ لَهُمُ الْخَيْرَاتُ" انهن لاءِ الله تعاليٰ وٽ ڀلايون آهن. (2) "وَاُولٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ" اهي ڪامياب آهن. (3) انهن لاءِ الله تعاليٰ جنت جا باغ تيار ڪيا آهن جن هيٺيان واهيون وهن ٿيون ۽ اهي ان ۾ هميشہ رهندا. انصاف ڪيو ۽ اهي ماڻهو ڪيڏا نہ بي دين ٿيا جيڪي اهڙين بزرگ هستين ۾ بدگماني رکن ٿا ۽ کين برو ڀلو چون ٿا.

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِيْ قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ وَاَثَابَهُمْ فَتْحًا قَرِيْبًا (سورة فتح پ ۲۶ ع ۳)

ترجمو: بيشڪ الله تعاليٰ مومنن کان راضي ٿيو جنهن وقت وڻ جي هيٺيان توسان بيعت تي ڪيائون پوءِ جيڪي سندن دلين ۾ هيو سو ڄاتائين پوءِ مٿن دل جو آرام لاٿائين ۽ کين هڪ ويجهي سوڀ انعام ڏنائين.

سمجهاڻي: هن آيت مان صحابہ ڪرام جو ايمان ۽ اخلاص ثابت آهي تڏهن تہ الله تعاليٰ انهن سان راضي آهي تفصيلي وضاحت هن طرح آهي هن آيت ۾ "بيعت رضوان" جو ذڪر آهي جنهن ۾ 1525 اصحابن سڳورن حضور اڪرم ﷺ جن جي هٿ مبارڪ تي حديبيہ ۾ هڪ وڻ جي هيٺيان بيعت ڪئي هئي تہ اسان شهيد ٿينداسين يا فتح سان همڪنار ٿينداسين ليڪن اوهان ڪان ڪڏهن بہ ڪناره ڪش نہ ٿينداسين، حضور اڪرم ﷺ جن سندن سچائي ۽ ايماني جذبي کي ڏسي فرمايو تہ يڪ ڪس بدوزخ نہ رووازان مومنان. توهان مان ڪو بہ دوزخ ۾ نہ ويندو پڙهي ڏسو خود شيعن جا معتبر تفسير منهج الصادقين جلد 8 ص 365-366 مجمع البيان جلد 5 ص 116)

ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام ڪامل الايمان ۽ جنتي آهن جن جو اهو عقيدو آهي تہ سواءِ ٽن جي باقي صحابہ حضور اڪرم ﷺ ڪان پوءِ نعوذ باالله مرتد ٿي ويا آهي توبہ ڪن ۽ الله تعاليٰ ڪان ڊڄن.

تعداد صحابہ:

هي ڳالهہ بہ ذهن ۾ رهي تہ صحابہ ڪرام جو تعداد بدر ۾ 313 صلح حديبيہ واري وقت 1500 سو فتح مڪي ۾ 10،000 هزار ۽ حنين ۾ 12000 هزار آخري حج ۾ 40000 هزار تبوڪ ۾ 70000 هزار حضور ڪريم ﷺ جن جي برقعي مٿائڻ وقت هڪ لک چوويهہ هزار هئا جن صحابہ ڪرام ڪان حديث جي ڪتابن ۾ روايتون منقول آهن انهن جو تعداد ست هزار آهي ۽ صحابياڻين جو تعداد ان ڪان علاوه آهي (خلفاءِ راشدين ص 8)

عشرت المبشرين:

انهن اصحابن ۾ ڏهہ اهڙا بہ آهن جن کي محبوب ڪريم ﷺ جن

تالو ونئي جنهن مجھ جي مبارڪ ڏني آهي اهي هي آهن.

(1) حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه.

(2) حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه.

(3) حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه.

(4) حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه.

(5) ابو محمد طلحه بن عبدالله رضي الله تعاليٰ عنه.

(6) عبدالرحمان بن عوف رضي الله تعاليٰ عنه.

(7) ابو عبيده عامر بن عبدالله بن الجراح رضي الله تعاليٰ عنه.

(8) حضرت سعد بن ابي وقاص رضي الله تعاليٰ عنه.

(9) زبير بن العوام رضي الله تعاليٰ عنه.

(10) سعيد بن زيد رضوان الله عليهم اجمعين.

قرآن پڙهو ايمان تازو ڪيو

إِنَّ الَّذِينَ يَغُضُّونَ أَصْوَاتَهُمْ عِندَ رَسُولِ اللَّهِ أُولَٰئِكَ الَّذِينَ امْتَحَنَ اللَّهُ قُلُوبَهُمْ لِلتَّقْوَىٰ لَهُم مَّغْفِرَةٌ وَأَجْرٌ عَظِيمٌ

(الحجرات پ ٢٦ ع ١)

ترجمو: جيڪي ماڻهو پنهنجن آوازن کي رسول الله ﷺ وٽ آهستي ڪرن ٿا اهي اهي شخص آهن جن جي تقويٰ جو الله تعاليٰ امتحان وٺي چڪو آهي انهن جي لاءِ بخشش ۽ وڏو اجر آهي.

سمجهاڻي: ڏسو هن آيت ۾ الله تعاليٰ اعلان فرمايو آهي ته مون صحابه ڪرام جي دلين جي تقويٰ جو امتحان وٺي چڪو آهيان تنهنڪري انهن جو مون وٽ وڏو درجو آهي.

وَلَٰكِنَّ اللَّهَ حَبَّبَ إِلَيْكُمُ الْإِيمَانَ وَزَيَّنَهُ فِي قُلُوبِكُمْ وَكَرَّهَ إِلَيْكُمُ الْكُفْرَ وَالْفُسُوقَ وَالْعِصْيَانَ أُولَٰئِكَ هُمُ الرَّاشِدُونَ فَضْلًا مِّنَ اللَّهِ وَنِعْمَةً وَاللَّهُ عَلِيمٌ حَكِيمٌ (سوره الحجرات پ ٢٦ ع ١)

ترجمو: پر الله توهان جي دلين ۾ ايمان جي محبت وڌي ۽ ان کي توهان جي

دلين ۾ سينگاريائين ۽ توهان جي دلين ۾ ڪفر ۽ گناهه ۽ نافرمانيءَ جي نفرت وڌائين اهي ئي شخص سڌي رستي وارا آهن الله جو فضل ۽ احسان ۽ الله سڀ ڪجهه ڄاڻندڙ ۽ حڪمت وارو آهي.

سمجهاڻي: هن آيت مان ثابت ٿيو ته الله تعاليٰ صحابه ڪرام کي ڪفر، گناهه ۽ نافرمانيءَ کان محفوظ رکيو آهي ۽ سندن دلين کي ايمان سان ڀرپور ڪيو آهي تڏهن ته ڪين "اُولٰئِكَ هُمُ الرَّاشِدُوْنَ" فرمايو ويو آهي ڀلا جن جا استاد حضرت محمد ڪريم ﷺ جن هجن ۽ امتحان وٺندڙ الله تعاليٰ هجي پوءِ ۽ انهن کان وڌيڪ هدايت وارا سڌي راهه وارا ڪير ٿيندا.

فَاِنْ آمَنُوْا بِمِثْلِ مَا آمَنْتُمْ بِهٖ فَقَدِ اهْتَدَوْا وَاِنْ تَوَلَّوْا فَاِنَّمَا هُمْ فِيْ شِقَاقٍ (سوره بقره پ ١ ع ١٦)

ترجمو: پوءِ جيڪڏهن اهي ئي ايمان آڻين جيئن اوهان آندو آهي پوءِ تحقيق هدايت وارا ٿيندا ۽ جيڪڏهن منهن ڦيرن ته اهي نسوري ضد ۾ آهن.

وَاِذَا قِيْلَ لَهُمْ آمِنُوْا كَمَا آمَنَ النَّاسُ قَالُوْا اَنُؤْمِنُ كَمَا آمَنَ السُّفَهَاءُ اَلَا اِنَّهُمْ هُمُ السُّفَهَاءُ وَلٰكِنْ لَّا يَعْلَمُوْنَ (سوره بقره پ ١ ع ٢)

ترجمو: ۽ جڏهن انهن کي چيو وڃي ٿو ته ايمان آڻيو جيئن ٻين ماڻهن (صحابه ڪرام) ايمان آندو آهي چون ٿا ته ڇا اسان بيوقوفن وانگر ايمان آڻيون خبردار اهي خود بيوقوف آهن پر نٿا ڄاڻن.

مذڪوره آيتن ۾ منافقن جي اڳيان صحابه ڪرام جي ايمان کي مثال جي طور تي پيش ڪيو ويو آهي يعني معترضين کي چيو ويو آهي ته جيڪڏهن اوهان انهن (صحابه ڪرام) جيان ايمان آڻيندوءَ ته قبول آهي پر جيڪڏهن انهن (صحابه ڪرام) سان بغض ۽ عناد رکي طعن تشنيع ڪري ايمان جي (مسلمان هئڻ جي) دعويٰ ڪندوءَ ته پوءِ توهان جي اها دعويٰ ناقابل تسليم آهي. ٿورن ۽ سولن لفظن ائين سمجهيو ته جيڪي ماڻهو صحابه ڪرام رضوان الله عليهم جي ايمان تي حملو ڪن ٿا انهن جو

ايمان آهي ئي نہ يعني اهي بي ايمان آهن.

اِهْدِنَا الصِّرَاطَ الْمُسْتَقِيْمَ صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ

(سوره فاتحه)

ترجمو: اسان کي سڌي رستي تي هلاءِ انهن جو رستو جن تي تو احسان ڪيو.

تشريح: بارگاهه ايزدي ۾ حاضر ٿي دعا گهري رهيا آهيون تہ اسان کي سڌي راهه هلاءِ انهن جي جن تي تو انعام ڪيا احسان ڪيا انعام ۽ احسان وارا ڪير آهن جن جي راهه طلب ڪيون ٿا پڌو.

فَاُولٰئِكَ مَعَ الَّذِيْنَ اَنْعَمَ اللّٰهُ عَلَيْهِمْ مِّنَ النَّبِيِّيْنَ وَالصِّدِّيْقِيْنَ وَالشُّهَدَاءِ وَالصّٰلِحِيْنَ وَحَسُنَ اُولٰئِكَ رَفِيْقًا (سوره نساء پ ٥ ع ٦)

ترجمو: پوءِ انهن کي انهن جو ساٿ نصيب ٿيندو جن تي الله فضل ڪيو يعني نبي ۽ صديق ۽ شهيد ۽ نيڪ ماڻهو اهي ڪهڙا نہ چڱا ساٿي آهن.

: ثابت ٿيو تہ جن تي انعام ڪيو ويو آهي اُهي چار جماعتون آهن نبي ۽ صديق، شهيد ۽ صالح ٻانها. انهن جي رستي تي هلڻ جي ترغيب ڏني وئي آهي انهن جماعتن جا پيروڪار ئي ڪامياب آهن ٻين لفظن ۾ هيئن چئجي تہ بہ بجا آهي يعني حضرت ابوبڪر صديق ، حضرت عمر فاروق ، حضرت عثمان غني ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنهم جا پيروڪار ئي ڪامياب آهن.

لَاتَجِدُ قَوْمًا يُّؤْمِنُوْنَ بِاللّٰهِ وَالْيَوْمِ الْاٰخِرِ يُوَآدُّوْنَ مَنْ حَادَّ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَلَوْ كَانُوْا اٰبَآءَهُمْ اَوْ اَبْنَآءَهُمْ اَوْ اِخْوَانَهُمْ اَوْعَشِيْرَتَهُمْ اُولٰئِكَ كَتَبَ فِيْ قُلُوْبِهِمُ الْاِيْمَانَ وَاَيَّدَهُمْ بِرُوْحٍ مِّنْهُ وَيُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خَالِدِيْنَ فِيْهَا رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ اُولٰئِكَ حِزْبُ اللّٰهِ اَلَا اِنَّ حِزْبَ اللّٰهِ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (پ ٢٨ سوره المجادله ع ٣)

ترجمو: هرگز نہ لهندين تون انهن ماڻهن کي جيڪي يقين رکن ٿا الله ۽

آخرت جي ڏينهن تي جو دوستي رکن انهن سان جن الله ۽ ان جي رسول جي مخالفت ڪئي جيتوڻيڪ اهي سندن ابا ڏاڏا يا پٽ پوٽا يا پاٽر يا ڪٽنب وارا هجن اُهي آهن جن جي دلين ۾ الله ايمان کي نقش فرمائي ڇڏيو آهي ۽ انهن جي غيب کان مدد ڪري ٿو ۽ انهن کي بهشت جي اهڙن باغيچن ۾ داخل فرمائيندو جن جي هيٺيان نهرون پيون وهنديون انهن باغيچن ۾ سدائين رهندا. الله پاڪ انهن کان راضي آهي ۽ اُهي الله پاڪ کان راضي اها ٿي الله تعاليٰ جي جماعت آهي ٻڌو بيشڪ الله جي جماعت ٿي ڪامياب آهي.

وَالسَّابِقُوْنَ الْاَوَّلُوْنَ مِنَ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ وَالَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُمْ بِاِحْسَانٍ رَّضِيَ اللّٰهُ عَنْهُمْ وَرَضُوْا عَنْهُ وَاَعَدَّلَهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ تَحْتَهَا الْاَنْهٰرُ خَالِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا ذٰلِكَ الْفَوْزُ الْعَظِيْمُ (پ ١١ سوره توبه ع ٢)

ترجمو: ۽ سمورن کان اڳ ۾ پهريان مهاجر ۽ انصار ۽ جن ڀلائي سان انهن جي پيروي ڪئي الله انهن کان راضي ٿيو ۽ اهي الله کان راضي ٿيا ۽ انهن جي واسطي تيار ڪري رکيائين باغ. جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون هميشه هميشه انهن ۾ رهندا اهائي وڏي ڪاميابي آهي.

انهن مذڪوره آيتن مان چند ڳالهيون ثابت آهن.

(1) صحابه ڪرام جي الله ۽ سندس رسول الله ﷺ سان محبت ايتري قدر نه گهڻي آهي جو جيڪڏهن الله ۽ سندس رسول جي دشمني سندن پيئر يا پٽ يا پاٽر يا انهن جا پيا عزيز ڪندا نه انهن کي الله ۽ رسول تان گهوري پاسي ڪري قتو ڪري ڇڏيندا پر الله ۽ رسول الله ﷺ جي محبت ۾ تر برابر به فرق نه آڻيندا.

(2) آخرت ۾ الله تعاليٰ انهن کي جنت جي باغن ۾ سدائين رهائيندو جن جي هيٺان واهه پيا وهندا

(3) اهي الله تعاليٰ جي جماعت ۽ لشڪر آهن. ان ڪري هميشه فتح

انهن جا قدم چمندي.

(4) الله تعاليٰ انهن کي پنهنجي رضا جو سرٽيفڪيٽ ڏئي چڪو آهي ۽ هو به ان کان راضي آهن سچ هڏايو جن کان الله ۽ سندس رسول ﷺ راضي ته پوءِ انهن کي ڇا ڪري سگهندو ڪو رافضي.

إِنَّمَا الْمُؤْمِنُونَ الَّذِينَ آمَنُوا بِاللَّهِ وَرَسُولِهِ ثُمَّ لَمْ يَرْتَابُوا وَجَاهَدُوا بِأَمْوَالِهِمْ وَأَنْفُسِهِمْ فِي سَبِيلِ اللَّهِ أُولَئِكَ هُمُ الصَّادِقُونَ (پ ٢٦ سوره الحجرات ع ٢)

ترجمو: رڳو ئي مومن اهي شخص آهن جن الله تي ۽ ان جي رسول تي ايمان آندو آهي پوءِ ان ۾ شڪ نه ڪيائون ۽ الله پاڪ جي رستي ۾ پنهنجي مال سان ۽ پنهنجي نفسن سان جهاد ڪيائون اُهي ئي سچا آهن.

سمجهاڻي: هن آيت ۾ الله تعاليٰ صحابه ڪرام لاءِ به شاهديون ڏنيون آهن. هڪ ته الله تعاليٰ جي رستي ۾ پنهنجي مالن ۽ نفسن سان جهاد ڪندڙ آهن ٻيو ايمان ۽ ٻين سيني ڳالهين ۾ سچا آهن مطلب ته الله تعاليٰ سندن سچائيءَ جي گواهي ڏني آهي.

لِلْفُقَرَاءِ الْمُهَاجِرِينَ الَّذِينَ أُخْرِجُوا مِنْ دِيَارِهِمْ وَأَمْوَالِهِمْ يَبْتَغُونَ فَضْلًا مِنَ اللَّهِ وَرِضْوَانًا وَيَنْصُرُونَ اللَّهَ وَرَسُولَهُ أُولَئِكَ هُمُ الصَّادِقُونَ (پ ٢٨ سوره الحشر ع ٤)

ترجمو: (۽ اهو فيءِ جو مال) خاص ڪري انهن حاجت مند مهاجرن جو حق آهي جن کي سندن گهرن ۽ مالن کان ٻاهر ڪيو ويو آهي جيڪي (پنهنجي) الله کان فضل ۽ رضا طلبيندا آهن ۽ الله کي ۽ سندس رسول کي مدد ڏيندا آهن، اُهي ئي سچا آهن.

سمجهاڻي: هن آيت مان ثابت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن جا سڀ صحابي سڀئي سچا مومن آهن ڇو ته الله تعاليٰ کين "هم الصادقون" جي لقب سان نوازيو آهي.

وَالسّٰبِقُوْنَ السّٰبِقُوْنَ اُولٰٓئِكَ الْمُقَرَّبُوْنَ فِیْ جَنّٰتِ النَّعِیْمِ
(پ ٢٧ سوره الواقعة ع ١٤)

ترجمو: ۽ چڱاين ۾ اڳرائي ڪرڻ وارا آهي ئي اڳرائي ڪرڻ وارا آهن آهي ئي مقرب آهن. نعمتن وارن باغن ۾ هوندا.

سمجهاڻي: هن آيت جي تفسير ۾ حضرت ابن عباس رضہ فرمائي ٿو تہ مهاجر جنت ۾ پهريون ويندا. جن ۾ حضرت صديق اڪبر رضہ بہ هوندو ۽ فاروق اعظم رضہ بہ حضرت عثمان ذوالنورين رضہ بہ ۽ اسدالله حضرت علي رضہ بہ هوندو.

اِنَّ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَالَّذِیْنَ هَاجَرُوْا وَجٰهَدُوْا فِیْ سَبِیْلِ اللّٰهِ
اُولٰٓئِكَ یَرْجُوْنَ رَحْمَتَ اللّٰهِ وَاللّٰهُ غَفُوْرٌ رَّحِیْمٌ
(سوره بقره پ ٢ ع ١١)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ جن الله جي لاءِ پنهنجو گهر ٻار ڇڏيو ۽ الله جي واٽ ۾ وڙهيا آهي ئي الله جي رحمت جا اميدوار آهن ۽ الله بخشڻهار ٻاجهارو آهي.

هن آيت ۾ الله تعاليٰ صحابہ ڪرام جي مغفرت ۽ مٿن پنهنجي رحمت هجڻ جو اعلان فرمايو آهي

وَالَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ
هُمْ فِیْهَا خٰلِدُوْنَ (پ ١ سوره بقره ع ٩)

ترجمو: ۽ جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪياسي ئي جنتي آهن انهن کي ان ۾ هميشه رهڻو آهي.

سمجهاڻي: الله تعاليٰ صحابہ ڪرام کي "اصحاب الجنت" چئي صحابہ ڪرام جي گستاخن جو هميشه لاءِ منهن بند ڪري ڇڏيو آهي.

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِیْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ
مَّغْفِرَةً وَّاَجْرًا عَظِیْمًا (فتح پ ٢٦ ع ١٢)

ترجمو: الله وعدو ڪيو انهن سان جن انهن مان ايمان آندو ۽ چڱا ڪم

ڪيائون بخشش ۽ وڏي ثواب جو.

ڏسو : الله تعاليٰ صحابہ ڪرام سان بخشش ۽ وڏي اجر ڏيڻ جو وعدو ڪيو آهي ۽ الله تعاليٰ جو وعدو بلڪل سچو آهي.

لَقَدْ تَابَ اللّٰهُ عَلَى النَّبِيِّ وَالْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ الَّذِيْنَ اتَّبَعُوْهُ فِيْ سَاعَةِ الْعُسْرَةِ مِنْ بَعْدِ مَا كَادَ يَزِيْغُ قُلُوْبُ فَرِيْقٍ مِّنْهُمْ ثُمَّ تَابَ عَلَيْهِمْ اِنَّهٗ بِهِمْ رَءُوْفٌ رَّحِيْمٌ

(پ ١١ سوره توبہ رکوع ٤)

ترجمو: بيشڪ الله نبي (غيب جون خبرون ڏيندڙ) تي وڏو فضل ڪيو ۽ مهاجرن ۽ انصارن تي پڻ جن تنگيءَ جي وقت پيغمبر جو ساٿ ڏنو ان کان پوءِ جو منجهائن هڪڙي ٽولي جون دليون لڏي وڃڻ جي ويجهو هيون لڏي الله مٿن پاڄهہ سان موٽيو ڇو تہ اهو مٿن شفيق مهربان آهي.

ٻو سنو : تبوڪ ۽ احد جي لڙائي وقت ڪن صحابہ ڪرام کان بشري تقاضا مطابق ڪجھ غلطيون سرزد ٿيون هيون الله تعاليٰ فرمائي ٿو تہ مون انهن جي مٿان شفقت ۽ رحم ڪيو ۽ سندن غلطين کي معاف ڪري ڇڏيم.

ٻئي جاءِ تي الله تعاليٰ مجاهدين احد بابت فرمائي ٿو.

وَلَقَدْ عَفَا عَنْكُمْ وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ

(آل عمران پ ٤ ع ٧)

۽ بيشڪ ان اوهان کي معاف ڪيو ۽ الله مومنن تي فضل ڪندو آهي.

ثابت ٿيو تہ تمام شرڪاءَ احد مومن مخلص هئا ۽ صحابہ ڪرام جي ايمان تي اعتراض ڪرڻ وارا منڪر قرآن آهن. ڏسو جڏهن الله تعاليٰ معاف ڪرڻ جو اعلان ڪري ٿو تہ پوءِ ڪنهن بہ بد مذهب کي انهن تي ڪنهن بہ قسم جي اعتراض ڪرڻ جو حق ڪونہ ٿو پهچي ڇا اندن کي " بهم رؤف رحيم ۽ "وَاللّٰهُ ذُوْ فَضْلٍ عَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ" نظر نٿو اچي.

فَالَّذِيْنَ هَاجَرُوْا وَاُخْرِجُوْا مِنْ دِيَارِهِمْ وَاُوْذُوْا فِيْ سَبِيْلِيْ وَقٰتَلُوْا وَقُتِلُوْا لَاُكَفِّرَنَّ عَنْهُمْ سَيِّاٰتِهِمْ وَلَاُدْخِلَنَّهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ ثَوَابًا مِّنْ عِنْدِاللّٰهِ وَاللّٰهُ عِنْدَهٗ حُسْنُ الثَّوَابِ (آل عمران پ ٤ ع ١١)

ترجمو: پوءِ جن هجرت ڪئي ۽ پنهنجن گهرن مان ڪڍيا ويا ۽ منهنجي واٽ ۾ ستايا ويا ۽ وڙهيا ۽ ماريا ويا آءُ ضرور انهن جون سڀ مدايون ميٽيندس ۽ ضرور انهن کي اهڙن باغن ۾ داخل ڪندس جن جي هيٺان نهرون وهن ٿيون الله جي طرفان ثواب آهي ۽ الله وٽ ئي سٺو ثواب آهي.

سمجهاڻي: الله تعاليٰ صحابه ڪرام جي جملي خطائن کي ميٽي ڇڏيو آهي ۽ جنت الفردوس جو اعليٰ مقام کين عطا فرمايو آهي.

دوستو مون قرآن پاڪ مان صحابه ڪرام جو شان عظمت بيان ڪيو آهي هاڻي صحابه ڪرام جي شان عظمت ڪي اهي ئي مجيندا جن جو قرآن شريف تي يقين آهي. دعا آهي ته الله تعاليٰ صحابه ڪرام جي ادب ۽ احترام ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي آمين.

وما علينا الا البلاغ

فضائل جمعة المبارڪ

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ الْعَزِيْزِ الْغَفَّارِ وَالْجَلِيْلِ الْجَبَّارِ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى نَبِيِّنَا مُحَمَّدِنِ الْمُصْطَفٰى الْمُخْتَارِ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهِ الْمُهَاجِرِيْنَ وَالْاَنْصَارِ اَمَّا بَعْدُ:

فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَّوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَ ذَرُوا الْبَيْعَ ذَالِكُمْ خَيْرٌلَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ فَاِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوْا فِي الْاَرْضِ وَابْتَغُوْا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوْا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَّعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ وَاِذَا رَاَوْا تِجَارَةً اَوْلَهْوَا اِنْفَضُّوْا اِلَيْهَا وَتَرَكُوْكَ قَائِمًا قُلْ مَاعِنْدَاللّٰهِ خَيْرٌ مِّنَ اللَّهْوِ وَمِنَ التِّجَارَةِ وَاللّٰهُ خَيْرُ الرَّازِقِيْنَ (پ ٢٨ سورة الجمعة ع ١٢)

ترجمو: اي ايمان وارؤ جنهن وقت بانگ ڏني وڃي نماز جي لاءِ جمعي جي ڏينهن پوءِ اچو الله جي ذڪر ڪرڻ لاءِ ۽ واپارڪي ڇڏيو اهو توهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن ڄاڻو ٿا توهان. پوءِ جنهن وقت پوري ٿئي نماز پوءِ پکڙجي وڃو توهان زمين ۾ ۽ طلب ڪريو الله جي مهربانيءَ جي ۽ ياد ڪريو الله کي گهڻو. من توهان ڪامياب ٿي وڃو ۽ جنهن وقت ڪو واپار جو سامان يا راند ڏٺي تہ اوڏانهن هليا ٿا وڃن ۽ توکي خطبي ۾ بيٺل ٿا ڇڏي وڃن تون فرماءِ جيڪو ڪجهہ الله وٽ آهي سو راند ۽ واپارڪان بهتر آهي ۽ الله تعاليٰ ڀلو رزق ڏيندڙ آهي.

برادران اسلام اڄ جمعي جي فضيلت تي ڳالهائڻ چاهيان ٿو ياد رکو جمعي جو ڏينهن افضل اشرف ۽ برڪت وارو ڏينهن آهي حضور اڪرم

ﷺ جن فرمائن ٿا: اِنَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ سَيِّدُ الْاَيَامِ (مشکواة شريف ص ١٢٠)

بيشڪ جمعي جو ڏينهن سيني ڏينهن جو سردار آهي وَاَعْظَمُهَا عندالله ۽ الله وٽ سيني ڏينهن کان وڌيڪ عظمت وارو آهي وهو اعظم عِنْدَاللهِ مِنْ يَوْمِ الْاَضْحيٰ وَيَومِ الْفِطْرِ اهو خدا پاڪ وٽ عيدالاضحيٰ ۽ عيدالفطر جي ڏهاڙي کان بہ وڌيڪ عزت وارو آهي

فِيْهِ خُمْسُ خِلاَلٍ خَلَقَ اللّٰهُ فِيْهِ آدَمَ وَاَهْبَطَ اللّٰهُ فِيْهِ آدَمَ اِلَى الْاَرْضِ وَفِيْهِ تَوَفَّى اللّٰهُ آدَمَ وَفِيْهِ سَاعَةٌ لَا يُسْاَلُ الْعَبْدَ فِيْهَا شَيْئًا اِلا اَعْطَاهُ مَالَمْ يَسْأَلُ حَرَامًا وَفِيْهِ تَقُوْمُ السَّاعَةَ مَا مِنْ مَلَكٍ مُقَرَّبٍ وَلَا سَمَاءٍ وَلَااَرْضٍ وَلاَ رِيَاحٍ وَلَاجِبَالٍ وَلَا بَحْرٍ اِلاَّ هُوَ مُشْفِقٌ مِنْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ

يعني انهيءَ ڏينهن ۾ پنج ڪم ڪيا ويا آهن:

(1) ان ڏينهن الله تعاليٰ آدم عليه السلام کي پيدا ڪيو.

(2) انهي ئي ڏينهن آدم عليه السلام آسمانن کان لهي ڌرتي تي آيو.

(3) ان ڏينهن آدم عليه السلام جو وصال ٿيو.

(4) هيءَ ڳالھ آهي تہ انهيءَ ڏينهن ۾ هڪ اهڙي گهڙي آهي جو حرام کانسواءِ جيڪا بہ انهيءَ ۾ انسان خدا کان دعا گهرندو تہ خدا قبول ڪندو، ياد رکو انهيءَ گهڙي کي ليلتہ القدر وانگر لڪايو ويو آهي تہ جيئن انسان سڄو ڏينهن خدا جي عبادت ۾ مشغول رهي اگرچہ بعض احاديث جي اندر مختلف تصريحات آهن. صحيح مسلم ۾ حضرت ابو برده کان روايت آهي تہ ان مقبول گهڙي بابت حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

هِيَ مَا بَيْنَ اَنْ يَّجْلِسَ الْاِمَامُ اِلَى اَنْ تَقْضِىَ الصَّلاَةَ (مسلم، ابو داؤد)

اها گهڙي امام جي (خطبي لاءِ منبر تي) ويهڻ کان نماز پوري ڪرڻ تائين جي وچ ۾ آهي.

(5) انهيءَ ڏينهن خدا پاڪ قيامت کي قائم ڪندو انهيءَ ئي سبب ڪري جيڪي بہ خدا جا مقرب ملائڪ آهن ۽ آسمان ۽ زمينون ۽ هوائون ۽ جبل ۽

سمنڍ سڀ جا سڀ جمعي کان خوف کندڙ آهن. (مشڪوات شريف ص 121

مسلمان ڀائرو, جمعي جي بابرڪت ڏينهن کي الله تعاليٰ جي

عبادت ۽ بندگي ۽ رب جي رضا وارن ڪمن ۾ گذارڻ گهرجي, ان ڏينهن

درود سلام پڙهڻ جو خاص تاڪيد آيو آهي, حضرت نبي ڪريم ﷺ جن

فرمايو: اَكْثِرُوا الصَّلٰوةَ عَلَيَّ يَوْمَ الْجُمُعَةِ

جمعي ڏينهن مون تي گهڻو درود پڙهو ڇو ته ان ڏينهن مون تي اوهان جي

صلواة پيش ڪئي وڃي ٿي. صحابه ڪرام عرض ڪيو ته يا رسول الله

ﷺ اسان جي صلوات اوهان تي ڪيئن پيش ڪئي ويندي حالانڪ

اوهان ته وفات فرمائي وينداپاڻ ﷺ جن فرمايو ته:

اِنَّ اللّٰهَ حَرَّمَ عَلَى الْاَرْضِ اَنْ تَاكُلَ اَجْسَادَ الْاَنْبِيَاءِ فَنَبِيُّ اللّٰهِ حَيٌّ يُرْزَقُ

الله زمين مٿان حرام ڪري ڇڏيو آهي نبين جي جسمن کي کائڻ الله جو

نبي جيئرو هوندو آهي ۽ رزق کائيندو آهي.

هونئن ته درود هميشه سندن خدمت پاڪ ۾ پيش ٿئي ٿو مگر هتي

خصوصيت سان شرف قبوليت جو ذڪر آهي انهي ڪري اسان کي ڪپي ته

خصوصا جمعي جي ڏينهن گهڻو درود سلام پڙهون ملائڪن جي درود

پهچائڻ مان اهو مقصد ته پاڻ ﷺ جن درود نٿا ٻڌن, ٻڌن ٿا بلڪل ٻڌن ٿا ۽

درود پڙهڻ وارن عاشقن کي سڃاڻڻ به ٿا حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو:

اَسْمَعُ صَلَاةَ اَهْلِ مَحَبَّتِيْ وَاَعْرِفُهُمْ (دلائل الخيرات ٧٧)

مان محبت وارن جو درود ٻڌندو آهيان ۽ انهن سڃاڻنيدو به آهيان.

باقي ملائڪن جو درود پهچائڻ سندن ڊيوٽي ۾ شامل آهي هڪ

ٻئي حديث ۾ آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو:

اَوْلَى النَّاسِ بِيْ يَوْمَ الْقِيَامَةِ اَكْثَرُهُمْ عَلَيَّ صَلٰوةً

مون کي قيامت ۾ اهو اُمتي تمام ويجهو ۽ شفاعت ڪرڻ ۾ ويڪ لائق

هوندو جنهن دنيا ۾ مون تي گهڻي صلوات پڙهي هوندي (مشڪواه شريف 86)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

مَنْ صَلّٰى عَلَيَّ صَلٰوةً وَّاحِدَةً صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ عَشَرَ صَلَوٰاتٍ

جيڪو مڪ پيرو منهنجي مٿان صلوات پڙهي ٿو ته الله تعاليٰ انهيءَ تي ڏهه دفعا رحمت موڪلي ٿو (مشڪواه 86)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

مَامِنْ مُسْلِمٍ يَمُوْتُ يَوْمَ الْجُمُعَةِ اَوْلَيْلَةَ الْجُمُعَةِ اِلَّا وَقَاهُ اللّٰهُ فِتْنَةَ الْقَبْرِ

جيڪو به مسلمان جمعي جي ڏينهن يا جمعي جي رات مري ٿو ته الله پاڪ جمعي جي شرف ڪري ان تان قبر جو عذاب ٽاري ٿو ڇڏي. (مشڪوات شريف 121)

جمعي جي نماز ڇڏڻ ڪبيرو گناهه آهي ۽ ان جو انڪار ڪفر آهي.

جمعي جي فرضيت بابت الله تعاليٰ جو حڪم آهي:

يَاَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اِذَا نُوْدِيَ لِلصَّلٰوةِ مِنْ يَوْمِ الْجُمُعَةِ فَاسْعَوْا اِلٰى ذِكْرِ اللّٰهِ وَذَرُوا الْبَيْعَ ذَالِكُمْ خَيْرٌلَّكُمْ اِنْ كُنْتُمْ تَعْلَمُوْنَ

اي ايمان وارو! جڏهن جمعي جي ڏينهن نماز لاءِ سڏيو وڃي ته الله جي ذڪر ڏانهن تڪڙ ڪيو ۽ واپار کي ڇڏيو اوهان لاءِ ڀلو آهي جيڪڏهن اوهان ڄاڻيو ٿا.

ذڪر الله منجهان ڪن جمعي جي نماز لاءِ چيو آهي ۽ ڪن خطبي لاءِ چيو آهي. حقيقت ۾ خطبو ۽ جمعي جي نماز ٻئي جمعي جا عظيم رڪن آهن. اول خطبو آهي پوءِ جمعو. جيڪو تڪڙ ڪري خطبي لاءِ اچي ٿو ضرور ان کي نماز به پڙهڻي آهي پر جنهن مٿان نماز جمعه فرض نه آهي ته ان تي خطبي لاءِ وڃڻ به لازم نه آهي. ذڪر الله ۾ خطبو ۽ نماز ٻئي شامل آهن سون جيڪا اوهان جي اڳيان آيت تلاوت ڪئي آهي ان جو مقصد ۽ تت هي آهي ته مسلمانن کي گهرجي ته جمعي جي ڏينهن دنياوي ڪم ڪاروبار گهٽائن. الله جي عبادت ۽ بندگي جو اهتمام ڪن ان ڏينهن نوافل درود و سلام، ذڪر تلاوت، جو اهتمام ڪن پر اگر ڪو ڪاروباري ماڻهو ڪم ڪري ٿو ته جمعي جي ڏينهن صبح يا شام جو ڪم ڪري سگهن ٿا پر

جڏهن جمعي جي اذان اچي وڃي تہ هاڻي ڪم ڪار ڪرڻ مڪروه آهي.

جيڪو ماڻهو جمعي جي ڏينهن غسل ڪري ٿو تيل مکي ٿو يا پنهنجي گهران عطر مکي جمعي لاءِ نڪري ٿو پوءِ مسجد اچي ٿو امام جو خطبو خاموشيءَ سان ٻڌي ٿو ۽ دوران ڪا بہ گفتگو نہ ٿو ڪري تہ ٻنهي جمعن جي وچ وارا ان جا گناه معاف ٿي وڃن ٿا. (بخاري شريف) جيڪو ماڻهو جمعي جي آدابن جو خيال نٿو رکي اهو پنهنجو ثواب وڃائي ويهي ٿو جمعي ڏينهن ڪهڙا ڪم ڪرڻ آهي اهي ٻڌو ۽ اهي ڪم سنتن مان آهن.

(1) غسل ڪرڻ.

(2) بدن صاف ڪرڻ.

(3) ننهن لاهڻ.

(4) بغلن جا وار وٺڻ.

(5) مڇون ڪتائڻ.

(6) زير ناف وار وٺڻ.

(7) سونهاري کي سنوارڻ.

(8) خوشبوءِ لڳائڻ.

(9) ڏندڻ ڏيڻ.

(10) سرمو پائڻ.

(11) نوان يا ڌوتل ڪپڙا پائڻ.

(12) سوير مسجد ۾ وڃي جاءِ وٺڻ.

(13) ماڻهن جا گردن نہ اورانگهڻ.

(14) حضرت نبي ڪريم ﷺ جن تي ڪثرت سان درود پڙهڻ.

(15) استغفار پڙهڻ.

(16) مسجد ڏانهن سڪون ۽ وقار سان وڃڻ.

(17) قرآن پاڪ جي تلاوت ڪرڻ.

(18) الله جو ذڪر ڪرڻ.

(19) خاموش رهڻ الله جي ذڪر کانسواءِ ٻي ڪا دنياوي گفتگو نه ڪرڻ.

(20) وس آهر ڪجهه خيرات ڪرڻ.

(21) ڪثرت سان صلواتون پڙهڻ.

منهنجا پيارا ڀائرو جمعي ڏينهن مسجد ۾ سوير اچڻ جي ڪوشش ڪندا ڪريو حضرت ابو هريره رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته جڏهن جمعي جو ڏينهن ٿئي ٿو ته ملائڪ سڳورا مسجد جي دروازي تي ويهن ٿا. اول اچڻ وارن ماڻهن جا نالا لکن ٿا جيڪو سڀ کان اول جمعي نماز لاءِ مسجد ۾ اچي ٿو ان لاءِ اٺ جي قرباني جيترو اجر لکن ٿا جيڪو ان کانپوءِ اچي ٿو ان لاءِ ڳئون جي خيرات جو ثواب لکن ٿا پوءِ اچڻ واري لاءِ ٻڪري جيترو ان کانپوءِ اچڻ واري لاءِ ڪڪڙ جيترو ان کان پوءِ اچڻ واري لاءِ ڪڪڙ جي آني جيترو اجر لکن ٿا پوءِ جڏهن امام خطبي لاءِ بيهي ٿو ته پنهنجا دفتر ويڙهي خطبو ٻڌن ٿا (بخاري شريف)

ٻي جي ڳالهه ذهن ۾ رکو پهرين صف ۾ جاءِ هجي ته اڳ ۾ اتي ويهي رهڻ گهرجي انهي طرح نمبروار سڀ صفون پوري پوريون ڪجن خطبي ۽ نماز ۾ سڀني کي ويهڻ گهرجي وچ ۾ وٿي ۽ خالي جاءِ نه ڇڏڻ گهرجي ڪنهن به شخص کي پنهنجي جاءِ تان اٿارڻ نه گهرجي، مشڪواه شريف ۾ ارشاد آهي ته خطبو ٻڌڻ واجب آهي تنهنڪري ان وقت ڳالهيون ڪرڻ، حق جي جواب، درود شريف پڙهڻ، قرآن شريف يا ٻي ڪا نفل نماز ۽ جمعي جون سنتون وغيره به پڙهڻ نه گهرجن جيڪڏهن ڪو شخص سنت اڳ ۾ پڙهي ٿو ۽ خطيب منبر تي اچي وڃي ته ان کي پنهنجي قرات ننڍي ڪري نماز جلد پوري ڪري خطبو ٻڌڻ گهرجي خطبي ۾ جڏهن حضرت رسول الله ﷺ جن جو اسم مبارڪ اچي ته ان وقت به درود شريف ڏاڍيان نه پر آهستي دل ۾ پڙهڻ گهرجي.

طبراني ڪبير ۾ حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جنهن ماڻهو جمعي جي

ڏينهن غسل ڪيو ته ان جا ڏوهه ۽ گناهه معاف ڪيا وڃن ٿا پوءِ جڏهن پيادل پنڌ ڪري (جمعي نماز لاءِ) هلي ٿو ته ان لاءِ هر وک جي بدلي ويهه نيڪيون لکيون وڃن ٿيون پوءِ جڏهن نماز ادا ڪري واپس اچي ٿو ته آن کي ٻه سو سالن جي عملن جو اجر عطا ڪيو وڃي ٿو. (الترغيب والترهيب جلد 1 ص 488)

هاڻي اچان ٿو پنهنجي بيان ڪيل آيت جي طرف الله تعاليٰ جو فرمان مبارڪ آهي:

فَإِذَا قُضِيَتِ الصَّلٰوةُ فَانْتَشِرُوا فِي الْأَرْضِ وَابْتَغُوا مِنْ فَضْلِ اللّٰهِ وَاذْكُرُوا اللّٰهَ كَثِيْرًا لَعَلَّكُمْ تُفْلِحُوْنَ

جڏهن نماز ادا ڪئي وڃي ته اوهان زمين ۾ پکڙجي وڃو ۽ الله پاڪ کان روزيءَ جي طلب ڪريو.

يعني نماز ادا ڪرڻ کانپوءِ پنهنجي ڪم ڪار کي لڳي وڃو. جيڪڏهن ڪڙمي آهيو ته پنهنجي زمين تي وڃو ۽ هر ڪاهيو پوکن کي پاڻي ڏيو ۽ جيڪڏهن دڪاندار آهيو ته وڃي پنهنجا دوڪان هلايو جيڪڏهن ڊرائيور آهيو ته پنهنجيون وڃي سواريون هلايو. مطلب ته هرهڪ پنهنجي پنهنجي ڌنڌي سان لڳي وڃي پر پنهنجي ڌنڌي ۾ ٻه الله جو ذڪر ڪيو. خدا پاڪ کي ياد ڪريو. ديانتداري سان دوڪانداريءَ ڪريو ناحق خريدار سان خيانت نه ڪريو. انصاف ۽ ايمانداري سان جيڏهن ڌنڌي کي هلائيندؤ ته يقينا جنت جا حقدار آهيو جهنم کان ڇوٽڪاري وارا آهيو.

عزيز دوستو خطبي ٻڌڻ کري جيڪو خداوند اوهان کي ثواب ۽ اجر ملندو اهو خير من اللهو ومن التجارة اهو وڌيڪ ڀلو آهي راند کان ۽ واپار کان. باقي رزق جو مسئلو سو ان لاءِ هي خبر ٻڌي ڇڏيو: والله خير الرازقين. الله پاڪ رزق ڏيندڙن ۾ تمام ڀلو آهي جو سڀ ڇرندڙ شيءِ جي متس آهي:

وَمَا مِنْ دَابَّةٍ فِي الْأَرْضِ إِلَّا عَلَى اللّٰهِ رِزْقُهَا

دوستو رزق جي حرص جي ڪري جمعي جي فضيلت کي هٿن مان

وجهايو رزق رزاق جي ذمي آهي خوش نصيب آهي اهو شخص جيڪو سوير مسجد ۾ آيو سنت نفل پڙهيائين، خطبو ٻڌائين، جمعي نماز سڪون سان ادا ڪيائين، جيڪو جمعي نماز دل سان ادا ڪري ٿو ته الله پاڪ ان جا دنياوي معاملا درست ڪري ڇڏي ٿو. الله پاڪ شال اسان کي عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي. آمين بجاه سيد المرسلين وما علينا الا البلاغ المبين.

نوٽ: تفصيلي وضاحت لاءِ بنده جو ڪتاب فضائل نماز پڙهو.

اللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِ مُحَمَّدٍ

بنده ناچيز مير محمد

8-12-2008

ربيع الثاني — چوٿون جمعو

فضائل وضو

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ. اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا اِذَا قُمْتُمْ اِلَى الصَّلٰوةِ فَاغْسِلُوْا وُجُوْهَكُمْ وَاَيْدِيَكُمْ اِلَى الْمَرَافِقِ وَامْسَحُوْا بِرُءُوْسِكُمْ وَاَرْجُلَكُمْ اِلَى الْكَعْبَيْنِ (پ ٦ سوره المائده ع ٦)

ترجمو: اي ايمان وارؤ جنهن وقت توهان نماز پڙهڻ جو ارادو ڪريو ته پ[...] اوهين پنهنجي منهن ۽ هٿن کي ٺوٺين سميت ڌوئو ۽ مٿي جو مڪ ڪري[...] پيرن کي پيڏين سميت ڌوئو.

اڄ مون "فضائل وضو" جي متعلق بيان ڪرڻ چاهيان ٿو.

برادران اسلام: اسلام ۾ وڏي ۾ وڏو رڪن ڪلمه شهادت کان پوءِ نم[...] آهي الله تعاليٰ جي نزديڪ نماز جو وڏو مرتبو آهي ان کي نماز کان وڌيڪ [...] ڪا عبادت پياري نه آهي. الله تعاليٰ پنهنجن ٻانهن تي پنج وقت نماز فر[...] ڪئي آهي انهيءَ جي پڙهڻ ۾ وڏو ثواب ۽ ڇڏي ڏيڻ ۾ وڏو گناه آهي نم[...] جي لاءِ وضو ضروري شي آهي بنا وضوءَ جي نماز صحيح نه آهي. حديثن [...] ان جا گهڻا فضائل بيان ڪيل آهن. حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عن[...] کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو: ڇا آءُ اوهان کي اهڙ[...] عمل جو ڏس ڏيان جنهن ڪري الله تعاليٰ گناه ختم ڪري ۽ درجا بل[...] ڪري صحابه عرض ڪيو ته هائو يا رسول الله ﷺ اسان کي اهڙي عمل ج[...] ڏس ڏيو پاڻ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته تڪليف ۽ ڏکيائي جي باوجو[...]

چڱي طرح وضو ڪرڻ ۽ مسجدن ڏانهن (پري گهر هئڻ ڪري) گهڻيون وکون پري وڃڻ ۽ هڪ نماز کان بعد ٻي نماز جو انتظار ڪرڻ ۽ اهي ٻيئي ڪر جهاد وانگر اٿو.

(مشڪواه شريف ص 38. ترمذي شريف ج 1 ص 18. مسلم شريف ج 1 ص 127. نسائي 34)

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه روايت ڪري ٿو ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جيڪو به شخص سهڻي طرح وضو ٿو ڪري ته ان جا گناهه ان جي جسم مان نڪري ٿا وڃن ايستائين جو ننهن هيٺان به نڪري ٿا وڃن (يعني ڌوپي وڃن ٿا).

(مشڪواه شريف 38، مسلم شريف ج 1 ص 125)

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو آهي ته جڏهن ٻانهو مسلمان يا مومن وضو ڪري ٿو پوءِ پنهنجي منهن کي ڌوئي ٿو ته ان جي منهن مان اهي سڀ گناهه نڪرن ٿا جن جي طرف پنهنجين اکين سان نهاريو هئائين پاڻيءَ سان گڏ يا پاڻيءَ جي آخري قطري سان گڏ ۽ جڏهن ٻنهي ٻانهن کي ڌوئي ٿو ان جي ٻانهن مان اهي سڀ گناهه نڪري وڃن ٿا جن کي ان جي هٿن جهليو يا پڪڙيو هو پاڻيءَ سان گڏ يا پاڻيءَ جي آخري قطري سان گڏ ۽ جڏهن پيرن کي ڌوئي ٿو ته ان جي پيرن مان اهي سڀ گناهه نڪري وڃن ٿا جن جي طرف ان جي پيرن پنڌ ڪيو هو پاڻيءَ سان گڏ يا پاڻيءَ جي آخري قطري سان گڏ تانته گناهن کان پاڪ صاف ٿي ڪري نڪري وڃي ٿو. (سنن دارمي ج 1 ص 414، ابن ماجه ص 25 ۽ 36، مشڪواه شريف 38 مسلم شريف ج 1 ص 125)

دوستو علماءِ ڪرام فرمائن ٿا ته وضو جي ڪري جيڪي گناهه ڇڻن ۽ ڪرن ٿا اهي صغيره گناهه آهن اها به مومن لاءِ وڏي غنيمت ۽ ڀلائي آهي. حضرت عمر بن الخطاب رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته جيڪو شخص چڱيءَ طرح وضو ڪري پوءِ اشهد ان لا اله الا الله واشهد ان محمدا عبده ورسوله چوي ٿو ته ان لاءِ بهشت جا

اٺ ئي دروازا کوليا ويندا ته جنهن مان داخل ٿيڻ گهري. (ابن ماجه 33، ترمذي شريف ج 1 ص 18 مسلم شريف ج 1 ص 122، نسائي شريف ص 35).

ڏسو دوستو ڪيڏي نه خدا پاڪ جي ڪرم نوازي آهي جو معمولي عمل جي ڪري خدا پاڪ ايڏو راضي ٿو ٿئي جو اٺئي دروازا بهشت جا کولي ٿو ڇڏي جنهن مان به داخل ٿيڻ چاهيو داخل ٿي سگهو ٿا حضرت ابو درداء رضي الله تعالى عنه فرمايو ته رسول الله ﷺ جن فرمايو ته قيامت واري ڏينهن منهنجا امتي اٺندا ته انهن جا وضو وارا عضوا چمڪندڙ هوندا ۽ اهڙو حال ٻين امتين جو نه هوندو ۽ آءُ ان نشان تي پنهنجي امتين کي پري کان سڃاڻي وٺندس. (مشڪواة شريف ص 40 مسلم شريف ج 1 ص 126)

انهن حديثن مان وضوءَ جي برڪت، فضيلت ۽ ضرورت بلڪل واضح ٿي ٿي ڇڪي ته ياد رکڻ گهرجي ته وضوءَ جو ايترو ثواب ۽ درجو تڏهن ملندو جڏهن اسان وضوءَ کي چڱي طرح ۽ سهڻي نموني سان ڪنداسين وضوءَ ۾ چار فرض آهن جيڪي آيت ۾ ذڪر ٿيل آهن يعني منهن کي ڌوئڻ، منهن جي حد ڊيگهه ۾ پيشانيءَ جي وارن کان کاڏيءَ جي هيٺاهينءَ تائين آهي ۽ ويڪر ۾ ٻنهي ڪنن جي پاپڙين تائين آهي، (2) ٻئي ٻانهون ٺونين سميت ڌوئڻ، (3) مٿي جي چوٿين حصي جي مسح ڪرڻ، (4) پير پيڏين سميت ڌوئڻ. اهي چار فرض آهن انهن مان جيڪڏهن ڪنهن جيتري جاءِ به سڪل رهجي وئي ته وضو نه ٿيندو. آءُ اوهان جي اڳيان اهل بيت عظام جي وضوءَ جو طريقو بيان ڪريان ٿو جيڪو اهل سنت جي وضو جو طريقو به پڻ آهي.

حضرت امام حسين بن علي ڪرم الله تعالىٰ وجهه فرمائي ٿو ته مون کي منهنجي بابي حضرت علي ڪرم الله تعالىٰ وجهه فرمايو ته وضوءَ لاءِ پاڻي کڻي آ پوءِ آءُ پاڻي بابي سائين وٽ کڻي آيس، پوءِ هن طرح وضو فرمايائون ته پهريائين هٿ وجهڻ کان اڳ ٻئي هٿ وٺين تائين ٽي دفعا ڌوتائون پوءِ ٽي دفعا ڪرڙيون ڪيائون ۽ ٽي دفعا نڪ ۾ پاڻي وڌائون پوءِ

ي دفعا منهن کي ڌوتائون پوءِ ٽي دفعا سڄي ٻانهن ۽ ٽي دفعا کاٻي ٻانهن
ٺين سميت ڌوتائون. پوءِ هڪ دفعو مٿي جو مسح ڪيائون ان کان پوءِ
سڄي پير کي پيڏين تائين ڌوتائون پوءِ کٻي پير کي به اهڙي طرح ٽي دفعا
ڌوتائون پوءِ اٿي بيٺا مون کي فرمايائون ته اهو ٿانو کڻي ڏي مون اهو ٿانو
کڻي ڏنو جنهن ۾ وضو جو پاڻي بچيل هو. ان کي بيهي پيتائون. بيهي
پاڻي پيئڻ تي مون کي تعجب ٿيو. تنهن تي مون کي بابي سائين فرمايو ته
تعجب نه ڪر ڇو ته مون توهان جي پيءُ يعني حضور اڪرم ﷺ جن کي
ائين ڪندي ڏٺو هو جيئن توهان مون کي ڪندي ڏٺو. وضو به ائين
ڪيائون ۽ پاڻي به ائين بيهي پيتائون. (نسائي شريف ج 1 ص 28 ڪنز
العمال ج 9 ص 194).

برادران اسلام، اهل بيت جي وضو جو طريقو اوهان ٻڌو. اهو
طريقو دراصل حضور اڪرم ﷺ جن جي وضو جو ئي طريقو آهي ۽ اهل
سنت جي وضوءَ جو طريقو به اهو ئي آهي. انهيءَ روايت ۾ وضوءَ جي ترتيب
سنن واري آهي ۽ نه شيعن واري. ڏسو وضو جي شروعات هٿن ڌوئڻ کان
شروع ٿئي ۽ پيرن جي ڌوئڻ تي ختم ٿي جيئن ته سني ڪندا آهن، شيعا
حضرات پيرن کان شروع ڪندا آهن ۽ هٿن تي ختم ڪندا آهن پير ڌوئيندا
نه آهن پر پيرن جو مسح ڪندا آهن حالانڪ آيت شريف مان مراد پير ڌوئڻ
آهي نه مسح ڪرڻ، ڇو ته آيت ۾ "وارجلکم" جي لام تي زبر آهي شيعا
حضرات جي مولوي سيد نذر حسن گوپالپوري به اتي پير ڌوئڻ معنيٰ ڪئي
آهي وارجلکم الى الکعبين اور دھولو پیروں کو ٹخنوں تک، (شيعن جو معتبر ڪتاب
قتيل ڪربلا ص 59)

تفسير طبري ۾ به آهي عَنْ عَلِي کرم الله تعالىٰ وجهه اِغْسِلُوا
الْاَقْدَامَ اِلَى الْکَعْبَيْنِ (طبري آيت وضو) يعني حضرت علي ڪرم الله وجه
کان روايت آهي ته پير پيڏين سميت ڌوئو.

عَنْ اَبِیْ حَيَّةَ قَالَ رَاَيْتُ عَلِيًا کرم الله تعالىٰ وجهه تَوَضَّاَ وَ

غَسَلَ قَدَمَيْهِ اِلَى الْكَعْبَيْنِ ثُمَّ قَالَ اَرَدْتُ اَنْ اُرِيَكُمْ طُهُوْرَ نَبِيِّكُمْ ﷺ۔ (ابن ماجه مترجم ج ١ ص ١٥٦، ترمذی شریف ج ١ ص ١٧)

ابوحيہ کان روايت آهي تہ مون حضرت علي ڪرم الله تعاليٰ وجہ کي ڏٺو وضو ڪري پير ڌوتائين پوءِ فرمايائين تہ ارادو ڪريان ٿو تہ توهان کي حضور اڪرم ﷺ جو وضو ڪري ڏيکاريان. ڏسو ان روايت ۾ بہ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه کان پير ڌوئڻ ثابت آهن خود شيعہ حضرات جي مشهور ۽ معتبر تفسير عياشي ۾ هي لفظ موجود آهن تہ علي بن حمزہ حضرت ابو ابراهيم يعني حضرت امام رضا کان وضو ۾ وارجلکم الي الکعبين جي باري ۾ پڇا ڪئي پاڻ ارشاد فرمايائون غسلها غسلا انهن (پيرن) کي چڱي طرح ڌوئو (تفسير عياشي جلد 1 ص 301، اها ساڳي روايت شيعن جي مشهور ۽ معتبر تفسير برهان ۾ بہ پڻ موجود آهي).

اهل بيت جي قول و فعل مان پيرن جو ڌوئڻ ثابت ٿي ويو آهي اتي هي ڳالهہ ياد رهي تہ وضو مان بچيل پاڻي ۽ زم زم جو پاڻي بيهي پيئڻ سنت آهي ۽ باقي عام پاڻي ويهي پيئڻ گهرجي بيهي پيئڻ مڪروه آهي.

☆ ڏندڻ ڏيڻ جي فضيلت:

وضو جي متعلق هڪ اهم ڳالهہ تہ اول ڏندڻ هڻڻ گهرجي، ڏندڻ هڻڻ جي حضور اڪرم ﷺ جن وڏي فضيلت بيان فرمائي آهي ۽ پاڻ ﷺ جن ڏندڻ جو ڏاڍو اهتمام فرمائيند ا هئا چو تہ ڏندڻ هڻڻ سان هڪ نماز جي عيوض ستر نمازن جو ثواب ملي ٿو. (مشڪواه شريف ص 45)

هڪ روايت ۾ آهي تہ لَوْلَا اَنْ اَشُقَّ عَلٰي اُمَّتِيْ لَاَمَرْتُهُمْ بِتَاخِيْرِ الْعِشَاءِ وَبِالسِّوَاكِ عِنْدَ كُلِّ صَلٰوةٍ (مشڪواه شريف ص 44 بخاري شريف ج 1 ص 122)

يعني جيڪڏهن امت جي مٿان تڪليف ڏيڻ جو خوف نہ هجي ها تہ جيڪر آءُ انهن کي سمهڻي جي نماز کي دير سان پڙهڻ جو حڪم ڪريان ها ۽ هر نماز لاءِ ڏندڻ هڻن جو بہ حڪم ڪريان ها. هن حديث تي غور ڪيو

ٻن مان اختيار مصطفيٰ ﷺ جو ثبوت بہ واضح آهي تہ امت مٿان ٻاجهہ ۽ رحم بہ واضح آهي.

عن عائشة قالت قال رسول الله صلى الله عليه وسلم السِّوَاكَ مَطْهِرَةٌ لِلْفَمِ مَرْضَاةٌ لِلرَّبِّ (سنن دارسی ص ج١ ص ٣٩٦)

حضرت عائشہ رضي الله تعاليٰ عنہ بيان ڪري ٿي تہ رسول الله ﷺ جن فرمايو تہ ڏندڻ ڪرڻ منهن جي لاءِ پاڪيزگي آهي ۽ الله جي رضا حاصل ڪرڻ آهي.

منهنجا عزيز دوستو، مختصر مگر جامع طور تي مون اوهان جي اڳيان وضوءَ جي ترتيب ۽ فضيلتون عرض ڪيون آهن الله تعاليٰ شال اسان سڀني کي ان تي عمل ڪرڻ جي توفيق بخشي آمين.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العٰلمين

جمادی الاول

پهريون جمعو

تقويٰ جو بيان

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّيْ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ اَمَّا بَعْدُ
فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ
اِنَّ اَكْرَمَكُمْ عِنْدَ اللّٰهِ اَتْقَاكُمْ۔

جيئن تہ اڄ ”تقويٰ“ جي موضوع تي بيان ڪرڻ چاهيان ٿو، حضرات هي دنيا جو جهان آخرت لاءِ ڪمائڻ جو جهان آهي جيڪڏهن انسان هن جهان ۾ چڱا عمل ڪيا تہ آخرت ۾ بهشت ملندس پر جيڪڏهن هن جهان ۾ نيڪ عمل نہ ڪيائين تہ آخرت ۾ دوزخ ملندس گويا هي جهان دار العمل آهي.

پيارا ڀاءُ: جهڙي طرح هر ڪو ٻج هميشہ پنهنجي موسم ۾ پوکبو آهي، ڪتي جو ٻج ڪتيءَ ۾، چيٽ جو ٻج چيٽ ۾، ربيع جو ربيع ۾، اهڙي طرح هي حياتي بہ عملن جي پوک پوکڻ جي موسم آهي. جيڪو پوکبو اهو ئي لڻبو.

وَلَيْسَتِ التَّوْبَةُ لِلَّذِيْنَ يَعْمَلُوْنَ السَّيِّاٰتِ حَتّٰىٓ
اِذَا حَضَرَ اَحَدَهُمُ الْمَوْتُ قَالَ اِنِّيْ تُبْتُ الْئٰنَ۔
(پ ٤، النساء ع ١٤)

ترجمو: ۽ اها توبهہ انهن جي لاءِ نہ آهي جيڪي گناهن ۾ رڌل رهندا آهن، ايستائين جو انهن مان ڪنهن کي موت اچي تہ چوي هاڻي مون توبهہ ڪئي. يعني گناهہ ڪندي موت اچي ويو. پوءِ چوي تہ هاڻي مون توبہ ڪئي تہ اها توبہ الله وٽ قبول نہ آهي.

پيارا ڀاءُ! اڄ توبہ ڪيو اڄ معافي وٺو، پنهنجي ڪيل گناهن جي مٿان پشيماني جا لڙڪ هاريو تہ من راڻو راضي ٿي پوي.

راڻي وٺان رات نئون نياپو آئيو

لڏي سين لطيف چئي ڏاتر وٽان ڏات
ڪوڙ پڇي تو ذات جيڪي آيا سي اگهي ويا

رب ڪريم فرمائي ٿو تہ:

وَهُوَ الَّذِيْ يَقْبَلُ التَّوْبَةَ عَنْ عِبَادِهٖ وَيَعْفُوْ عَنِ السَّيِّاٰتِ وَيَعْلَمُ مَا تَفْعَلُوْنَ۔ (پ ٢٥ الشوریٰ ع ٤)

ترجمو: اهو الله آهي جو پنهنجي ٻانهن جي توبہ قبول ڪري ٿو ۽ گناهن کي معاف ڪري ٿو ۽ ماڻهو جيڪي ڪم ڪن ٿا الله انهن کي ڄاڻي ٿو. الله تعاليٰ جو فرمان مبارڪ آهي

وَاِنِّيْ لَغَفَّارٌ لِّمَنْ تَابَ (پ ١٦ سوره طٰهٰ)

ترجمو: ۽ بيشڪ مان ڏاڍو بخشيندڙ آهيان ان کي جنهن توبہ ڪئي.

سوچ ادا.

ٻن ڏينهن جو تون مهمان او يار
جاڻ ڇڏيئي هي مڪان او يار
هِڪ ٿئي پشيان ولر وهي ويا
اڄ ماڳ اهي ويران او يار.

او ياءُ نظر ڪري تہ ڏس قافلن جا قافلا روانا ٿي ويا. وري نہ موٽيا. ابو وڃ امان وئي. مائٽ ويا. پرين پيارا. سنگتي ساٿي، سڀ لڏي ويا. اڃا بہ تنهنجي اک نہ ٿي کلي؟ سوچ ڪري ڏس تون ڪير آهين؟ ڪٿان آيو آهين؟ ڪٿي ويٺو اٿئي. مٽي آهين. مٽيءَ ۾ ويندين بوءِ وڏائي ۽ هوڏ ڇو. تنهنجون دعوائون اجايون آهن تہ هي شيءِ منهنجي. هو شيءِ منهنجي. ياد رک تنهنجي جسم جا ڪپڙا بہ پرائي ملڪيت آهن. هڪ ڏينهن اهي سڀ لاهي پائي هليو ويندين تہ وري روئندڙ ٻچن کي ڇڏي ويندين ۽ پرڃاڻي بہ ڪونہ ڏيندين. اي مسافر پاءُ عمل صالح ڪيو. عمل صالح ئي توهان کي نفعو ڏيندا.

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّاَجْرٌ عَظِيْمٌ (المائده پ ٦ ع ٦)

واعدو ڪيو آهي الله انهن ماڻهن سان جيڪي ايمان آڻي وري عمل صالح ڪن ٿا. انهن جي لاءِ معافي آهي ۽ وڏا اجر انعام آهن. ٻئي جاءِ تي ارشاد رباني آهي:

وَعَدَ اللّٰهُ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ مِنْهُمْ مَّغْفِرَةً وَّ اَجْرًا عَظِيْمًا۔ (پ ٢٦ سوره فتح ١٢٤)

الله جو واعدو آهي انهن ماڻهن سان جن ايمان آڻي پوءِ عمل صالح ڪيا ته رب انهن جا گناهه معاف ڪري وڏا اجرءِ انعام عطا فرمائيندو.

ٽئين جاءِ تي ارشاد باري تعالى آهي ته:

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰئِكَ اَصْحٰبُ الْجَنَّةِ هُمْ فِيْهَا خٰلِدُوْنَ۔ (پ ١ سوره بقره ٩٤)

ترجمو: اهي ماڻهو جن ايمان آندو ۽ نيڪ عمل ڪيا اهي ئي جنت جا مالڪ آهن ۽ هميشه ان ۾ رهندا.

وَمَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ يُرْزَقُوْنَ فِيْهَا بِغَيْرِ حِسَابٍ۔ (پ ٢٤، سوره المؤمن ع ١٠)

ترجمو: ۽ جنهن چڱا ڪم ڪيا مرد هجي توڙي عورت. پر هجي مسلمان پوءِ اهي جنت ۾ داخل ڪيا ويندا اتي رزق ڏنا ويندا بي حساب.

وَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ سَنُدْخِلُهُمْ جَنّٰتٍ تَجْرِيْ مِنْ تَحْتِهَا الْاَنْهٰرُ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا اَبَدًا۔ (پ ٥ سوره النساء ع ١٥)

ترجمو: ۽ جن ايمان آندو ۽ نيڪ ڪم ڪيائون انهن کي اسان بهشت ۾ داخل ڪنداسون جن جي هيٺيان نهرون جاري آهن. ۽ هميشه اهي ان ۾ رهندا.

لِيَجْزِيَ الَّذِيْنَ اٰمَنُوْا وَعَمِلُوا الصّٰلِحٰتِ اُولٰئِكَ لَهُمْ مَّغْفِرَةٌ وَّ رِزْقٌ كَرِيْمٌ۔ (سوره سبا پ ٢٢ ع ٧)

ترجمو: جيئن انعام ڏئي انهن کي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون هي آهن جن جي واسطي بخشش آهي ۽ عزت جي روزي.

وَمَنْ يَعْمَلْ مِنَ الصّٰلِحٰتِ مِنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَاُولٰئِكَ يَدْخُلُوْنَ الْجَنَّةَ۔ (النسآء پ ٥ ع ١٥)

ترجمو: جيڪو نيڪي جا ڪم ڪندو مرد هجي يا عورت ۽ اهو صاحب ايمان بہ هوندو تہ اهڙا ماڻهو بهشت ۾ داخل ٿيندا.

الذين امنوا وعملوا الصّٰلحٰت طوبىٰ لهم و حسن ماب۔ (پ ١٣ سوره رعد ع ١٠)

ترجمو: اهي جن ايمان آندو ۽ چڱا ڪم ڪيائون انهن جي واسطي خوشي آهي ۽ چڱي پچاڙي.

مَنْ عَمِلَ صَالِحًا مِّنْ ذَكَرٍ اَوْ اُنْثٰى وَهُوَ مُؤْمِنٌ فَلَنُحْيِيَنَّهٗ حَيٰوةً طَيِّبَةً۔ (پ ١٤ سوره النحل ع ١٩)

ترجمو: جيڪو چڱا ڪم ڪري مرد هجي يا عورت ۽ هجي مسلمان پوءِ ان کي چڱي زندگي جيارينداسين. اٿ ادا مالڪ جي اڳيان روئي عجز ۽ عاجزي ڪر:

پائي پاند ڳچيءَ ۾ اڱڻ جي اچن
اوڳڻ عيب ڪچائيون ڏڪڻ ٿي ڏڪجن
توڙي لک هجن، تہ بہ معافيون ڏجن ميندرا

پيارا ياءُ! قرآن پاڪ کي پڙهہ. قرآن پاڪ چا ٿو فرمائي بڌ:

وَمَنْ يَّعْصِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ وَيَتَعَدَّ حُدُوْدَهٗ يُدْخِلْهُ نَارًا خَالِدًا فِيْهَا وَلَهٗ عَذَابٌ مُّهِيْنٌ۔ (النساء پ ٤ ع ١٣)

جيڪو ماڻهو الله تعاليٰ ۽ ان جي رسول جي بي فرماني ڪري ٿو ۽ ان جون حدون ٽوڙي ٿو تہ الله ان کي هميشہ جهنم جي باهہ ۾ ٽڪائيندو ۽ ان ماڻهو جي لاءِ خواري وارو عذاب آهي.

دوستو الله تعاليٰ کان پناهہ گهرو ۽ صالحن، نيڪ ٻانهن وارو رستو

اختيار ڪيو اهو ئي تہ صراط مستقيم آهي.

قيامت واري ڏينهن انهن جي نسبت ۽ تعلق ڪم ايندو. انهن کان پري رهڻ وارو ۽ پري رکڻ وارو ظالم قيامت جي ڏينهن،

وَيَوْمَ يَعَضُّ الظَّالِمُ عَلٰى يَدَيْهِ يَقُوْلُ يٰلَيْتَنِى اتَّخَذْتُ مَعَ الرَّسُوْلِ سَبِيْلاً، يٰوَيْلَتٰى لَيْتَنِى لَمْ اَتَّخِذْ فُلَانًا خَلِيْلاً. (پ ١٨ سوره فرقان ع ١)

پنهنجي هٿن کي چڪ پائي چوندو تہ هاءِ جيڪڏهن مان رسول ﷺ سان گڏ واٽ ونان ها. هاءِ جيڪڏهن فلاڻي کي پنهنجو دوست نہ بڻايان ها. اي ادا. ياران ڏينهن اغيار بڻجي ويندا. دوست دشمن ٿي ويندا. الله تعالى فرمائي ٿو تہ:

اَلْاَخِلَّاءُ يَوْمَئِذٍ بَعْضُهُمْ لِبَعْضٍ عَدُوٌّ اِلَّا الْمُتَّقِيْنَ.

(الزخرف پ ٢٥ ع ١٢)

ترجمو: قيامت واري ڏينهن دوست هڪ ٻئي جا دشمن ٿي پوندا. سواءِ پرهيزگارن جي. ياءُ انهن يارن جي ياري قيامت جي ڏينهن ڪم نہ ايندي.

جي قلب ويو ٿي ڪنجي تہ وڃ قلعيدارن وٽ
صابڻ هٿندئي سڪ جو ڪونہ گهرند ئي گهٽ
ويهہ انهن وٽ جي ملائن محمد ڪريم ﷺ سان.

مرشد ڪامل جي صحبت ۾ ئي باطن جون بيماريون دور ٿينديون آهن.

نگاهن ۾ نرمل جي تاثير ڏس
آ صحبت سڄڻ جي تہ اڪسير ڏس.

چوتہ اهي صاحب تقويٰ آهن. قرآن پاڪ تقويٰ وارن جي واکاڻ ڪئي آهي. واعلموا ان الله مع المتقين. (البقره پ ٢ ع ٨)

پڪ ڄاڻيو تہ الله تقويٰ وارن سان گڏ آهي.

وَاللّٰهُ وَلِيُّ الْمُتَّقِيْنَ (الجاثيه پ ٢٥، ع ١٨)

۽ الله پرهيزگارن جو دوست آهي.

تقويٰ وارن جي آخرت ۾ عاقبت جو ذڪر ڪندي. رب پاڪ فرمائي

ٿو ته:

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ عُيُوْنٍ۔ (الحجر پ ١٤ ع ١٣)

بيشڪ پرهيزگار باغن ۽ نهرن ۾ هوندا.

اِنَّ الْمُتَّقِيْنَ فِيْ جَنّٰتٍ وَّ نَعِيْمٍ۔ (الطور پ ٢٧ ع ٣)

بيشڪ پرهيزگار بهشتن ۽ نعمتن ۾ هوندا.

تن تسبيح من مٺيو دل دنبورو جن
تندون جي طلب جون وحدت سر وڄن
وحده لاشريڪ له اهو راڳ رڳن
پل ستا سي سونهن ننڊ عبادت تن جي

دوستو عزيزو! هي وقت الله جي ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ جو آهي. قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ کي ياد ڪرڻ وارا، الله الله جو ذڪر ڪرڻ وارا ۽ پروانه نبي ڪريم ﷺ جا پل صراط جيڪا وارڪان به سنهي تلوارکان به تيز آهي. ان تان اهي ائين لنگهي ويندا جيئن ڪوڻ جو تجلو ٿيندو آهي. حضور اڪرم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

تَقُوْلُ النَّارُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ جُزْيَا مُؤْمِنُ فَقَدْ اَطْفَاءَ نُوْرُكَ لَهَبِىْ (ميزان الاعتدال جلد ٦ ص ٥٢٢، تفسير قرطبى ج ١١ ص ١٤١)

قيامت جي ڏينهن دوزخ چوندي ته اي مومن جلدي لنگهي وڃ جو تنهنجي نور منهنجي ڀڙڪندڙ باهه وسائي ڇڏي آهي.

پلصراط تي هڪ هٽي کان پڇندا ته پلصراط ڪڏهن ايندي. ملائڪ چوندا توهان کي مبارڪ هجي اها پل توهان تي آيا آهيو.

پل سے اتارو راہ گزر کو خبر نہ ہو
جبرائیل پر بچھائیں تو پر کو خبر نہ ہو

وَاَبْشِرُوْا بِالْجَنَّةِ الَّتِیْ كُنْتُمْ تُوْعَدُوْنَ۔ (پ ٢٤ حٰم سجده ع ١٨)

ترجمو: توهان کي مبارڪ هجي ان بهشت جي جنهن جو توهان سان واعدو ڪيو ويو هيو. رب تعاليٰ جي رحمت تي هڪ نظر ته ڦيراءِ.

حديث پاڪ ۾ اچي ٿو ته: قيامت واري ڏينهن هڪ شخص لاءِ حڪم ٿيندو ته هن کي پڪڙي جهنم ۾ وجهو. جڏهن ملائڪ ان کي وٺي هلندا ته: هيڏانهن هوڏانهن واجهائيندو ۽ نهاريندو. رب پاڪ فرمائيندس ته ڇا پيو تلاش ڪرين؟ چوندو اي الله تنهنجي رحمت کي ڳولهي رهيو آهيان. جو تو فرمايو آهي ته:

سَبَقَتْ رَحْمَتِيْ غَضَبِيْ (مسند احمد)

منهنجي ڪاوڙ کان منهنجي رحمت اڳرائي ڪري ويندي آهي، الله پاڪ فرمائيندو اي ملائڪو: هن کي جنت ڏانهن وٺي وڃو جو هن ٻانهي اجا منهنجي رحمت مان اميد نه لاٿي آهي. الله "رحيم ۽ ڪريم" جي رحمت پڪاريندي رهي ٿي.

گر کافر گر بت پرست باز آ باز آ
صد بار توبہ شکستی باز آ باز آ
ایں درگہ مادرگہ نو امید نیست
ہر آنچ ہستی باز آ باز ۶ آ

يعني جيڪڏهن ڪافر بت پرست آهين ته به موٽي آ موٽي آ
سو ڀيرا جيڪڏهن توبه ڀڳي اٿئي ته به موٽي آ موٽي آ
ڇوته اسان جي درگاهه نا اميدي جي جاءِ ناهي
جهڙو تهڙو ته به منهنجي در تي موٽي آ.

ڪاريون ڪوجهيون ڪوڙيون مور نه موچاريون
ٻني وينيون واٽ تي ککيءَ جون ڪاريون
اُنهن جون آريون تو سمي ريءَ ڪير سهي

بانهو ڪيترو به گنهگار ۽ بدڪار آهي پر رب رحيم ۽ ڪريم جو نالو وٺي ٿو ته رب راضي ٿي پوي ٿو. ٻانهو هڪ ڀيرو "الله" چوي ٿو ته: رب ڪريم ستر ڀيرا جيءُ جيءُ چوي ٿو. ماءُ به ٻچي کي هڪ به ڀير اجيءُ چوندي آخرڪ ٿي "ڦوت" چوندي آهي. رب ڪريم ڪڏهن به ڪڪ نه ٿيندو آهي. هر ڀيري ستر ڀيرا "جيءُ جيءُ" جا جواب ڏيندو آهي.

أُجِيبُ دَعْوَةَ الدَّاعِ إِذَا دَعَانِ (البقرة)

جڏهن سڏيندڙ مون کي سڏيندو آهي ته سڏيندڙ جا سڏ قبول ڪندو آهيان.

پوءِ افسوس انهن ماڻهن تي آهي جيڪي جنازي نمازڪان پوءِ رب ڪان دعا نه ٿا گهرن ۽ روڪن ٿا. جڏهن الله تعالى بار بار فرمائي ٿو ته: أُدْعُوْنِيْ أَسْتَجِبْ لَكُمْ. مون ڪان دعا گهرو ته مان قبول ڪندس. پوءِ خدا ڪان دعا نه گهرڻ وارا ماڻهو متڪبر ۽ بدبخت چئبا. اهڙن ماڻهن جو آخر ۾ انجام به ٻڌو. ارشاد رباني آهي ته:

إِنَّ الَّذِيْنَ يَسْتَكْبِرُوْنَ عَنْ عِبَادَتِيْ سَيَدْخُلُوْنَ جَهَنَّمَ دَاخِرِيْنَ (پ ٢٤ سوره المومن ع ١)

بيشڪ جيڪي ماڻهو منهنجي دعا ڪان تڪبر ڪن ٿا، عنقريب جهنم ۾ داخل ٿيندا ذليل ٿي ڪري. الله تعالى اهڙن ماڻهن جي صحبت ڪان بچائي.

صحيح بخاري ۽ صحيح مسلم ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه ڪان روايت آهي ته: نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: هر رات ۾ جڏهن رات جو ٽيون حصو باقي بچندو آهي ته الله تعالى دنيا واري آسمان تي پنهنجي خاص رحمت جو نزول فرمائيندو آهي ۽ اعلان فرمائيندو آهي ته:

هَلْ مِنْ سَائِلٍ يُعْطٰى هَلْ مِنْ دَاعٍ يُسْتَجَابُ لَهٗ هَلْ مِنْ مُسْتَغْفِرٍ يُغْفَرُ لَهٗ يَنْفَجِرُ الصُّبْحُ۔

ڪير آهي جيڪو مونکان دعا گهري ته قبول ڪيانس ڪيرتو مون

کان طلب ڪري تہ ان کي عطا ڪيان، ڪير تو مون کان بخشش گھري تہ مان ان کي معافي ڏيان. صحيح مسلم ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: الله تعاليٰ فرمايو تہ:

اَنَا عِنۡدَ ظَنِّ عَبۡدِیۡ بِیۡ وَاَنَا مَعَهٗ اِذَا دَعَانِیۡ۔

مان الله ٻانهي جي گمان وٽ هوندو آهيان ۽ جڏهن ٻانهو دعا گھرندو آهي تہ: مان ان وٽ هوندو آهيان.

جڏهن ڪو ٻانهو الله جي در تي اميد جا هٿ کڻندو آهي تہ الله پاڪ کي ٻاجهہ اچي ٿي تہ ڪيئن ان جا هٿ خالي موٽايان. سبحان الله! ڪيڏو نہ رب رحيم ۽ ڪريم آهي.

مون تي ناروئڙن جا تورا لک هزار
تہ ۾ واري توري تهان ٻي گھڻيرا
ڀلايون ۽ ڀيرا ڳڻيون ڳڻيندس ڪيترا

سچ پچ اسين ڀاڳن وارا آهيون جو اسان جو الله بہ ڪريم آهي تہ اسان جو سهڻو نبي ڪريم ﷺ بہ ڪريم آهي.

يارب تو کريمي و رسول تو کريم

پوءِ حيف آهي توتي اي غافل ڀاءُ جو اهڙي رحيم ۽ ڪريم رب کي وساري ويٺو آهين. صد شکر کہ هستم ميان دو کريم

پکي جيت جٽيا پيا ذڪر پڙهن
ٻنهنجي سائينءَ کي شب روز سڏن
زاروزار روئي پيا سڏڪا ڀرن
تون بہ سائينءَ پنهنجي کي پرچاءِ ادا
اٿي رات اسر ٻاڏاءِ ادا
مني ننڊ نيڻن جي قٽاءِ ادا

قيامت واري ڏينهن الله تعاليٰ فرمائيندو آهي تہ: ڪٿي آهن وڏائي ڪرڻ وارا. ڪٿي آهن سرڪش ۽ هٺيلا جيڪي منهنجي حڪمن جي

پڇڪڙي ڪندا هئا. ٻڌايو

لِمَنِ الْمُلْكُ الْيَوْمَ لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ (المومن پ 24 ع 7)

اڄ ڪنهن جي حڪومت ڪنهنجي بادشاهي آهي؟ ان وقت ڳالهائڻ ۽ جواب ڏيڻ وارو نه هوندو. پوءِ رب ڪريم پاڻ کي پاڻ جواب ڏيندو.

لِلّٰهِ الْوَاحِدِ الْقَهَّارِ. اڄ مون واحد ۽ قهار جي حڪومت آهي. منهنجا ياءُ ٻڌاءِ. ان ڏينهن رب سائين جي اڳيان ڪهڙو جواب ڏينديں؟ پنهنجي سر جو سڄڻ تي ڪدا ڪرتوت. برائيون ڇڏ. شريعت جو پابند ٿي. ڏيان سان ٻڌ ۽ سمجهه:

دنيا جي بي وفا گل ڪي نه باغن ۾ بقا هوندو
نه هرڪو هن زماني ۾سدا جلوي نما هوندو
ڏسي دنيا نه ڪر بانور اتي پئي ڏوڙ پائيندي
هڏن تي پيا ڪتا گرندا. بدن سارو فنا هوندو


دوست پنهنجي زندگيءَ جو سڄو رڪارڊ ٺهي رهيو آهي.

مَا يَلْفِظُ مِنْ قَوْلٍ اِلَّا لَدَيْهِ رَقِيْبٌ عَتِيْدٌ. (ق پ 26 ع 16)

اهو ڪو لفظ زبان مان نه ٿو نڪري مگر ان تي نگهبان تيار ويٺو آهي. منهنجي ان وڏي بيان جو مقصد هي آهي ته انسان کي دنيا جي اندر خدا جو خوف ڪرڻ گهرجي. عبادت جو مقصد به خدا جو خوف آهي. خدا جي ئي خوف مان انسان کي دنيا ۽ آخرت جي ڀلائي حاصل ٿئي ٿي. انهي ڪري اسان کي گهرجي ته پنهنجي گناهن کي ڏسي ڪري ۽ الله تعاليٰ جي عذاب کي سامهون رکي ڪري خدا پاڪ کان معافي وٺڻ گهرجي. ۽ آئنده لاءِ خدا سان اهو واعدو ڪرڻ گهرجي ته تنهنجي فرمانن جي بجا آواري ڪنداسين. تقويٰ اختيار ڪنداسين.

شال الله پاڪ اسان سڀني کي پنهنجو خوف نصيبت فرمائي آمين.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العالمين.



ابي امان جو مرتبو ۽ مقام

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالْعَاقِبَةُ لِلْمُتَّقِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ وَآلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ۔ اَمَّا بَعْدُ، فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔ وَقَضٰى رَبُّكَ اَلَّا تَعْبُدُوْا اِلَّا اِيَّاهُ وَبِالْوَالِدَيْنِ اِحْسَانًا۔ (پ ١٥ سوره بنی اسرائيل)

۽ توهانجي رب حڪم ڪيو ته الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن جي پوڄا نه ڪيو ۽ پنهنجي والدين سان احسان ڪندا رهو.

عشق ۽ محبت سان درود و سلام جا نذرانه بارگاهه نبوي ﷺ ۾ هديه و تحفه پيش ڪرڻ جو شرف حاصل ڪيو.

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ
وَعَلٰى اٰلِكَ وَ اَصْحَابِكَ يَا حَبِيْبَ اللّٰهِ

عزيز ۽ دوستو! اڄوڪي جمعي تي منهنجي تقرير جو عنوان آهي، ابي ۽ امان جو مرتبو ۽ مقام ڇا آهي. انهن جا حق اولاد تي ڪهڙا آهن ۽ اولاد جا حق پيءُ ماءُ تي ڪهڙا آهن. ان نسبت سان مان اوهان جي آڏو قرآن پاڪ جي هڪ آيت پڙهي. جنهن ۾ پهريون الله تعاليٰ جي بندگي ڪرڻ جو حڪم آهي ۽ ان کان پوءِ ٻئي نمبر تي پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ۽ ڀلائي ڪرڻ جو حڪم آهي. الله تعاليٰ پيءُ ۽ ماءُ جو وڏو مرتبو ۽ مقام ڪيو آهي، پيءُ ۽ ماءُ الله تعاليٰ جي نعمت ۽ رحمت آهن. پيءُ ماءُ جو رشتو سڀني رشتن کان وڌيڪ اهميت وارو آهي. عزت ۽ عظمت وارو آهي، پيار ۽ شفقت وارو آهي. سڀني رشتن کان وڌيڪ آهي. الله تعاليٰ پيءُ ماءُ جي دل ۾ اولاد لاءِ بي حد محبت پيدا ڪئي آهي ۽ غور ڪيو. امان جيجل نو مهينا ٻچڙي

کي پيٽ ۾ سمائي ٿي، ڏک سور اهنج ايذاءَ سهي ٿي، طرحين طرحين جو تڪليفون برداشت ڪري ٿي. ويم جو وقت ڪيڏو نه اهنجو ۽ اوکو هوندو آهي گويا موت اکين سان نظر ايندو آهي. ان کان پوءِ اولاد کي پالڻ، انهن جي گندگي صاف ڪرڻ کين اڇو اجر رکڻ راتين جي ننڊ ڏينهن جو آرام ٻچڙي لاءِ قربان ڪرڻ، ٻچڙو بيمار امان بيمار ۽ بي قرار ٻچڙي جي روئڻ سان امان پريشان، اوجاڳو ڪري سيني سان لائي منيون منيون لوليون ڏئي سمهاري. اهي ڪيڏا نه وڏا جتن آهن. جيڪي امڙ پنهنجي ٻچڙي سان ڪري ٿي. ۽ پوڙهو پيءُ به پنهنجو آرام ٻچڙي لاءِ قربان ڪري ٿو. سڄو ڏيهن محنت ۽ مزدوري ڪري پنهنجي خون پسيني جي ڪمائي سان ٻچڙن کي پالي ۽ نپائي جوان ڪري ٿو. سندن هر انگل پوري ڪري ٿو. خوش نصيبآهن اهي جيڪي ابي امان جي مرتبي ۽ مقام کي سڃاڻي خدمت جي سعادت حاصل ڪن ٿا. اها خدمت وڏي عبادت آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته: الزمهما فان الجنة تحت ارجلهما (طبراني شريف)

پيءُ ماءُ جي خدمت کي لازم ڪري وٺ. ڇوته جنت انهن جي پيرن هيٺيان آهي. پيءُ ماءُ جي فرمانبردار لاءِ جنت آهي. بي فرمان گستاخ ۽ بي ادب لاءِ جهنم آهي. حضرت رسول ﷺ جن جو ارشاد آهي ته:

رِضَا اللّٰهِ فِى رِضَا الْوَالِدِ وَسَخَطِ اللّٰهِ فِىْ سَخَطِ الْوَالِدِ

(ترمذي شريف)

الله جو رضا مندو پيءُ جي رضامندي ۾ آهي ۽ الله جو ڏمر پيءُ جي ناراضگيءَ ۾ آهي. يعني ابو امان راضي ته رب راضي، ابو امان ناراض ته رب ناراض. ٻڌايو ڇا ٿا چئو. ابي امان کي راضي رکندو، يا ناراض. راضي رکندو ته جنتي آهيو. ناراض ڪندو ته جهنمي آهي. هُمَا جَنَّتُكَ وَنَارُكَ (ابن ماجه) پيءُ ماءُ تنهنجي لاءِ جنت به آهن ۽ جهنم به آهن. مديني جي سائين حضرت محمد ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته: چار ماڻهو اهڙا آهن جيڪي جنت ۾ داخل نه ٿيندا ۽ نه جنت جون نعمتون ئي کين حاصل

ٿينديون. (1) شرابي، (2) وياج کائڻ وارو، (3) ٻنا حق جي يتيمن جو مال کائڻ وارو، (4) پيءُ ماءُ جو بي فرمان (مستدرڪ حاڪم)

حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ هڪ شخص آيو عرض ڪيائين ته يا رسول الله ﷺ خدمت جو سڀ کان وڌيڪ حقدار ڪير آهي؟ پاڻ فرمايائون تنهنجي ماءُ عرض ڪيائين پوءِ ڪير فرمايائون تنهنجي ماءُ وري عرض ڪيائين ته سائين پوءِ ڪير. فرمايائون تنهنجي ماءُ هن ٽئين ڀيري وري عرض ڪيائين ته پوءِ ڪير؟ فرمايائون پيءُ. (بخاري مسلم)

ان مان معلوم ٿيو ته پيءُ کان ٿي ڀيرا وڌيڪ ماءُ جو حق آهي. ڪيئن ته حمل، ڄڻڻ، کير پيارڻ، پالڻ، اوجاڳا ڪرڻ ۾ وڌيڪ تڪليف ماءُ سهي ٿي ان ڪري ماءُ جو حق پيءُ کان وڌيڪ آهي ۽ پيءُ کان وڌيڪ ماءُ ٻچي سان پيار رکي ٿي. پيءُ جو نطفه پٺيءَ ۾ هوندو آهي ماءُ جو نطفه سيني ۾، سينو دل کي پٺيءَ کان ويجهو آهي. اهو ئي سبب آهي جو اولاد سان پيءُ کان وڌيڪ ماءُ جو پيار هوندو آهي. بهرحال اسان جي لاءِ ٻئي قابل احترام آهن. اکين جو نور آهن. دل جو سرور آهن. سرجو تاج آهن. ٻنهي جو مرتبو ۽ مقام آهي. وبالوالدين احسانا. پنهنجي پيءُ ماءُ سان احسان ڪندا رهو. ٻئي جاءِ تي ارشاد رباني آهي ته:

اِمَّا يَبْلُغَنَّ عِنْدَكَ الْكِبَرَ اَحَدُهُمَا اَوْ كِلٰهُمَا فَلَا تَقُلْ لَّهُمَآ اُفٍّ وَّلَا تَنْهَرْهُمَا وَقُلْ لَّهُمَا قَوْلًا كَرِيْمًا

(سوره بني اسرائيل پ 15)

جي انهن مان هڪ يا ٻئي تنهنجي سامهون پوڙهاپ کي پهچن ته ٻنهين کي اف به نه چئو نه کين ڇڙٻ ڏي ۽ انهن سان نرم ۽ مٺو ڳالهاءِ يعني ادب ۽ احترام سان پيش اچو. پيءُ ماءُ ڪراڙا ٿين ته ان جو وڌيڪ خيال رکو، ڇو ته ڪراڙپ ۾ عاجزي، محتاجي وڌندي آهي خدمت جي وڌيڪ ضرورت پوندي آهي. پوڙهاپ اچڻ سان طبيعت ۾ چڙ، غصو ۽ ڪاوڙ به وڌندي آهي، اهي سڀ ڳالهيون برداشت ڪري خنده پيشانيءَ سان خدمت ڪرڻ گهرجي ته جيئن ابو امان راضي رهن. قرآن پاڪ جو حڪم آهي ته:

وَاخْفِضْ لَهُمَا جَنَاحَ الذُّلِّ مِنَ الرَّحْمَةِ وَقُلْ رَّبِّ ارْحَمْهُمَا كَمَا رَبَّيٰنِي صَغِيرًا۔ (سوره نبی اسرائيل پ ١٥)

۽ انهن (پيءُ ماءُ) اڳيان نيازمندي سان عاجزيءَ سان ڪنڌ نماءِ ۽ چئو ته اي رب انهن ٻنهين تي رحم ڪر جيئن مون کي ننڍڙي هوندي پاليائون تي الله تعاليٰ پنهنجي شڪر سان گڏ پيءُ ماءُ جي شڪر ادا ڪرڻ جو به حڪم ڏنو آهي.

اِنِ اشْكُرْلِي وَلِوَالِدَيْكَ (سورة لقمان)

منهنجو شڪر ادا ڪر ۽ پنهنجي پيءُ ماءُ جو شڪر ادا ڪر

مَنْ بَرَّ وَالِدَيْهِ طُوْبىٰ لَهٗ زَادَ اللّٰهُ فِيْ عُمْرِهٖ (مسند ابی يعلی)

جنهن ماڻهو پيءُ ماءُ سان چڱائي ڪئي طوبيٰ ان لاءِ آهي. الله تعاليٰ ان جي عمر ۾ برڪت وجهي ٿو. ياد رهي ته "طوبيٰ" جنت ۾ هڪ ميويدار وڻ آهي، جنهن ۾ هر طرح جا ميوا هوندا اهو جنت جو وڻ ان کي ملندو جنهن ابي امان جي دل سان خدمت ڪئي هوندي.

من سره ان يمد له فی عمره ويزاد فی رزقه فليبر والديه۔ (احمد)

جيڪو ماڻهو چاهي ته ان جي عمر وڏي ڪئي وڃي ۽ رزق وڌي ته ان کي والدين سان نيڪي ڪرڻ گهرجي يعني سندن خدمت. حضرت ابو هريره رضي الله عنه روايت ڪئي ته: حضرت رسول ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: 3 دعائون قبول پيل آهن.

(1) پيءُ جي دعا پٽ جي لاءِ

(2) مظلوم جي دعا

(3) مسافر جي دعا (بيهقي)

هڪ ٻئي روايت ۾ اچي ٿو ته: ابي مان جي دعا ٻچڙن لاءِ ائين آهي. جيئن نبي جي دعا پنهنجي امتي لاءِ حضور ڪريم ﷺ جن جو فرمان عاليشان آهي ته: 3 ماڻهو اهڙا آهن. جن ڏانهن الله پاڪ قيامت واري ڏينهن (رحمت جي) نظر ئي نه ڪندو.

(1) ماءُ پيءُ جو بي فرمان

(2) ديوث (بي غيرت مرد)

(3) اها عورت جا مردن سان مشابهت ڪري. (نسائي شريف)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: 3 ماڻهو اهڙا آهن جن تي الله تعاليٰ جنت حرام ڪري ڇڏي آهي.

(1) شرابي

(2) ابي امان جو بي فرمان

(3) ديوث يعني جيڪو پنهنجي گهر ۾ گندائي ڏسي ۽ غيرت نه ڪري. مديني جي تاجدار حضرت محمد ڪريم ﷺ جن فرمايو ته ماءُ پيءُ جي بي فرماني ڪرڻ ڪبيره گناهه ۾ داخل آهي. (بخاري شريف)

توجهه ۽ غور ڪيو. الله تعاليٰ جي راهه ۾ ڪافرن سان جهاد ڪرڻ ڪيڏو نه پلو ۽ وڏو عمل آهي پر ابي امان جي خدمت ان کان به پلي آهي. هڪ شخص بارگاهه نبي ڪريم ﷺ ۾ حاضر ٿي جهاد تي وڃڻ جي اجازت گهري پاڻ فرمايائون ته ڇا تنهنجا پيءُ ماءُ جيئرا آهن. عرض ڪيائين ته هائو سائين پاڻ فرمايائون ته پيءُ ماءُ جي وڃي خدمت ڪر. (مسلم شريف)

هڪ شخص حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته يارسول الله ﷺ آءٌ توهان سان هجرت جي بيعت ڪرڻ آيو آهيان. پيءُ ماءُ کي روئندي ڇڏي آيو آهيان. پاڻ فرمايائون:

اِرۡجِعۡ اِلَيۡهِمَا فَاَضۡحِكۡهُمَا كَمَا اَبۡكَيۡتَهُمَا (ابوداؤد)

پنهنجي پيءُ ماءُ ڏانهن موٽي وڃ جيئن انهن کي روئاري آيو آهين تيئن وڃي انهن کي کلاءِ.

حضرت ابو سعيد رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته هڪ شخص جهاد لاءِ حضرت رسول الله ﷺ جن وٽ يمن کان هجرت ڪري آيو. پاڻ فرمايائون: ته يمن ۾ تنهنجو ڪو رشتيدار آهي؟ چيائين ته سائين منهنجا پيءُ ماءُ آهن. پاڻ فرمايائون ته انهن کان اجازت وٺي آيو آهين؟ عرض ڪيائين ته نه سائين. فرمايائون واپس وڃ پيءُ ماءُ کان اجازت گهر جيڪڏهن موڪل ڏين ته پوءِ جهاد ڪرن ته انهن جي خدمت ۾ رهه. (ابوداؤد)

حضرت انس رضي الله تعاليٰ عنه فرمايو ته هڪ شخص حضرت رسول الله ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته سائين مون کي جهاد جو ڏاڍو شوق آهي. پر جهاد ڪرڻ جي طاقت نه اٿم. پاڻ فرمايائون ته تنهنجي پيءُ ماءُ مان ڪو جيئرو آهي؟ عرض ڪيائين ته امڙ جيئري آهي. فرمايائون ان جي خدمت ڪري الله ڪي راضي ڪر جيڪڏهن تون ان جي خدمت ڪندين ته پوءِ تون (اجر ۽ ثواب ۽ انعام ۾) حاجي به آهين. عمرو ڪندڙ به آهين. جهاد ڪندڙ به آهين. (طبراني)

سبحان الله! اهو آهي پيءُ ماءُ جي خدمت جو انعام ۽ اعزاز.

اهي دوست غور ڪن جيڪي پيءُ ماءُ جي اجازت کان بغير پيءُ ماءُ کي ضعيف حالت ۾ روئندو ڇڏي وڃن ٿا. سچ ڪري پڇو ته ابي امان جي رضا مندي کان سواءِ اهو جهاد به قبول نه آهي. افسوس ته انهن ماڻهن تي به آهي جيڪي ابي امان جي عزت نٿا ڪن. مون گهڻا ماڻهو اهڙا به ڏٺا آهن جيڪي ابي امان کي گاريون گند ڏين ٿا. مارڪٽ ڪن ٿا. زالن جي مڪر ۽ فريب واري جار ۾ ڦاسي پيءُ ماءُ کي گهر مان ڌڪي ڪڍن ٿا. احسان به ڄڻندا آهيون ته پٽ ملڪيت تان پيءُ کي ماري ڇڏيو. زال جي چوڻ تي ماءُ کي گهنا ڏئي ماري ڇڏيو.

مان اڪين سان اهو به ڏٺو آهي ته ابي امان جي دعائن سان پٽ وڏي عهدي تي پهتو. پيءُ ملڻ لاءِ ويس ته ان سان ملڻ به گوارا نه ڪيائين. ٻين کي ٻڌايائين ته اهو منهنجو پاڙيسري هو. چوڻ هو مسڪين ماڻهن ۽ غريبن قاتلن کيڙڻ ۾ هو. حيف آهي اهڙي بي شناس ۽ اڻڄاڻ پٽ تي.

ٻڌايو انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ ذلت ۽ رسوائي کان سواءِ ٻيو ڇا ملندو؟ اهڙا ماڻهو دنيا ۾ به رسوا ۽ خوار آهن. آخرت ۾ به رسوا ۽ خوار هوندا. جنت جي لذتن جي خوشبوءِ به نه چکندا. جهنم ۾ پيا سڙندا ۽ سخت عذابن ۾ هوندا. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته معراج واري رات مون ڪجھ اهڙا ماڻهو ڏٺا جيڪي جهنم جي باهه ۾ رسين ۾ لٽڪيل هئا. مون پڇيو ته اهي ڪير آهن؟ ٻڌايو ويو ته هي اهي ماڻهو آهن جيڪي دنيا

ماءُ کي گاريون ڏيندا هئا. (ڪتاب الڪبائر)

پيءُ ماءُ جي گستاخي ۽ ادبي جو نتيجو بہ ٻڌو:

حضرت عوام بن حوشب رضي الله عنه فرمايو تہ مان هڪ شهر آيس. ان شهر جي پرپاسي ۾ هڪ قبرستان هيو جڏهن شام ٿي تہ ٽيپهر نماز بعد هڪ قبر ڦاٽي پئي. ان مان هڪ ماڻهو ظاهر ٿيو. جنهن جو م گڏه وانگر هيو. ۽ باقي جسم انسان وانگر هيس ان ماڻهو گڏهن وانگ پيرا هينگون ڪيون. وري قبر ۾ داخل ٿي ويو تہ قبر برابر ٿي وئي. ڳو وارن کان مون ان ماڻهو بابت پڇا ڪئي. ٻڌايائون تہ اهو ماڻهو شرا پيئندو هو. ان جي ماءُ ان کي منع ڪندي هئي تہ ماءُ کي چوندو هو تہ ت گڏه وانگر هينگون ٿي ڪرين. پوءِ اهو ماڻهو ٽيپهري نماز بعد مئو. ها روزانو ٽيپهري بعد ان جي قبر ڦاٽندي آهي ۽ 3 پيرا گڏه وانگر هينگ ڪري وري قبر ۾ داخل ٿي ويندو آهي. اها ان کي ماءُ جي بي ادبي ۽ فرماني جي سزا ملي ٿي. (الترغيب والترهيب)

پيءُ ماءُ جا گستاخ ۽ بي فرمان ان مان عبرت وٺن ۽ توبہ تائب ٿ ۽ پيءُ ماءُ جي خدمت ڪري کين راضي ڪري دعائون ڪٽن.

لَا يَرُدُّ الْقَضَاءَ اِلَّا الدُّعَاءُ وَلَا يَزِيْدُ فِى الْعُمُرِ اِلَّا الْبِرُّ

تقدير نہ ٿي موٽي مگر دعا سان. عمر نہ ٿي وڌي مگر نيڪيءَ س يعني دعا سان آيل تقديرون بہ موٽي وڃن ٿيون مشڪلاتون. مصيبتون. درد بہ ٽري وڃن ٿا. امڙ جي دعا اولاد جي حق ۾ مقبول آهي. امڙ دعائون وٺو.

حضرت عائشه رضي الله عنها کان روايت آهي تہ: حضرت ڪريم ﷺ جن فرمايو تہ 3 شخص اهڙا آهن. جيڪي منهنجي زيارت محروم رهندا.

(1) پيءُ ماءُ جو نافرمان (2) منهنجي سنت جو تارڪ

(3) جنهن جي سامهون منهجو ذڪر ٿئي ۽ اهو مون تي درود نہ پڙهي. (القول البديع ص 151)

سوچيو اهو ڪيڏو نه وڏو الله تعاليٰ جو ڏمر آهي. پيءُ ۽ ماءُ جي بي فرمان اولاد تي جو آهي رحمته للعالمين ﷺ جن جي زيارت کان به محروم هوندا. حضرت جابر رضي الله عنه فرمايو ته: حضرت نبي ڪريم ﷺ جن منبر جي پهرئين ڏاڪي تي رونق افروز ٿيا ته آمين چيائون. ٻئي ۽ ٽئين ڏاڪي تي به آمين چيائون. صحابه ڪرام رضي الله تعاليٰ عنهم جن 3 دفعا آمين چوڻ جو سبب پڇيو ته فرمايائون مان پهرين ڏاڪي تي چڙهيم حضرت جبرائيل عليه السلام حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته: يارسول الله ﷺ بدبخت آهي اهو شخص جنهن جي زندگيءَ ۾ رمضان مبارڪ جو مهينو آيو ۽ ان پنهنجا گناهه نه بخشايا مان آمين چيو. ٻئي ڏاڪي تي چڙهيم ته جبرائيل عليه السلام چيو ته بدبخت آهي اهو شخص جنهن جي زندگيءَ ۾ ماءُ پيءُ يا انهن مان ڪوبه هڪ پڙهيءَ تي پهتو ۽ اهو انهن جي خدمت ڪري بهشت ۾ داخل نه ٿيو مان آمين چيو. ٽئين ڏاڪي تي آيم ته جبرائيل عليه السلام چيو ته بدبخت آهي اهو شص جنهن جي سامهو اوهان جو نالو ورتو وڃي ۽ اهو اوهان تي درود نه پڙهي. مان چيو آمين. (بخاري شريف)

الله تعاليٰ جي قهر ۽ غضب کان بچو. پيءُ ماءُ جا بي فرمان ۽ بي ادب نه ٿيو. هڪ حديث ۾ مون پڙهيو آهي ته هر ڪنهن گناهه جي سزا ۾ رب پاڪ دير ڪندو آهي، قيامت واري ڏينهن تائين يا جيترو چاهي پر ابي امان جي بي فرمان ڪي مرڻ کان اڳ دنيا ۾ سزا ڏئي ڇڏيندو آهي. هيءُ به ياد رکو ته جيڪو ماڻهو پنهنجي ابي امان جي خدمت ڪري ٿو ۽ انهن جي دل راضي ڪري ٿو ته الله تعاليٰ ان جي اولاد کي به خدمتگذار ۽ سندس فرمانبردار بڻائي ٿو. پر جيڪو پنهنجي پيءُ ماءُ سان سٺو نه ٿو هلي ته ان جي اولاد به ان سان سٺو نه هلندي. چوندا آهن ته: "جهڙي ڪرڻي تهڙي پرڻي" اهڙا مثال ڪيترائي اکين جي اڳيان گذريا آهن. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

"بِرُّوا آبَائَكُمْ تَبَرَّكُمْ اَبْنَائُكُمْ وَاَعِفُّوا تَعِفَّ نِسَائُكُمْ (طبراني)

توهان پنهنجي پيئرن سان نيڪي ڪيو ته توهان جا پٽ توهان سان

نيڪي ڪن توهان ٻين جي عورتن کان پاڪدامن رهو ته توهان جو زالون ٻين کان پاڪ دامن رهن. منهنجا پيارا پائرو! ابي امان جي خدمت ڪري متان ائين پائيو ته اسان سندس حق ادا ڪري ڇڏيا ٿورا لاهي ڇڏيا نه نه، اهڙي سوچ رکڻ بلڪل غلط آهي. توهان اسان ساري زندگي سندن خدمت ڪيون مگر جيحل امڙ جي هڪ رات جو به ٿورو نه ٿا لاهي سگهون. حضرت عبدالله بن عمر رضي الله عنه هڪ ماڻهو کي ڏٺو جو پنهنجي ماءُ کي ڪلهن تي کڻي ڪعبه جو طواف ڪرائي رهيو هيو. ان شخص ابن عمر کي چيو ته ڇا مون پنهنجي ماءُ جو حق ادا ڪيو؟ پاڻ فرمايائون ته هڪ ٿورو به ماءُ جو ادا نه ڪيئي ها مگر تو اهو چڱو ڪم ڪيو آهي:

وَاللّٰهُ يُثِيبُكَ عَلَى الْقَلِيْلِ كَثِيْرًا (ڪتاب الڪبائر)

الله پاڪ توکي انهيءَ ٿوري خدمت جو گهڻو اجر عطا فرمائيندو.

ابي امان جي خدمت ڪرڻ سان ٻئي جهان موچارا ٿين ٿا. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته ان جو نڪ رڳڙجي وڃي، ان جو نڪ رڳڙجي وڃي (يعني ذليل و خوار ٿئي) عرض ڪيو ويو ته: يا رسول الله ﷺ: ڪنهن جو؟ فرمايائون ان جو جيڪو پيءُ ماءُ کي ڪراڙپ ۾ ڏسي ۽ پوءِ به انهن جي خدمت ڪري جنت حاصل نه ڪري. (مسلم شريف)

دوست صحيح عقيدن رکڻ وارن علمائن سان تعلق رک ۽ انهن جا ڪتاب مطالعو ڪر ولين جي صحبت ۾ رهه ته توکي خبر پوي ابي امان جو ڇا مرتبو ۽ مقام آهي. ابي ۽ امڙ جي چهري کي ڏسڻ به عبادت آهي. نبين جي تاجدار حضرت محمد ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

مَا مِنْ وَلَدٍ بَارٍّ يَنْظُرُ اِلٰى وَالِدَيْهِ نَظْرَةَ رَحْمَةٍ اِلَّا كَتَبَ اللّٰهُ لَهُ بِكُلِّ نَظْرَةٍ حَجَّةً مَبْرُوْرَةً قَالُوْا وَاِنْ نَظَرَ كُلَّ يَوْمٍ مِائَةَ مَرَّةٍ قَالَ نَعَمْ اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَاَطْيَبُ (بيهقي)

پيءُ ماءُ سان نيڪي ڪندڙ پٽ جڏهن انهن ڏانهن پيارن سان نهاري ٿو ته هر نظر جي بدلي ان لاءِ مبرور حج جو ثواب الله پاڪ لکائي ڇڏيو ٿو. اصحابن سڳورن عرض ڪيو ته جيڪڏهن سو ڀيرا (پيءُ ماءُ

ڏاڍهن) نهاري ته؟ فرمايائون هائو الله وڏو آهي ۽ پاڪ آهي سو پيرا نهاري ته سوحجن جو ثواب ڏئي ته ان جي خزاني ۾ ڪهڙي ڪمي ايندي.

وَاللّٰهُ يَزِيْدُ مِنْ فَضْلِهٖ

ابي امڙ جي چهري جو ديدار ڪرڻ به عبادت

اَلنَّظَرُ اِلَي الْوَالِدِ عِبَادَةٌ (بيهقي شريف)

پيءُ ماءُ ڏانهن نهارڻ عبادت آهي.

مَنْ قَبَّلَ بَيْنَ عَيْنَيْ اُمِّهٖ كَانَ لَهٗ سِتْرًا مِّنَ النَّارِ (بيهقي شريف)

جنهن ماڻهوءَ ماءُ جي ٻنهن اکين جي وچ ۾ (پيشاني) تي چمي ڏني ته ان لاءِ جهنم جي باهه کان پردو هوندو. مطلب اهو جهنم کان آزاد هوندو. ابي امان جي هٿن ۽ پيرن کي چمڻ جائز آهي.

سيد المفسرين حضرت عبدالله بن عباس رضي الله عنه کان روايت آهي ته: هڪ صحابي حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ته:

اِنِّيْ نَذَرْتُ اَنْ فَتَحَ اللّٰهُ عَزَّوَجَلَّ عَلَيْكَ بِمَكَّةَ اَنْ آتِيَ الْبَيْتَ فَاُقَبِّلَ اَسْفَلَ الْاَ سْكُفَّةِ فَقَالَ قَبِّلْ قَدَمَيْ اُمِّكَ وَقَدْ وَفَيْتَ نَذْرَكَ

مان نذر (باس) باسي آهي ته الله تعالىٰ اوهان کي مڪ مڪرم تي فتح ڏئي ته مان بيت الله شريف ويندس ۽ ان جي چائٺ کي چمندس. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کيس فرمايو ته تون پنهنجي امڙ جي پيرن کي چمي ڏي ته تنهنجو نذر (باس) پوري ٿي ويندي. (عمدة القاري جلد 22 ص 282)

سوچيو ۽ سمجهو، جيڪڏهن چمي ڏيڻ سجدو يا شرڪ هجي ها ته سرور ڪائنات ﷺ جن ڪڏهن به اهڙو حڪم نه ڏين ها. معلوم ٿيو ته بزرگان دين يا ابي امان جي پيرن کي چمڻ جائز آهي. جيڪي ماڻهو ناجائز ۽ شرڪ چون ٿا اهي جاهل آهن. فقهاءِ ڪرام ته ابي امان جي قبر کي چمڻ به جائز لکيو آهي.

وَلَا بَاْسَ بِتَقْبِيْلِ قَبْرِ وَالِدَيْهِ كذا فى الغرائب

(عالمگيری كتاب الكراهيت باب زيارت القبور)

پنهنجي پيءُ ماءُ جي قبرن کي چمڻ ۾ حرج نہ آهي. هڪ روايت ۾ هن طرح بہ آيل آهي

وَفِي مَطَالِبِ الْمُؤْمِنِيْنَ وَلَا بَأْسَ بِتَقْبِيلِ قَبْرِ وَالِدَيْهِ لِمَا فِي كِفَايَةِ الشَّعْبِي أَنَّ رَجُلًا جَاءَ إِلَى النَّبِيِّ ﷺ، فَقَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ إِنِّي حَلَفْتُ أَنْ أُقَبِّلَ عَتَبَةَ بَابِ الْجَنَّةِ فَأَمَرَ النَّبِيُّ ﷺ أَنْ يُقَبِّلَ رِجْلَةَ الْأُمِّ وَجَبْهَةَ الْأَبِ وَيُرْوَى أَنَّهُ قَالَ يَا رَسُولَ اللَّهِ أَنْ لَمْ يَكُنْ لِي أَبَوَانِ فَقَالَ قَبِّلْ قَبْرَهُمَا. قَالَ فَإِنْ لَمْ أَعْرِفْ قَبْرَهُمَا قَالَ خُطَّ خَطَّيْنِ وَانْوِ بِأَنَّ أَحَدَهُمَا قَبْرُ الْأُمِّ وَالْآخَرَ قَبْرُ الْأَبِ فَقَبِّلْهُمَا فَلَا تَحْنَثُ فِي يَمِيْنِكَ كَذَا فِي مَغْفِرَةِ الْمَغْفُورِ فِي زِيَارَاتِ الْقُبُوْرِ

(مولانا عبدالحليم صاحب لکنوی (کتاب نور الايمان)

يعني هڪ شخص حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ مان قسم کنيو هيو تہ جنت جي دروازي کي چمندس. نبي ڪريم ﷺ جن کيس فرمايو تہ ماءُ جي پيرن ۽ پيءُ جي پيشاني کي چمي ڏي عرض ڪيائين تہ جيڪڏهن منهنجا ماءُ پيءُ نہ هجن تہ پوءِ فرمايائون تہ انهن جي قبرن کي چمي ڏي. عرض ڪيائين تہ سائين جيڪڏهن قبرن جي خبر نہ هجي تہ پوءِ فرمايائون تہ ٻہ ليڪا ڪڍ ۽ نيت ڪر تہ ان مان هڪ ماءُ جي قبر آهي ۽ ٻئي پيءُ جي پوءِ ان ٻنهي کي چمي ڏي تہ تنهنجو قسم پورو ٿي ويندو.

نوٽ: هي ڳالهہ بہ ياد رکو تہ اها روايت مخالفين جي مقبول ۽ مسلم پيشوا مولوي عبدالحي صاحب لکنوي جي والد ماجد مولوي عبدالحليم صاحب فرنگي محلي پنهنجي ڪتاب نور الايمان ۾ لکي آهي لهذا هاڻي ڪو مخالف اعتراض ۽ انڪار نہ ڪري سگهندو.

پيارا ڀائرو! پيءُ ماءُ جو قدر ڪيو سندن دل کي نہ ڏکايو ادب ڪ اهو غنيمت جو وقت اٿو. هتان نہ وڃايو. پيءُ ماءُ ڇپر ۽ ڇانو آهن مٿي

تاج آهن. اسان جو سرمايہ آهن. حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله عنهما فرمايو تہ هڪ شخص حضرت رسول اللہ ﷺ جن جي خدمت ۾ آيو ان سان گڏ هڪ ڪراڙو شخص بہ هيو. پاڻ ڪريم ﷺ ان نوجوان کان پڇيو تہ هي توسان گڏ ڪير آهي؟ عرض ڪيائين منهنجو پيءُ آهي. پاڻ فرمايائون ان جي اڳيان نہ هل ان کي پٺي نہ ڏئي ويهہ ان جو نالو وٺي سڏ نہ ڪر. ان کي گار نہ ڏي. (تفسير در منثور)

مطلب تہ پيءُ ماءُ جو ادب ۽ احترام ڪرڻ سيکاريو ويو آهي.

وَوَصَّيْنَا الْإِنسَانَ بِوَالِدَيْهِ إِحْسَانًا (الاحقاف پ ٢٦)

۽ اسان انسان کي پيءُ ماءُ سان احسان ڪرڻ جو تاڪيد ڪيوسون. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله عنه فرمايو تہ مون حضرت رسول الله ﷺ کان پڇيو تہ يا رسول الله ﷺ الله تعاليٰ وٽ سڀ کان وڌيڪ پسنديده عمل ڪهڙو آهي. پاڻ فرمايائون: الصلواة علىٰ وقتها هر نماز وقت تي ادا ڪرڻ. وري عرض ڪيم تہ سائين ان کان پوءِ سڀ کان پلو ڪم جيڪو الله تعاليٰ وٽ پيارو هجي سو ڪهڙو آهي؟ فرمايائون "بر الوالدين" پيءُ ماءُ سان نيڪي ڪرڻ. (بخاري و مسلم)

پيءُ ماءُ سان نيڪي ڪرڻ جو چا طريقو آهي

(1) انهن لاءِ بخشش صحت ۽ درازا عمريءَ جون دعائون گهرڻ.

(2) اولاد ۽ زال کان وڌيڪ انهن سان پيار رکڻ

(3) انهن طرفان ڏک ملڻ تہ خنده پيشانيءَ سان برداشت ڪرڻ.

(4) انهن سان نرم ۽ مٺو ڳالهائڻ. تيز يا ڪارو يا ڀاڙو نہ ڳالهائڻ چڙب بہ نہ ڏيڻ پر اف بہ نہ چوڻ.

(5) انهن جي اواز کان پنهنجو آواز بلند نہ ڪرڻ.

(6) انهن جي اڳيان نہ هلڻ ۽ پٺي ڏئي نہ ويهڻ

(7) تبليغ يا جهاد يا هجرت کان اڳ انهن کان اجازت طلب ڪرڻ

(8) انهن جي هر حڪم جي بجا آوري ڪرڻ

(9) اهڙو ڪم نہ ڪرڻ جنهن سان انهن جي عزت ۽ آبرو تي حرف لڳي.

(10) هميشه انهن کي خوش رکڻ ۽ انهن کان دعائون وٺڻ.

(11) جن ماڻهن سان انهن جو تعلقات نه آهي. انهن سان تعلق نه رکڻ، جن سان انهن جو تعلق آهي انهن سان تعلق رکڻ. انهن جي دشمنن کي دشمن سمجهڻ ۽ انهن جي دوستن کي دوست سمجهڻ ۽ انهن جو ادب ڪرڻ.

(12) سڏ سان سڏ ڏيڻ جيءُ جيءُ چوڻ.

(13) ڪاڌو پيتو لٽو ڪپڙو مهيا ڪري ڏيڻ.

(14) بيمارٿي پون نه انهن جو علاج ڪرائڻ

(15) انهن جي جائز ضرورت کي پورو ڪرڻ.

نوٽ: جيڪڏهن ڪنهن جو پيءُ ماءُ ڪافر، مشرڪ، بي دين يا گمراهه هجي ته به اولاد کي ان سان چڱائي ڪرڻ گهرجي. دين جي دعوت ڏيڻ گهرجي. حضرت بيبي اسماء بنت ابوبڪر رضي الله عنها فرمايو ته رسول الله ﷺ جن جي زماني مبارڪ ۾ منهنجي ماءُ مون وٽ آئي جيڪا ان وقت مشرڪياڻي هئي. پوءِ مون حضرت رسول الله ﷺ جن کي عرض ڪيو ته منهنجي ماءُ اسلام کان منهن ڦيرائيندڙ آهي اها مون وٽ آئي آهي آءُ ڇا ڪيان؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته پنهنجي ماءُ سان صله رحمي ڪريعني ان جي خدمت ڪر! (بخاري و مسلم)

☆ خاص ڳالهه ذهن ۾ رهي:

ابي امان جو هر حڪم اکين تي آهي پر اهڙو حڪم جو الله ۽ ان جي رسول ﷺ جي خلاف هجي يا دين سنت ۽ شريعت جي خلاف هجي ته اهو حڪم مڃڻو نه آهي ڇو ته

لَاطَاعَةَ لِلْمَخْلُوْقِ فِيْ مَعْصِيَةِ الْخَالِقِ (مشڪواة)

مخلوق جي اهڙي فرمانبرداري نه ڪيو جنهن سان خالق جي نافرماني ٿئي. الله تعالى شال اسان کي والدين جو با ادب ۽ فرمانبردار بنائي آمين.

وما علينا الا البلاغ

جمادی الاول

نيون جمعو

الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلوٰةُ وَالسَّلامُ عَلىٰ سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَعَلىٰ آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ۔ اَمَّا بَعْدُ:
فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ، بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ۔
يٰاَيُّهَا النَّاسُ اعْبُدُوْا رَبَّكُمُ الَّذِيْ خَلَقَكُمْ وَالَّذِيْنَ مِنْ قَبْلِكُمْ لَعَلَّكُمْ تَتَّقُوْنَ۔ (پ ١ سوره بقره)

ترجمو: اي انسان! پنهنجي رب جي پوڄا ڪيو جنهن توهان کي ۽ توهان کان اڳين کي پيدا ڪيو. هيءَ اميد ڪندي جو توهان پرهيزگار ٿيو.

منهنجي تقرير جو موضوع آهي "الله جي عبادت ڪرڻ" انسان جي دنيا ۾ اچڻ جو مقصد الله تعاليٰ جي عبادت ڪرڻ آهي. قيامت جي ڏينهن الله تعاليٰ عدالت لڳائيندو مڙين ماڻهن کي ڪٺو ڪري حشر جي ميدان ۾ آڻي بيهاريندو پوءِ دنيا ۾ جيڪي ان جي حڪمن تي هليا، فرمانبردار ٿيا، انهن کي جنت ۾ موڪليندو، جنت راحت ۽ فرحت جي جاءِ آهي، جيڪا صالحن، فرمانبردارن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي، جنتي جنت ۾ سدائين سهٽا مه جبين رهندا نه ڪو غم ڏسندا، نه ڪا پريشاني، نه قرض نه مرض، نه دک نه درد، رڳو خوشيون ئي خوشيون جيڪو گهرندا سو ملندن جو طلبيندان سو ڪائيندا. صحيح بخاري ۽ مسلم ۾ حضرت ابو هريره رضي الله عنه کان روايت آهي ته: حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو ته الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته:

اَعْدَدْتُ لِعِبَادِيَ الصَّالِحِيْنَ مَالَاعَيْنٌ رَأَتْ وَلَا اُذُنٌ سَمِعَتْ وَلَا خَطَرَ عَلىٰ قَلْبِ بَشَرٍ

مون پنهنجي صالحن ٻانهن لاءِ اهو تيار ڪيو آهي جيڪو نه اکين ڏٺو، نه ڪنن ٻڌو، نه ڪنهن ماڻهو جي دل ۾ اهڙو خيال ئي

آيو هوندو.

جن دنيا ۾ الله جي حڪمن جي پيڇڪڙي ڪئي انهن کي جهنم ۾ موڪليندو، جهنم هڪ مصيبت، عذاب ۽ وحشت جي جاءِ آهي، جيڪا بي فرمانن، مشرڪ ۽ ڪافرن ۽ گستاخن لاءِ تيار ڪئي وئي آهي.

خلد ہے تو گھر ہے غلامانِ رسول اللہ ﷺ کا
اور جہنم دشمنانِ مصطفٰی کے واسطے

هيءَ دنيا واري باهه جهنم جي باهه جي ستر جزن مان هڪ جزو آهي، جهنمن جو ڪاڏو ڪنڊن وارو ڪوڙو ٿوهر هوندو جيڪو نڙين ۾ اٽڪي پوندو، انهن جو پاڻي جهنمين جي بدن مان نڪتل گندي پونءِ ۽ بدبودار پاڻي هوندو، جنهن جو هڪ قطرو به جيڪڏهن هن دنيا ۾ آندو وڃي ته بدبوءِ ۽ تپش ۾ سڀ دنيا ۾ پرپورٽي وڃي. دوزخين جا چهرا باهه ساڙيندي انهن جون شڪليون بدلجي وينديون. اهڙي وحشتناڪ صورت جو ڏسڻ وارو بيهوش ٿي پوندو.

تَلْفَحُ وُجُوهَهُمُ النَّارُ وَهُمْ فِيهَا كَالِحُونَ۔

(پ ١٨، سوره المومنون ع ٦)

انهن جي منهن تي باهه جيپي هٽڻ‌ڏي ۽ دوزخين جا دوزخ ۾ منهن سڪوڙيل هوندا.

ترمذي ۾ حضرت ابو سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ عن فرمايو: ته جهنم جي باهه انهن کي پچي ڇڏيندي، ايستائين جو مٿيون چپ مٿي سان لڳندو، هيٺيون چپ دن تائين لڙڪيل هوندو. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو:

لَا يَدْخُلُ النَّارَ اِلَّا شَقِيٌّ (ابن ماجه)

بدبخت کان سواءِ ٻيو ڪو به جهنم ۾ نه ويندو. عرض ڪيو ويو ته: يارسول الله ﷺ بدبخت ڪير آهن؟ پاڻ ﷺ جن فرمايو ته:

مَنْ لَمْ يَعْمَلْ لِلّٰهِ بِطَاعَةٍ وَلَمْ يَتْرُكْ لَهٗ مَعْصِيَةً۔

جيڪو الله جي لاءِ عبادت نه ڪري ۽ ان جي خاطر گناهن کي نه

...ندي.

الله تعاليٰ جو ارشاد مبارڪ آهي ته:

يُعْرَفُ الْمُجْرِمُوْنَ بِسِيْمَاهُمْ فَيُوْخَذُ بِالنَّوَاصِيْ وَالْاَقْدَامِ۔ (سوره الرحمٰن پ ٢٧ ع ١٢)

گنهگار پنهنجي نشانين سان سڃاتا ويندا انهن جي پيشانين ۽

...ين کي پڪڙيو ويندو.

اِنَّ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا بِاٰيٰتِنَا سَوْفَ نُصْلِيْهِمْ نَارًا كُلَّمَا نَضِجَتْ جُلُوْدُهُمْ بَدَّلْنٰهُمْ جُلُوْدًا غَيْرَهَا لِيَذُوْقُوا الْعَذَابَ اِنَّ اللّٰهَ كَانَ عَزِيْزًا حَكِيْمًا۔

(پ ٥ سوره النساء ع ٥)

بيشڪ اهي ماڻهو جن اسان جي آيتن سان ڪفر ڪيو، جلد انهن

کي باهه ۾ پهچائينداسين جڏهن به انهن جون کلون پچي وينديون ته اسان

ان کان سواءِ ٻيون کلون انهن کي مٽائي ڏينداسون، مون جو عذاب جو مزو

چکن، بيشڪ الله غالب حڪمت وارو آهي.

وَاِذَا تُتْلٰى عَلَيْهِ اٰيٰتُنَا وَلّٰى مُسْتَكْبِرًا كَاَنْ لَّمْ يَسْمَعْهَا كَاَنَّ فِيْۤ اُذُنَيْهِ وَقْرًا، فَبَشِّرْهُ بِعَذَابٍ اَلِيْمٍ۔

(سوره لقمان پ ٢١، ع ١٠)

۽ جڏهن ان تي اسان جون آيتون پڙهيون وڃن ٿيون ته تڪبر

ڪندي منهن ڦيري ٿو ڄڻ ان ٻڌو ئي ڪونه. گوياڪ ڪنن کان ٻوڙو آهي.

پوءِ ان کي دردناڪ عذاب جي خوشخبري ڏي.

وَالَّذِيْنَ كَفَرُوْا وَكَذَّبُوْا بِاٰيٰتِنَاۤ اُولٰٓئِكَ اَصْحٰبُ النَّارِ خٰلِدِيْنَ فِيْهَا وَبِئْسَ الْمَصِيْرُ۔ (پ ٢٨، سوره التغابن)

۽ جن ڪفر ڪيو ۽ اسان جي آيتن کي ڪوڙو سمجهيو اهي دوزخي

آهن. هميشه انهن ۾ رهندا ۽ ڪهڙو نه برو انجام آهي.

الله تعاليٰ براين کان بچائي، نيڪ عمل ڪرڻ جي توفيق عطا فرمائي.

مسلمانو! ڏجو الله جي بي فرماني کان بچو. جهنم جي باھ کان. الله تعاليٰ جو فرمان مبارڪ ٻڌو.

يَاأَيُّهَا الَّذِينَ آمَنُوا قُوا أَنفُسَكُمْ وَأَهْلِيكُمْ نَارًا وَقُودُهَا النَّاسُ وَالْحِجَارَةُ عَلَيْهَا مَلَائِكَةٌ غِلَاظٌ شِدَادٌ لَا يَعْصُونَ اللَّهَ مَا أَمَرَهُمْ وَيَفْعَلُونَ مَا يُؤْمَرُونَ۔ (التحريم پ ٢٨، ع ١٩)

اي ايمان وارو: پاڻ ۽ بچو ۽ پنهنجي گهر وارن کي ۽ ان باھ کان بچايو. جنهن جو ٻارڻ ماڻهو ۽ پٿر ٿيندا ان تي سخت طاقتور ملائڪ مقرر آهن. جيڪي الله کان انهن کي حڪم ملي ٿو. ان جي بي فرماني نہ ٿا ڪن ۽ اهو ئي ڪن ٿا جنهن جو انهن کي حڪم ڏنو وڃي ٿو.

منهنجا پيارا ڀاءُ! ان ڀڙڪندڙ باھ کان بچڻ چاهيو ٿا تہ الله جي عبادت ڪيو. صالح عمل ڪيو. الله جي رضا ۽ عطا نيڪي جي ڪمن ۾ آهي. اهي ڪم ڪيو جنهن سان رب راضي ٿي پوي.

ويھ م منڊ پنيور ۾ ڪر ڪو واڪو وس
ٻانهي ٻار وچن جي گولي ڇڏ م گس
ڏورڻ منجهان ڏس پونديئي هوت پنهل جو

جڏهن حساب ڪتاب لاءِ الله تعاليٰ جي بارگاھ ۾ پيش ڪيو ويندو تہ الله تعاليٰ فرمائيندو.

فَالْيَوْمَ لَا تُظْلَمُ نَفْسٌ شَيْئًا وَلَا تُجْزَوْنَ إِلَّا مَا كُنتُمْ تَعْمَلُونَ۔ (پ ٢٣، سوره يٰسين، ع ٣)

يعني اج جي ڏينهن ڪنهن جان تي ظلم نہ ڪيو ويندو. بلڪ پورو پورو انصاف ٿيندو. ۽ جو ڪجهہ توهان ڪندا رهيا آهيو ان جو بدلو ملندو.

اَلْيَوْمَ تُجْزَىٰ كُلُّ نَفْسٍ بِمَا كَسَبَتْ لَا ظُلْمَ الْيَوْمَ، إِنَّ اللَّهَ سَرِيعُ الْحِسَابِ۔ (المومن، پ ٢٤، ع ٧)

اج هر نفس کي سندس عملن جو بدلو ملندو اج ڪنهن تي زيادتي نہ ٿيندي. بيشڪ الله جلد حساب وٺڻ وارو آهي.

وَوُفِّيَتْ كُلُّ نَفْسٍ مَّا كَسَبَتْ وَهُمْ لَا يُظْلَمُونَ

(پ ٣، سوره آل عمران ع ١٩)

۽ هر جان کي سندس ڪمائي جو پورو پورو بدلو ڏنو ويندو ۽ انهن تي ظلم نه ٿيندو.

عدالت ۾ هر هڪ شخص کي هي خطاب ٿيندو:

اِقْرَأْ كِتَابَكَ كَفَىٰ بِنَفْسِكَ الْيَوْمَ عَلَيْكَ حَسِيبًا

(پ ١٥، سوره بني اسرائيل ع ٢)

يعني هي توهانجو اعمالنامو آهي. ان کي پڙهه ۽ ڏس ته تو ڇا ڇا ڪيو آهي؟ هر شخص جڏهن پنهنجو اعمالنامو پڙهندو ۽ ان ۾ پنهنجي هر ڪم کي لکيل ڏسندو ته پڪاري ڪري چوندو:

يَا وَيْلَتَنَا مَالِ هَٰذَا الْكِتَابِ لَا يُغَادِرُ صَغِيرَةً وَلَا كَبِيرَةً إِلَّا أَحْصَاهَا

(پ ١٥، سوره الڪهف ع ٦)

هاءِ اسان جي بربادي! اعمال نامي کي ڇا ٿي ويو آهي جو هر ننڍي وڏي ڳالهه ان ۾ لکيل آهي. پوءِ اهو الله تعاليٰ کي عرض ڪندو ته يا الله ڇا منهنجي اعمالنامي تي ڪو گواهه شاهد به آهي؟ پوءِ الله تعاليٰ زمين جي ان حصي کي جتي هن نيڪي يا بدي ڪئي هئي فرمائيندو ته تون ان لاءِ گواهي ڏي. زمين گواهي ڏيندي ته اي منهنجا پروردگار جو ڪجهه هن جي اعمال نامي ۾ لکيل آهي سو بلڪل درست آهي ۽ هن ان جي برابر اهي ڪم ڪيا آهن. انهي جي معنيٰ آهي هيءَ آيت ڪريمه:

يَوْمَئِذٍ تُحَدِّثُ أَخْبَارَهَا بِأَنَّ رَبَّكَ أَوْحَىٰ لَهَا

(پ ٣٠، سوره زلزال ع ٢٤)

ان جي بعد به ملزم عرض ڪندو ته يا الله ان کان علاوه ڪو ٻيو به گواهه آهي؟ الله تعاليٰ سندس منهن تي خاموشي جي مهر هڻي ان جي هٿن پيرن وغيره اعضاء کي فرمائيندو ته توهان سچ سچ ٻڌايو ته هن اهي حرڪتون ڪيئن ڪيون آهن؟ جيئن ارشاد باري تعاليٰ آهي:

اَلْيَوْمَ نَخْتِمُ عَلَىٰ أَفْوَاهِهِمْ وَتُكَلِّمُنَا أَيْدِيهِمْ

(پ ٢٣، سوره يٰس ع ٤)

وَتَشْهَدُ اَرْجُلُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَكْسِبُوْنَ۔

(پ ٢٣، سوره يٰسين، ع ٣)

اڄ اسان ان جي منهن تي مهر هڻي ڇڏي آهي ۽ ان جا هٿ ۽ پير ڳالهائيندا ۽ جو ڪجھ اهي ڪندا رهيا، ان جي اهي شاهدي ڏيندا.

حَتّٰى اِذَا مَا جَآؤُهَا شَهِدَ عَلَيْهِمْ سَمْعُهُمْ وَاَبْصَارُهُمْ وَجُلُوْدُهُمْ بِمَا كَانُوْا يَعْمَلُوْنَ۔

(پ ٢٤، حٰم سجدة ع ١٧)

تان جو جڏهن اتي پهچندا ته انهن جا ڪن ۽ انهن جون اکيون ۽ انهن جي کل سمورا انهن تي سندن عملن جي شاهدي ڏيندا.

ان وقت اهو ملزم پنهنجي عضون کي ملامت ڪندو ته توهان هي ڇا ڪيو؟ منهنجي ئي خلاف گواهي ڏني. ان وقت اهي جواب ڏيندا.

اَنْطَقَنَا اللّٰهُ الَّذِىْ اَنْطَقَ كُلَّ شَىْءٍ۔

(پ ٢٤، سوره حٰم سجده، ع ١٧)

اسان کي ان الله سڏيو جنهن هر شيءِ کي ڳالهائڻ جي قدرت ڏني. ان کان بعد الله تعاليٰ فرمائيندو ته اي ملزم تنهنجي گناهن تي انهن گواهن کان علاوه مان به شاهد آهيان.

دوستو! جن عضون جي زور تي ناجائز ۽ بي فرماني جا ڪم ٿا ڪيو اهي ئي توهان جا دشمن بڻجي توهان تي گواهه بڻبا. تنهن ڪري خدارا ڪفر، نافرماني ۽ برائين کي ڇڏي توبهه تائب ٿي. رسول الله ﷺ جن جي سچي غلامي اختيار ڪريو.

محمد کی غلامی ہے سند آزاد ہونے کی
خدا کے دامن توحید میں آباد ہونے کی

ڪڏهن اهو به سوچيو اٿو ته اسان کي پيدا ڪهڙي مقصد لاءِ ڪيو ويو آهي. عيش و عشرت ۽ دنيا جي لذتن لاءِ نه بلڪ، ارشاد رباني آهي ته:

وَمَا خَلَقْتُ الْجِنَّ وَالْاِنْسَ اِلَّا لِيَعْبُدُوْنَ۔

(پ ٢٧، الطور ع ٢)

مان جن ۾ انسان کي ان لاءِ پيدا ڪيو آهي تہ منهنجي بندگي ڪن. زندگيءَ جو مقصد بندگي آهي. نماز، روزو، حج، زڪوات، نيڪ ڪمن جو نالو بندگي آهي. بچڙائين ۾ برائين جو نالو شرمندگي آهي.

زندگی بے بندگی، شرمندگی زندگی، بابندگی تابندگی

دوست!

جانور پیدا ہوئے تیری وفا کے واسطے
چاند سورج اور ستارے ہیں ضیاء کے واسطے
کھیتاں سرسبز ہیں تیری غذا کے واسطے
سب جہاں تیرے لیے اور تو خدا کے واسطے

افسوس جو پنهنجي مقصد ۾ فرض کي وساري وينو آهين.

دن لہو میں کھونا تجھے شب صبح تک سونا تجھے
شرم نبی، خوف خدا یہ بھی نہیں وہ بھی نہیں

سوچ ادا سوچ.

فاني اي فاني دنيا دم تئي هيڪڙو
لٽي لوڙھ لتن سين جوڙينديئي جاني
ڪوڏر ۾ ڪاني آهي سر سپ ڪنهن جي

الله تعاليٰ جو ارشاد آهي تہ:

بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةُ خَيْرٌ وَّ اَبْقٰى۔

(الاعلىٰ پ ٣٠)

توهان دنيا جي حياتي پسند ڪيو ٿا حالانڪ آخرت پلي ۾ بقادار آهي. ڏسو الله تعاليٰ آخرت کي پلو ۾ بقادار چيو آهي. اسان وري دنيا کي پلو ۾ بقادار سمجهي ڇهني پيا آهيون. ايتري قدر جو آخرت کي ئي وساري وينا آهيون.

ستي نہ سرندياءِ ڪر ڪا پچار پرينءَ جي
وهامي ويندياءِ پوءِ گهٽا هٽندين هتڙا

دنيا ڇا آهي؟

وَمَا الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا مَتَاعُ الْغُرُوْرِ۔

(پ ۲۷ حديد ع ۳)

۽ دنيا جي زندگيءَ ته ٺڳيءَ جو سامان آهي. مولانا رومي رحمته الله عليه فرمائي ٿو ته:

چيست دنيا از خدا غافل بدن
نے قماش ونقره و فرزند و زن

دنيا ڇا آهي؟ سون چاندي، زر و زيور، پٽ اولاد. جائون ملڪيتون دنيا ناهي پر خدا کان غافل ٿيڻ جو نالو دنيا آهي. بين لفظن ۾ ائين سمجهو ته جا شيءِ حقيقي مالڪ کان غافل ڪري محبوب مدني ﷺ جي حڪمن کان دور ڪري ته اها دنيا آهي.

وَمَا هٰذِهِ الْحَيٰوةُ الدُّنْيَآ اِلَّا لَهْوٌ وَّلَعِبٌ وَاِنَّ الدَّارَ الْاٰخِرَةَ لَهِيَ الْحَيَوَانُ لَوْ كَانُوْا يَعْلَمُوْنَ۔

(سوره العنڪبوت، پ ۲۱، ع ۳)

۽ هيءَ دنيا جي زندگي ته آهي، مگر راند روند بيشڪ آخرت جو گهر ئي سچي زندگي آهي (اُهو نه ٺڳو هو) جيڪڏهن ڄاڻن ها.

اَلْمَالُ وَالْبَنُوْنَ زِيْنَةُ الْحَيٰوةِ الدُّنْيَا وَالْبٰقِيٰتُ الصّٰلِحٰتُ خَيْرٌ عِنْدَ رَبِّكَ ثَوَابًا وَّخَيْرٌ اَمَلًا۔

(پ ۱۵ سوره الڪهف، ع ۱۸)

مال ۽ پٽ هي دنيا جي زندگيءَ جو سينگار آهي ، باقي رهندڙ چڱيون ڳالهيون انهن جو ثواب تهنجي رب وٽ بهتر ۽ اميد ۾ سڀ کان چڱو آهي. الله تعاليٰ دنيا کي راند روند کيل تماشو سڏيو آهي. ۽ ظاهر آهي ته راند روند وقتي طور تي دل خوش ڪرڻ لاءِ ڪيدي ويندي آهي. ۽ تماشو چند گهڙيون ڏنو ويندو اهي. ليڪن ڪجهه وقت کان پوءِ کيل تماشو ختم ٿي ويندو آهي يعني دنيا فاني ۽ بي بقا آهي. يا انسان دل لڳائڻ بي بقا ۽ فاني کي هميشه لاءِ گهر سمجهي ويهڻ ناداني آهي. مال ۽ اولاد به

وقتي طرح اکين جي زينت آهي، حقيقي گهڙي آخرت آهي ۽ اوڏانهن هلڻو آهي پوءِ

ڏيکو ڏيکاءُ آهي، منهي ٻکو ڪاڏي

اڏيو جن ويراند صبح سويري لنگهيا

حضور ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

حُبُّ الدُّنيا رأسُ كُلِّ خَطِيئَةٍ (شعب الايمان)

دنيا جي محبت سڀ گناهن جو بنياد آهي.

جڏهن گناهن ۽ برائين جو بنياد دنيا جي محبت آهي، ته پوءِ لازمي هر گناهه اتان ئي جنم وٺي ٿو ۽ اسان جي دلين ۾ دنيا جي محبت گهر ڪري وئي آهي، ان ڪري اسان رات ڏينهن گناهن ۾ مبتلا آهيون، نه خدا جي ياد نه رسول الله ﷺ جي ڪنهن سنت تي عمل، نه مسجد سان محبت، نه نماز سان دل، رڳو دنيا جو فڪر.

پائدار صالح عمل ڪيو. قرآن پاڪ جون آيتون ٻڌائي رهيون آهيان ته اهي ئي ڪامياب ۽ چوتڪاري وارا آهن.

اِنَّ الَّذِيْنَ قَالُوْا رَبُّنَا اللّٰهُ ثُمَّ اسْتَقَامُوْا فَلَا خَوْفٌ عَلَيْهِمْ وَلَا هُمْ يَحْزَنُوْنَ (الاحقاف، پ ٢٦ ع ٢)

بيشڪ اهي ماڻهو جن چيو اسان جو رب الله آهي پوءِ استقامت ڪيائون ته پوءِ انهن تي نه ڪو خوف آهي نه اهي ڪڏهن ڪلپا ٿيندا.

وَسَارِعُوْا اِلٰى مَغْفِرَةٍ مِّنْ رَّبِّكُمْ وَجَنَّةٍ عَرْضُهَا السَّمٰوٰتُ وَالْاَرْضُ اُعِدَّتْ لِلْمُتَّقِيْنَ

(آل عمران پ ٤ ع ٥)

۽ تڪڙ ڪيو پنهنجي پالڻهار پاران ملندڙ مغفرت ۽ جنت ڏانهن اها جنت جيڪا آسمانن ۽ زمينن کان به ڪشادي آهي. جيڪا پرهيزگارن لاءِ جوڙي وئي.

وحده لاشريڪ له آهي وهائج ويءُ

ڪٿين جي هارائين هنڌ ٻيهجو هيءُ

پاٽان چونڊئي پيءُ پري جام جنت جو

پيارا نظر ڦيرائي ته ڏس: دنيا وارن جي سنگت، مٽن مائٽن ۽ دوستن جي سنگت به چار ڏينهن آهي.

يار ياري پرت واري، سا به آهي چار ڏينهن
هيءَ جواني ناز واري سا به آهي چار ڏينهن

موت کان پوءِ سڀ جي سنگت ٽٽي وڃي ٿي هاڻي ملڪيت جا وارث ٿيا، جائداد جا والي ٿيا. ميت ويچارو پرائي وس. ساهه نڪتو، سنگت ٽٽي، رشتا ڇنا. ها ايتري همدردي ضرور ڪندا جو ڪلهي ڪانڌي ٿي لاش لحد ۾ لٽي رڃ ۾ سٽي ايندا. سوڙهي سامي ۽ ڪاري قبر ۾ مٽين مٿيءَ هيٺيان پوري ايندا. وري سار سنڀال لهڻ ۾ ڪونه ايندا. ها مگر ھڪ عملن جي سنگت قبر ۾ به حشر ۾ به ساڻ هوندي.

ادا جڳ مان نيڪي رکي ساڻ نيندين
مٿي مائٽي توکي جت ڪم نه ايندي
ڀلائي اتي ۽ تنهنجو آڌار ٿيندي.

جيڪڏهن ڪنهن جا عمل سٺا آهن ته اهي ان جي قبر کي جنت جو باغ بڻائي ڇڏيندا. قبر کي ڪشادو ڪرائي ڇڏيندا. محشر جي نهڻ گرميءَ ۾ ان جي مٿان ڇپر ڇانو ٿيندا: صالح عمل ان کي جنت جو ڪاتيدار ۽ حقدار بڻائيندا. جيڪڏهن ڪنهن جا برا عمل آهن ته ان جي قبر جهنم جي کڏ بڻجي ويندي ان جي آخرت برباد ٿي ويندي. محشر جي ميدان ۾ ان کي خوار و رسوا ۽ شرمسار ڪرائيندا.

سرها ڏٺم سي جن جي ساڄاهه سراڻ سين
تيغ تني جي کي، ڪٽ نه لڳي ڪڏهين

دوستو! جنهن چڱا عمل ڪيا ان کي ان جو اجر ڏنو ويندو. جنت ۾ داخل ڪيو ويندو. جنهن برايون يا خيائيون ڪيون ان جو ان کي چٽڪو چکايو ويندو.

فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ خَيْرًا يَّرَهٗ وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ. (سوره الزلزال، پ ۳۰، ع ۲۴)

جنهن ماڻهوءَ ذري برابر نيڪي ڪئي ته ان کي ڏسندو ۽ جنهن ماڻهو ذري برابر برائي ڪئي ته اهو به ان کي ڏسندو.

اِنَّ اللّٰهَ لَا يُضِيْعُ اَجْرَ الْمُحْسِنِيْنَ (التوبه پ ١١، ع ٤)

ترجمو:

بيشڪ الله تعاليٰ نيڪي ڪندڙن جو اجر ضايع نه ٿو ڪري.

خوش نصيب آهن اهي جن کي چڱا عمل ڪندي موت اچي ويو.

يلي جايون مائرون سنديون صالحن
حشر ويل انهن کي ڏاڍا ڏيج ملن.
بين ويچارين اوجاڳا اجايا ڪيا.

وآخر دعوانا ان الحمد لله رب العٰلمين

جمادى الاول

چوٿون جمعو

مقام صحابه رضوان الله عليهم اجمعين

الحمد لله رب العالمين والعاقبة للمتقين والصلوٰة والسلام
على رسوله محمد وآله واصحابه اجمعين اما بعد
فاعوذ بالله من الشيطٰن الرجيم بسم الله الرحمٰن الرحيم
مُحَمَّدٌ رَّسُولُ اللّٰهِ وَالَّذِينَ مَعَهُ أَشِدَّاءُ عَلَى الْكُفَّارِ رُحَمَاءُ
بَيْنَهُمْ (پ ٢٦ سوره فتح ع ١٢) صدق الله العظيم

ترجمو: محمد الله جو رسول آهي ۽ ان جا ساٿي ڪافرن تي سخت آهن ۽ پاڻ ۾ نرم دل.

صحابن جو ثاني امت ۾ محال
لکين غوث هڪ طرف بانگو بلال

پيارا پائرو اڄوڪي تقرير جو عنوان آهي "مقام صحابه" نبين کان بعد صحابه ڪرام جو مقام بلند ۽ اعليٰ آهي، قرآن ۽ احاديث ان لاءِ گواه آهن.

لِلَّذِينَ اتَّقَوْا عِندَ رَبِّهِمْ جَنَّاتٌ تَجْرِي مِن تَحْتِهَا الْأَنْهَارُ
خَالِدِينَ فِيهَا وَأَزْوَاجٌ مُّطَهَّرَةٌ وَرِضْوَانٌ مِّنَ اللَّهِ وَاللَّهُ
بَصِيرٌ بِالْعِبَادِ (پ ٣ سوره آل عمران ع ١٠)

ترجمو: پرهيزگارن جي واسطي سندن رب وٽ جنتون آهن جن جي هيٺان نهرون جاري آهن هميشه انهن ۾ رهندا ۽ پاڪ زالون، الله جي رضا ۽ الله ٻانهن کي ڏسي ٿو.

ڏسو الله تعاليٰ صحابه ڪرام لاءِ جنت ۽ اعليٰ نعمتن ڏيڻ جو اعلان فرمايو آهي.

الَّذِينَ اسْتَجَابُوا لِلَّهِ وَالرَّسُولِ مِنْ بَعْدِ مَا أَصَابَهُمُ الْقَرْحُ لِلَّذِينَ أَحْسَنُوا مِنْهُمْ وَاتَّقَوْا أَجْرٌ عَظِيمٌ

(پ ٤ سوره آل عمران ع ٩)

ترجمو: جنگ احد ۾ جيڪي الله ۽ رسول ﷺ جي سڏ تي پاڻ کي زخم پهچڻ کان پوءِ به حاضر ٿيا انهن نيڪوڪارن ۽ پرهيزگارن لاءِ وڏو اجر آهي.

سمجهاڻي: هن آيت مان صحابه ڪرام جو جنگ احد ۾ ثابت قدم رهڻ ۽ حضور رسول الله ﷺ جن جي اطاعت ڪرڻ ثابت آهي.

التَّائِبُونَ الْعَابِدُونَ الْحَامِدُونَ السَّائِحُونَ الرَّاكِعُونَ السَّاجِدُونَ الْآمِرُونَ بِالْمَعْرُوفِ وَالنَّاهُونَ عَنِ الْمُنْكَرِ وَالْحَافِظُونَ لِحُدُودِ اللَّهِ وَبَشِّرِ الْمُؤْمِنِينَ

(پ ١١ سوره التوبه ع ١٣)

ترجمو: اهي گناهن کان توبه ڪندڙ، عبادت ڪندڙ، حمد ڪندڙ، روزا رکندڙ، رڪوع ۽ سجدو ڪندڙ (يعني نماز پڙهندڙ) چڱائي جو حڪم ڪندڙ ۽ برائي کان روڪيندڙ ۽ الله جي حڪمن جو خيال رکندڙ آهن ۽ خوشخبري ڏي مومن کي.

سمجهاڻي: هن آيت ۾ صحابه ڪرام رضي الله عنهم اجمعين جي نهايت شاندار صفتن جو واضح ذڪر آهي.

وَالَّذِينَ تَبَوَّءُوا الدَّارَ وَالْإِيمَانَ مِنْ قَبْلِهِمْ يُحِبُّونَ مَنْ هَاجَرَ إِلَيْهِمْ وَلَا يَجِدُونَ فِي صُدُورِهِمْ حَاجَةً مِمَّا أُوتُوا وَيُؤْثِرُونَ عَلَىٰ أَنْفُسِهِمْ وَلَوْ كَانَ بِهِمْ خَصَاصَةٌ وَمَنْ يُوقَ شُحَّ نَفْسِهِ فَأُولَٰئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُونَ

(پ ٢٨ سوره حشر ع ١)

ترجمو: ۽ جن اڳي کان هن شهر ۽ ايمان ۾ گهر ناهي ورتو دوست رکن ٿا انهن

کي جيڪي انهن جي طرف هجرت ڪري آيا ۽ پنهنجي دلين ۾ ڪا ضرورت نہ ٿا ڏسن ان شيءِ جي جيڪا کين ڏني وئي ۽ پنهنجي پاڻ تي انهن کي ترجيح ڏين ٿا جيتوڻيڪ انهن کي سخت محتاجي هجي ۽ جيڪو پنهنجي نفس جي حرص کان بچايو ويو پوءِ اهي ئي ڪامياب آهن.

سمجهاڻي: هن آيت مان صحابہ ڪرام جي ايثار ۽ قرباني جو ذڪر ثابت آهي.

فَالَّذِيْنَ اٰمَنُوْا بِهٖ وَعَزَّرُوْهُ وَنَصَرُوْهُ وَاتَّبَعُوا النُّوْرَ الَّذِيْ اُنْزِلَ مَعَهٗ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُفْلِحُوْنَ (پ ۹ سوره اعراف ع ۹)

ترجمو: پوءِ جن ان تي ايمان آندو ۽ سندن تعظيم ڪئي ۽ کيس مدد ڏنائون ۽ انهيءَ نور (ڪلام الاهي) جي تابعداري ڪيائون جيڪو ان سان گڏ نازل ٿيو اهي ئي بامراد آهن.

سمجهاڻي: اللہ تعاليٰ صحابہ ڪرام کي ڪامياب ۽ جنتي چيو آهي. بي دينن جي نہ مڃڻ سان سندن شان، عظمت ۽ مقام ۾ ڪو بہ فرق نہ ٿو اچي.

اِنَّ اللّٰهَ اشْتَرٰى مِنَ الْمُؤْمِنِيْنَ اَنْفُسَهُمْ وَاَمْوَالَهُمْ بِاَنَّ لَهُمُ الْجَنَّةَ (پ ۱۱ سوره توبه ع۲)

ترجمو: بيشڪ اللہ تعاليٰ جنت جي عيوض مومنن کان سندن جانيون ۽ مال خريد ڪيا آهن.

ثابت ٿيو تہ صحابہ ڪرام جي لاءِ جنت الاٽ ٿيل آهي. تنهنڪري جهنمي جنتن لاءِ جنت الاٽ ٿيل ڏسي حسد جي باهہ ۾ سڙن ۽ پچن ٿا.

اِنَّمَا الْمُؤْمِنُوْنَ الَّذِيْنَ اِذَا ذُكِرَ اللّٰهُ وَجِلَتْ قُلُوْبُهُمْ وَاِذَا تُلِيَتْ عَلَيْهِمْ اٰيٰتُهٗ زَادَتْهُمْ اِيْمَانًا وَّعَلٰى رَبِّهِمْ يَتَوَكَّلُوْنَ الَّذِيْنَ يُقِيْمُوْنَ الصَّلٰوةَ وَمِمَّا رَزَقْنٰهُمْ

- يَتَّقُوْنَ اُولٰئِكَ هُمُ الْمُؤْمِنُوْنَ حَقًّا لَهُمْ دَرَجٰتٌ عِنْدَ رَبِّهِمْ وَمَغْفِرَةٌ وَّرِزْقٌ كَرِيْمٌ (پ ٩ سوره الانفال ع ١٥)

ترجمو: ايمان وارو اُهي آهن جو جڏهن الله کي ياد ڪيو وڃي انهن جون دليون ڏڄي وڃن ۽ جڏهن انهن تي قرآن جون آيتون پڙهيون وڃن تہ انهن جو ايمان وڌيڪ ٿئي ۽ پنهنجي رب تي ئي ڀروسو ڪن، اُهي جيڪي نماز قائم رکن ۽ اسان جي ڏني مان ڪجهہ اسان جي راهہ ۾ خرچ ڪن اُهي ئي سچا مومن آهن انهن جي واسطي درجا آهن، انهن جي رب وٽ ۽ بخشش آهي ۽ عزت جي روزي.

آيت شريف مان صحابہ ڪرام جو جنتي ۽ ڪامل الايمان هجڻ ثابت آهي الله تعالىٰ پنهنجي علم قديم سان ڄاڻي پيو تہ سڀني خاتمو ايمان سان ٿيندو تڏهن تہ انهن جي لاءِ جنت ۾ رزق ڪريم جو واعدو فرمايو آهي.

فَاَنْزَلَ اللّٰهُ سَكِيْنَتَهٗ عَلٰى رَسُوْلِهٖ وَعَلَى الْمُؤْمِنِيْنَ وَ اَلْزَمَهُمْ كَلِمَةَ التَّقْوٰى وَكَانُوْا اَحَقَّ بِهَا وَاَهْلَهَا وَكَانَ اللّٰهُ بِكُلِّ شَيْءٍ عَلِيْمًا (پ ٢٦ سوره فتح ع ١١)

ترجمو: تڏهن الله پنهنجي پيغمبر تي ۽ مومنن تي پنهنجو آرام نازل ڪيو ۽ کين پرهيزگاريءَ جي ڳالهہ تي قائم رکيائين ۽ اُهي ان ڪان وڌيڪ حقدار ۽ ان جوڳا هئا ۽ الله سڀ ڪنهن شيءِ کي ڄاڻندڙ آهي.

سمجهاڻي: هن آيت مان صحابہ ڪرام جو ايمان ۽ تقويٰ واضح طرح ثابت آهي تڏهن انهن تي سڪينہ نازل ٿي.

حديثن مان ثبوت:

حضرت جابر رضي الله تعالىٰ عنہ کان روايت آهي تہ: حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ: جنهن مسلمان مون کي ڏٺو يا منهنجي ڏسندڙ (صحابيءَ) کي ڏٺائين ان کي باهہ نہ لڳندي. (مشڪوات شريف ص 554)

حضرت عبد الله بن مغفل کان روايت آهي ته فرمايو: حضرت رسول الله ﷺ جن ته الله کان ڊڄو منهنجي اصحابن جي باري ۾ ۽ پاڻ ﷺ جن اهي ڳالهه ٻه ڀيرا فرمايائون ته کين مون کان بعد نشانو نه بڻائجو. پوءِ جنهن ساڻن محبت ڪئي ان منهنجي محبت جي ڪري انهن سان محبت ڪئي ۽ جنهن انهن سان بغض رکيو ان مون سان بغض جي ڪري ساڻن بغض رکيو جنهن انهن کي ايذايو ان مون کي ايذايو ۽ جنهن مون کي ايذايو ان الله کي ايذايو ۽ جنهن الله کي ايذايو ته ان کي قريب آهي ته الله پڪڙي.

(مشڪوات شريف ص 554)

حضرت عمر بن خطاب رضي الله عنه کان روايت آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: اصحابي كالنجوم فبايهم اقتديتم اهديتم منهنجا صحابي ستارن وانگر آهن سو منجهان جنهن جي به توهان پيروي ڪندو ته هدايت لهندو. (مشڪوات شريف ص 554 ج 2)

حضور اڪرم ﷺ جن صحابه ڪرام جو مرتبو ۽ مقام بيان فرمائيندي ارشاد فرمايو ته جيڪڏهن اهي هڪ سير ڪڻڪ يا ٻه گهٽ الله جي راهه ۾ خرچ ڪن ۽ توهان احد جبل جيترو سون خرچ ڪريو ته به توهان هنن جي سير ڪڻڪ گهٽ جي برابر ڪين به نه پهچي سگهندو.

(مشڪوات شريف ص 553)

حضرت عبد الله بن عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله ﷺ جن ته: جڏهن توهان انهن ماڻهن کي ڏسو جيڪي منهنجي اصحابن کي برو ڀلو چئي رهيا آهن ته کين چئو: فقولوا لعنة الله على شركم الله جي لعنت هجي توهان جي شر تي. (مشڪوات شريف ص 554)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي ته:

جس نے میرے اصحاب کو گالی دی کفر کیا دوسری خبر میں ہے کہ جو میرے اصحاب کو گالی دے اس کو کوڑے لگاؤ۔ (شيعن جو معتبر ڪتاب تحفة الابرار ترجمه جامع الاخبار ص ۳۸۳)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي ته: صحابه ڪرام رضوان الله عليهم اجمعين تي تبرا (گار) ڪرڻ وارو ملعون آهي.

حضرت فرمودہ من سب اصحابي فعليه لعنة الله والملئكة والناس اجمعين لاتقبل الله منه صرفا ولا عدلا يعني فريضة ولا نافلة

(شيعن جو معتبر ڪتاب روضة الاحباب ج ٢ ص ٤، [illegible] الاحتجاج ج ١ ص ٣٧٠)

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته جنهن منهنجي صحابي کي گار ڏني ان تي الله تعاليٰ جي ملائڪن ۽ پوري دنيا جي ماڻهن جي لعنت آهي ان جو نه فرض قبول آهي نه ورتي نفل. [illegible]

حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي وصيت [illegible] وحسنكم باصحاب نبيكم لاتسبوهم الخ (شيعن جو معتبر ڪتاب الامالي للشيخ طوسي ج ٢ ص ١٣٦، مطبوعه نجف اشرف) [illegible]

مان توهان کي وصيت ڪريان ٿو ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي ڪنهن به صحابي کي برو نه چئجو. [illegible]

دوستو! اوهان صحابه ڪرام جو مرتبو ۽ مقام قرآن شريف حديثن ۽ ائمه اهلبيت جي معتبر ڪتابن مان ٻڌو. [illegible] صحابه ڪرام جي محبت عزت ۽ عظمت [illegible] آهي [illegible] جيڪو شخص صحابه ڪرام [illegible] آهي گار [illegible] ڪري [illegible] مسلمان [illegible] آهي [illegible]
ﷺ [illegible] صحابه [illegible]
انهي [illegible] ادب [illegible] نبي ﷺ [illegible].

واعدو ڪيو ته صحابه ڪرام جي [illegible] برادري ۽ منهي
مائٽي رکڻي نه آهي [illegible]

[illegible]

وما علينا الا البلاغ [illegible]

[illegible] ﷺ [illegible] ﷺ [illegible]

جمادي الثاني

پنڌرهون جمعو

اسم "محمد ﷺ" جن جي عظمت جو بيان

نَحْمَدُهٗ وَنُصَلِّی عَلٰی رَسُوْلِهِ الْکَرِیْمِ اَمَّا بَعْدُ۔
فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّیْطٰنِ الرَّجِیْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِیْمِ
مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ (پ ٢٦ سوره فتح ع ١٢)

ترجمو: محمد الله جو رسول آهي.

اڄ مون حضور ﷺ جن جي مٺڙي اسم مبارڪ "محمد ﷺ" جي شان ۽ عظمت تي بيان ڪرڻ چاهيان ٿو.

محمد ﷺ تان گهوريان ابو ۽ امان
سندن نام نامي چميو پيو چمان

عزيز دوستو:

هن آيت ڪريمه جي شروعات پياري نالي مبارڪ سان ٿي آهي. جنهن مان ثابت آهي ته اهو نالو مبارڪ وڏي عظمت ۽ شان وارو آهي. سڀني نبين ۽ رسولن جا نالا مبارڪ سهڻا ۽ پيارا آهن. مگر سڀني نبين ۽ رسولن جي سردار حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جو اسم مبارڪ سڀني اسمن کان مٿو ۽ پيارو آهي. منهنجي پياري مصطفيٰ ڪريم ﷺ جي نالي مبارڪ "محمد ﷺ" ۾ اهڙو ته اثر ۽ ڪشش آهي.

لب پہ آجاتا ہے جب نام جناب
منہ میں گھل جاتا ہے شہد نایاب
وجد میں ہو کے ہم اے جان بیتاب
اپنے لب چوم لیا کرتے ہیں۔

"محمد ﷺ" حضور انور ﷺ جن جو ذاتي اسم مبارڪ آهي

باقي بيا صفاتي نالا مبارڪ آهين. الله تعالي حضرت رسول الله ﷺ جن جو اهو مٿيون نالو مبارڪ "محمد ﷺ" ڪائنات جي تخليق کان هڪ هزار سال پهريون رکيو هيو.

در روايات آمده است که تسميه کرد حق تعالى اورا باين اسم پيش از آفرينش بهزار سال (مدارج النبوة ج ١ ص ٢٥٧)

هي اهو نالو مبارڪ آهي جنهن کي پڙهي مسلمان مومن جو روح وجد ۾ اچي وڃي ٿو ۽ دماغ فرش کان عرش تائين پهچي وڃي ٿو. خدا جو قسم! ان نالي مبارڪ ۾ وڏي لذت ۽ مٺاج آهي، مگر ايمان شرط آهي. تمام گهڻن جاين تي اهو اسم مبارڪ الله تعاليٰ جي اسم مبارڪ سان گڏ آهي. ڪلمي طيب ۾ گڏ، آذان ۾ گڏ، خطبي ۾ گڏ، اقامت ۾ گڏ.

اذان کيا جهان ديکهو ايمان والو
پس ذکر حق، ذکر هے مصطفى ﷺ کا

فقط انهن چند جاين تي نه بلڪ هرجاءِ تي ذڪر خدا جي بعد ذڪر مصطفي ﷺ موجود آهي: قَالَ جِبْرِيلُ قَالَ اللّٰهُ اِذَا ذُكِرْتُ ذُكِرْتَ مَعِی

(خصائص کبریٰ ج ٢ ص ١٩٦، مواهب لدنيه ج ٢ ص ٤٦، تفسير خازن ج ٣ ص ٣٨٩)

يعني جبريل عليه السلام عرض ڪيو ته: الله تعاليٰ فرمائي ٿو ته اي محبوب منهنجي نالي سان گڏ تنهنجي نالي مبارڪ جو به ذڪر ٿيندو. ايئن سمجهو ته توحيد جي نعري الله اڪبر سان گڏ رسالت جي نعري يارسول الله ﷺ جو به ذڪر ٿيندو.

رَفَعَ اللّٰهُ ذِكْرَهٗ فِي الدُّنْيَا وَالْاٰخِرَةِ فَلَيْسَ خَطِيْبٌ وَّلَا مُتَشَهِّدٌ وَّلَا صَاحِبُ صَلٰوةٍ اِلَّا يُنَادِيْ اَشْهَدُ اَنْ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا رَّسُوْلُ اللّٰهِ. (الشفا ص ٢٤، خصائص کبریٰ ج ٢ ص ١٩٤، مواهب لدنيه ج ٢ ص ٤٧)

الله تعاليٰ حضور اڪرم ﷺ جن جي ذڪر کي دنيا ۽ آخرت ۾ بلند

فرمايو آهي پر ڪوئي خطيب تشهد ۾ ڪوئي نمازي اهڙو نه آهي جو اشهد ان لا اله الا الله سان گڏ اشهد ان محمد رسول الله نه چوي.

ذکر خدا جو ان ﷺ سے جدا چاہو نجدیو
واللہ ذکر حق نہیں کنجی سقر کی ہے
بے ان کے واسطے کے خدا کچھ عطا کرے
حاشا غلط غلط یہ ہوس بے بصر کی ہے

هن دنيا ۾ ڪروڙين مسلمان آهن گهٽ ۾ گهٽ جيڪڏهن هڪ دفعو ڪلمو پاڪ پڙهن تڏهن به ڪروڙين دفعا حضور ﷺ جن جي تعريف ٿي وئي. ان کان سواءِ ڪروڙين مسجدون آهن هر مسجد ۾ گهٽ ۾ گهٽ پنج دفعا اذان ۾ ۽ پنج دفعا اقامت ۾ اشهد ان محمد رسول الله چوي ٿو. اهڙي طرح هر نماز جي التحيات ۾ ۽ ڪلمي شهادت ۾ خطبن ۾ جيڪڏهن انگل سان حساب ڪجي ته ڪيئي ارب دفعا هڪ ڏينهن ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جو ذڪر مسلمانن جي زبان تي جاري ٿئي ٿو. اهڙي تعريف نه ڪنهن ٻئي نبيءَ جي آهي ۽ نه ڪنهن ملائڪ مقرب جي آهي. حضرت حسان رضي الله تعالى عنه پنهنجي شعر ۾ ان ڳالهه ڏانهن اشارو ڪندي فرمائي ٿو:

وَضَمَّ الْاِلٰهُ اسْمَ النَّبِىِّ اِلٰى اسْمِهٖ ﷺ
اِذْ قَالَ فِى الْخَمْسِ الْمُؤَذِّنُ اَشْهَدُ
وَشَقَّ لَهٗ مِنْ اِسْمِهٖ لِيُجِلَّهٗ
فَذُو الْعَرْشِ مَحْمُوْدٌ وَهٰذَا مُحَمَّدٌ ﷺ

(مدارج النبوة ج ۲ ص ۵۷، ابن ڪثير ج ۲ ص ۵۲۵)

ترجمو: الله تعالى پنهنجي نالي سان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نالي کي ملايائين جڏهن وقت پنجن ئي نمازن جي وقت مؤذن اشهد چوندو آهي. پنهنجي نالي مبارڪ مان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي نالي مبارڪ کي چيريائين ته ان کي روشن ڪري پوءِ عرش واري جو نالو محمود آهي ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جو نالو مبارڪ "محمد ﷺ" آهي.

ايمان افروز نڪتہ:

مولانا حسن ميان عليه الرحمتہ فرمائي ٿو تہ الله تعاليٰ پنهنجي محبوب جي ذڪر کي يعني محمد ﷺ جي اسم کي پنهنجي ذڪر يعني پنهنجي اسم کان پوءِ ڇو آندو آهي. مثلا: لَا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ پهريون آهي ۽ مُحَمَّدٌ رَّسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ بعد ۾ آهي، آخر ائين ڇو. جواب ۾ فرمائي ٿو تہ:

کہ پہلے زبان حمد سے پاک ہولے
تو پھر نام لے وہ حبیب خدا کا

سبحان الله، ڪهڙي نہ ايمان افروز ۽ دل کي وڻندڙ ڳالھ ڪئي اٿس. پيارءِ محبت جو انداز تہ ڏسو. الله تعاليٰ چاهيو تہ منهنجي محبوب جي نالي وڻ وارا پهريون منهنجو نالو وٺي ڪري پنهنجي زبان پاڪ ڪن، پوءِ منهنجي محبوب جو نالو مبارڪ وٺن. انڪري لااله الا الله پهريون آهي ۽ محمد رسول الله بعد ۾ آهي، غير مسلم ساري عمر لااله الا الله پڙهندو رهي مسلمان نہ ٿيندو. جيستائينڪ محمد رسول الله نہ پڙهي. اهو برڪت ۽ رحمت پريو نالو مبارڪ عرش تي، آسمانن تي، جنت جي دروازن تي، جنت جي محلات تي، جنت جي وڻن تي، وڻن جي پتي پتي تي، حورن جي سيني تي ۽ فرشتن جي اکين تي ۽ لوح و قلم تي لکيل آهي. (مدارج النبوتہ ج1 ص258، حجتہ الله علي العالمين ص157، سيرت حلبيہ ج2 ص51،52، اشعتہ اللمات ج4 ص365)

حضرت آدم عليه السلام پنهنجي فرزند حضرت شيث عليه السلام کي فرمايو تہ اي پٽ جڏهن بہ تون الله جو ذڪر خير ڪرين تہ ان سان گڏ اسم محمد ﷺ جو بہ ذڪر ڪجانءِ ڇوتہ مون ان نالي مبارڪ کي عرش اعظم تي لکيل ڏٺو هو. مان آسمانن ۽ بهشت جو سير ڪيم تہ ڪا جاءِ اهڙي نہ ڏٺم جنهن تي اسم "محمد ﷺ" لکيل نہ هجي. (مدارج النبوت ج1 ص 257، مواهب لدنيه ص 137)

هر شيءِ تي اسم "محمد ﷺ" لکڻ جو مقصد اهو آهي تہ گويا الله تعاليٰ ٻڌايو اي دنيا وارو هن ڪائنات جو خالق مان الله آهيان ۽ مالڪ

منهنجو محبوب ﷺ آهي. اهي ڪيڏا نه وڏا بدبخت ۽ بي ادب آهن جيڪي اسم "محمد ﷺ" يا رسول الله ﷺ جي اسم مبارڪ کي مسجدن مان متائي ڇڏين ٿا.

دوستو!

يا رسول الله ﷺ جي نعري سان ڏاڍو پيار آ
جنهن لڳايو ان جو بيڙو پار آ

حضرت عبدالله بن عباس رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو ته هڪ يهوديءَ تورات ۾ ڇئن جاين تي حضرت محمد ﷺ جن جو اسم مبارڪ لکيل ڏٺو ته هن دشمنيءَ جي بناءَ تي ان کي متايو. ٻئي ڏينهن ڏٺائين ته اٺن جاين تي اسم مبارڪ لکيل ڏٺائين ته ان کي به متايائين. ٽئين ڏينهن وري ٻارهن جاين تي اسم مبارڪ لکيل ڏٺائين ته هن جي دل ۾ حضرت محمد ﷺ جن جي زيارت جو شوق پيدا ٿيو. شام کان مديني منوره جي طرف روانو ٿيو جڏهن محبت ۾ بي تاب ٿي مديني منوره ۾ پهتو ته حضور اڪرم ﷺ جن وصال فرمائي چڪا هئا. پوءِ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي خدمت ۾ حاضر ٿيو ۽ عرض ڪيائين ته مون کي حضور ﷺ جن جي لباس مبارڪ جي زيارت ڪرايو لباس مبارڪ جي زيارت ڪيائين ان کي ادب ۽ احترام سان چميائين. روضه مقدس ۾ حاضر ٿي اسلام آندائين ۽ الله تعاليٰ جي بارگاهه ۾ عرض گذار ٿيو ته اي الله جيڪڏهن منهنجو اسلام آڻڻ توکي پسند آهي. منهنجي حاضري قبول آهي ته منهنجو موت هن جاءِ تي ٿئي. ائين چوندي هن جو روح پرواز ٿي ويو حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه غسل ڏنو. صحابه ڪرام عليهم الرضوان جنت البقيع ۾ دفن ٿيو. (نزهت المجالس اردو ترجمه ج 2 ص 338)

تمنا ہے الٰہی موت یوں آئے مدینے میں
نظر کے سامنے خیر الوریٰ کا آستانہ ہو

☆ نعت خواني:

دوستو! اها آيت "محمد رسول الله" خود حضور ﷺ جن جي نعت آهي ۽ نعت پڙهڻ وارو خود خداوند ڪريم آهي.

نعت ڇاکي چئبو آهي؟

نعت حضور ﷺ جن جي اوصاف وڪمالات جو نالو آهي. اوصاف ۽ ڪمالات جي بيان ڪرڻ کي نعت خواني چئبو آهي. "محمد رسول الله" ۾ بہ حضور ﷺ جن جي اسم مبارڪ ۽ رسالت جو بيان ۽ اعلان آهي، اوصاف ۽ ڪمالات جو ذڪر آهي، پوءِ اها آيت نعت رسول ﷺ نہ آهي تہ ڇا آهي. اوهان صرف نالي مبارڪ "محمد ﷺ" تي غور ڪريو "مُحمد ﷺ" حَمُدً کان مشتق آهي ۽ اسم مفعول آهي. ان جي معنيٰ آهي: "اَلذِي يُحمدُ حَمُدًا بَعُدَ حَمُدٍ" جنهن جي هر هر ۽ متواتر تعريف ڪئي وڃي ۽ هر لحظي هر زمان جنهن جي نعت پڙهي وڃي. يعني جنهن جي تعريف ۽ واکاڻ سڀ کان گهڻي ڪئي وڃي ۽ جيڪو عيوب ونقائص کان پاڪ هجي.

منهنجا عزيز دوستو! الله تعاليٰ ڄاڻي پيو تہ اهڙا ماڻهو بہ پيدا ٿيندا جيڪي منهنجي محبوب جا عيب ۽ نقص ڪڍندا تنهن ڪري انهن جي زبان کي بند ڪرڻ لاءِ پنهنجي محبوب جو نالو "محمد ﷺ" رکيائين يعني منهنجو محبوب حمد و ثنا جي لائق آهي. عيوب ۽ نقائص کان پاڪ آهي. پوءِ اهي ماڻهو جيڪي زبان سان "محمد ﷺ" چون ٿا. عيب ۽ نقص بہ ڪڍن ٿا، بي ادبيون ۽ گستاخيون بہ ڪن ٿا. شان و عظمت جي گهٽائڻ ۽ مٽائڻ جي ڪوشش بہ ڪن ٿا جيئن پنهنجي ڪتابن ۾ لکن ٿا تہ: جو بشر کی سی تعریف ہو سوہی کرو سواں میں بھی اختصار ہی کرو۔ (تقویت الایمان ص ۸۹)

ان جي معنيٰ اها ٿئي تہ حضور ﷺ جن جي تعريف ڪيو ئي نہ.

جس کا نام محمد یا علی ہے وہ کسی چیز کا مختار نہیں۔ (تقویت الایمان ص ۵۷)

یقین جان لینا چاہیے کہ ہر مخلوق بڑا ہو چھوٹا وہ اللہ کی شان کے آگے چمار سے بھی ذلیل ہے۔ (تقویت الایمان ص ۲۲)

سچ ٻڌايو ڇا اهڙن کي مسلمان چوڻ درست آهي.

صحابہ جو عقيدو بہ ٻڌو حضرت حسان بن ثابت رضي الله عنه پنهنجي عقيدي جو اظهار ايمان افروز جملن ۾ نبي ﷺ جن جي اڳيان هن طرح سان بيان ڪيو آهي تہ:

وَاَحْسَنَ مِنْكَ لَمْ تَرَقَطُّ عَيْنِيْ

۽ (سھڻا نبي ڪريم ﷺ) اوهان کان وڌيڪ حسين وجميل منهنجي اک ڪڏهن نہ ڏٺو.

وَاَجْمَلَ مِنْكَ لَمْ تَلِدِ النِّسَاءُ

۽ اوهان (ﷺ) کان وڌيڪ خوبصورت حسين و جميل ڪنهن ماءُ ٻار ڄڻيو ئي نہ آهي.

خُلِقْتَ مُبَرَّا مِّنْ كُلِّ عَيْبٍ

اوهان هر عيب کان پاڪ ۽ صاف پيدا ڪيا ويا آهيو.

كَاَنَّكَ قَدْ خُلِقْتَ كَمَا تَشَاءُ

ڄڻ تہ اوهان (ﷺ) کي اهڙوئي پيدا ڪيو ويو جيئن اوهان گهريو.

سبحان الله! هي آهي صحابہ ڪرام جو عقيدو، پر هر صاحب ايمان جو اهوئي ايمان آهي تہ الله تعاليٰ حضور ﷺ جن کي هر عيب کان پاڪ پيدا فرمايو آهي. اعليٰ حضرت رحمتہ الله عليه فرمائي ٿو تہ:

وہ کمال حسن حضور ہے کہ گمان نقص جہاں نہیں
یہی پھول خار سے دور ہے یہی شمع ہے کہ دھواں نہیں

هن آيت جي معنيٰ تي بہ غور ڪريو "محمد رسول الله ﷺ" يعني محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن. ڪنهن بہ عالم دين ڪنهن بہ مفسر ۽ محدث اها معنيٰ نہ ڪئي آهي تہ محمد ﷺ جن الله جا رسول هئا.

دوستو! "آهي" يا "آهن" جا لفظ ٻڌائن ٿا تہ ساري ڪائنات جي ذري ذري ۾ محمد ﷺ جن الله جا رسول آهن. يعني موجود آهن، حاضر آهن ۽ ناظر آهن.

کیا شان احمدی کا چمن میں ظہور ہے
ہر گل ہر شجر میں محمد ﷺ کا نور ہے

اسم مبارڪ "محمد ﷺ" جا فائدا ۽ برڪتون:

حضرت آدم عليه السلام جي توبه انهيءَ نالي مبارڪ جي صدقي ۾ قبول ٿي، نوح عليه السلام جي ٻيڙي سخت طوفان ۾ انهيءَ نالي مبارڪ جي برڪت سان محفوظ رهي.

اگر نام محمد را نیا وردہ شفیع آدم
نہ آدم یافتے توبہ نہ نوح از غرق نجینا

(حجة الله على العٰلمين ص ٥٧٩، سيرت حلبيه ج ٢ ص ٤٩، الشفا ص ١١٨)

حضرت علامہ نبهاني عليہ الرحمۃ، حجۃ الله علي العالمين ۾ هي روايت درج فرمائي آهي تہ بني اسرائيل ۾ هڪ شخص هيو جنهن ٻہ سو سال خدا تعاليٰ جي نافرماني ڪئي. اهو جڏهن مري ويو تہ ماڻهن ان جي لاش کي ڪنهن گندي جاءِ تي اڇلائي ڇڏيو. الله تعاليٰ حضرت موسيٰ عليه السلام کي حڪم ڏنو تہ تون ان کي اتان کڻي باعزت دفناءِ يعني غسل ڪفن ڏئي، جنازو پڙهي دفناءِ. حضرت موسيٰ عليه السلام عرض ڪيو تہ منهنجا مولا تون سڀ ڪجهہ ڄاڻين ٿو تہ هن پنهنجي زندگي تنهنجي نافرماني ۾ گذاري آهي. ماڻهو هن جي گنهگار ۽ نافرمان هجڻ جي شاهدي ڏين ٿا، ارشاد ٿيو تہ برابر ائين آهي گنهگار، نافرمان هو مگر:

اَلَا اِنه كَانَ كُلَّمَا نَشَر التَّوْرَاةَ وَ نَظَرَ اِلَيٰ اِسْمِ مُحَمَّدٍ (ﷺ) قَبَّلَهٗ وَوَضَعَه عَلٰى عَيْنَيْهِ وَصَلّٰى عَلَيْهِ فَشَكَرْتُ لَه ذَالِكَ وَغَفَرْتُ ذُنُوبَهٗ وَ زَوَّجْتُهٗ سَبْعِين حُوْرًا. (حلية الاولياء اردو ج ٤ ص ٣٧٥، سيرت حلبيه ج ١ ص ٢٧٠، نزهت المجالس اردو ج ٢ ص ٣٣١، حجة الله على العٰلمين ص ٩٥، روح البيان ج ٣ ص ٩٥)

جڏهن هو تورات کوليندو هو ۽ منهنجي محبوب محمد ﷺ جو

اسم مبارڪ ڏٺو هو ته ان کي چمي پنهنجي اکين تي رکندو هيو. ان محبوب جي اسم جي تعظيم سبب مون هن کي بخشي ستر حورن جو گهوٽ بڻايو آهي. سبحان الله

عزيز ڀائرو! ذرا غور ته ڪيو هڪ بني اسرائيل شخص وڏو گنهگار هو مگر محبوب ڪريم ﷺ جن جي اسم مبارڪ چمڻ جي سبب بخشجي ويو پوءِ جيڪو هن حضرت محمد ﷺ جن جو امتي اسم مبارڪ چمي اکين تي رکي ته يقيناً بخشيل ۽ جنتي آهي. دوستو! حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن جو نالو مبارڪ ٻڌي آڱوٺن جا ننهن چمڻ باعث اجر و ثواب ۽ مستحب فعل آهي. ان ڳالهه تي بالاتفاق فتويٰ آهي. سڀ کان اول حضرت آدم عليه السلام پنهنجي آڱوٺن ۾ نور مصطفي ﷺ جون تجليون ڏسي آڱوٺن جا ننهن مبارڪ چمي نيڻن سان لاتا هئا. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه اسم محمد ﷺ اذان ۾ ٻڌي آڱوٺا جي نهن کي چمي اکين تي رکي فرمايو ته: قرة عيني بك يارسول الله يعني اي الله جا رسول! اوهان جي نالي مبارڪ سان منهنجا نيڻ ٺرن ٿا. (پڙهي ڏسو تفسير روح البيان، تفسير جلالين ص 357 حاشيه 13)

اسم محمد ﷺ جو ٻڌي ٿا پنهنجي اکڙين تي رکون
دل جگر اکڙيون ٺرن ٿيون روح راحت ٿو وٺي

رُوِيَ عَنِ النَّبِيِّ ﷺ اَنَّهٗ قَالَ مَنْ سَمِعَ اِسْمِيْ فِي الْاَذَانِ وَوَضَعَ اِبْهَامَيْهِ عَلٰى عَيْنَيْهِ فَاَنَا طَالِبُهٗ فِيْ صُفُوْفِ الْقِيَامَةِ وَقَائِدُهٗ اِلَى الْجَنَّةِ. (صلوٰة مسعودی جلد ۲ ص ۷۸)

يعني حضور ﷺ جن فرمائن ٿا ته جيڪو شخص بانگ ۾ منهنجو نالو ٻڌي پنهنجا آڱوٺا چمي اکين سان لڳائيندو ته اسان ان کي جنتين جي صفن ۾ ڳوليندا سين ۽ پاڻ سان گڏ بهشت ۾ آڻيندا سين.

ٻئي روايت ۾ حضور ﷺ جن فرمايو آهي ته:

مَنْ فَعَلَ مِثْلَ مَا فَعَلَ خَلِيْلِيْ فَقَدْ حَلَّتْ عَلَيْهِ شَفَاعَتِيْ (مقاصد حسنه ص ٦٠٥)

جيڪو شخص منهنجي پياري دوست (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه) وانگر ڪندو ان لاءِ منهنجي شفاعت حلال آهي.

جب نے تو نام پاک مصطفیٰ ﷺ
چوم انگوٹھے اور آنکھوں سے لگا
ہوں گے محشر میں شفیع وہ بالیقین
پھر خدا دیگا تجھے خلد برین

دوستو:

جڏهن . اسم عربي مٺي جو ٻڌو
رکي تنهن کي اکڙين تي هر هر چمو

جنهن شخص بانگ ۾ حبيب خدا ﷺ جن جو نالو مبارڪ ٻڌي درود پڙهيو. ثُمَّ يُقَبِّلُ اِبْهَامَيْهِ وَيَجْعَلُهُمَا عَلٰى عَيْنَيْهِ لَمْ يَعْمَ وَلَمْ يَرْمَدْ ۽ آڱوٺا چمي اکين سان لڳايائين ته اهو ڪڏهن به اکين جو مريض نه ٿيندو.

امام سخاوي محمد بن صالح رحمته الله عليهما کان روايت ڪري ٿو: آڱوٺن جي نهن چمڻ مهل هي دردو شريف پڙهڻ گهرجي.

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا سَيِّدِيْ رَسُوْلَ اللّٰهِ ﷺ
يَا حَبِيْبَ قَلْبِيْ وَ يَانُوْرَ بَصَرِيْ وَيَا قُرَّةَ عَيْنِيْ

ان عمل ڪرڻ واري ماڻهو جون اکيون ڪڏهن به نه ڏکنديون. هي عمل مجرب آهي. (مقاصد حسنه ص 441)

محمد ﷺ جو نالو جڏهن ڪو چمي ٿو
خدا جو قسم نور تنهن جو وڌي ٿو

رئيس المحققين علامه ابن عابدين رحمته الله عليه جو قول آهي ته:

يُسْتَحَبُّ اَنْ يُقَالَ عِنْدَ سِمَاعِ الْاُوْلٰى مِنَ الشَّهَادَةِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ وَعِنْدَ الثَّانِيَةِ مِنْهَا قُرَّةُ عَيْنِيْ بِكَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ثُمَّ يَقُوْلُ اللّٰهُمَّ مَتِّعْنِيْ

بِالسَّمْعِ وَالْبَصَرِ بَعْدَ وَضْعِ ظُفْرَيِ الْاِبْهَامَيْنِ عَلَى الْعَيْنَيْنِ فَاِنَّهٗ عَلَيْهِ السَّلَامُ يَكُوْنُ قَائِدًا لَّهٗ اِلَى الْجَنَّةِ۔

(شامی ج۱ ص ۲۹۳)

ترجمو: (اذان) ۾ پهرئين شهادت يعني (اشهد ان محمد رسول الله) ٻڌڻ وقت صلى الله عليك يا رسول الله ﷺ چوڻ مستحب آهي ۽ ٻئي شهادت ٻڌڻ وقت ٻنهي آڱوٺن جا ننهن چمي اکين تي رکڻ ۽ قرة عيني بك يا رسول الله، اللهم متعني بالسمع والبصر پڙهڻ مستحب آهي. جيڪو ائين ڪندو ان کي سيد المرسلين جنت ۾ وٺي وڃڻ جو ضامن آهي.

جے توں چاہیں احد کول ملنا محمد ﷺ نام چائیدی رہ
جتہاں جو ویکھیں نام محمد ﷺ چم چم اکھیاں تے لائیدی رہ

اهو به ياد رکو ته فضائل ۾ ضعيف حديث تي به عمل ڪيو ويندو آهي. پڙهي ڏسو (حاشيه طحطاوی علی مراقی الفلاح ص ۱۱۱)

دوستو! جيڪي اسم مبارڪ محمد ﷺ کي چمڻ حرام ۽ بدعت چون ٿا. اهي گمراهه آهن. مستحب ۽ جائز ڪم کي بدعت يا حرام ۽ ناجائز چوڻ سراسر ناداني ۽ جهالت آهي. ڪنهن به شيء جي حرمت لاءِ نص ضروري آهي.

اَلْاَصْلُ فِي الْاَشْيَاءِ عِنْدَنَا الْحِلُّ وَالْاِبَاحَةُ

معلوم ٿيو ته اسم مبارڪ ٻڌي آڱوٺن جا ننهن چمڻ سنت صفي الله ۽ سنت صديق اڪبر رضي الله عنه آهي. عَلَيْكُمْ بِسُنَّتِيْ وَسُنَّةِ الْخُلَفَاءِ الرَّاشِدِيْنَ الْمَهْدِيِّيْنَ (مشکواة شريف ص ۳۰)

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته منهنجي سنت ۽ خلفاءِ راشدين جي سنت توهان تي لازم آهي. ثابت ٿيو ته حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه جي سنت عين رسول الله ﷺ جن جي سنت آهي. هاڻي هر ڪنهن جي مرضي آهي ته ڪو سنت تي عمل ڪري اسم مبارڪ چمي اجر و ثواب حاصل ڪري ڪو ان کي بدعت چئي اسم مبارڪ نه چمي، اجر و

ثواب کان محروم رهي. قسمت اپني اپني

پلي کو بدنصيب اسم مبارڪ نہ چمي ۽ محمد ﷺ جو نالو مبارڪ نہ ضرور وٺندو. نالي مبارڪ وٺڻ سان ٻئي چپ چمي ڪئي ٿا چمن.

ڏسو "الله" چوڻ سان منهن کلي ٿو وڃي چپ هڪ ٻئي کان جدا ٿي ٿا وڃن. "محمد ﷺ" چوڻ سان منهن بند ٿي وڃي ٿو چپ ۽ ٻئي سان ملي ٿا وڃن گويا محمد ﷺ جن جي اسم مبارڪ کي چپ ٻئي چمي رهيا ٿا.

جڏهن ڪو محمد ﷺ جو نالو وٺي ٿو
چمي چپ محمد ﷺ کي هر هر چمن ٿا

منهنجا عزيز پائرو! اسان جي هوت حبيب سهڻي محبوب محمد ڪريم ﷺ جو نالو مبارڪ ڪيڏو نہ مٺو نالو آهي. اهو نالو مبارڪ الله تعاليٰ کي بيحد پيارو آهي.

مٺو اسم عربي دلين جو سرور
جسم جانبن جو نوراني آهي نور

ان برڪتن ڀرئي نالي مبارڪ جي صدقي روز محشر ڪيترين ماڻهو بخشجي ويندا. حضرت امام جعفر صادق رضي الله عنه پنهنجي والد محترم حضرت امام محمد باقر رضي الله عنه کان روايت ڪئي آهي تہ:

اِذَا كَانَ يَوْمُ الْقِيَامَةِ نَادٰى مُنَادٍ اَلَا لِيَقُمْ مَنِ اسْمُهٗ مُحَمَّدٌ فَلْيَدْخُلِ الْجَنَّةَ لِكَرَامَةِ اِسْمِهٖ ﷺ (الشفاء ۱۱۶)

جڏهن قيامت جو ڏينهن ٿيندو تہ هڪ اعلان ڪندڙ اعلان ڪندو تہ (توهان مان) جنهن جو نالو "محمد" آهي اهو جنت ۾ داخل ٿي محبوب جي نالي جي عزت سبيان.

سبحان الله! ڏسو اهو نالو مبارڪ الله کي ايترو تہ پيارو آهي جو ان نالي واري کي عذاب ڏيڻ بہ رب جي رحمت کي گوارا نہ آهي.

پوءِ اهي ماڻهو ڪيڏا نہ وڏا بدبخت ۽ بدنصيب آهن جيڪي محمد بخش، رسول بخش، ۽ احمد بخش جهڙي نالن رکڻ کي شرڪ چئي رهيا آهن.

حضور اڪرم نور مجسم ﷺ جن فرمايو تہ اللہ تعاليٰ جو فرمان مبارڪ آهي تہ: وَعِزَّتِيْ وَ جَلَالِيْ لَا اُعَذِّبُ اَحَدًا تُسَمّٰى بِاسْمِكَ فِي النَّارِ (دلائل النبوة) اي منهنجا حبيب! مون کي پنهنجي عزت ۽ جلال جو قسم . جنهن جو نالو محمد هوندو ان کي هرگز جهنم ۾ داخل نہ ڪندس. سبحان اللہ! ڏسو اسان جي پياري آقا جو نالو مبارڪ بہ مفيد و نافع ۽ مصيبن ۽ بلائن جو دافع آهي.

اے صل علیٰ نام ہے کیا نام محمد ﷺ
گر توں کو یہ لیتا ہے بچا نام محمد ﷺ
یہ نام کوئی کام بگڑنے نہیں دیتا
بگڑی کو بھی لیتا ہے بنا نام محمد ﷺ

جڏهن نالو مبارڪ رافع و نافع ۽ دافع البلا آهي تہ پوءِ ان نالي مبارڪ وارو محبوب تہ بدرجي اوليٰ رافع، نافع، شافع ۽ دافع البلا والمرض آهي.

روتی آنکھ ہنساتے یہ ہیں
جلتی آگ بجھاتے یہ ہیں
رافع، نافع، دافع، شافع،
کیا کیا رحمت لاتے یہ ہیں

اللہ تعاليٰ شال اسان سيني کي سردار دو عالم نور مجسم ﷺ جن جي غلامي نصيب فرمائي ۽ سندن سچي الفت ۽ محبت عطا فرمائي. آمين.

وما علينا الا البلاغ

پيو جمعو

فضائل صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه ۽ وفات

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ وَعَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَالَّذِيْ جَاءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهٖ اُولٰٓئِكَ هُمُ الْمُتَّقُوْنَ۔

(پ ٢٤ سوره زمر ع ١)

ترجمو: ۽ اهو جيڪو هي سچ کڻي تشريف وٺي آيو ۽ اهو جنهن هن جي تصديق ڪئي، اهي ئي آهن خوف وارا.

منهنجي اڄوڪي تقرير جو عنوان آهي "فضائل سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه ۽ سندن وفات.

دوستو عزيزو! حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله عنه سهڻي سردار مدني تاجدار حضرت محمد ڪريم ﷺ جن جو پيارو يار، وفادار، جانثار، يار غار، يار مزار ۽ خليفه بلا فصل آهي. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جو سهرو آهي. سندن نالو عبدالله ڪنيت ابوبڪر لقب صديق ۽ عتيق آهي. سندن والد جو نالو عثمان. ڪنيت ابو قحافه. والده جو نالو سلمىٰ ڪنيت ام الخير آهي. سندن سلسله نسب ڇهين پشت ۾ حضور اڪرم ﷺ جن سان ملي ٿو.

اخلاق ۽ عادات:

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالىٰ عنه فطرتا اخلاق حميده سان متصف هئا. رحمدلي، پارسائي ، راست بازي، ديانت داري، فياضي، مفلسن ۽ بي نوا جي دستگيري قرابت دارن جو خيال ڪرڻ، مهمان نوازي، مصيبت زدن جي اعانت ڪرڻ. غرض ان قسم جي تمام محاسن سان

موصوف هئا. سندن شان ۾ عظمت جو الله تعاليٰ قرآن پاڪ ۾ بيان ڪيو آهي: وَالَّذِي جَاءَ بِالصِّدْقِ وَصَدَّقَ بِهِ أُولَٰئِكَ هُمُ الْمُتَّقُونَ

(پ ٢٤ سوره زمر ع ١)

ترجمو: ۽ اهو جيڪو هي سچ کڻي تشريف وٺي آيو ۽ اهو جنهن هن جي تصديق ڪئي، اهي ئي آهن خوف وارا.

ان آيت ڪريمه جي تحت مفسرين ڪرام مثلاً: امام فخر الدين رازي تفسير ڪبير جلد 3 ص 14. امام ابن جرير تفسير ابن جرير ۾ امام جلال الدين سيوطي تفسير در منثور ج 5 ص 328 ۽ تفسير جلالين ۾ امام نسفي تفسير مدارڪ ۾ امام آلوسي تفسير روح المعاني، ج 24 ص 3، علامه اسماعيل حقي تفسير روح البيان ج 8 ص 108. امام خازن تفسير خازن ج 6 ص 76 ۾، تفسير قرطبي ۾ علامه مراغي تفسير مراغي ۾ فرمايو آيت: جاء بالصدق کان مراد حضور اڪرم ﷺ جن آهن ۽ وصدق به کان مراد حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه آهن. وڌيڪ هي ته شيعن جي معتبر تفسير مجمع البيان ۾ به ائين ئي لکيل آهي.

وَالَّذِي جَاءَ بِالصِّدْقِ رَسُولُ اللَّهِ ﷺ وَصَدَّقَ بِهِ أَبُوبَكْرٍ

(تفسير مجمع البيان ج ٥ ص ٤٩٨)

سندن صحابي هجڻ قرآن پاڪ مان ثابت آهي:

إِذْ أَخْرَجَهُ الَّذِينَ كَفَرُوا ثَانِيَ اثْنَيْنِ إِذْ هُمَا فِي الْغَارِ إِذْ يَقُولُ لِصَاحِبِهِ لَا تَحْزَنْ إِنَّ اللَّهَ مَعَنَا (پ ١٠ سوره توبه ع ٦)

ترجمو: جڏهن ڪافرن جي شرارت سبب انهن کي ٻاهر تشريف وٺي وڃڻو پيو صرف ٻن جانين سان جڏهن اهي ٻئي غار ۾ هئا جڏهن پنهنجي دوست کي فرمائي رهيو هيو ته غم نه ڪر بيشڪ الله تعاليٰ اسان سان گڏ آهي.

سمجهاڻي: هجرت جي رات حضرت نبي ڪريم ﷺ جن الله جي حڪم سان حضرت سيدنا ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي ساڻ ڪري غار ثور جي طرف روانا ٿيا. جان نظر کڻي ڏٺائون ته ڪافر غار جي طرف اچن ٿا.

پنهنجي جان جو خيال يا فڪر نہ ڪيائين. بلڪ حضور ﷺ جن جي جان جو خيال ۽ فڪر ڪيائين ڇوتہ قرآني آيات ڪتب احاديث ۽ لغت مان واضح آهي تہ "حزن" ٻئي جي لاءِ ٿيندو آهي. ۽ خوف پنهنجي لاءِ. محب کي محبوب جو خيال هوندو آهي نہ پنهنجو. ڪافرن کي ڏسي عرض ڪيائين: تہ سائن ڪافر اچي ويا آهن. حضور ﷺ جن ڪين فرمايو تہ " لاتحزن" منهنجو خيال نہ ڪريو. ان الله معنا. الله اسان سان ساٿي آهي. الله تعالىٰ اهڙو انتظام فرمايو جو ڪوريئڙي غار جي مٿان تاني اٽي ڇڏي ۽ ڪٻري کي حڪم ٿيو ۽ ان آنا لاتا. جڏهن ڪافر پيرڳٽي غار جي منهن وٽ پهتا ڏسي سوچيائون جيڪڏهن غار ۾ وڃن ها تہ هي ڪوريئڙي جي تاني ٽٽل هجي ها ۽ ڪٻري جا آنا بہ سلامت نہ هجن ها. يقينن ٿين تہ هتي نہ آهن. تنهن ڪري واپس موٽي ويا. حضرت صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه جي محبت ۽ عشق تہ ڏسو جڏهن غار ثور وٽ پهتا تہ صديق اڪبر رضي الله تعالىٰ عنه عرض ڪيو تہ آقا اول مون کي وڃڻ ڏيو تہ مان غار کي صاف ڪيان. متان ڪا ايذا ٿيندڙ شيءِ هجي تہ مون کي پهرين تڪليف اچي پر محبوبن کي تڪليف نہ پهچي. ان غار ۾ هڪ نانگ رهندو هو. غار ۾ چوڏاري سوراخ هئا. سڀ سوراخ پنهنجي چادر ڦاڙي ان سان بند ڪيائين. باقي هڪ سوراخ رهجي ويو. ان کي پنهنجي ڪڙيءَ سان بند ڪيائين. پوءِ محبوبن کي اندر سڏيائين. سهڻا حبيب ﷺ جن صديق اڪبر رضي الله عنه جي جهولي ۾ آرامي ٿيا.

زمین پر عرش اعلیٰ کے نشاں معلوم ہوتے تھے
ابوبکر صدیق کی گود میں دونوں جہاں معلوم ہوتے تھے

نانگ بہ حبيبن ڪريمن ﷺ جي ديدار جو مشتاق هيو ان ڏنگ هڻڻ شروع ڪيا جڏهن زهر صديق اڪبر جي اندر ۾ اثر ڪيو تہ سندس اکين مان لڙڪ وهي پيا. جيڪي سهڻي سردار ﷺ جن جي ڳلن مبارڪن تي پيا. تہ پاڻ اکيون مبارڪ کوليائون. ابوبڪر ڇا ڳالهه آهي؟ عرض ڪيائين تہ

سائين کا ايذا ڏيندڙ شيءِ ايذائي رهي آهي، پاڻ فرمايائون تہ پير هٽاءِ، پير هٽايائين تہ نانگ ٻاهر نڪتو حبيب ڪريمن ﷺ جي قدمن کي چمڻ لڳو، غور ڪيو نانگ ٻين ٻلن ڪان بہ وڃي سگهي پيو مگر وڃي نہ پيو ڇوتہ هن کي خبر هئي تہ جيستائين صديق اڪبر جا پير نہ چمبا تيستائين حبيبن ﷺ جن جي قدمن کي چمي نہ سگهبو. محبوبن زهر واري جاءِ تي لعاب مبارڪ لڳايو تہ زهر جو اثر ختم ٿي ويو. صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه عرض ڪيو تہ سائين ڏاڍي اڃ لڳي آهي، اهو صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه بہ سمجهي پيو تہ هت پاڻي ڪٿي آهي. مگر ان جو عقيدو هيو تہ جنهن محبوب سان ساڻ آهيان اهو مختار ڪائنات آهي، جيڪڏهن چاهن تہ هت بہ پاڻيءَ جا چشما جاري ڪري پاڻي پياري سگهن ٿا. سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعالي عنه جي عرض ڪرڻ تي ائين ڪونہ فرمايائون تہ ابوبڪر هتي پاڻي ڪٿي آهي. مان توکي ڪٿان ٿو پاڻي پيئاري سگهان. مان تہ ڪنهن نفع ۽ نقصان جو مالڪ نہ آهيان مان ڪجهہ نہ ٿو ڪري سگهان مون کي تہ ڪو اختيار ڪونهي. جيئن ڪي نالو نهاد مسلمان مبلغ چوندا رهندا آهن مگر حضور اڪرم ﷺ جن کين فرمايو: "اذهب الي صدر الغار فاشرب" غار جي مٿئين حصي ۾ پاڻي پي اچ. صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو تہ:

فَانْطَلَقْتُ فَشَرِبْتُ مَاءً اَحْلٰى مِنَ الْعَسَلِ وَاَبْيَضَ مِنَ اللَّبَنِ وَاَذْكٰى رَائِحَةً مِّنَ الْمِسْكِ۔

مان وڃي پاڻي پيتم جيڪو ماکيءَ کان زياده مٺو کير کان وڌيڪ اڇو ۽ مشڪ ۽ عنبر کان زياده خوشبودار هو. اعلي حضرت علامه مولانا شاه احمد رضا خان قادري فاضل بريلوي رحمته الله عليه ان موقعي جي مناسبت سان ڪهڙو نہ عمدو شعر چيو آهي:

مانگیں گے مانگے جائیں گے منہ مانگی پائیں گے
سرکار میں نہ لا ہے نہ حاجت اگر کی ہے

حضرت سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه فرمائن ٿا ته مان ڏهن پاڻي پي واپس آيم ته پڇيائون "شربت" تو پاڻي پيتو آهي. مان عرض ڪيم: "نعم يا رسول الله فداك ابي و امي" هائو سائين! منهنجا پيءُ ۽ ماءُ اوهان تان گهور ٿين. مسڪرائي فرمايائون ابوبڪر صديق مان توکي هڪ خوشخبري ٻڌايان ٿو ته: اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى اَمَرَ الْمَلَكَ الْمُوَءَ كُلِّ بِاَنْهَارِ الْجَنَّةِ اِنْ اَخْرِقَ نَهْرًا مِنَ الْجَنَّةِ الْفِرْدَوْسِ اِلٰى صَدْرِ الْغَارِ فَشَرِبَ اَبُوْبَكْرٍ. الله تعاليٰ انهار جنت جي صدر فرشتي کي حڪم فرمايو ته جنت الفردوس مان هڪ نهر کوٽي ڪري غار جي ڪناري تائين پهچاءِ ته جيئن منهنجو صديق اڪبر پاڻي پي ڏهُ ڪري. حضرت نبي ڪريم ﷺ جن فرمائن ٿا ته: اي ابوبڪر صديق:

وَالَّذِيْ بَعَثَنِيْ بِالْحَقِّ نَبِيًّا لَا يَدْخُلُ الْجَنَّةَ مُبْغِضُكَ وَلَوْ كَانَ لَهُ عَمَلُ سَبْعِيْنَ نَبِيًّا۔

مون کي ان ذات جو قسم جنهن مون کي نبي برحق ڪري مبعوث فرمايو آهي توسان بغض رکڻ وارو جنت ۾ هرگز نه ويندو. اگرچه ان جا عمل ستر انبياءُ جي برابر هجن.

سبحان الله! ڪيترو مرتبو ۽ مقام آهي سيدنا صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جو. ثبوت لاءِ پڙهي ڏسو (تفسير در منثور ج 2 ص 242، تفسير روح البيان ج 3 ص 435، سيرت حلبيه ج 3 ص 107، رياض النضره ج 1 ص 193) تي اها مذڪوره روايت درج آهي.

دوستو! هر موقعي تي هر موڙ تي حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه، حضور ﷺ جن سان گڏ آهن. اسلام ۾ گڏ مڪي ۾ گڏ. هجرت ۾ گڏ، غار ۾ گڏ. بدر ۾ گڏ. حنين ۾ گڏ. مديني ۾ گڏ. احد ۾ گڏ. روضه انور ۾ گڏ ۽ جنت ۾ به گڏ. سبحان الله! اهو به ياد رهي ته حضور نبي ڪريم ﷺ جن لاءِ غار ثور ۾ ماني ۽ کير حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي گهر کان ايندو هو. پڙهي ڏسو (شيعن جو معتبر تفسير منهج الصادقين ج 4 ص 261)

اتي بہ ڪالهہ ذهن ۾ رکي:

مخالف چوندا آهن ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه الله جي حڪم سان نه پر پنهنجي مرضي سان پنيان ڪيڏ لڳا هئا. پوءِ مجبورا پاڻ ﷺ جن کين وٺي ويا. حالانڪ سندن اهو چوڻ بلڪل غلط ۽ دشمنيءَ جي بنياد تي آهي. سندن ڪتابن ۾ واضح لفظن سان لکيل آهي ته:

ترا امر کرده است که ابوبکر راهمراه خود ببری

يعني الله تعاليٰ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کي حڪم فرمايو ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي ان سفر ۾ پاڻ سان وٺي وڃو. (ڏسو شيعن جا معتبر ڪتاب (حيات القلوب ج ٢ ص ٥٩١، بحار الانوار ج ١٩ ص ٣٣٢، مجالس المؤمنين ج ١ ص ٤٨٥، آثار حيدري اردو ص ٤٠١)

پلصراط جي سند

هڪ ڀيري حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه شير خدا حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي طرف ڏسي مسڪرايو ته حضرت شير خدا رضي الله تعاليٰ عنه مسڪرائڻ جو سبب پڇيو. اوهان فرمايو ته اي علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه اوهان کي مبارڪ هجي. حضور اڪرم ﷺ جن مون کي ارشاد فرمايو ته جيستائين علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه پلصراط تان گذرڻ جي سند نه ڏيندو تيستائين اهو پلصراط تان گذري نه سگهندو ان تي شير خدا حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه به مسڪرائي ڏنو ۽ ارشاد فرمايائون اي امير المومنين خليفة المسلمين اوهان کي به مبارڪ هجي جڏهن حضور اڪرم ﷺ جن اهو ارشاد فرمايو هو ان سان گڏ مون کي اهو حڪم به فرمايو هئائون ته: اي علي المرتضيٰ رضي الله عنه اوهان پلصراط جي سند ان شخص کي هرگز نه ڏجو جنهن جي دل ۾ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو بغض ۽ عداوت هجي بلڪ سند ان کي ڏجو جيڪي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو محب ۽ نياز مند هجي. پڙهي ڏسو (نزهتہ المجالس

اردو ترجمه ج 2 ص 527، رياض النضره ج 3 ص 334)

ان مان ثابت ٿيو ته: حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله عنه جي پاڻ ۾ محبت ۽ الفت هئي ۽ قيامت جي ڏينهن حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي حمايت ۽ مدد انهن ماڻهن کي حاصل هوندي جيکي حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جا محب ۽ غلام هوندا.

صديق جو لقب:

يَا عَائِشَةُ اَنَا سَيِّدُ الْمُرْسَلِيْنَ وَاَبُوْكِ اَفْضَلُ الصِّدِّيْقِيْنَ وَاَنْتِ اُمُّ الْمُؤْمِنِيْنَ (الرياض النضره فى مناقب عشره مبشره ج ١ ص ٣١)

اي عائشه مان سيد المرسلين آهيان، ۽ تنهنجو پيءُ افضل الصديقين آهي ۽ تون ام المومنين آهين. شيعن جو مفسر القران علي بن ابراهيم القمي پنهنجي تفسير ۾ "اذهما في الغار" واري آيت جي تحت حضرت امام جعفر صادق رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت ڪري ٿو ته:

"فَقَالَ لَهٗ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اَنْتَ الصِّدِّيْقُ" شيعن جو معتبر ڪتاب (تفسير قمي ج 1 ص 290)

حضرت نبي ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي فرمايو ته تون صديق آهين. حضرت نبي اکرم ﷺ جن فرمايو جڏهن مان شب معراج آسمانن تي ويس ته:

فَمَا رَاَيْتُ شَيْئاً اِلاَّ وَجَدْتُ اِسْمِيْ فِيْهِ مَكْتُوْباً مُحَمَّدٌ رَسُوْلُ اللّٰهِ وَاَبُوْبَكْرِ نِ الصِّدِّيْقُ خَلِيْفَتِيْ (الرياض النضره ص ٦٨)

مان کيل ڏٺو ته: محمد الله جو رسول آهي ۽ ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه منهنجو خليفو آهي.

بيشڪ حضرت ابوبکر صديق رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت نبي اکرم ﷺ جن جو برحق خليفو آهي، اهڙي تصديق حضور اکرم ﷺ جن به فرمائي آهي:

إنَّ أبا بكرٍ يلي الخلافة بعدي ثم أبوكِ فقالت من أخبرك بهذا؟ قال الله الخبيرُ (شيعن جو معتبر ڪتاب (تفسير قمي ج ٢ ص ٣٧٦، بحار الانوار ج ٢٢ ص ٢٣٩)

نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو ته: الله تعاليٰ مون کي خبر ڏني آهي ته مون کان پوءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خليفو ٿيندو ۽ ان کان پوءِ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه خليفو ٿيندو.

انصاف سان پڙهيو حضرت نبي اڪرم ﷺ جن جي ان ارشاد مبارڪ کان پوءِ به جيڪڏهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي صداقت ۽ خلافت جو انڪار ڪري ته اها ڪيڏي نه حماقت ۽ گمراهي آهي.

وڌيڪ ثبوت ۾ هيءَ حديث به پڙهو. حضرت جبير بن مطعم رضي الله عنه کان روايت آهي ته: هڪ عورت حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ حاضر ٿي ۽ ڪنهن معاملي ۾ گفتگو ڪيائين تنهن تي حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو ته ڪنهن ٻئي وقت ۾ اچجانءِ عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول! جيڪڏهن مان اچان پر توهان کي نه لهان (يعني اوهان وصال فرمائي وڃو ته) پوءِ مان ڇا ڪريان؟ فرمايائون ته جيڪڏهن مون کي نه لهين ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه وٽ اچجانءِ:

قال فإن لم تجديني فأتي أبابكرٍ متفق عليه (مشكواة شريف باب مناقب ابي بكر ج ٢ ص ٥٥٥، شيعن جو معتبر ڪتاب تلخيص الشافي ج ٣ ص ٣٩)

حضور اڪرم ﷺ جن ارشاد مبارڪ مان به چڱيءَ طرح سان ثابت آهي ته حضور اڪرم ﷺ جن کان بعد حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه خليفو ٿيندو. تڏهن ته پاڻ ڪريم ﷺ جن ان عورت کي فرمايو ته مان نه هجان ته حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه وٽ اچجانءِ. ان کان علاوه خلافت لاءِ ٻيو واضح ثبوت ڪهڙو ٿي سگهي ٿو.

حضرت امام جعفر صادق فرمائن ٿا ته:

ابوبكرٍ الصديق جدي هل يسب احد آبائه لا قدمني ان لا اقدمه

(احقاق الحق مطبوعه ايران ج ١ ص ٣٠)

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه منهنجو نانو آهي، ڇا ڪوئي پنهنجي وڏن کي گاريون ڏيڻ پسند ڪندو. الله تعاليٰ مون کي ڪوئي شان ۽ عزت نہ ڏئي جو مان "صديق" جي عزت ۽ عظمت کي نہ مڃان.

ڏسو حضرت امام صادق رحمته الله عليه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي "صديق" جي لقب سان ياد فرمايو آهي. ۽ پنهنجي آباءُ و اجداد ۾ شمار ڪيو آهي. ۽ان جي عزت ۽ عظمت کي پنهنجي لاءِ لازمي قرار ڏنو آهي.

حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو جڏهن مون کي معراج ڪرايو ويو مان ارادو ڪيو تہ ان واقعي جي خبر قريشن کي ڏيان، پوءِ انهن مان خبر ڪئي تہ انهن معراج جي واقعي کي ڪوڙو سمجهيو.

وَ صَدَّقَ اَبُوْبَكْرٍ فَسُمِّيَ يَوْمَئِذٍنِ الصِّدِّيْقُ

۽ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ان واقعي کي سچو چيو. تنهن ڪري ان ڏينهن کان وٺي کيس "صديق" نالو رکيو ويو. (طبراني ڪبير)

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي "صديق" جو لقب حضرت نبي ڪريم ﷺ جن عطا ڪيو آهي، ڪين صديق جي لقب سان ياد فرمايو آهي. احد پهاڙ تي تشريف فرما ٿين ٿا تہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه، حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه بہ ساڻ آهن تہ احد پهاڙ ڪنبڻ لڳو، پاڻ ڪريمن ﷺ پنهنجو پير مبارڪ احد جبل کي هڻي فرمايو:

اُثْبُتْ اُحُدُ فَاِنَّمَا عَلَيْكَ نَبِيٌّ وَ صِدِّيْقٌ وَ شَهِيْدَانِ (رواه البخاری، مشكواة شريف ص ٥٦٣، شيعن جي معتبر ڪتاب احتجاج طبرسی ج ١ ص ٣٢٦)

بيهي وڃ احد، توتي نبي، صديق ۽ بہ شهيد تشريف فرما آهن.

هاڻي ذرا غور ڪيو اهو صديق جو لقب ان پياري زبان مبارڪ مان نڪتو آهي جنهن جي متعلق ارشاد رباني آهي تہ:

مَا يَنطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ، إِنْ هُوَ إِلَّا وَحْيٌ يُوحَىٰ۔ (سوره النجم پ ٢٧ ع ١)

۽ ڪابہ ڳالھ پنهنجي خواهش سان نہ ٿو ڪري اهو تہ نہ آهي. مگر وحي جيڪو ڪيس موڪليو وڃي ٿو.

آئمہ اهل بيت بہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ ڪي "صديق" جي لقب سان ياد ڪندا هئا. جيئن شيعن جي معتبر ڪتاب ۾ لکيل آهي تہ:

حضرت امام محمد باقر رضي الله تعاليٰ عنہ کان تلوار جي مٺي کي چانديءَ سان جڙاءُ ڪرڻ بابت مسئلو پڇيو ويو: امام صاحب فرمايو تہ جائز آهي ڇوتہ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ پنهنجي تلوار تي جڙاءُ ڪيو هو. (سائل حيران ٿي) پڇيو تہ سائين توهان بہ ڪيس صديق چئو ٿا؟ پوءِ امام صاحب ٽپو ڏئي (ڪاوڙجي) اٿيو ۽ قبلي جي سامهون بيهي چيائين تہ "نَعَمْ الصِّدِّيقُ نَعَمْ الصِّدِّيقُ نَعَمْ الصِّدِّيقُ فَمَنْ لَمْ يَقُلْ لَهُ الصِّدِّيقُ فَلَا صَدَّقَ اللهُ لَهُ قَوْلًا فِي الدُّنْيَا وَفِي الْآخِرَةِ (شيعن جو معتبر ڪتاب ڪشف الغمہ ج 2 ص 147، احقاق الحق ج 1 ص 29)

هائو اهو "صديق" آهي، هائو اهو "صديق" آهي، هائو اهو "صديق" آهي جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ کي "صديق" نہ چوي تہ الله تعاليٰ دنيا ۽ آخرت ۾ ان کي ڪوڙو ڪري.

وَالسَّابِقُونَ الْأَوَّلُونَ مِنَ الْمُهَاجِرِينَ وَالْأَنصَارِ

آيت ڪريمہ جي تحت تفسير مجمع البيان ۾ مذڪور آهي تہ:

إِنَّ أَوَّلَ مَنْ أَسْلَمَ بَعْدَ خَدِيجَةَ أَبُوبَكْرٍ

(شيعن جو معتبر ڪتاب تفسير مجمع البيان ج ٣ ص ٦٥)

يعني سيده خديجہ رضي الله تعاليٰ عنها جي بعد سڀ کان پهريون اسلام قبول ڪرڻ وارو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ آهي. ثابت ٿيو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جي هر احڪام جي تصديق ڪرڻ وارو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنہ هو جنهن ڪري صحابہ ڪرام

۾ "الصديق" جي لقب سان مشهور هئا.

حضرت عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنه بارگاهه نبوت ۾ هڪ ڀيري عرض ڪيو ته: هَلْ يَكُونُ لِاَحَدٍ مِّنَ الْحَسَنَاتِ عَدَدَ نُجُومِ السَّمَاءِ "ڇا آسمان جي ستارن جي تعداد برابر به ڪنهن جون نيڪيون آهن. فرمايائون: نَعَمْ عُمَرُ عائشه، ها اهو عمر فاروق آهي. ٻيهر عرض ڪيائين، فَأَيْنَ حَسَنَاتُ اَبِيْ بَكْرٍ. حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه جي نيڪين جو ڇا حال آهي. حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو: اِنَّمَا جَمِيْعُ حَسَنَاتِ عُمَرَ كَحَسَنَةٍ وَاحِدَةٍ مِنْ حَسَنَاتِ اَبِيْ بَكْرٍ (مشكواة شريف ص ٥٦٠) حضرت عمر فاروق رضي الله عنه جون ساريون نيڪيون حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي هڪ نيڪيءَ جي برابر آهن.

دوستو! هن حديث مان ثابت آهي ته: حضور اڪرم ﷺ جن کي ستارن جي تعداد جو به علم آهي ۽ پنهنجي هر امتي جي اعمال جو به علم آهي.

ترمذي شريف ۾ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته: حضرت رسول الله ﷺ جن اسان کي خيرات ڪرڻ جو حڪم ڏنو (غزوه تبوڪ دوران) مون وٽ ان وقت مال هيو مون چيو اڄ عمر کان گوءِ کٽي ويندس. پوءِ مان پنهنجو اڌ مال وٺي آيس. پاڪ ڪريم ﷺ جن فرمايو ته: ما ابقيت لاهلك اي عمر. اي عمر گهر وارن لاءِ ڇا ڇڏي آهين؟ عرض ڪيم: مثله. ايترو جيترو هتي آندو اٿم. وَاَتَى اَبُوْبَكْرٍ بِكُلِّ مَا عِنْدَهُ. ابوبڪر آيو ته ساري گهر جو سامان کڻي آيو. پاڪ پڇيائونس مَا اَبْقَيْتَ لِاَهْلِكَ اي ابوبڪر ابوبڪر گهر وارن لاءِ ڇا ڇڏي آيو آهين عرض ڪيائين ته سائين اَبْقَيْتُ لَهُمُ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهُ، انهن لاءِ مون الله ۽ ان جو رسول ڇڏي آيو آهيان. پوءِ چيو ته مان ڪڏهن به ابوبڪر کان گوءِ نه ٿو کٽي سگهان. (ترمذى شريف ج ٢ ص ٢٠٨، مشكواة شريف ص ٥٥٦، سنن ابى داؤد ج ١ ص ٢٣٦) دوستو! حديث تي غور ڪريو، ڏسو حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جي ايثار ۽ قربانيءَ سان گڏ سندن حاضر

وناظر جو عقيدو بہ ثابت آهي.

حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي فرمايو رسول الله ﷺ جن تہ: مون تي ڪنهن جو احسان نہ آهي جنهن جو بدلو مون ڏنو نہ هجي. سواءِ حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي. ان جو مون تي احسان آهي جنهن جو بدلو کيس قيامت ۾ الله تعاليٰ ڏيندو.

وَمَا نَفَعَنِيْ مَالُ اَحَدٍ قَطُّ مَا نَفَعَنِيْ مَالُ اَبِيْ بَكْرٍ

مون کي ڪنهن جي مال ايترو نفعو نہ ڏنو جيترو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي مال نفعو ڏنو. (مشڪوات شريف ج 2 ص 555)

- حضرت نبي اڪرم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جن جي شان ۾ صحابہ ڪرام جي مجلس ۾ سڀني هميشہ فرمائيندا هئا تہ:

مَا سَبَقَكُمْ اَبُوْبَكْرٍ بِصَوْمٍ وَّلَا صَلٰوةٍ وَّلٰكِنْ بِشَيْءٍ وَّقَرَ فِيْ صَدْرِهٖ

(شعين جو معتبر ڪتاب مجالس المؤمنين ج ١ ص ٢٠٦)

توهان کان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو ترقي ڪئي آهي اها نماز روزي جي ڪري نہ آهي پر اها ان شيءِ جي ڪري آهي جنهن سان ان جي دل ڀريل آهي (يعني قلب جي صفائي ڪري).

حضرت صديق اڪبر رضي الله تعاليٰ عنه جو مرتبو ۽ مقام تہ ڏسو. حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي آخري ايام ۾ جڏهن مرض تمام شدت اختيار ڪئي جو مسجد شريف ڏانهن وڃڻ مشڪل ٿي پيو تہ پاڻ ڪريم ﷺ جن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه کي پنهنجي مصلي تي امامت ڪرڻ جو امر فرمايو. حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حسنين ڪريمين کيس امام سمجهي پٺيان نمازون پڙهندا رهيا.

اِنَّ اَبَابَكْرٍ صَلّٰى بِالنَّاسِ بَعْدَ ذٰلِكَ بِوَمَيْنِ ثُمَّ مَاتَ

ان کان پوءِ بہ ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه نماز جي امامت ڪئي پوءِ حضور اڪرم ﷺ جن وصال فرمايو. هي ڏسو

شيعن جا معتبر ڪتاب الدرة النجفية شرح نهج البلاغه ص ٢٢٥، شرح نهج البلاغه ابن ابی حديد ج ٢ ص ٥٤٣) مطلب ته ٻارهين ربيع الاول جي فجر تائين سترهن نمازون حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه پڙهايون. دوستو! حضور اڪرم ﷺ جن جو مصلي تي امام ڪري بيهارڻ سندن ايمان تي صديق جي مهر هڻڻ آهي. ۽ اهو حڪم الله جي مرضيءَ جي مطابق هو ڇو ته نبي اڪرم ﷺ جو حڪم وحي يوحيٰ هوندو آهي.

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوَىٰ اِنْ هُوَ اِلاَّ وَحْيٌ يُّوْحَىٰ

اهو ئي سبب هو جو حضرت علي ڪرم الله وجهه کين خليفو برحق سمجهي سندن هٿ تي بيعت ڪئي.

وجاء علي عليه السلام فبايع (بحار الانوار ج 28 ص 398)

حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه آيو ۽ (حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي هٿ تي) بيعت ڪئي.

ثُمَّ تَنَاوَلَ يَدَ اَبِيْ بَكْرٍ فَبَايَعَ (شيعن جو معتبر ڪتاب احتجاج طبرسي ج 1 ص 110)

پوءِ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جو هٿ وٺي بيعت ڪئي.

سندن وفات:

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه جي وفات جو اصل سبب حضور انور سيد عالم ﷺ جن جي وصال مبارڪ جي جدائيءَ جو صدمو هو. جيڪو سندن دل تي آخري دم تائين رهيو. حضرت بيبي عائشه صديقه رضي الله تعاليٰ عنه جي وفات جي شروعات هيئن ٿي ته جو 7 جمادي الاخر سن 13 هه غسل فرمايائون سردي جي موسم هئي تنهن ڪري کين بخار ٿي پيو. جيڪو قريبن 15 ڏينهن رهيو. آخر مرض روز بروز شدت سان وڌندو رهيو آخر سندن وفات 22 جمادي الاخر سن 13 هجري سومر جي ڏينهن ٿي. ان وقت سندن عمر 63 سال هئي. ۽ سندن جنازي جي نماز حضرت عمر فاروق

رضي الله تعاليٰ عنه پڙهائي. سندن خلافت ٻہ سال ڇهہ مهينا ۽ ڏهہ ڏينهن آهي. سندن وصيت مطابق سندن جنازو مبارڪ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن جي دروازي تي آندو ويو ۽ عرض ڪيو ويو تہ: اَلسَّلامُ عَلَيكَ يَا رَسُولَ اللهِ ﷺ. حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه اوهان جي دروازي تي حاضر آهن. دروازو خود بخود کلي پيو ۽ قبر شريف مان آواز آيو، اُدْخُلُوْ الْحَبِيْبَ اِلَي الْحَبِيْبِ. دوست کي دوست سان ملايو.

ثانی اثنین ہے اللہ کا شیدائی
جس نے پہلوئے احمد میں جگہ پائی

اڄ محبوب ڪريم ﷺ جن سان روضہ اطهر ۾ گڏ آهن. ۽ قيامت جي ڏينهن ٻہ روضي اطهر مان گڏ اٿندا. روضي مبارڪ وارو زمين جو ٽڪر جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي. حضرت امام جعفر صادق رحمتہ الله عليه روايت ڪري ٿو تہ حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو:

مَا بَيْنَ بَيْتِيْ وَ مِنْبَرِيْ رَوْضَةٌ مِّنْ رِيَاضِ الْجَنَّةِ (شيعن جو معتبر ڪتاب فروع ڪافی ج ٤ ص ٥٥٤).

منهنجي گهر ۽ منهنجي منبر جي وچ واري جاءِ جنت جي باغن مان هڪ باغ آهي.

منکرو! یا تو اوصاف صدیق کا اقرار کرو
ورنہ لازم ہے کہ قرآن کا انکار کرو

وما علينا الا البلاغ

نيون جمعو

عثمان ذوالنورين رضي الله تعالىٰ عنه جا فضائل ۽ سندن شهادت

نَحمَدُہٗ وَ نُصَلِّي وَنُسَلِّمُ عَلٰى حَبِيبِهِ الْكَرِيمِ اما بَعْدُ فقد قَالَ اللّٰهُ تَبَارَكَ وَ تَعَالٰى فِي الْقُرآنِ الْمَجِيدِ وَالْفُرْقَانِ الْحَمِيدِ فَاَعُوذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيمِ اَلَّذِينَ آمَنُوا وَهَاجَرُوا وَ جَاهَدُوا فِي سَبِيلِ اللّٰهِ بِاَمْوَالِهِمْ وَاَنْفُسِهِمْ اَعْظَمُ دَرَجَةً عِنْدَ اللّٰهِ واولٰئك هم الفائزون۔

(سوره توبه پ ١٠ ع ٩)

ترجمو: جن ايمان آندو ۽ هجرت ڪيائون ۽ الله جي واٽ ۾ پنهنجي مالن سان ۽ پنهنجين جانين سان جهاد ڪيو سي الله تعالىٰ وٽ مرتبي ۾ ٻلڪل وڏا آهي، ۽ اهي ئي ڪامياب آهن.

اڄوڪي تقرير جو عنوان آهي "فضائل عثمان ذوالنورين رضي الله تعالىٰ عنه ۽ سندن شهادت".

دوستو! حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالىٰ عنه، حضرت عمر فاروق رضي الله تعالىٰ عنه جي شهادت ڪان پوءِ 4 محرم سنه 24 هه ۾ اتفاق راءِ سان مسند خلافت تي جلوه افروز ٿيو. سندن نالو عثمان، ابو عبدالله ۽ ابوعمرو ڪنيت، ذوالنورين لقب آهي. والد جو نالو عفان، والده جو نالو اروي آهي. سندن سلسلہ پنجين پشت ۾ عبد مناف تي حضور ﷺ جن سان ملي ٿو. حضرت عثمان رضي الله تعالىٰ عنه جي ناني بيضا، ام حڪم حضرت عبدالله بن عبدالمطلب جي سڳي ڀيڻ ۽ حضرت رسول الله ﷺ جن جي ڦُپي هئي. ان لاءِ سندن ماءُ جي طرف کان حضور ڪريم ﷺ جن جو قريشي

رشتيدار آهي، ۽ حضور اڪرم ﷺ جن جو ڄاٽو آهي. ذوالنورين (ٻن نورن وارو) ان ڪري چيو وڃي ٿو جو حضور اڪرم ﷺ جن جون ٻه صاحبزاديون حضرت رقيه ۽ حضرت ام ڪلثوم يڪي بعد ديگري سندن نڪاح ۾ آيون آهن.

جڏهن حضرت ام ڪلثوم رضي الله تعاليٰ عنها وفات ڪري وئي آهي ته حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪي ڏاڍو ڏک ٿيو صحابه ڪرام ڪي مخاطب ٿي فرمايائون ته جيڪڏهن مون ڪي چاليهه نياڻيون هجن ها ته حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي نڪاح ۾ هڪ ٻئي پٺيان ڏيندو رهان ها. لَوْ اَنَّ اَرْبَعِيْنَ بِنْتًا زَوَّجْتُ عُثْمَانَ وَاحِدَةً بَعْدِ وَاحِدَةٍ (رياض النضره ج ٣ ص ٣١ اسد الغابه قديم ج ٣ ص ٣٦٧،٣٧٧)

اتي هي به عرض ڪندو هلان ته شيعه حضرات چون ٿا ته حضور ﷺ جن ڪي رڳو هڪ نياڻي حضرت فاطمته الزهرا رضي الله عنها هئي جنهن جو نڪاح حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه سان ٿيو آهي. باقي ٻيون آهن ئي ڪونه. حالانڪ سندن اهو چوڻ بلڪل غلط ۽ حضرت عثمان ذوالنورين رضي الله تعاليٰ عنه سان دشمنيءَ جو ثبوت آهي. سني ۽ شيعا حضرات جا ڪتاب ان حقيقت جا شاهد آهن ته: حضور ﷺ جن ڪي حضرت خديجته الڪبريٰ رضي الله عنها مان چار نياڻيون آهن.

(1) حضرت بيبي زينب رضي الله تعاليٰ عنها

(2) حضرت بيبي رقيه رضي الله تعاليٰ عنها

(3) حضرت بيبي ام ڪلثوم رضي الله تعاليٰ عنها

(4) حضرت فاطمته الزهرا رضي الله تعاليٰ عنها

ان موضوع تي وڌيڪ تفصيل سان بنده جو ڪتاب "بنات النبي ﷺ" عنقريب شايع ٿي اچڻ وارو آهي. ان جو مطالعو ڪندا. في الحال ثبوت لاءِ چند ڪتابن جا نالا حاضر آهن. (اصول ڪافي ج1 ص 439، تنقيح المقال ج 3 ص 120، ناسخ التواريخ ج 3 ص 268، منتخب التواريخ ص 24،

تفسير منهج الصادقين ج 4 ص 457، حيات القلوب فارسي ج 2 ص 588، قرب الاسناد ج 1 ص 6، مناقب آل ابي طالب ج 1 ص 162، مراة العقول ج 5 ص 180، مروج الذهب ج 2 ص 331).

كين جامع قرآن بہ چوندا آهن ۽ كاتب وحي بہ. تقريبا تمام غزوات ۾ حضرت رسول الله ﷺ جن جو همركاب رهيو آهي. ان ماڻ حضو راكرم ﷺ جن جو حضرت سيدنا عثمانَ غني رضي الله تعاليٰ عنه سان پيار ۽ محبت چڱيءَ طرح ثابت آهي. مخالفين جا كتب ان حقيقت جا خود شاهد آهن.

ذوالنورين جو ثبوت:

قَالَ شَيْخُنَا اَبُوْ عُثْمَانَ وَلَمَّا مَا تَتِ الْاِبْنَتَانِ تَحْتَ عُثْمَانَ قَالَ النَّبِيُّ ﷺ لِاَصْحَابِهٖ مَا تَنْتَظِرُوْنَ بِعُثْمَانَ الا ابو ايم الا اخو ايم زَوَّجْتُهٗ اِبْنَتَيْنِ وَلَوْا اِنَّ عِنْدِیْ ثَالِثَةً لَفَعَلْتُ قَالَ وَلِذٰلِكَ سُمِّيَ ذُوالنُّوْرَيْنِ۔ (شيعن جو معتبر كتاب شرح نهج البلاغه ابن ابی حديد ج ۳ ص ۴۶۰ بيروت)

اسان جي شيخ ابو عثمان چيو تہ جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي نكاح ۾ هڪ ٻئي پٺيان اچڻ واريون ٻئي نبي كريم ﷺ جون نياڻيون وفات كري ويون تہ رسول الله ﷺ جن پنهنجي صحابہ كرام رضوان الله عليهم اجمعين كي فرمايو تہ توهان حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه كي رنڙ تا ڇانيو ڇا؟ مان ان كي پنهنجون ٻہ نياڻيون نكاح ۾ ڏنيون. جيكڏهن مون وٽ ٽين نياڻي بہ هجي ها تہ ان جي شادي حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سان كرايان ها. راوي چيو تہ ان كري عثمان كي "ذوالنورين" چون ٿا.

شرح نهج البلاغہ فيض الاسلام جي صفحي 528 تي ذوالنورين بنسبت ائين ئي لكيل آهي. نبي اكرم ﷺ جن جو فرمان مبارڪ آهي تہ:

مَنْ زَوَّجَنِیْ اَوْ تَزَوَّجَ مِنِّیْ مِنَ الْاُمَّةِ اَحَدٌ لَايَدْخُلُ النَّارَ

لِاَنِّيْ سَئَلْتُ اللّٰهَ عَنْهُ وَعَنِّيْ.

(ڏسو شيعن جو معتبر ڪتاب تفسير لوامع التنزيل ج 2 ص 476)

امت مان جنهن مون کي نياڻي ڏني يا جنهن کي مون نياڻي ڏني اهو دوزخ ۾ هرگز نه ويندو ڇوته مون الله تعاليٰ کان سوال ڪيو هو ته الله تعاليٰ مون سان واعدو فرمايو. حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه عشره مبشره صحابه ڪرام مان به آهن. جنهن کي حضور اڪرم ﷺ جن جنتي هجڻ جي بشارت ڏني آهي.

عَنْ طَلْحَةَ بْنِ عُبَيْدِ اللّٰهِ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ
لِكُلِّ نَبِيٍّ رَفِيْقٌ وَّرَفِيْقِيْ يَعْنِيْ فِي الْجَنَّةِ عُثْمَانُ

(رواه الترمذي مشكواة شريف ج ٢ ص ٥٦١)

حضرت طلحه بن عبدالله رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته:
فرمايو رسول الله ﷺ جن هر نبي جو ڪوئي نه ڪوئي رفيق آهي ۽ جنت ۾ منهنجو رفيق حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه آهي.

حضرت عائشه رضي الله تعاليٰ عنها فرمائي ٿي ته: هڪ ڀيري حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجي گهر ۾ ستل هئا ۽ سندن پنن مبارڪن تان ڪپڙو لٿل هيو پوءِ حضرت ابوبڪر رضي الله تعاليٰ عنه اچڻ جي اجازت گهري ان کي اجازت ڏنائون ۽ پنهنجي حالت ۾ ئي ستل هئا. ۽ ڳالهه ٻولهه پئي فرمايائون وري حضرت عمر رضي الله تعاليٰ عنه اجازت گهري ۽ ان کي به اجازت ڏنائون ۽ ساڳي حالت ۾ رهيا ۽ ڳالهه ٻولهه پئي ڪيائون. وري حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه اجازت گهري ۽ ان کي به اجازت ڏنائون (مگر حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه وقت سڏا ٿي) ويٺا ۽ پنهنجي لٽي کي سڌو ڪيائون ۽ جڏهن ٽئي سگورا هليا ويا ته مان عرض ڪيو سائين حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه آيو تڏهن به توهان پنهنجي حالت ۾ ستل هئا. حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه آيو تڏهن اوهان پنهنجي جاءِ کي نه ڇڏيو پر

جڏهن حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه آيو ته اوهان سڌا ٿي ويٺا ۽ پنهنجي ڪپڙن کي سڌو ڪيو؟

قَالَ رَسُوْلُ اللهِ ﷺ اَلاَ اَسْتَحْيِيْ مِنْ رَجُلٍ تَسْتَحْيِيْ مِنْهُ الْمَلَائِكَةُ۔

فرمايائون ته ڇا آئون ان شخص کان حياءُ نه ڪريان جنهن کان ملائڪ به حياءُ ڪندا آهن. (مشڪوات شريف ج 2 ص 561)

حضرت عبدالرحمان ابن خباب رضي الله تعالیٰ عنه فرمائي ٿو ته: مون رسول الله ﷺ جي وٽ آيس ته پاڻ ڪريم ﷺ جن صحابه ڪرام کي تبوڪ جي لڙائي لاءِ اپاري رهيا هئا (۽ چندي جي اپيل ڪري رهيا هئا) پوءِ حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه اٿي بيٺو ۽ عرض ڪيائين ته اي الله جا رسول ﷺ الله جي راهه ۾ منهنجا سو اٺ سامان سميت قبول پون. حضور اڪرم ﷺ جن ٻيهر صحابه ڪرام کي اپاريو وري حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه اٿي بيهي عرض ڪيو ته الله پاڪ جي رستي ۾ منهنجا ٻه سو اٺ سامان سميت قبول پون. حضور ﷺ جن صحابه ڪرام کي ٻيهر چندي ڏيڻ لاءِ اپاريو ته حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه اٿي بيهي عرض ڪيو ته منهنجا ٽي سو اٺ سامان سميت قبول پون. حضرت عبدالرحمان بن خباب رضي الله تعالیٰ عنه فرمائي ٿو ته: مون رسول الله ﷺ جن کي منبر تان لهندي ڏٺو جو فرمائي پيا هن نيڪي ڪرڻ کان بعد حضرت عثمان غني رضي الله تعالیٰ عنه لاءِ الله تعالیٰ ڪو به گناهه نه لکندو (جو هن اهڙي وڏي نيڪي ڪئي اٿائين جيڪا ان جي پوين گناهن کي به ميٽي ڇڏيندي). (مشڪوات شريف 561)

حضرت علي ڪرم الله وجهه فرمايو آهي ته جيڪو حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه سان محبت رکي ٿو اهو قيامت جي ڏينهن حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه سان گڏ هوندو. جتي حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعالیٰ عنه هوندو اتي اهو به هوندو ۽ جيڪو حضرت سيدنا عمر فاروق رضي الله تعالیٰ عنه سان محبت رکندو

جي حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه هوندو اهو بہ اتي ئي هوندو ۽ جيڪو حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سان محبت رکندو اهو بہ اتي ان سان گڏ هوندو پوءِ جيڪو انهن تنهي سان محبت رکندو تہ اهو انهن سان جنت ۾ گڏ هوندو. (ڪنز العمال ج 13 ص 9)

عَنْ جَابِرٍ قَالَ اُتِيَ النَّبِيُّ ﷺ بِجَنَازَةِ رَجُلٍ لِيُصَلِّيَ فَلَمْ يُصَلِّ عَلَيْهِ فَقِيْلَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ مَا رَاَيْنَاكَ تَرَكْتَ الصَّلٰوةَ عَلٰى اَحَدٍ قَبْلَ هٰذَا قَالَ اِنَّهٗ كَانَ يُبْغِضُ عُثْمَانَ فَاَبْغَضَهُ اللّٰهُ

(ترمذی ج ٢ ص ٢١٢)

حضرت جابر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي تہ: حضور اڪرم ﷺ جن جي خدمت ۾ هڪ جنازو نماز پڙهڻ لاءِ آندو ويو. پاڻ ﷺ جن ان جي جنازي نماز پڙهڻ کان انڪار ڪيائون. خدمت ۾ عرض ڪيو ويو تہ اوهان پهريان ڪڏهن بہ ڪنهن جي جنازي نماز پڙهڻ ترڪ نہ فرمائي آهي. ارشاد فرمايو: تہ اهو شخص حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سان بغض رکندو هيو بس. الله تعاليٰ جي نزديڪ اهو مبغوض آهي.

ان حديث مان حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جو عالي مقام بلند مرتبو ثابت آهي ۽ ان سان دشمني، بغض ۽ عداوت رکڻ واري جو آخري انجام بہ واضح آهي.

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جو مرتبو ۽ مقام تہ ڏسو جو حضور اڪرم ﷺ جن پنهنجي هٿ مبارڪ کي حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جو هٿ قرار ڏئي، بيعت الرضوان ۾ ڪين شموليت جو شرف بخشيو آهي. وري محبت ۽ شفقت بہ ڏسو جو حضور اڪرم ﷺ جن جو حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي قيد ۽ قتل جو افواهہ بہ برداشت نہ ڪري سگهيا. فورا انتقام وٺڻ لاءِ تمام صحابہ ڪرام رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين کان قربان ٿيڻ لاءِ بيعت ورتائون. صحابہ ڪرام بہ اخلاص، عقيدت ۽ محبت جي جذبي سان سرشار ٿي بيعت ڪئي. جنهن

جو تذڪرو قرآن پاڪ ۾ موجود آهي.

لَقَدْ رَضِيَ اللّٰهُ عَنِ الْمُؤْمِنِيْنَ اِذْ يُبَايِعُوْنَكَ تَحْتَ الشَّجَرَةِ فَعَلِمَ مَا فِي قُلُوْبِهِمْ فَاَنْزَلَ السَّكِيْنَةَ عَلَيْهِمْ (پ ٢٦، سوره الفتح ع ٣)

بيشڪ الله تعاليٰ مومن کان راضي ٿيو جنهن وقت وڻ هيٺان توسان بيعت ٿي ڪيائون، پوءِ جيڪي سندن دلين ۾ هيو (صدق، اخلاص، حسن نيت ۽ شوق شهادت) سو ڄاتائين پوءِ مٿن دل جو آرام ۽ سڪون لاٿائين.

غور ڪيو تہ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه تان ڄاتيون قربان ڪرڻ ڪي الله تعاليٰ پنهنجي دائمي رضا مندي ۽ نزول سڪينہ جي بشارت ڏني آهي. حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي ايمان ۽ محبت رسول ﷺ جي طرف بہ تہ نظر ڪيو جو بيت الله جي طواف ۽ زيارت جي بي انتها شوق ۽ خواهش جي باوجود بہ رسالت ماب ﷺ جن جي بغير طواف ڪرڻ گوارا نہ ڪيائون، حالانڪ مڪ مڪرم جي ڪافرن حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه کي چيو تہ توکي اجازت آهي تون طواف ڪري سگهين ٿو. مگر قربان وڃان سندن ايمان ۽ محبت رسول الله ﷺ تان جو جواب ۾ فرمايائون حضور اڪرم ﷺ جن جي بغير مان هرگز طواف نہ ڪندس. حضور اڪرم ﷺ جن بہ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي ڪامل ايمان اخلاص ۽ محبت کي ڄاڻن پيا جو صحابہ ڪرام کي سندن سوال جي جواب ۾ فرمايائون مون کي يقين آهي تہ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه مون کان بغير طواف هرگز نہ ڪندو.

فَقَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ مَا كَانَ لِيَفْعَلَ فَلَمَّا جَاءَ عُثْمَانُ قَالَ لَهُ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اَطُفْتَ بِالْبَيْتِ فَقَالَ مَا كُنْتُ لِاَ طُوْفَ بِالْبَيْتِ وَرَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لَمْ يَطُفْ بِهٖ۔ (الروضة الكافي ج ٨ ص ٣٢٦)

جڏهن حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه واپس آيو تہ رسول الله ﷺ جن پڇا ڪئي تہ ڇا تون بيت الله جو طواف ڪيو آهي. عرض

ڪيائين سائين مان اوهان ڪان بغير طواف ڪيئن ٿو ڪري سگهان؟ شيعن جي معتبر روايت مان حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جو شان ۽ عظمت، اخلاص ۽ ڪامل ايمان ثابت آهي.

حضور ﷺ جن جڏهن صحابہ ڪرام سان گڏ هجرت ڪري مدينہ منوره ۾ تشريف فرما ٿيا تہ ان وقت مٺي پاڻيءَ جي سخت تڪليف هئي. صرف هڪ مٺو کوهہ بير رومہ يهودي جي قبضي ۾ هيو جيڪو ڳري قيمت تي پاڻي ڏيندو هو. مسلمانن کي سخت تڪليف هئي، ان تڪليف کي ڏسي حضور اڪرم ﷺ جن اعلان فرمايو تہ جيڪو شخص ان کوهہ کي خريد ڪري الله جي راهہ ۾ وقف ڪندو ان کي جنت ملندي. حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه ان کوهہ کي ڳري رقم تي خريد ڪري وقف ڪري ڇڏيو.

مسجد نبوي ننڍي هئي حضور اڪرم ﷺ جن اعلان فرمايو تہ جو شخص مسجد جي قريب واري جاءِ خريد ڪندو ان کي جنت ملندي. حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه پنجويهہ هزار روپين ۾ زمين خريد ڪري مسجد شريف ۾ شامل ڪئي.

حضور اڪرم ﷺ جن ڪين دعائون ڏنيون:

اَللّٰهُمَّ ارْضِ عَنْ عُثْمَانَ بْنِ عَفَّانٍ فَاِنِّیْ عَنْهُ رَاضٍ

(تاريخ روضة الصفا ج ٢ ص ٤٠٣)

اي الله! عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه کان توبہ خوش ٿي ۽ بيشڪ مان بہ ان کان خوش آهيان. خلفاءِ ثلاثہ جو مرتبو ۽ مقام تہ ڏسو حضرت نبي اڪرم ﷺ جن جو ارشاد مبارڪ آهي تہ:

قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ اِنَّ اَبَابَكْرٍ مِّنِّی بِمَنْزِلَةِ السَّمْعِ وَاِنَّ عُمَرَ مِنِّی بِمَنْزِلَةِ الْبَصَرِ وَاِنَّ عُثْمَانَ مِنِّی بِمَنْزِلَةِ الْفُؤَادِ۔ (معانی الاخبار ص ٣٧٨)

حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه منهنجا ڪن، حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه منهنجي اک ۽ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه منهنجي دل جي مثل آهن.

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه سڄو سال (سواءِ انهن ڏينهن جي جن ۾ روزو رکڻ حرام آهي) روزا رکندو هو شهادت جي ڏينهن روزي سان شهيد ٿيو. رات جو گهڻو حصو عبادت ۾ گذاريندو هو [illegible] هڪ رکعت ۾ سڄو قرآن شريف پورو ڪندو هو. غيب دان حضور اڪرم ﷺ جن اڳ ۾ ئي سندن شهادت جي خبر ٻڌائي ڇڏي هئي: يُقْتَلُ هٰذَا فِيهَا مَظْلُومًا لِعُثْمَانَ. (ترمذي ج 2 ص 212)

حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه فتني ۾ مظلوم ٿي شهيد ٿيندو. پيشنگوئي مطابق اهو وقت به آيو. باغين سندن گهر جو گهيرو ڪيو. حضرت امام حسن رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت امام حسين رضي الله تعاليٰ عنه جن دروازي تي متعين هئا. مدافعت ۾ زخمي ٿيا. حملي آور پٺتيون پٺي ڇت تي چڙهي ويا، ۽ حملو ڪيائون ان وقت پاڻ قرآن مجيد جي تلاوت ڪري رهيا هئا ۽ اهو ڏينهن جمعي جو هو. ظالم عمرو بن الحمق سيني تي چڙهي نيزن سان وار ڪيا. زخمي ٿي ڪري پيا. ڪنهن سنگدل وڏي تلوار جو وار ڪيو. وفادار ۽ جانثار گهر واري حضرت نائله رضي الله تعاليٰ عنها جيڪا سندن پر ۾ ويٺي هئي ان دشمن جي وار کي هٿ سان روڪيو ته سندن هٿ جون 3 آڱريون ڪٽجي پري ڪريون ۽ پاڻ زخمي ٿي پئي، ۽ حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه شهادت جو جام پيتو.

إِنَّا لِلّٰهِ وَإِنَّا إِلَيْهِ رَاجِعُونَ

اهو واقعو 18 ذوالحج جمعي جي ڏينهن سن 35 هجري عصر جي وقت پيش آيو. شهادت واري رات خواب لڌو هئائون ته حضور اڪرم ﷺ جن سان حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ۽ حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه جن به تشريف فرما آهن ۽ چئي رهيا آهن ته حضرت عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جلدي ڪر تنهنجي افطار اسان سان ٿيندي آهيون. بيدار ٿيا ته حاضرين سان ان خواب جو تذڪرو ڪيائون ۽ ...

اهليہ محترمہ کي فرمايائون تہ منهنجي شهادت جو وقت اچي ويو آهي. باغي مون کي قتل کندا. ٻئي روايت ۾ اچي ٿو تہ خواب ۾ حضور اکرم ﷺ جن فرمائي رهيا هئا تہ اي عثمان! اج جمعہ مون سان اچي پڙهجانء. (طبقات ابن سعد ج 3 ص 174/48، حاکم ج 3 ص 174/99، ابن حنبل ج 1 ص 66، مستدرک تذکره عثمان رضي الله تعاليٰ عنه)

جنازي جي نماز "مسند ابن حنبل" ۾ آهي تہ حضرت زبير رضي الله تعاليٰ عنه ۽ "ابن سعد" ۾ آهي حضرت جبير بن مطعم رضي الله تعاليٰ پڙهائي. حش کوکب ۾ حليم ۽ بردباري جي مجسمہ بيکسي ۽ مظلومي جي پيکر کي سپرد خاک کيو ويو. سندن خلافت جو مدو ٻارهن ڏينهن گهٽ 12 سال هو. ان وقت سندن عمر 82 سال هئي.

حش کوکب جي مختصر وضاحت:

حش کوکب هک مشهور جڳهہ جو نالو آهي. هي اها جڳهہ آهي جتي بني اميہ جون قبرون آهن. حس هک باغ جو نالو آهي ۽ کوکب ان باغ جي مالک صحابي سڳوري جو نالو آهي. ان باغ ۾ جنت البقيع جي درميان هک پٽ حائل هئي، جنهن کي بعد ۾ حضرت امير معاويہ رضي الله تعاليٰ عنه جنت البقيع جي توسيع خاطر کيرائي جنت البقيع سان شامل کري ڇڏيو هو. اج کلهہ سندن مزار جنتِ البقيع جي آخري ڇيڙي تي موجود آهي.

وما علينا الا البلاغ

چوٿون جمعو

حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جا فضائل ۽ سندن شهادت

اَلْحَمْدُلِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى رَسُوْلِهٖ مُحَمَّدٍ وَّ عَلٰى آلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ اَجْمَعِيْنَ۔ اَمَّا بَعْدُ۔ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطَانِ الرَّجِيْمِ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ وَيُطْعِمُوْنَ الطَّعَامَ عَلٰى حُبِّهٖ مِسْكِيْنًا وَّ يَتِيْمًا وَّ اَسِيْرًا۔
(پاره ۲۹، سوره الدهر ع ۱)

ترجمو: ۽ ان جي محبت ۾ مسڪين ۽ يتيم ۽ قيديءَ کي کاڌو کارائين ٿا.

برادران اسلامِ! اڄ مان حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه شير خدا جا فضائل ۽ شهادت جو بيان ڪندس.

عليءَ جي شان اعليٰ جو ڪري عاجز بيان ڪهڙو
ڪئي قرآن ۾ جنهن جي ثنا خود ڪبريا آهي

حضرت سيدنا عثمان غني رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت کان پوءِ چوٿين ڏينهن 21 ذوالحج سن 35 هجري تي اتفاق راءِ سان مسند خلافت تي جلاوه افروز ٿيا. سندن نالو علي، ابو الحسن ۽ ابوتراب ڪنيت، مرتضي حيدر (شير) اسد الله لقب آهن. سندن والد جو نالو عبد مناف ڪن عمران لکيو آهي، ڪنيت ابوطالب آهي. والده جو نالو فاطمه بنت اسد آهي. سندن نسب حضرت رسول الله ﷺ جن سان ٻي پيڙهي ۾ وڃي ڳنڍجي ٿو. پاڻ حضور اڪرم ﷺ جن جا سوٽ آهن. عمر ۾ حضور اڪرم ﷺ جن کان ايڪٽيهه يا ٻٽيهه ورهيه ننڍا آهن. سندن ولادت 13 رجب المرجب ڏينهن جمعته المبارڪ سن 30 عام الفيل کان پوءِ ڪعبته الله ۾ ٿي آهي. جيئن

شاه ولي الله محدث دهلوي رحمت الله عليه لکيو آهي.

قَدْ تَوَاتَرَتِ الْاَخْبَارُ اَنَّ فَاطِمَةَ بِنْتِ الْاَسَدِ وَلَدَتْ عَلِيًّا فِیْ جَوْفِ الْكَعْبَةِ (ازالة الخفاء ج ٤ ص ٤٠٦) يعني هي ڳالهه يقين جي حد تي پهتل آهي ته حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه کي سندس والده کعبت الله جي پيٽ ۾ ڄڻيو هو.

☆ پرورش:

حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي پرورش حضور اکرم ﷺ جن ڪرڻ فرمائي، پاڻ ئي سندن سنڀاليندڙ هئا، ان جو اصل ڪارڻ هي آهي ته حضرت ابو طالب گهڻي عيال وارو ۽ مسڪين هو. پرورش ۾ پيو وارڻ هي به هو ته حضور اکرم ﷺ جن کي ابو طالب يتيمي جي حالت ۾ نهايت مهرباني سان پاليو هو ۽ اهو هڪ مٿن وڏو ٿورو هيو جنهن جي لاهڻ لاءِ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي پرورش پاڻ تي ضروري ڄاڻائون. پرورش وٺڻ، گهر ۾ رهڻ، صحبت جي اثر جو نتيجو اهو نڪتو جو حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي هٿان اسلام جون بي نظير خدمتون ظاهر ٿيون. حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي فضيلت مان حضور اکرم ﷺ جن جي گهر مبارڪ ۾ پرورش لهڻ به هڪ وڏي فضيلت ۽ الاهي نعمت آهي.

☆ اسلام قبول ڪرڻ:

حضور اکرم ﷺ جن جي هنج مبارڪ ۾ پلي وڏي ٿيڻ جو نتيجو هي نڪتو ته جڏهن حضور اکرم ﷺ جن سال 609ع ۾ پنهنجي نبوت جو اعلان فرمايو ته حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه يڪدم بنا ڪنهن پچا ڳاڇا جي نبوت تي ايمان آندائون. ابو الفداءَ مورخ جو چوڻ آهي ته حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي ڄمار ان وقت نون ورهين جي هئي، ابن هشام مورخ جو خيال آهي ته: ڏهن ورهين جو هو. مطلب ته اصل حقيقت هن طرح آهي. مردن ۾ جنهن پهريائين ايمان آندو سو حضرت

ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه آهي. ننڍن ۾ سڀ کان پهريائين حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه ايمان آندو آهي. ۽ عورتن ۾ اڳرائي ڪندڙ حضرت بيبي خديجة الڪبريٰ رضي الله عنها آهي.

☆ حضرت بيبي فاطمة الزهرا رضي الله عنها سان نڪاح:

هجرت جي ٻئي سال حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جو نڪاح حضور اڪرم ﷺ جن جي تمام پياري نياڻي خاتون جنت فاطمة الزهرا رضي الله عنها سان ٿيو ان وقت بيبي صاحبه جي ڄمار پندرهن سال هئي ۽ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه ايڪويهن ورهين جا هئا. (نسائي باب النڪاح، مشڪوات ص 565)

اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان ته خلفاءِ ثلاثه حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي شادي مبارڪ تي ڏاڍا خوش ٿيا ۽ کين مبارڪون ڏنائيون. ۽ سندن شادي ۾ شريڪ رهيا ۽ سندن نڪاح جا شاهد بڻيا. ۽ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي شاديءَ ۾ کين مدد به فرمايائون. جنهن مان ثابت ٿيو ته حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه ۽ خلفاءِ ثلاثه جو پاڻ ۾ پيار ۽ محبت جو رشتو هو.

☆ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جون خصوصيات:

(1) حضرت رسول الله ﷺ جن جا سوٽ آهن.

(2) سندن ولادت ڪعبته الله شريف ۾ ٿي آهي.

(3) حضور اڪرم ﷺ جن جا پرورده (نپايل) آهن.

(4) ننڍن ٻارن ۾ اول اسلام آڻيندڙ آهن.

(5) حضور اڪرم ﷺ جن جي پياري نياڻيءَ جا ور آهن.

(6) هجرت واري وقت ۾ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن کين پنهنجي چادر ڍڪائي پنهنجي بستري تي سمهاري ڇڏيو هيو ۽ جن ماڻهن جون امانتون وٽن هيون سي سندن حوالي ڪري ڇڏيون هئائون ته جيئن انهن کي ادا ڪري ڏين. حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ائين ئي

ڪيو ويو. تمام جلسي هجرت ڪري مديني شريف ۾ پهچي ويا.

(7) بدر جي لڙائي ۾ وڏا ڪارناما ڪري ڏيکاريائون ۽ تمام گهڻن ڪافرن کي تلوار سان جهنم رسيد ڪيائون.

(8) احد جي لڙائي ۾ به وڏي خدمت ڪيائون ان لڙائيءَ ۾ حضور اڪرم ﷺ جن جي شهادت مشهور ٿي وئي. جڏهن بعد ۾ ڪين معلوم ٿيو ته پاڻ ﷺ جن فلاڻي جاءِ تي آهن ته ٻين صحابہ ڪرام سان گڏ پاڻ به يڪدم اتي پهتا.

(9) خيبر جي فتح لاءِ حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪين جهنڊو ڏئي فتح جي پيش گوئي ۽ خوشخبري ڏئي روانو ڪيو. انهيءَ ڏينهن الله تعاليٰ جي رحمت ۽ خصوصي نصرت سان اسلام کي فتح ۽ ڪاميابي ملي. حضور اڪرم ﷺ جن جو معجزو ۽ پيش گوئي پوري ٿي.

(10) جڏهن حضرت رسول الله ﷺ جن وصال مبارڪ فرمايو ته سندن غسل ڏيڻ جي خدمت ڪين نصيب ٿي.

☆ حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جي فضائل ۾ احاديث:

قرآن مجيد جي جن آيتن ۾ مهاجرن جي تعريف آيل آهي ۽ انهن کي خلافت جو مستحق هجڻ بيان فرمايو ويو آهي انهن سمورن آيتن مان حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه جا فضائل ثابت ٿين ٿا ۽ اهي آيتون اڳ ۾ بيان ڪري آيو آهيان. هيٺ احاديث مان سندن فضائل ذڪر ڪيان ٿو.

(1) حضرت ابن عمر رضي الله تعاليٰ عنه کان روايت آهي ته حضرت رسول الله ﷺ جن پنهنجن صحابن جي وچ ۾ ديني ڀائيچارو قائم ڪيو. حضرت علي المرتضيٰ رضي الله تعاليٰ عنه آيو ان جي اکين مان ڳوڙها وهي رهيا هئا ۽ چيائين اي الله جا رسول اوهان پنهنجن صحابن جي وچ ۾ ڀائيچارو قائم ڪيو ۽ منهنجي ۽ ڪنهن ٻئي جي وچ ۾ ڀائيچارو

ڪونہ فرمايو. تنهن تي حضرت رسول الله ﷺ جن فرمايو:

أَنْتَ أَخِيْ فِي الدُّنْيَا وَالْآخِرَةِ۔

تون دنيا ۽ آخرت ۾ منهنجو ڀاءُ آهين. (مشڪوات شريف ج 2 ص 564)

(2) عَنْ سَعْدِ بْنِ أَبِيْ وَقَاصٍ قَالَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ ﷺ لِعَلِيٍّ أَنْتَ مِنِّيْ بِمَنْزِلَةِ هَارُوْنَ مِنْ مُوْسٰى إِلَّا أَنَّهُ لَا نَبِيَّ بَعْدِيْ ۔ متفق عليه

(مشكواة شريف ج ٢ ص ٥٦٣، باب مناقب علی بن ابی طالب)

حضرت سعد بن ابي وقاص کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ جن حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه کي تہ تون منهنجي طرف کان انهي مرتبي تي آهين. جنهن مرتبي تي هارون موسيٰ عليه السلام جي طرف کان هيو يعني قرب مرتبي ۾ ۽ دين جي ڪم ۾ مددگار هجڻ ۾. مگر ڳالهہ هي آهي جو مون کان بعد ڪوئي نبي نہ هوندو يعني هارون نبي هو ۽ تون نبي نہ آهين.

(3) حضرت زر رضي الله عنه کان روايت آهي تہ فرمايو حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه قسم آهي ان ذات جو جنهن داڻي کي چيري ڪري انهيءَ مان وڻ پيدا ڪيو ۽ روح کي پيدا ڪيو. حضرت نبي ڪريم ﷺ مون کي فرمايو هو تہ مون سان اهو محبت رکندو جو مومن هوندو ۽ مون سان اهو بغض رکندو جو منافق هوندو. (مشڪوات شريف ج 2 ص 563)

(4) سهل بن سعد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ: حضرت رسول الله ﷺ جن جنگ خيبر جي ڏينهن فرمايو تہ سڀاڻي هيءُ جهنڊو مان اهڙي شخص کي ڏيندم جنهن جي هٿن تي الله تعاليٰ فتح ڏيندو اهو شخص دوست رکندو الله ۽ ان جي رسول ﷺ کي ۽ الله ۽ ان جو رسول ﷺ بہ ان کي دوست رکندو پوءِ جڏهن صبح ٿيو تہ صحابہ رسول الله ﷺ جن وٽ آيا ۽ سمورا صحابہ هن ڳالهہ جي اميد رکن پيا تہ جهنڊو انهن کي ملندو مگر پاڻ سڳورن ﷺ جن پڇا ڪئي تہ

اَيْنَ عَلِيُّ ابْنُ اَبِيْ طَالِب فَقَالُوْا هُوَ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ يَشْتَكِيْ عَيْنَيْهِ قَالَ فَاَرْسِلُوْا اِلَيْهِ فَاُتِيَ بِه فَبَصَقَ رَسُوْلُ اللّٰهِ فِيْ عَيْنَيْهِ فَبَرَاَ حَتّٰى كَاَنْ لَّمْ يَكُنْ بِهٖ وَجَعٌ فَاَعْطَاهُ الرَّايَةَ۔

علي ابن ابي طالب ڪٿي آهن؟ صحابہ عرض ڪيو تہ ان جون اکيون اٿي پيون آهن. پاڻ فرمايائون ڪيس وٺي اچو چنانچہ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه اچي حاضر خدمت ٿيو. رسول الله ﷺ جن ان جي اکين ۾ پنهنجو لعاب مبارڪ وڌو. بس وجهڻ جي دير هئي تہ سندن اکيون چڱيون ڀليون ٿي پيون. گويا هن جون اکيون اٿيون ئي ڪونہ هيون پوءِ پاڻ ڪريم ﷺ جن کين جهنڊو ڏنو. (متفق عليه مشڪوات شريف ج 2 ص 563)

ثابت ٿيو تہ حضور اڪرم ﷺ جن جو لعاب مبارڪ بہ دافع البلا والمرض آهي.

(5) ام عطيہ کان روايت آهي تہ حضرت رسول الله ﷺ جن هڪ لشڪر موڪليو هيو جنهن ۾ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه بہ هو مون رسول الله ﷺ جن کي هٿ کڻندي هيءَ دعا گهرندي ٻڌو:

اللّٰهم لا تمتني حتیٰ تريني عليا (رواه ترمذی، مشکوٰة شريف ج ٢ ص ٥٦٤)

اي الله مون کي ايستائين موت نہ ڏجانءِ جيستائين مون عليءَ کي نہ ڏسان.

(6) حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو:

مَنْ اَحَبَّ عَلِيًّا فَقَدْ اَحَبَّنِيْ وَمَنْ اَحَبَّنِيْ فَقَدْ اَحَبَّ اللّٰهَ وَمَنْ اَبْغَضَ عَلِيًّا فَقَدْ اَبْغَضَنِيْ وَمَنْ اَبْغَضَنِيْ فَقَدْ اَبْغَضَ اللّٰهَ۔

جنهن عليءَ کي محبوب رکيو ان مون کي محبوب رکيو. جنهن مون کي محبوب رکيو ان الله کي محبوب رکيو. جنهن عليءَ سان بغض رکيو ان مون سان بغض رکيو. جنهن مون سان بغض رکيو ان الله سان بغض رکيو. (مستدرڪ ج 3 ص 342)

مَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ اَللّٰهُمَّ وَالِ مَنْ وَالَاهُ وَعَادِ مَنْ عَادَاهُ (مشكواة شريف ج ٢ ص ٥٦٥)

حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ جنهن جو مان محبوب ۽ دوست آهيان تہ هي حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه بہ ان جو محبوب ۽ دوست آهي ياالله تون ان شخص کي محبوب رک جيڪو هن کي محبوب رکي ۽ تون ان شخص کي دشمن رک جيڪو هن کي دشمن رکي.

نوٽ: ياد رهي تہ شيعہ حضرات ان حديث مان معنيٰ پنهنجي مطلب مطابق بيان ڪري عوام الناس کي برغلائڻ لاءِ چوندا آهن تہ حضور اڪرم ﷺ جن حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي خلافت بلا فصل جو اعلان ڪيو. حالانڪ ان حديث ۾ خلافت جو ڪوبہ ذڪر نہ آهي، ڪوبہ اهڙو لفظ نہ آهي، جنهن مان خلافت بلا فصل جي معنيٰ نڪري. ان حديث جا آخري الفاظ "اللهم وال من والاه و عاد من عاداه، واضح طرح ٻڌائن ٿا تہ اتي مولاه جي معنيٰ دوست آهي ۽ محب آهي يعني جنهن جو مان دوست آهيان حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه بہ ان جو دوست آهي.

هيءَ حديث بہ ٻڌو ۽ پنهنجي ايمان کي تازه ڪريو

(7) حضرت عبدالله بن سعيد رضي الله عنه کان روايت آهي تہ حضور اڪرم ﷺ جن فرمايو:

اَنَا مَدِيْنَةُ الْعِلْمِ وَاَبُوْبَكْرٍ اَسَاسُهَا وَعُمَرُ حِيْطَانُهَا وَعُثْمَانُ سَقْفُهَا وَعَلِيٌّ بَابُهَا (الفردوس ديلمى ج ١ ص ٤٣، تهذيب تاريخ دمشق ج ٣ ص ٣٨، الفوائد المجموعة ص ٣٤٨، ڪشف الخفاء ج ١ ص ٢٣٥، المقاصد الحسنة ص ١٢١)

ترجمو: مان علم جو شهر آهيان، حضرت ابوبڪر صديق رضي الله تعاليٰ عنه ان جو بنياد آهي، حضرت عمر فاروق رضي الله تعاليٰ عنه ديوار (يعني ڀت) آهي. حضرت عثمان بن عفان رضي الله تعاليٰ عنه ڇت

آهي ۽ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه ان جو دروازو آهي.

سنيو! هن حديث کي عوام الناس تائين پهچايو. ڏس ان ۾ ڇڻن يارن جو ذڪر موجود آهي خبر نہ آهي تہ ذاڪرن کي اها حديث ڇو نہ ٿي نظر اچي.

دوستو! امير المومنين خليفتہ المسلمين، امام المتقين، مولاءِ ڪائنات، قاسم ولايت، فاتح خيبر، شير خدا، مرتضيٰ، سيدنا علي ڪرم الله وجهه جو مرتبو ۽ شان اعليٰ نهايت بلند ۽ اعليٰ آهي. حضرت عبدالله بن مسعود رضي الله تعاليٰ عنه فرمائي ٿو:

قال رسول الله ﷺ اَلنَّظْرُ اِلٰی وَجْهِ عَلِیٍّ عِبَادَةٌ

(مستدرڪ حاڪم ج ٣ ص ٣٤٢، الرياض النضره ج ٢٩١)

حضرت نبي اڪرم ﷺ جن فرمايو تہ حضرت علي رضي الله تعاليٰ عنه جي چهري کي ڏسڻ عبادت آهي.

عليءَ جي منهن مبارڪ کي ڏسڻ ٿي خود عبادت آ،

پڙهي ڏس تون حديثن ۾ چيو ڇا مصطفيٰ آ

☆ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جي شهادت:

غيب دان حضرت نبي ڪريم ﷺ جن ڪين شهادت جي خبر اڳ ۾ ئي ڏني هئي، هڪ ڏينهن حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه کي فرمايائون تہ اي علي اڳين قومن ۾ سڀ کان بد بخت اهو شخص هيو جنهن صالح عليه السلام جي ڏاچيءَ جون ڪچان ڪپيون هيون ۽ پوين ۾ زياده بدبخت اهو شخص آهي جو تنهنجي ڏاڙهيءَ مبارڪ کي تنهنجي مٿي جي خون سان رنگيندو. شهادت جو واقعو هن طرح آهي تہ حضرت علي المرتضي رضي الله تعاليٰ عنه جن جي عادت هئي تہ فجر جي نماز لاءِ تمام سوير ويندا هئا. ان ڏينهن عبدالرحمان بن ملجم خارجي رستي ۾ لڪي ويٺو. بس جيئن پاڻ پهچي ويا تہ پيشاني مبارڪ تي تلوار ٺڪاءِ ڪرايائين جا دماغ تائين پهچي وئي ۽ خون سان سندن بدن مبارڪ پرجي ويو ۽ سندن ڏاڙهي مبارڪ بہ خون سان تر ٿي وئي. حضرت امام حسن

جمعته المبارڪ جو پهريون خطبو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الَّذِىْ قَدَّرَنَا فِىْ سَابِقِ عِلْمِهٖ بِالْعَدْلِ
وَالْاِحْسَانِ ط وَزَيَّنَ بِجَوَاهِرِ الْجُمُعَةِ رِقَابَ
الشُّهُوْرِ وَالْاَوَانِ ٥ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ الَّذِىْ رَبَّنَا فِى
الدُّنْيَا بِنِعَمِ الْاَلْوَانِ ٥ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ فِى الْقُبُوْرِ
وَالْمِيْدَانِ ٥ مَالِكِ يَوْمِ الدِّيْنِ فِيْهِ يَحْكُمُ
بِالْعَدْلِ وَالْفَضْلِ وَالْبُرْهَانِ ٥ اِيَّاكَ نَعْبُدُ حَقَّ
الْعُبُوْدِيَّةِ فِىْ كُلِّ حِيْنٍ وَاٰنٍ ٥ وَاِيَّاكَ نَسْتَعِيْنُ ٥
عَلَى الْاَعْدَاءِ مِنَ الْجِنِّ وَالشَّيْطَانِ ٥ اِهْدِنَا الصِّرَاطَ
الْمُسْتَقِيْمَ بِالْاِسْتِقَامَةِ عَلَى التَّوْحِيْدِ وَالْاِيْمَانِ ط
صِرَاطَ الَّذِيْنَ اَنْعَمْتَ عَلَيْهِمْ بِالْهِدَايَةِ اِلٰى سَبِيْلِ
الْجِنَانِ غَيْرِ الْمَغْضُوْبِ عَلَيْهِمْ مِنْ اَهْلِ الْكُفْرِ وَ
الشِّرْكِ وَالطُّغْيَانِ وَلَا الضَّآلِّيْنَ مِنْ اَهْلِ الْهَوٰى
وَالْبِدَعِ وَالْعِصْيَانِ ٥ اٰمِيْنَ اِجَابَةً لِلّٰهِ تَعَالٰى وَ

لِرَسُوْلِهٖ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ شَوْقًا اِلٰى لِقَاءِ
الرَّحْمٰنِ وَنَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ
لَهٗ اِلٰهًا وَّاحِدًا صَمَدًا قَادِرًا جَبَّارًا لِّلذُّنُوْبِ غَفَّارًا
لِّلْعُيُوْبِ سَتَّارًا وَّنَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَسَلَّمَ ط اِعْلَمُوْآ
اَنَّ الدُّنْيَا دَارُ الْمِحْنَةِ وَالْفِرَارِ وَالْعُقْبٰى دَارُ الرَّاحَةِ
وَالْقَرَارِ بَادِرُوْا فِى الدُّنْيَا بِالتَّوْبَةِ وَالْاِسْتِغْفَارِ قَبْلَ
اَنْ تَمُوْتُوْا بِالْمَعَاصِىْ رَبَّنَآ اٰمَنَّا فَاغْفِرْ لَنَا ذُنُوْبَنَا وَقِنَا
عَذَابَ النَّارِ ه اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ط بِسْمِ
اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ه فَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ
خَيْرًا يَّرَهٗ ط وَمَنْ يَّعْمَلْ مِثْقَالَ ذَرَّةٍ شَرًّا يَّرَهٗ ط بَارَكَ
اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ فِى الْقُرْاٰنِ الْعَظِيْمِ ط وَنَفَعَنَا وَاِيَّاكُمْ
بِالْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ط اِنَّهٗ تَعَالٰى جَوَّادٌ
كَرِيْمٌ قَدِيْمٌ مَّلِكٌ بَرٌّ رَّءُوْفٌ رَّحِيْمٌ وَّ
رَبٌّ حَلِيْمٌ ه

ٿن تسبيحن جيترو ويهي پوء بيو خطبو پڙهي

جمعة المبارڪ جو ٻيو خطبو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى
رَسُوْلِهِ الْكَرِيْمِ ط قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ اِذَا كَانَ يَوْمُ الْقِيٰمَةِ كُنْتُ اَنَا اِمَامَ النَّبِيِّيْنَ
وَخَطِيْبَهُمْ وَصَاحِبَ شَفَاعَتِهِمْ غَيْرَ فَخْرٍ ط وَاَنَا
اَوَّلُ النَّاسِ خُرُوْجًا اِذَا بُعِثُوْا وَاَنَا خَطِيْبُهُمْ اِذَا
وَفَدُوْا وَاَنَا مُبَشِّرُهُمْ اِذَا يَئِسُوْا وَلِوَاءُ الْحَمْدِ
يَوْمَئِذٍ بِيَدِيْ وَاَنَا اَكْرَمُ وُلْدِ اٰدَمَ عَلٰى رَبِّيْ
وَلَا فَخْرَ ط وَبُعِثْتُ مِنْ خَيْرِ قُرُوْنِ بَنِيْ اٰدَمَ قَرْنًا فَقَرْنًا
حَتّٰى كُنْتُ مِنَ الْقَرْنِ الَّذِيْ كُنْتُ مِنْهُ ط وَمَثَلُ
اَهْلِ بَيْتِيْ كَسَفِيْنَةِ نُوْحٍ ط مَنْ رَكِبَهَا نَجٰى ؕ وَمَنْ
تَخَلَّفَ عَنْهَا غَرِقَ ط وَاَصْحَابِيْ كَالنُّجُوْمِ بِاَيِّهِمُ
اقْتَدَيْتُمُ اهْتَدَيْتُمْ وَلَوْ كُنْتُ مُتَّخِذًا خَلِيْلًا
غَيْرَ رَبِّيْ لَاتَّخَذْتُ اَبَابَكْرٍ خَلِيْلًا ۵ اِنَّ اللّٰهَ تَعَالٰى
جَعَلَ الْحَقَّ عَلٰى لِسَانِ عُمَرَ ط وَرَفِيْقِيْ فِي الْجَنَّةِ

عُثْمَانَ ابْنِ عَفَّانَ ط وَمَنْ كُنْتُ مَوْلَاهُ فَعَلِيٌّ مَوْلَاهُ ط

وَإِنَّ الْحَسَنَ وَالْحُسَيْنَ سَيِّدَا شَبَابِ أَهْلِ الْجَنَّةِ ط

وَالْفَاطِمَةُ سَيِّدَةُ نِسَاءِ أَهْلِ الْجَنَّةِ ط وَخَيْرُ

نِسَائِهَا خَدِيجَةُ بِنْتُ خُوَيْلِدٍ ط وَفَضْلُ عَائِشَةَ

عَلَى النِّسَاءِ كَفَضْلِ الثَّرِيْدِ عَلَى سَائِرِ الطَّعَامِ وَعَلَى

عَمَّيْهِ الشَّرِيْفَيْنِ بَيْنَ النَّاسِ الْحَمْزَةِ وَالْعَبَّاسِ

رِضْوَانُ اللّٰهِ تَعَالٰى عَلَيْهِمْ أَجْمَعِيْنَ ط اَللّٰهُمَّ انْصُرْ

مَنْ نَصَرَ دِيْنَ مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ

وَاجْعَلْنَا مِنْهُمْ وَاخْذُلْ مَنْ خَذَلَ دِيْنَ مُحَمَّدٍ

صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ وَلَا تَجْعَلْنَا مِنْهُمْ تعادلوا

عِبَادَ اللّٰهِ ط إِنَّ اللّٰهَ يَأْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْإِحْسَانِ وَ

إِيْتَاءِ ذِي الْقُرْبٰى وَيَنْهٰى عَنِ الْفَحْشَاءِ وَالْمُنْكَرِ

وَالْبَغْيِ ط يَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ وَلَذِكْرُ اللّٰهِ تَعَالٰى

أَعْلٰى وَأَوْلٰى وَأَعَزُّ وَأَجَلُّ وَأَتَمُّ وَأَهَمُّ وَأَكْبَرُ ط

عيد الفطر جو پهريون خطبو

اَللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ ط
اَللهُ اَكْبَرُ ط وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ نَوَّرَ
قُلُوْبَ الْعَارِفِيْنَ بِسِرَاجِ الْهِدَايَةِ وَالْفُرْقَانِ ○
وَشَرَحَ صُدُوْرَ الصَّائِمِيْنَ بِنُوْرِ الْمَغْفِرَةِ وَالْاِيْمَانِ
وَاَكْرَمَ عِبَادَهُ الْمُؤْمِنِيْنَ بِصِيَامِ شَهْرِ رَمَضَانَ ○
اَللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ ط
اَللهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ فَتَحَ لَهُمْ اَبْوَابَ الرَّحْمَةِ
وَالرِّضْوَانِ ط وَوَعَدَهُمْ دُخُوْلَ بَابٍ مِّنْ اَبْوَابِ
الْجِنَانِ كَمَا اَخْبَرَنَا نَبِيُّ اٰخِرِ الزَّمَانِ ط اِنَّ فِي
الْجَنَّةِ بَابًا يُّقَالُ لَهُ الرَّيَّانُ لَا يَدْخُلُهُ اِلَّا
صَائِمُوْ شَهْرِ رَمَضَانَ ط اَللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ ط
لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللهُ وَاللهُ اَكْبَرُ ط اَللهُ اَكْبَرُ ط وَلِلّٰهِ
الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ اَنْزَلَ الْقُرْاٰنَ عَلٰى نَبِيِّنَا
فِيْ اَشْرَفِ لَيْلَةٍ مِّنْ لَّيَالِيْ شَهْرِ رَمَضَانَ وَ

جَعَلَ قِيَامَهَا خَيْرًا مِّنْ قِيَامِ اَلْفِ شَهْرٍ
بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ ط وَ اَرْسَلَ فِيْهِ الْمَلٰئِكَةَ
لِتَبْلِيْغِ سَلَامِهٖ عَلٰى كَافَّةِ اَهْلِ الْحَقِّ
وَالْاِيْقَانِ ط وَغَفَرَ لَهُمْ جَمِيْعَ الْكَبَائِرِ وَالْعِصْيَانِ ط
اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط
اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط اِعْلَمُوْا اَنَّ يَوْمَكُمْ هٰذَا يَوْمٌ عَظِيْمٌ ط
شَرِيْفٌ جَعَلَهُ اللّٰهُ تَعَالٰى عِيْدًا لِّلْمُؤْمِنِيْنَ وَرَجَاءَ
التَّائِبِيْنَ ط اَحْسِنُوْا عَلَى الْيَتَامٰى وَالْفُقَرَاءِ
وَالْمَسَاكِيْنَ ط كَمَا رُوِيَ عَنِ النَّبِيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ
وَسَلَّمَ اَدُّوْا صَدَقَاتِكُمْ عَنْ كُلِّ صَغِيْرٍ وَّكَبِيْرٍ
نِصْفَ صَاعٍ مِّنْ بُرٍّ اَوْ صَاعًا مِّنْ تَمْرٍ اَوْ شَعِيْرٍ ط
وَاعْلَمُوْا اَنَّ صَدَقَةَ الْفِطْرِ وَاجِبَةٌ عَلٰى كُلِّ حُرٍّ
مُّسْلِمٍ لَّهٗ نِصَابٌ فَاضِلٌ عَنْ حَوَائِجِهِ الْاَصْلِيَّةِ
لِنَفْسِهٖ وَطِفْلِهِ الصَّغِيْرِ وَجَارِيَتِهٖ مِلْكًا ط قَالَ
النَّبِيُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ زَكٰوةُ الْفِطْرِ طُهْرَةٌ

لِلصِّيَامِ مِنَ اللَّغْوِ وَالرَّفَثِ وَطُعْمَةً لِّلْمَسَاكِيْنِ ٥

اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ٥ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ

الرَّحِيْمِ ٥ قَدْ اَفْلَحَ مَنْ تَزَكّٰى ٥ وَذَكَرَ اسْمَ رَبِّهٖ

فَصَلّٰى ٥ بَلْ تُؤْثِرُوْنَ الْحَيٰوةَ الدُّنْيَا وَ الْاٰخِرَةُ خَيْرٌ

وَّ اَبْقٰى ٥ اِنَّ هٰذَا لَفِي الصُّحُفِ الْاُوْلٰى ٥ صُحُفِ

اِبْرٰهِيْمَ وَمُوْسٰى ٥ بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ فِي الْقُرْاٰنِ

الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنَا وَاِيَّاكُمْ بِالْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ٥

اِنَّهٗ تَعَالٰى جَوَّادٌ كَرِيْمٌ قَدِيْمٌ بَرٌّ رَّءُوْفٌ رَّحِيْمٌ ٥

عيد الاضحيٰ جو پهريون خطبو

اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط
اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ الْمُتَوَحِّدِ بِالْعَظَمَةِ
وَالْجَلَالِ وَالْمُتَقَدِّسِ بِالْحُسْنِ وَالْجَمَالِ ط هُوَ
الَّذِىْ هُوَ خَالِقٌ لِجَمِيْعِ الشَّيْءِ وَالْاَمْرُ بِيَدِهٖ
مَفَاتِيْحُ الدَّهْرِ ط فَتَبَارَكَ اللّٰهُ رَبُّ الْعٰلَمِيْنَ
اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ
اَكْبَرُ ط وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط سُبْحَانَ مَنْ اَوْجَبَ
صَلٰوةَ الْعِيْدِ عَلٰى كَآفَّةِ الْمُؤْمِنِيْنَ عَنِ الْكَائِنَاتِ
وَحَرَّمَ عَلَيْهِمُ الصَّوْمَ فِى الْاَيَّامِ الْخَمْسَةِ وَيَوْمَ
عِيْدِ الْاُضْحِيَةِ وَثَلٰثَةِ اَيَّامٍ بَعْدَهٗ مُتَتَالِيَاتٍ
وَالْخَامِسُ يَوْمُ الْفِطْرِ ضِيَافَةً مِّنْ عِنْدِهٖ
لِلْمُسْلِمِيْنَ وَالْمُسْلِمٰتِ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ اَللّٰهُ اَكْبَرُ لَآ اِلٰهَ
اِلَّا اللّٰهُ وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ط
سُبْحَانَ مَنْ سَبَّحَتْ لَهُ السَّمٰوٰتُ السَّبْعُ وَالْاَرْضُوْنَ

السَّبْعُ وَالْعَرْشُ الْعَظِيْمُ وَالْكَعْبَةُ الْحَسْنَاءُ
وَالرُّكْنُ وَالْحَطِيْمُ وَالزَّمْزَمُ وَالْمُلْتَزَمُ وَمَقَامُ
اِبْرَاهِيْمَ ۝ اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ
وَاللّٰهُ اَكْبَرُ ط اَللّٰهُ اَكْبَرُ ط وَلِلّٰهِ الْحَمْدُ ۝ اُوْصِيْكُمْ
اَيُّهَا النَّاسُ اِعْلَمُوْا اَنَّ اللّٰهَ فَرَضَ عَلَيْكُمُ الْحَجَّ
بِشَرْطِ الْاِسْتِطَاعَةِ وَاَوْجَبَ الْاُضْحِيَّةَ لُطْفًا وَّ
كَرَامَةً فَاجْعَلُوْهَا بُرَاقًا وَّمَطِيَّةً لِّيَوْمِ الْحَسْرَةِ
وَالنَّدَامَةِ ط وَرُوِيَ عَنْ زَيْدِ بْنِ اَرْقَمَ ، قَالَ
اَصْحَابُ رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَا هٰذِهِ
الْاَضَاحِيْ يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ، قَالَ سُنَّةُ اَبِيْكُمْ
اِبْرَاهِيْمَ ، قَالُوْا فَمَا لَنَا فِيْهَا يَا رَسُوْلَ اللّٰهِ ، قَالَ
بِكُلِّ شَعْرَةٍ حَسَنَةٌ ، سَمِّنُوْا ضَحَايَاكُمْ فَاِنَّهَا عَلَى
الصِّرَاطِ مَطَايَاكُمْ ، وَلَا تَذْبَحُوْا عَجْفَاءَ وَلَا عَرْجَاءَ
وَلَا عَوْرَاءَ وَلَا مَقْطُوْعَةَ الْاُذُنِ وَلَوْ بِوَاحِدَةٍ
فَعَنْ كُلِّ وَاحِدٍ مِّنْكُمْ شَاةٌ سَوَاءٌ كَانَتْ ذَكَرًا اَوْ
اُنْثٰى اَوْ سُبْعُ الْبَقَرَةِ اَوِ الْاِبِلِ وَكَبِّرُوْا عَقِيْبَ

الصَّلَوٰتِ الْمَفْرُوْضَةِ مِنْ فَجْرِ الْعَرَفَةِ اِلٰى عَصْرِ اٰخِرِ
اَيَّامِ التَّشْرِيْقِ ٥ اَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ
بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ط فَلَمَّا بَلَغَ مَعَهُ السَّعْيَ
قَالَ يٰبُنَيَّ اِنِّيْٓ اَرٰى فِي الْمَنَامِ اَنِّيْٓ اَذْبَحُكَ فَانْظُرْ
مَاذَا تَرٰى ط قَالَ يٰٓاَبَتِ افْعَلْ مَا تُؤْمَرُ سَتَجِدُنِيْٓ
اِنْ شَآءَ اللّٰهُ مِنَ الصّٰبِرِيْنَ ۝ فَلَمَّآ اَسْلَمَا وَتَلَّهٗ
لِلْجَبِيْنِ ۝ ج وَنَادَيْنٰهُ اَنْ يّٰٓاِبْرٰهِيْمُ ۝ لا قَدْ صَدَّقْتَ
الرُّءْيَا ج اِنَّا كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝ اِنَّ هٰذَا
لَهُوَ الْبَلٰٓؤُا الْمُبِيْنُ ۝ وَفَدَيْنٰهُ بِذِبْحٍ عَظِيْمٍ ۝
وَتَرَكْنَا عَلَيْهِ فِي الْاٰخِرِيْنَ ۝ صلے سَلٰمٌ عَلٰٓى اِبْرٰهِيْمَ ۝
كَذٰلِكَ نَجْزِي الْمُحْسِنِيْنَ ۝ اِنَّهٗ مِنْ عِبَادِنَا
الْمُؤْمِنِيْنَ ۝ بَارَكَ اللّٰهُ لَنَا وَلَكُمْ فِي الْقُرْاٰنِ
الْعَظِيْمِ وَنَفَعَنَا وَاِيَّاكُمْ بِالْاٰيٰتِ وَالذِّكْرِ الْحَكِيْمِ ۝
اِنَّهٗ تَعَالٰى جَوَّادٌ كَرِيْمٌ قَدِيْمٌ مَلِكٌ بَرٌّ رَءُوْفٌ رَحِيْمٌ ۝

ٻنهي عيدن جو ٻيو خطبو

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنَسْتَعِيْنُهٗ وَنَسْتَغْفِرُهٗ وَنُؤْمِنُ
بِهٖ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ وَنَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا
وَمِنْ سَيِّئَاتِ اَعْمَالِنَا مَنْ يَّهْدِهِ اللّٰهُ فَلَا مُضِلَّ لَهٗ
وَمَنْ يُّضْلِلْهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ ط وَنَشْهَدُ اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا
اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَنَشْهَدُ اَنَّ مُحَمَّدًا
عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ ، ثُمَّ الصَّلٰوةُ
وَالسَّلَامُ عَلٰى خَيْرِ الْوَرٰى بَدْرِ الدُّجٰى نُوْرِ الْهُدٰى
صَاحِبِ قَابَ قَوْسَيْنِ اَوْ اَدْنٰى رَسُوْلِ الثَّقَلَيْنِ
نَبِيِّ الْحَرَمَيْنِ اِمَامِ الْقِبْلَتَيْنِ شَفِيْعِ الْاُمَمِ
فِي الدَّارَيْنِ خَاتَمِ النَّبِيِّيْنَ رَسُوْلِ رَبِّ الْعَالَمِيْنَ
صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَخُلَفَائِهِ الرَّاشِدِيْنَ ط
خُصُوْصًا عَلَى الْاِمَامِ سَيِّدِ اَهْلِ الْعِرْفَانِ خَلِيْفَةِ
رَسُوْلِ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ فِيْ
كُلِّ مَكَانٍ ۔ اَمِيْرِ الْمُؤْمِنِيْنَ اَبِيْ بَكْرِ

الصِّدِّیْقِ الصَّادِقِ الشَّفِیْقِ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ
وَعَلَی الْإِمَامِ مُقَاتِلِ الْکَفَرَۃِ وَاَھْلِ الطُّغْیَانِ اَمِیْرِ
الْمُؤْمِنِیْنَ عُمَرَ الْفَارُوْقِ الْمُؤَیَّدِ بِالْاِحْسَانِ
رَضِیَ اللّٰہُ عَنْہُ وَعَلَی الْاِمَامِ مُجِیْبِ الدَّیَّانِ نَاصِرِ
اَھْلِ الْاِیْمَانِ جَامِعِ الْقُرْاٰنِ اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ
عُثْمَانَ ابْنِ عَفَّانَ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْہُ ، وَعَلٰی
اَشْجَعِ الشُّجْعَانِ مُطْعِمِ الْمَسَاکِیْنِ وَالْجِیْعَانِ
اَمِیْرِ الْمُؤْمِنِیْنَ عَلِیِّ الْمُرْتَضٰی اَسَدِ اللّٰہِ الْمُسْتَعَانِ
کَرَّمَ اللّٰہُ تَعَالٰی وَجْھَہٗ ، وَعَلَی الْاِمَامَیْنِ
الْفَاضِلَیْنِ الْکَامِلَیْنِ اَبِیْ مُحَمَّدِ نِ الْحَسَنِ وَ
اَبِیْ عَبْدِ اللّٰہِ الْحُسَیْنِ رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھُمَا ،
وَعَلٰی اُمِّھِمَا سَیِّدَۃِ النِّسَاءِ فَاطِمَۃَ الزَّھْرَاءِ
رَضِیَ اللّٰہُ تَعَالٰی عَنْھَا ، وَعَلٰی عَمَّیْہِ الشَّرِیْفَیْنِ
الْمُکَرَّمَیْنِ بَیْنَ النَّاسِ الْحَمْزَۃِ وَالْعَبَّاسِ رَضِیَ اللّٰہُ
تَعَالٰی عَنْھُمَا ، وَعَلٰی جَمِیْعِ الْمُھَاجِرِیْنَ وَالْاَنْصَارِ

وَالتَّابِعِیْنَ الْاَخْیَارِ الْاَبْرَارِ اِلٰی یَوْمِ الْقِیٰمَةِ
رَضِیَ اللّٰهُ تَعَالٰی عَنْهُمْ اَجْمَعِیْنَ ط اَللّٰهُمَّ انْصُرْ
مَنْ نَّصَرَ دِیْنَ مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ
وَسَلَّمَ ط وَاجْعَلْنَا مِنْهُمْ وَاخْذُلْ مَنْ خَذَلَ دِیْنَ
مُحَمَّدٍ صَلَّی اللّٰهُ تَعَالٰی عَلَیْهِ وَ اٰلِهٖ وَسَلَّمَ ط وَلَا
تَجْعَلْنَا مِنْهُمْ ط عِبَادَ اللّٰهِ رَحِمَكُمُ اللّٰهُ ط
اِنَّ اللّٰهَ یَاْمُرُ بِالْعَدْلِ وَالْاِحْسَانِ
وَاِیْتَاۤءِ ذِی الْقُرْبٰی وَیَنْهٰی عَنِ الْفَحْشَاۤءِ
وَالْمُنْكَرِ وَالْبَغْیِ ط یَعِظُكُمْ لَعَلَّكُمْ تَذَكَّرُوْنَ ط
اُذْكُرُوا اللّٰهَ یَذْكُرْكُمْ وَادْعُوْهُ یَسْتَجِبْ لَكُمْ
وَلَذِكْرُ اللّٰهِ تَعَالٰی اَعْلٰی وَاَوْلٰی وَاَعَزُّ وَاَجَلُّ
وَاَتَمُّ وَاَهَمُّ وَاَعْظَمُ وَاَكْبَرُ ط

نڪاح ۽ ان جا شرط

نڪاح ۾ ڇهه ڳالهيون ضروري آهن.

(1) حق مهر (2) ايجاب و قبول

(3) وارث (4) عورت جو رضامندو

(5) شاهد (6) وليمو

نڪاح جو طريقو:

جيڪڏهن نڪاح جي مجلس ۾ گهوٽ ۽ ڪنوار ٻئي موجود هجن ته وارث ۽ شاهدن جي اڳيان اول گهوٽ کان "مهر" پڇجي پوءِ زال کان پڇجي ته فلاڻو پٽ فلاڻي جو هيتري "مهر" ۾ تو ان کي پنهنجو مڙس قبول ڪيو. ٽي ڀيرا پڇجي وري گهوٽ کان به پڇجي ته فلاڻي ڌيءُ فلاڻي جي (پيءُ جو نالو وٺبو) ڪي تو پنهنجي زال ڪري قبول ڪيو. ٽي ڀيرا پڇجي جيڪڏهن عورت اتي موجود نه هجي ته ان کان پڇڻ لاءِ هڪ وڪيل ۽ ٻه شاهد موڪلجن. جيڪي مٿئين ڳالهه ڪنوار کان پڇڻ پوءِ صفت ايمان ۽ ڇهه ڪلما پڙهائي نڪاح وجهجي پوءِ هي خطبو پڙهجي.

بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ نَحْمَدُهٗ وَنَسْتَعِيْنُهٗ وَنَسْتَغْفِرُهٗ

وَنُؤْمِنُ بِهٖ وَنَتَوَكَّلُ عَلَيْهِ وَنَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنْ

شُرُوْرِ اَنْفُسِنَا وَمِنْ سَيِّاٰتِ اَعْمَالِنَا مَنْ يَّهْدِهِ اللّٰهُ

فَلَا مُضِلَّ لَهٗ وَمَنْ يُّضْلِلْهُ فَلَا هَادِيَ لَهٗ وَنَشْهَدُ

اَنْ لَّآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحْدَهٗ لَا شَرِيْكَ لَهٗ وَنَشْهَدُ

أَنَّ مُحَمَّدًا عَبْدُهٗ وَرَسُوْلُهٗ ط يٰاَيُّهَا النَّاسُ اتَّقُوْا

رَبَّكُمُ الَّذِىْ خَلَقَكُمْ مِّنْ نَّفْسٍ وَّاحِدَةٍ وَّخَلَقَ

مِنْهَا زَوْجَهَا وَبَثَّ مِنْهُمَا رِجَالًا كَثِيْرًا وَّنِسَآءً ج

وَاتَّقُوا اللّٰهَ الَّذِىْ تَسَآءَلُوْنَ بِهٖ وَالْاَرْحَامَ ط اِنَّ

اللّٰهَ كَانَ عَلَيْكُمْ رَقِيْبًا ٥ يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا

اللّٰهَ حَقَّ تُقٰتِهٖ وَلَا تَمُوْتُنَّ اِلَّا وَاَنْتُمْ مُّسْلِمُوْنَ ٥

يٰاَيُّهَا الَّذِيْنَ اٰمَنُوا اتَّقُوا اللّٰهَ وَقُوْلُوْا قَوْلًا سَدِيْدًا

يُّصْلِحْ لَكُمْ اَعْمَالَكُمْ وَيَغْفِرْ لَكُمْ ذُنُوْبَكُمْ ط وَ

مَنْ يُّطِعِ اللّٰهَ وَرَسُوْلَهٗ فَقَدْ فَازَ فَوْزًا عَظِيْمًا ٥

فَانْكِحُوْا مَا طَابَ لَكُمْ مِّنَ النِّسَآءِ مَثْنٰى وَثُلٰثَ

وَرُبٰعَ ط فَاِنْ خِفْتُمْ اَلَّا تَعْدِلُوْا فَوَاحِدَةً اَوْ

مَا مَلَكَتْ اَيْمَانُكُمْ ط وَقَالَ النَّبِىُّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ

وَسَلَّمَ اَلنِّكَاحُ مِنْ سُنَّتِىْ فَمَنْ رَغِبَ عَنْ

سُنَّتِىْ فَلَيْسَ مِنِّىْ ط

نڪاح کان پوءِ ھيءَ دعا گھرجي

اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ اٰدَمَ وَحَوَّاءَ اَللّٰهُمَّ
اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ مُوْسٰى وَصَفُوْرَاءَ اَللّٰهُمَّ
اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ اِبْرَاهِيْمَ وَسَارَةَ ط
اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ يُوْسُفَ وَ
زُلَيْخَا ط اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ
مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ وَعَائِشَةَ
الصِّدِّيْقَةِ رَضِيَ اللّٰهُ عَنْهَا ط اَللّٰهُمَّ اَلِّفْ بَيْنَهُمَا
كَمَا اَلَّفْتَ بَيْنَ عَلِيٍّ وَفَاطِمَةَ الزَّهْرَاءِ رَضِيَ اللّٰهُ
تَعَالٰى عَنْهُمَا وَصَلَّى اللّٰهُ تَعَالٰى عَلٰى خَيْرِ خَلْقِهٖ
مُحَمَّدٍ وَّاٰلِهٖ وَاَصْحَابِهٖ وَاَزْوَاجِهٖ اَجْمَعِيْنَ
بِرَحْمَتِكَ يَا اَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ط ٥

نڪاح کان پوءِ چوھارا تقسيم ڪرڻ سنت آھي.



سيريز





مهراڻ سائنس پبليڪيشن ڪراچي